..... سبڻ منائين سون تي!

...راشدي ءُ

...سدس كتاب

...سي ڏينهن

...سي شينهن

...حقيقت جي آئيني ۾

قربان علي بگٽي

سورھ سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون لوچو وڃ لوهار

صاحب خان ·سورھ· ميرائي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

بسم الله الرحمن الرحيم

الله ٻاجهاري ۽ رحم واري جي نالي سان

شروع

ايءُ نه مارن ريت جين سيڻ مٽائن سون تي

اچي عمرڪوٽ ۾ ڪنديس ڪانه ڪريت

پکن جي پريت ماڙين تي نه مٽيان »

(شاه لطيف رح)

اِنتِسابُ :-

”پاسبانِ آبروءِ قلم“

سيّد سردار علي شاهه ”ذاڪر“

(رحمة الله عليه)

جي نالي جنهن مرنڪي لکڻ لاءِ ترغيب ڏني ۽
وقت بوقت منهنجين تحريرن جي اصلاح ڪئي.

” ٿورا منجھ ٿرن مرن سين مارن جي ڪيا
عمرا ن ڳڻ آءُ ڪئين لوڳ لاهيان “

(شاهه)

قربان علي بگٽي

”سيڙ مٿائن سون تي“

ر پير علي محمد راشدي ۽ سندس ڪتاب
”اُهي ڏينهن اهي شينهن“
جو تحقيقي جائزو

قربان علي بگٽي

فڪر و نظر پبليڪيشنس

Soorih Mirani

چاپو ..... پهريون

تعداد .... هڪ هزار

سال ..... مئي ۱۹۸۱ع

ڇپائيندڙ .... پروفيسر اسدالله ڀٽو
۽ نگران

ڇپيندڙ ... همدرد پريس بندر روڊ سکر

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

قيمت : تيرهن روپيا ۱۳-۰۰

:- ملڻ جو هنڌ :-

دفتر تنظيم، ملٽري روڊ سکر سنڌ
۽ سنڌ جا مشهور بوڪ اسٽال

زير انتظام:

تنظيم فڪر و نظر سنڌ
(رجسٽرڊ)

ڪسوٽي:-

تنقيد ادب جي زندگي آهي ۽ نقاد زندگي بخشيندڙ.

تنقيد جو فن ڪمزور پئجي وڃي ته حقيقت اها آهي ته خود ادب به زوال پذير ٿيڻ لڳندو آهي. عالمي ادب جي تاريخ گواهه آهي ته جن زبان وڏي تعداد ۾ با اصول ۽ بلند معيار نقاد پيدا ڪيا آهن ته خود انهي زبان ۽ ان ۾ پيش ٿيندڙ ادب جو شان ۽ مان بلند ٿيو آهي. اهڙو صحتمند ادب انساني حيات جي هر پهلو تي پنهنجو گهرو ۽ بنيادي اثر وجهي ٿو ۽ فڪر ۽ نظر ۾ جرئت پيدا ڪري ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ هڪ شاندار تهذيب وجود ۾ اچي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو ان جي گود ۾ هڪ ذمي وار ۽ فرض شناس نسل نپجي نروار ٿئي ٿو.

جناب قربان علي بگٽي جو شمار به سنڌي زبان جي انهن سپوتن ۾ آهي. پر جيڪڏهن آءٌ ائين چوان ته ويجهي ڇوياڙي جي "تنقيدي ادب" جي ميدان ۾ بگٽي صاحب جي خدمت سڀ کان سرس آهي ته انهي ۾ ڪو وڌاءُ ڪونهي. اها محض خوش فهمي يا انڌي عقيدت نه پر اهڙو خراج تحسين آهي جنهن جي پٺ تي بهرحال دليل ۽ حقيقت جي قوت آهي.

جناب بگٽي صاحب هن وقت تائين سنڌي زبان کي "تنقيدي ادب" جو جيڪو تحفو ڏنو آهي انهي جي وزن ۽ قيمت کي موافق توڙي مخالف تسليم ڪيو آهي. بگٽي صاحب جڏهن تنقيد ۾ قلم کنيو آهي ته اعتماد ۽ جرئت سان. هو ادب ۾ "ٽڪي بازي" ۽ "بد ديانتي" جو نه ته قائل آهي نه انهي کي قابل برداشت تصور ڪندو آهي. هن جي سيني ۾ علم ۽ ادب جون اهڙيون موجون موجزن آهن، جو جڏهن انهي ۾ ڪا جولي اچي ٿي ته پڙهندڙ نه رڳو دامن ۾ هيرا ۽ جواهر اچي وڃن. سچ ته اهو آهي ته هي فرد پنهنجي ذات ۾ هڪ تحريڪ ۽ حرڪت پذير

"انسائيڪلوپيڊيا" آهي. دنيا جي ڪنهن به موضوع تي هن سان ڳالهايو، خدا جي فضل سان سائل کي ضرور فيض ياب ڪندو. هن کي مان جيڪڏهن سنڌي ادب جو

"وهائو تارو"

جوان تراها حقيقت جي صحيح ترجماني ڪندي. هن جي گرنٿ نهايت مضبوط انداز بيان دل نشين، دليل محققانه، تبصرو عالمانه ۽ تنقيد ناقابل ترديد ۽ تاريخي سچائين تي مبني هوندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن بلوچ زاده جي للڪار جڏهن ڪان فضا ۾ بلند ٿي آهي ته ان جي مونٽ ۾ ڀرم سوڌو ڪوبه سنجيده جواب ڪنهن ٽڪڻان ٻاهر نه نڪتو آهي.

بگٽي صاحب شڪ ۽ شبهي جي لڙاٽن کي پنهنجي زور استدلال سان ائين عيان ڪندو آهي جيئن صبح صادق رات جي تاريڪي کي چيريندو آهي ۽ "خيانت، بد دیانتي" جهالت کي اهڙي ريت بي نقاب ڪندو آهي، جهڙي ريت سج جا ڪرڻا اونداهي کي اوندو ڪري ڇڏيندي حقيقت جو اعلان ڪندا آهن. "دگيرڻ ۽ گهوٻين" جي تلڪي ڪولڻ جي ندر ڪيس اهڙي ذات ڏني آهي جو ڪوڙ ۽ ڪپٽ کي ڪٿڙ لاءِ ڪا جاءِ پناه نه ملندي آهي.

جَاءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ إِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوقًا (قرآن)

جناب قربان علي بگٽي هن وقت تائين سنڌي زبان جي دامن ۾ جنهن ادبي سرمايي جو نذرانو پيش ڪيو آهي، اهو تاريخ جو حصو بڻجي چڪو آهي. زير نظر ڪتاب به انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي.

سنڌ جي تاريخ جي اهم گوشن ۽ سنڌ جي غدارن جي لعل ڪردار کي جهڙي ريت هن محققانه انداز ۾ نروار ڪيو آهي، اهو سنڌين تي حصو ۽ اڻ ميو احسان آهي. تاريخ جي غلط تعبير ۽ ترجماني ناقابل معافي جرم ۽ قومي بد دیانتي آهي. جڏهن بگٽي صاحب "اهي ڏينهن اهي شينهن" ڪتاب تي تنقيد جا تير نه وسائي ها ته تاريخ سان اها مذاق ۽ تحريف خود تاريخ جو حصو بڻجي وڃي ها. ۽ غدارن کي

Soorih Mirani

وفاداري ۽ وفادارن کي غداري جي سند ملي وڃي ها. انهيءَ لحاظ کان بگٽي صاحب جي هي تازه ڪاوش تحريڪ پاڪستان، سنڌ جي تاريخ ۽ خود سنڌي ادب جي عظيم خدمت آهي.

افسوس ته هن ڳالهه جو آهي ته سنڌ جيءَ ”هيروز“ جي ڪردار ڪشي ۽ سنڌ جي غدارن ۽ انگريز سامراج جي نوازشن جي پڌير اڳي هڪ اهڙي سرڪاري اداري جي سرپرستي هيٺ ٿي رهي آهي، جنهن کي بزعم خود ”سنڌي قومي اداري“ جي هئڻ جي دعويٰ آهي- مان هتي ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي ڪاربردازن ۽ انهن جي ”محقق عالمدين“ سروراڻا کان انهيءَ بيهودي جسارت ٿو ڪريان ته اسلام ۽ شعائر الله تي حملو ڪرڻ ۽ ”سڪسر گورڪي“ وغيره جي لادين فڪر کي پيش ڪرڻ بعد ڇا اهڙا مزدوري به ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي هيءَ ته تحريڪ پاڪستان جي تاريخ کي بگاڙيو وڃي ۽ سنڌ جي سورهين جي ڪردار کي مسخ ڪيو وڃي ۽ غدار سنڌ نائون مل جي بد روح کي وري جياريو وڃي؟ ”مرڻ ڏونٿي هو ڏينهن“ ۽ ”آهي ڏينهن اهي شينهن“ وغيره ڪتاب ڇپرائي سنڌي ادبي بورڊ سنڌ ۽ سنڌي زبان جو ڪهڙو ادب جو نه ڪيو آهي بلڪ ڇهڪايو آهي. طوائفن جي تعريف ۾ صفحا ڪارا ڪري خدا ۽ ان جي پاڪ پيغمبرن جي شان ۾ گستاخي ڪري، ڪوڙن بد وڙن ۽ ڏٺن ڙٿن سان ڪتاب ڀري هنن قومي اداري جي شان وڌائي آهي؟ سنڌي ادبي بورڊ کي جيڪي، ڪجهه ملي رهيو آهي، اهو قوم جي رت ۽ پسيني جو پورهيو آهي. انهيءَ قومي امانت کي مخصوص نامهاد دانشورن جي ”جوڙي“ جي جاگير بڻائڻ هڪ اهڙي مذموم حرڪت آهي، جنهن جي جيتري مذمت ڪجي اوتري گهٽ آهي. قومي ادارا انهيءَ مقصد لاءِ قائم نه ٿيندا آهن ته محض ”ڄامڙن“ جي فوج وڌائڻ لاءِ ڏوهان ڏينديون وڃن، بلڪ سندن اهو فرض هوندو آهي ته تاريخ ۾ ملي روايتن جي صحيح

۽ سچي خدمت ڪندي، نوجوان نسل کي ڪري ۽ ڪوتني جي ٻرڪ جو احساس ڏيارڻو وڃي.

"اهي ڏينهن اهي شينهن" ڪتاب ۾ جيڪا تاريخي بدديانتي ۽ سنڌ جي سورمن جي ڪردار ڪشي ٿي آهي، انهي جي سچي تصوير ۽ حقيقي آئينو جناب بگٽي صاحب اوهان جي هٿن ۾ ڏنو آهي، جنهن جا امين پڙهندڙ پاڻ آهن.

آءٌ هتي "سنڌي ادبي بورڊ" جي ذمه دارن کي گذارش ڪندس ته هو قومي امانت جي زيان بدران صحت مند ۽ تعميري ادب پيش ڪري نئين ٽهي جي رهنمائي جو فرض ادا ڪرين.

اهڙي صورت ۾ انسان کي عملي قدم کڻڻ لاءِ سوچڻو پوندو.

آخر ۾ مان جناب قربان علي بگٽي جو شڪرگذار آهيان جن جي منظوري سان "تنظيم فڪرو نظر سنڌ" هن علمي ۽ ادبي شه پاري کي شائع ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيو آهي.

مان جناب بشير احمد پيرزادي مالڪ همدرد پريس سکر ۽ ڪاتب صاحب جناب مولانا عبدالواحد صاحب جو بر ٿورائتو آهيان جن جي واهر سان هي ڪتاب ڇپجي سگهيو.

خادم العلم
پروفيسر اسدالله ڀٽو

صدر تنظيم فڪرو نظر سنڌ سکر
(رجسٽرڊ) ٢٣ مئي ١٩٨١ع

ڪتابت- عبدالواحد شيخ ترڇاڙي

نحمده و نصلي علىٰ رسوله الكريم

بسم الله الرحمٰن الرحيم

سنڌ جي نامور اديب، صحافي ۽ سياستدان پير علي محمد راشديءَ جي ڪتاب ”اهي ڏينهن، اهي شينهن“ جو ٻيو جلد تازو سنڌي ادبي بورڊ مان شايع ٿي مارڪيٽ ۾ پهچي ويو آهي. پير صاحب جا ذاتي دوست مداح ۽ معتقدين ڪتاب جي واڪاڻ ڪان ڏاپڻي نتا. انهن جو چوڻ آهي ته ”علمي ذوق شوق رکڻ وارن لاءِ ڪتاب ۾ وڻندڙ ڳالهيون دلچسپ دلڪش واقعات، زبان سليس انداز بيان شگفته آهي. بلڪ مصنف قدرت زبان جي بدولت ڪيترا واقعا بيان ڪندي، ماضيءَ جي اهڙي ته وڻندڙ تصوير ڪشي ڪئي آهي جو قارئين ان جي مطالع ڪان متاثر ٿي داد تحسين ڏيڻ ڪان رهي نه سگهندا. جيڪو مصنف جو اصلي ڪمال آهي.“ (ڏسو پير صاحب جي ڪتاب تي مرزا عباس علي بيگ جو تبصرو روزنامہ ”آفتاب“ مؤرخہ ٢٤ جولاء ١٩٨٠) راقم الحروف به ان حد تائين مرزا صاحب جي خيال سان متفق آهي. ڪوئي شڪ نه آهي ته پير علي محمد سنڌي زبان جو وڏو فصيح، بليغ اديب آهي. هن جي انشاء پردازي جي جيتري تعريف ڪجي اوتري گهٽ، آهي. ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ جي ٻولي ايتري ته مٺي ۽ دلچسپ آهي جو پاڻئجي ٿو ته ڪتاب ڪي وري وري پڙهي لطف اندوز ٿجي. موجوده دور ۾ اسان جي ٻوليءَ ۾ پير صاحب جهڙو شسته زبان اديب ڪو ورلي ملندو. هندستان جي هڪ وائسراء آنجهاني لارڊ (Kerzon) ڪرزن مولانا محمدعلي جوهر مرحوم (وفات ١٩٣٠ع) جي انگريزي لکڻيءَ ۾ فصاحت کي ڏسي هن لاءِ رمارڪ ڏنو هو ته

“Mohammad Ali Coins Enghish ,,

سو ساڳيءَ طرح پير صاحب جي لاءِ به چئي سگهجي ٿو ته

“ Ali Mohammad Coins Sindhi ,,

حقيقت هي آهي ته راشدي برادران کي قدرت فصاحت ۽ بلاغت

سان لکڻ جي جيڪا صلاحيت بخشي آهي، ان لاءِ هو پنهنجي رب جا جيترا شڪرانا بجا آڻن، اوترو ٿورو آهي.

" ذالک فضل الله يؤتيه من يشاء ."

پر لکڻ جي ڏات سان ناجائز فائدو وٺي، ٻين جون پڳڙيون اڇلائڻ هنن کي ذليل ڪرڻ، ڪوڙ بهتان ۽ الزام تراشي ڪرڻ هڪ اهڙو گندو ڪم آهي، جنهن تي خالق توڙي مخلوق ناراض ٿين ٿا.

فصاحت ۽ بلاغت الله تعاليٰ جي امانت آهي ۽ ان ۾ خيانت ڪرڻ ڪنهن به اديب يا ليکڪ کي هرگز نه جڳائي . فصاحت جو استعمال اهڙي طريقي سان ڪجي جو ظاهر خالص ۽ روحاني طور به مضبوط ڏسڻ ۾ اچي. جيئن مشهور انگريزي شاعر پوپ (PoPe) جو چوڻ آهي ته

"Pour the full tide of eloquence along .
Serenely Pure and yet divinely Strong "

مون کي نهايت ئي ارمان سان اظهار ڪرڻو ٿو پوي ته محترم پير علي‌محمد راشدي پنهنجي فصاحت ۽ بلاغت جو غلط استعمال ڪري " اهي ڏينهن اهي شينهن " ۾ ڪوڙ بهتان بازي ۽ الزام تراشيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي. پاڻ پير ۽ سادات گهراڻي سان تعلق رکي ٿو. ان ڪري پنهنجي قلم کي ضابطي ۾ رکڻ هن جو اولين فرض هو. محض انشا پردازي ڪري پير صاحب جي ڪتاب جي واڪاڻ علمي حلقن ۾ ٿي نه سگهندي. ڏسڻو هي آهي ته ان ۾ ڪهڙي قسم جو مواد موجود آهي.

پير صاحب جو سمورو ڪتاب زهر ڪوڙ ۽ بدديانتيءَ سان ڀريل آهي. هتي مثال طور سنلس ڪتاب جي پهرين جلد مان هڪ حوالو قارئين آڏو پيش ڪيان ٿو. جنهن مان صاف ظاهر ٿيندو ته پير صاحب کي ٻين جي مٿان ٺوڪ بازي ۽ ڪوڙي تهمت لڳائڻ تي رتي ير جو خيال ڪونه ٿو ٿئي. مرحوم آغا نظرعلي خان پير علي‌محمد جو ساٿي ۽ " سنڌ زميندار " اخبار سکر جو مئنيجر هو ۽ پير صاحب ان اخبار جو ايڊيٽر. افسوس جو مرحوم آغا صاحب به هن جي قلم جي تلوار کان بچي نه سگهيو. آغا صاحب بابت هڪ اهڙو فرضي قصو نقل ڪيائين ،

جنهن کي تسليم ڪرڻ کان عقل سليم قاصر آهي. پير صاحب لکي ٿو ته هڪ دفعي منهن جو سوٽ مرحوم سلطان‌شاه بيمار حالت ۾ مون وٽ آيو. ڊاڪٽر مشوري ڏنو ته سندس قارورو تپاسيو وڃي. مرحوم علي‌الصباح قارورو ڪري تيل جي خوبصورت خالي شيشي ۾ بند ڪري ڪبٽ جي ڪنڊ ۾ رکي ڇڏيو. پاڻ ۽ آءٌ ٻاهر هليا وياسين. آغا صاحب پويان غسل فرمايو ۽ تيل جي تلاش ۾ ڪبٽ کوليندي اچي قاروري واريءَ شيشيءَ تي پيئو. سال مفت دل ڀـري رحم. ساري شيشي متي، منهن، ڏاڙهيءَ ۽ جسم تي مکي وڃي ٻاهر چڙهيو.“

(ڏسو جلد پهريون، ٻي ايڊيشن صفحه ١٢١) هـي واقعو ڪوڙيءَ بهتان بازيءَ جو بدترين مثال آهي. آغا صاحب پاڻ ڪتاب جي پهرين جلد شايع ٿيڻ کان اڳ لاڏائو ڪري ويو آهي. جيڪڏهن هجي ها ته ان جي ترديد ڪري ها. شايد، پير صاحب کي پنهنجي توهين تي ست سريون پڌائي ها ۽ ڪورٽ ۾ به هن جي خلاف بدنامي جو ڪيس داخل ڪري ها. پيشاب (قارورو) ڪرڻ وارو راشدي صاحب جو سوٽ سلطان شاه به سندس لکڻ مطابق مرحوم ٿي ويو آهي. هاڻي هن واقعي جـي تصديق ڪٿان ڪرائجي؟ آغا نظرعلي ڪو لکر يا جبل جو رهواسي ته ڪونه هو. هو هڪ اخبار جو مئنيجر هو. پيشاب کي تيل سمجهي جان کي مکڻ وارا فاترالعقل ۽ چرين جي اسپتال ۾ علاج ڪرائڻ جي لائق آهن معلوم ٿو ٿئي ته مرڻ کان پوءِ پير صاحب آغا صاحب کي ڪونه بخشيو ۽ ڪنهن وڏي گناهه جو انتقام نهايت ئي ڪريـل طريقي سان ورتو اٿس. ٻئي طرف پير علي‌محمد جو ننڍو ڀاءُ پير حسام‌الدين راشدي‌صاحب مرحوم آغا نظرعلي کي ڪلمات خير سان ياد ڪري ٿو ۽ هن جي بي‌حد تعريف ڪري ٿو. حسام‌الدين پنهنجي ڪتاب ” هو ڏوٿـي هو ڏينهن “ ۾ نظرعلي بابت لکي ٿو ته ” آغا نظرعليءَ سان واقفيت اڳـ ٿي هئي. واهپو فقط هاڻي پيو ۽ دوستي ان کان پوءِ شروع ٿي. نهٺ جو نيڪ دل جو اهڙو اجرو جهڙو ڪير، مـزاج جو مکڻ جهڙو نرم ۽ مصريءَ جهڙو مٺو ، طبيعت جو باغ و بهار ، مجلس ۾ وينو هوندو ، هيءَ ڳالهه هوءَ ڳالهه ، هنـدن جا ظلم ، مسلمانن جا مسئلا ، فخر قـوم سر پٽو ،

محترم قوم خانبهادر کهڙو، مطلب ته هڪ مان ٻي، ٻي مان ٽين، قصو کوتاهه سچ لهي ويندو، پر نظر عليءَ جا قصا ڪو نه ڪندا. " اڳتي لکي ٿو ته " ليڪن يقين اٿم ته نظر علي خان جيڪا جاهه ڇڏي ويو هوندو، سا ڪنهن ڪا نه ڀري سگهي هوندي. " (صفحه ٥٥ سنڌي ادبي بورڊ جو ڇپايل). ملاحظه ڪيو! پير علي محمد جو ننڍو ڀاءُ پير حسام الدين آغا نظر علي بابت قاروري واري ڳالهه جو ذڪر به ڪو نه ٿو ڪري. حسام الدين شاهه به آغا صاحب سان " سنڌ زميندار " اخبار ۾ گڏجي ڪم ڪيو هو. ۽ هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻندو هو. پير علي محمد جو بيان ڪيل واقعو سچو جڙتو، توهين آميز ۽ شرف انسانيت کان ڪريل آهي. محترم علي محمد راشدي صاحب نبي صلي الله عليه و سلم جي آل سان تعلق رکي ٿو. ڪيس معلوم هئڻ گهرجي ته رسول ڪريم جن اسان مسلمانن کي تلقين ڪئي آهي ته "پنهنجن مئلن کي چڱائيءَ سان ياد ڪريو. " " ولاتذکرو موتا کم الا باالخير." مئلن جي علمي ڪارنامن تي تنقيد ٿي سگهي ٿي، پر انهن کي بهتان بازي جو شڪار بنائڻ سخت گناهه جو ڪم ۽ نا پسنديده فعل آهي. ڇو جو هو ويچارا پنهن جو دفاع ڪري نٿا سگهن. جيئن ابتدائي صفحات ۾ عرض ڪيو ويو ته پير صاحب جو ڪتاب فصاحت بلاغت ۽ انشاپردازي سان لبريز آهي هن جو انداز بيان ئي نرالو آهي.

" کهتے هيں که غالب کا هے انداز بيان اور. "

پر هڪڙي ليکڪ جي ذميداري اتي ختم نه ٿي ٿئي. ليکڪ کي ائين لکڻو پوندو جيئن بفن (Buffon) اسان کي ٻڌايو آهي ته "چڱي لکڻ مان مراد آهي ته هڪ دم چڱو سوچڻ، صحيح طرح محسوس ڪرڻ ۽ ان کي درست نموني سان بيان ڪرڻ. ان جي معنيٰ ته ساڳي وقت ٽن شين ذهن، روح ۽ مذاق جو مجمع لازمي آهن. "

" To Write Well is at once to think well, to feel rightly, and to render properly ; it is to have at the same time, mind. Soul, taste . "

افسوس جو پير صاحب جي لکڻي متئين مجيل اصول جي

بالڪل منافي ۽ متضاد آهي.

پير صاحب جا ڪردار اڪثر مئل ماڻهو

معلوم ٿيندو ته اهي ڏينهن اهي شينهن (٢ جلد) ۾ پير صاحب جا اڪثر ڪردار مئل ماڻهو آهن. جي ويچارا هن جي الزامن جي ترديد ڪري نٿا سگهن. حيرت ٿي وڃي ٿي ته سنڌ جا ڪي سياستدان جي پير صاحب جا وڏ ۾ وڏ ويجها ۽ يار غار ٿي رهيا آهن، انهن جو ذڪر سندس ڪتاب ۾ غائب آهي. مثال طور پنهنجي ڪتاب جي پهرين جلد ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي ٽيتاليهه شخصن جو ذڪر ڪيو اٿس، انهن مان ٻائيتاليهه ماڻهو هندو توڙي مسلمان وفات ڪري ويا. باقي فقط هڪڙو شخص نواب نبي بخش ڀٽو (مسٽر ممتاز ڀٽي جو والد) حيات آهي.

لاڙڪاڻي وارو باب پڙهي حيرت وٺي ويم ته راشدي صاحب پنهنجي محسن ۽ گهڻ گهري خانبهادر کهڙي جو ذڪر به نه ڪيو آهي. "سنڌ زميندار" اخبار سکر جو مالڪ خانبهادر محمد ايوب کهڙو هو، جنهن پير علي محمد اخبار جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. انهي لحاظ سان هو کهڙي صاحب جو پگهاردار ملازم هو. قارئين پاڻ انصاف ڪن ته پير صاحب کي کهڙي بابت مضمون لکڻ کپندو هو يا نه. حقيقت هي آهي ته کهڙي صاحب ڪنهن سمي سنڌ جي وڏي خدمت ڪئي آهي. سنڌ کي بمبئي مان آزادي وٺي ڏيارڻ ۾ کهڙي جو وڏو هٿ هو. هندن انتقام وٺڻ لاءِ خانبهادر کهڙي کي خون جي ڪيس ۾ ملوث ڪرايو جنهن مان هو ١٩٤٥ع ۾ باعزت طور آزاد ٿيو. راشدي صاحب کي پنهنجي محسن کهڙي صاحب کي ڪڏهن به فراموش نه ڪرڻ کپندو هو. کهڙي صاحب جو تذڪره به شايد ان ڪري نه ڪيو اٿس ڇاڪاڻ ته هو بفضل الله تعاليٰ اڃان حيات آهي ۽ راشدي صاحب جي ڪوڙين ڳالهين جي ترديد ڪري سگهي ٿو. (افسوس جو ڪتاب پريس ۾ ڏيڻ وقت خانبهادر محمدايوب کهڙو به مرحوم ٿي ويو) ڇو جو جيئن اڳ ۾ عرض ڪيم راشديءَ جا سڀ ڪردار مئل ماڻهو

آهن. ساڳيءَ طرح لاڙڪاڻي جي باب ۾ قاضي فضل الله، مسٽر حيدربخش جتوئي توڙي نواب امير علي لاهوريءَ جو ذڪر پهرين جلد ۾ مفقود آهي. حيدر بخش جتوئي توڙي نواب لاهوري پهرين جلد شايع ٿيڻ وقت جيئرا هئا. هينئر وفات ڪري ويا آهن. پير صاحب جي ڪتاب جو ٻيو جلد دادو جي ماڻهن جي تذڪره سان شروع ٿئي ٿو. ڪل ايڪويهه افراد دادو جي لسٽ ۾ شامل آهن. سڀ جو سڀ وفات ڪيل آهن. هڪڙو به شخص زنده نه آهي. افسوس ۽ صد افسوس، جو دادو جي سر زمين مان پيدا ٿيل محترم جي. ايم سيد لاءِ ٻين وانگر ڪا به فيچر آرٽيڪل لکيل نه آهي. سيد صاحب ۽ راشدي صاحب جي باهمي دوستي پنجاهه سال پراڻي آهي. ڪمال ڏسو راشدي صاحب جو، جو هن پنهنجي پراڻي دوست ۽ سائين غلام مرتضيٰ کي به نظر انداز ڪري ڇڏيو. ان جي جيتري مذمت ڪجي اوتري ٿوري آهي. جناب جي. ايم سيد جي شرافت ۽ اخلاق ملاحظه ڪيو جو هن پنهنجي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" (٢ جلد) ۾ راشديءَ سان گڏ سنڌ جي مشاهير حتيٰ ڪه پنهنجن مخالفن جو ذڪر به فراخدليءَ سان ڪيو آهي. سرشاهنواز ڀٽي، قاضي فضل الله خانبهادر کهڙي ۽ حيدر بخش جتوئي وغيرهم جو ذڪر تفصيل سان جنب گذاريم ۾ ٿيل آهي. جي. ايم شاه اڃان تائين حيات آهي. هو راشدي جي ڪوڙن جي ترديد ڪري سگهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو پنهنجي ڪتاب ۾ هن جو ذڪر ڪو نه ڪيو اٿس.

آفيسرن جو ذڪر

وزير جي حيثيت ۾ جي آفيسر راشدي صاحب جي ماتحت رهيا هئا، انهن جو ذڪر ڪتاب جي ٻئي جلد ۾ ڪيو اٿائين مثال طور مرحوم محمد هاشم ڊپٽي ڪمشنر جو ذڪر ڪتاب جي صفحي ٤١٠ کان شروع ٿئي ٿو ۽ ان جو اختتام ٤٣٨ تائين ٿئي ٿو. مرحوم هاشم عباسيءَ جو نالو استعمال ڪري محض پنهنجي ذاتي ڪارنامن جي راشدي صاحب پروپيگنڊا ڪئي آهي. اهو سچو داستان ڪيتري قدر صحيح ۽ سچو آهي، ان لاءِ يقين سان ڪجهه نٿو چئي سگهجي. ڇاڪاڻ ته محمد هاشم عباسي مرحوم ٿي ويو. ڪير راشدي صاحب جي نڪتن جي تصديق ڪري، لطف جي

ڳالھ آهي تہ ڪي زبردست راشديءَ جا اهڙا ڏاڍا حيات آهن پر انهن جو تذڪره چند سٽن ۾ ڪيو اٿن. مثال طور آغا محمد يعقوب سابق ڊپٽي ڪمشنر جو صفحه ٢٣٨ تي ڪيل احوال پنجن سٽن ۾، مسٽر نور محمد ڀٽي سابق ڊپٽي ڪمشنر جو احوال صفحه ٢٢٨ تي ڪل نون سٽن ۾ مسٽر عبدالله چنا سابق ڊپٽي ڪمشنر جو احوال صفحه ٥٥٠ تي ڪل نون سٽن ۾ ۽ بس. گذارش ڪندس تہ جيڪڏهن مٿيان آفيسر مماتيءَ ۾ هجن ها تہ شايد پيرصاحب هنن لاءِ بہ مرحوم محمد هاشم عباسي وانگر ڪيئي صفحا نذر ڪري پنهجو ذاتي مطلب ڪڍي ها ۽ پنهنجو پاڻ کي چمڪائي ها. مرحوم عباسي بيشڪ هوشيار هو ۽ جنهن جو ذڪر تفصيل سان پير صاحب نئين نسل جي رهنمائي لاءِ بقول سنلس جي ڪيو آهي. پر اسان جي روينيو کاتي ۾ مسٽر عبدالله چنا جهڙو هوشيار، ايماندار ۽ انصاف پسند آفيسر وري ڪو نہ ملندو. جتي بہ ڊي. سي ٿي ويندو اتي چوري، ڦر ۽ ڌاڙو ختم ٿي ويندا هئا. چور پاڻ ۾ گفتگو ڪندا هئا "چي چنا ڪليڪٽر فيل مست آهي، اسان جي ڪل لاهي ڇڏيندو. حال في الحال شريف ٿي گهرن ۾ وهو." نہ لاڀو ۽ نہ رسائي. بدمعاشن ۽ لوفرن جو پيشاب پيو وهندو هو. ١٩٦٥ ۾ هندستان سان ڪڇ جي رڻ بابت پاڪستان جو جهيڙو ٿيو ۽ آخرڪار اهو فيصلو هڪ ٽربيونل جي سپرد ٿيو جنهن جو صدر سويڊن جو جسٽس لئگرسن (Laggerson) هو. هندستان جو مشير يوگوسلاويہ جو جسٽس بربر ۽ پاڪستان جو مشير ايران جو نصرالله انتظام هو. ٽربيونل جو اجلاس جنيوا ۾ شروع ٿيو. پاڪستان جي وفد ۾ اسان جو سنڌ جو سپوت مسٽر عبدالله چنا بہ شامل هو، جنهن پاڪستان جي وڪيل مسٽر مرحوم منظور قادر کي ڪڇ جي رڻ بابت مفيد معلومات ڏني. فيصلي ۾ پاڪستان کي جو ڪجھ آڪرو مليو، ان ۾ چنا صاحب جي محنت، قابليت ۽ جانفشاني جو وڏو دخل هو. اسان سنڌين کي ان لاءِ وڏو فخر آهي. اهڙي بين‌الاقوامي شهرت يافتہ آفيسر جو ذڪر راشدي صاحب فقط نون سٽن ۾ ڪيو آهي. فياللعجب!

ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" ڪوڙ جو داستان

پنهنجي ڪتاب جي ٻنهي جلدن ۾ پير صاحب ڪوڙ ڪٿڻ ۾ ڪمال ڪيو آهي. ايندڙ صفحات ۾ اوهان ان جو دلچسپ تفصيل پڙهندا. پير صاحب خير سان پنجهتر سالن جو پوڙهو مڙس آهي. زندگيءَ جا ڪيئي نشيب و فراز ڏٺا اٿس. مدير مان وزير بڻيو ۽ وزير مان سفير مطلب ته وڏن عهدن تي فائز رهيو. لڏ مان لال ٿيو. هن جهڙي مرتبي واري شخص کان اها هرگز توقع ڪا نه هئي ته عمر جي پڇاڙي ڪوڙ لکڻ ۾ صرف ڪندو. پير صاحب سادات گهراڻي سان تعلق رکي ٿو. ڪيس پتو هئڻ گهرجي ته سندس وڏي نبي صلي الله عليه و سلم ته ڪوڙ ڳالهائڻ کي سختيءَ سان ننديو آهي. پاڻ فرمايائون ته " منافق جون ٽي نشانيون آهن، پهرين ته جڏهن ڳالهائي ته ڪوڙ ٻڪي، ٻي ته وعدو ڪري ته ان کي نه پاڙي، ٽين ته جڏهن امانت ان وٽ رکجي ته ان ۾ خيانت ڪري." حضور جن جا پنهنجا الفاظ مبارڪ آهن ته " ثلاثه لا يوجد الا في المنافق ، اذا حدث ڪذب ، اذا وعد خلف اذاتمن خان . " صدق رسوله. ۽ مهذب معاشرن ۾ به ڪوڙ ڳالهائڻ يا لکڻ کي پسند جي نگاهه سان ڏٺو نٿو وڃي. مشهور انگريز شاعر شيڪسپيئر ڪوڙن بابت چوي ٿو ته:-

" Past all shame —— So past all truth "

۽ شينسٽون (Shenstone) جو ان موضوع بابت هي قول پير صاحب کي نوٽ ڪرڻ کپي. مغرب جو هي دانا شخص چوي ٿو ته " هي حضرات شروعات اهڙي نموني ڪندا آهن، جيئن ڪوڙ به سچ ڏسڻ ۾ اچي ۽ ان جي پڇاڙي ائين ڪندا آهن ته خود سچ به ڪوڙ معلوم ٿئي . "

"They begin with making falsehood appear like truth, and end with truth itself appear like falsehood . "

اهو ئي حال پير صاحب جو به آهي. حد ته هي آهي جو پير صاحب ڪورٽ ۾ به ڪوڙ ڳالهايو آهي. پوءِ سندس ڪتاب بابت ڪهڙي ميار .

پير علي محمد شاهه راشدي ڪوڙو آهي، ڪورٽ جي نظر ۾

هڪ دستاويزي شاهدي موجود آهي، جنهن جي مطالعي مان معلوم ٿي وڃي ٿو ته هڪ دفعي پير صاحب قسم تي ڪورٽ ۾ ڪوڙ ڳالهايو هو ۽ هن جي خلاف متعلق ڪورٽ سڳوري ۽ قلم ١٩٣ (ڪوڙي شاهدي ڏيڻ جي جرم ۾) ماتحت فرياد داخل ڪري ڪارروائي ڪرڻ جي سفارش ڪئي هئي. هي تاريخي ڪيس (A.I.R) آل انڊيا رولنگ ١٩٣٤ع صفحه ١١٦ (سنڌ) ۾ رپورٽ ٿيل آهي. ڪيس جو تفصيل هن طرح آهي ته هڪ هندو ٽيئومل ولد گري مل ٺل ضلع جيڪب آباد جي فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ الاهي بخش ۽ ٻين جي خلاف ٺڳيءَ جي سازش (Conspiracy of cheating) جو فوجداري ڪيس داخل ڪيو هو. پير علي محمد راشدي (مصنف اهي ڏينهن اهي شينهن) مٿين ڪيس ۾ جوابدار الاهي بخش پاران بچاءَ جي شاهد (Defence witness) جي حيثيت ۾ عدالت ۾ پيش ٿيو. آڏي پڇا جي دوران مخالف وڪيل پيرصاحب کان سوال ڪندي پڇيو ته "ڇا اها حقيقت نه آهي ته اوهان تي هڪ ٻئي ڪيس ۾ بطور جوابدار جي هڪ هزار رپيه ڏنڊ ۽ ڪورٽ جي برخواست ٿيڻ تائين سزا ملي هئي؟" پير صاحب هن جرح جي جواب ۾ انڪار ڪيو ۽ عدالت کي ٻڌايو ته مون کي اهڙي ڪا به سزا اڳ ڪا نه ملي هئي. مخالف ڌر وارا شايد پير صاحب کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ لاءِ هن جي خلاف ڪيس جي فتوي جي نقل وٺڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، پير صاحب کي ان جي خبر پئي هوندي، سو ڇا ڪيائين جو ٺل جي مئجسٽريٽ وٽ هڪ درخواست پيش ڪيائين جنهن ۾ عدالت سڳوريءَ کي گذارش ڪيائين ته مون آڏي پڇا دوران ڪن سوالن جا غلط جواب ڏنا، ان ڪري منهنجي پيهر شاهدي وٺو ته انهن سوالن جو صحيح جواب ڏيان ۽ پاڻ کي درست ثابت ڪيان. ڪورٽ پير صاحب جي درخواست منظور ڪندي ڪيس پيهر شاهدي ڏيڻ جو موقعو فراهم ڪيو. جوابدار

جي وڪيل جي جواب ۾ پير صاحب ڪورٽ کي ٻڌايو تہ ”مدي خارج ۽ جعلي ٽڪيٽن جي استعمال ڪرڻ تي مون کي برابر ڪورٽ جي اٺ ڏينهن سزا ۽ ڏنڊ وڌو ويو هو.“ جنهن تہ اڳ ڪورٽ ۾ هن پنهنجيءَ سزا بابت صفا نابري واري هئي. ڪورٽ ۾ ڪوڙي شاهدي ڏيڻ ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ تي ڏل جي مئجسٽريٽ قلم ١٩٣ (ڪوڙي شاهدي ڏيڻ) جي جرم ۾ پير علي محمد راشدي جي خلاف فرياد داخل ڪيو. جنهن تي ائڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج سکر پنهنجي آرڊر مؤرخہ ١٦ مئي ١٩٣٦ مطابق فرياد جي ڪارروائي کي ختم ڪرڻ لاءِ آرڊر ڪيو. جيتوڻيڪ ڪورٽ اها ڳالهہ نوٽ ڪئي تہ پير صاحب واقعي ڪوڙ ڳالهايو هو، پر شاهدن کي همٿائڻ لاءِ تہ هو سچ ڳالهائين ۽ جنهن لاءِ پير صاحب پاڻ درخواست ڏني هئي، ان ڪري سموري ١٩٣ جي ڪارروائي رد ڪجي ٿي. ائڊيشنل جج جي آرڊر خلاف پير صاحب جي مخالف پارٽيءَ سنڌ جي جڊيشل ڪمشنر (هاءِ ڪورٽ) ۾ ڪرمنل رويزن درخواست نمبر ١٨٥ آف ١٩٣٦ داخل ڪرائي هو. جڊيشل ڪمشنر جي عدالت ۾ هن تاريخي ڪيس جي پيروي پير علي محمد شاه راشدي پاران مسٽر موتيرام عيدن مل وڪيل ڪئي هئي ۽ سرڪار پاران هڪ انگريز وڪيل چارلس- ايم- لوبو (Lobo) دليل بازي ڪئي. اعليٰ عدالت جڊيشل ڪمشنر مسٽر ڊيوس (Davis) ۽ ائڊيشنل جڊيشل ڪمشنر داديڀاءِ جي- مهتا (Mehta) تي مشتمل هئي، بالآخر هاءِ ڪورٽ پنهنجو فيصلو ٢٣ آڪٽوبر ١٩٣٦ تي ٻڌايو جنهن مطابق ڪورٽ سکوري ائڊيشنل سيشن جج سکر جو آرڊر رد ڪرڻ فرمايو. بهتر ائين آهي تہ قارئين ڪرام آڏو اعليٰ عدالت جي تاريخي فيصلي مان ڪجهہ حوالا پيش ڪيان تان تہ اوهان ان کي پڙهي عبرت حاصل ڪيو. ڪورٽ سکوري پنهنجي فتويٰ ۾ فرمائي ٿي تہ ”ڏسڻ ۾ تو اچي تہ هڪ نکيءَ جي ڪيس جي سازش ۾ الاهي بخش ۽ ٻيا جوابدار هئا. ان ۾ پير علي محمد شاه راشدي (جوابدارن پاران) بچاءَ جي شاهد جي حيثيت ۾ پنهنجي شاهدي قلمبندڪرائي هئي، جنهن دوران هن جي شاهدي ١٧ آگسٽ ١٩٣٥ع تي پوري ٿي، علي محمد شاه راشدي قسم تي اهڙي ڳالهہ چئي، جا ڪوڙي

ثابت ٿي ۽ جنهن لاءِ ٻنهي ڪورٽن (فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ ٺل ۽ اڊيشنل سيشن جج سکر) اها راءِ ڏني ته راشدي ڄاڻي واڻي ڪوڙي شاهدي ڏني ۽ وري ٢٦ سيپٽمبر ١٩٣٥ تي (يعني پنجن هفتن گذرڻ بعد) هن ڪورٽ ۾ درخواست پيش ڪئي جنهن ۾ ڄاڻايائين ته پنهنجي شاهدي بيان ڪرڻ وقت مون ڪن سوالن جا اهڙا جواب ڏنا جيڪي غلط هئا. هن گذارش ڪئي ته ڪيس ٻيهر شاهدي ڏيڻ لاءِ گهرايو وڃي ته هو پاڻ کي درست ڪري. پير علي محمد راشديءَ جي هيءَ درخواست منظور ٿي ۽ ڪيس پهرين نومبر ١٩٣٥ تي ٻيهر ڪورٽ ۾ گهرايو ويو. ملزم جي وڪيل جي آڏي پڇا تي راشدي چيو ته "مون کي مدي خارج ۽ جعلي ٽڪيٽ استعمال ڪرڻ تي برابر مون تي ڏنڊ ۽ ڪورٽ جي اٿڻ تائين قيد جي سزا ملي هئي." پر اها ڳالهه هن آگسٽ ١٩٣٥ ۾ ڪا نه چئي هئي، جنهن ۾ هن بيان ڏيندي ٻڌايو ته "اها حقيقت نه آهي ته مون کي هڪ هزار روپيه ڏنڊ ۽ ڪورٽ جي اٿڻ تائين قيد جي سزا ملي هئي." ٻنهي ڪورٽن (فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ ٺل ۽ اڊيشنل سيشن جج سکر) هن بيان کي علي محمد راشدي جي ڄاڻ مطابق ڪوڙو ٺهرايو. اسان کي ٻڌايو ويو ته راشديءَ کي (ٽڪيٽ استعمال ڪرڻ واري) سزا ١٩٣١ يا ٣٢ ۾ آئي هئي. اها حقيقت آهي ته ڪو شاهد (راشدي) کي اها ڳالهه وسري وئي هوندي."

"It appears that Ali Muhammad Rashdi gave evidence as a defence witness in a case where one Illahi Baksh and others were charged with a conspiracy to cheat. In the course of his evidence, the recording of which was finished on 17th August 1935, Ali Muhammad Rashdi stated on oath something which was false, and which both Courts have held he must have known to be false. On 26th September 1935, however, he made an application to the Court in which he said that certain answers he gave in the course of his evidence were incorrect and he asked to be

recalled so that he might correct them. This application was granted, and on 1st November 1935, Ali Muhammed Rashdi was recalled and was further examined by the advocate of the accused, when he said:

"I have been convicted and sentenced to pay fine and suffer imprisonment till the rising of the Court for use of time expired and forged tickets."

But this is not what he stated in his evidence in the month of August previously. In his evidence he stated:

"It is not a fact that I was fined Rs. 1,000 and sentenced to imprisonment till the rising of the Court.,,

This statement both Courts have held to be false and false to the knowledge of Ali Muhammad Rashdi because though the conviction took place, we are told, in 1931 or 1932, this is not a fact the witness could have forgotten." (A.I.R, 1937, Sind, Page-117).

فاضل عدالت بالڪل متي صحيح راءِ ڏني ته ٽڪيٽن جي معاملي ۾ پير علي محمد راشدي کي سزا ١٩٣٥ع ۾ آئي هئي ۽ اها ڳالهه هن جي ڄاڻ ۾ هئي. راشدي صاحب کي ته ٻلا جو حافظو آهي، پر اسان پارن عامي ماڻهن کي ننڍي هوندي استاد جي هٿان مار ملڻ ڪيئي ورهين گذرڻ بعد اڃان به ياد آهي. مطلب ته اعليٰ عدالت راشدي صاحب جي خلاف قلم ١٩٣ بابت (ڪوڙي شاهدي ڏيڻ) ڪارروائي ڪرڻ درست قرار ڏنو. ڪورٽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ جي ڪيل فرياد کي بحال ڪري پير علي محمد راشدي تي ڪيس هلائڻ جي منظوري ڏني. مٿيون ڪيس قانون جي ڪتابن ۾ رپورٽيبل آهي ۽ ورهين گذرڻ بعد اڄ تائين به هندستان، پاڪستان جي ڪورٽن ۾ نظير طور پيش ٿي سگهي ٿو.

مون محترم راشدي صاحب جي خلاف مٿين ڪيس جو حوالو محض

ان ڪري ڏنو ته قارئين پاڻ فيصلو ڪن. جو شخص قسم تي ڪورٽ ۾ ڪوڙ ڳالهائي سگهي ٿو، ان پنهنجي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" ۾ ڪيترا نه ڪوڙا، جڙتو ۽ بي بنياد قصا بيان ڪيا هوندا. مون کي هي پڙهي حيراني وٺي وئي ته اهي ڏينهن، اهي شينهن جي حصه اول جو شروعاتي باب ئي ڪوڙ سان لکيو ويو.

اهي ڏينهن جي شروعات ڪوڙ سان

پير علي محمد راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب جي جلد اول (باب پهريون) ۾ وڏيرڪي زندگيءَ جي تصوير چٽي آهي. ان جي شروع ۾ ڪان مٿي پنهنجي وضاحتي نوٽ ۾ لکي ٿو ته " جنهن زماني سان هن قصي جو تعلق آهي، سو زمانو پهرين عالمگير جنگ(١٩١٤ع کان ١٩١٨ع) جو هو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي ڳوٺاڻي زندگيءَ تي ڪامورا ۽ انهن جا چاڙتا، وڏيرا ڇانيل هوندا هئا. قصو خيالي آهي، ۽ نالا سمورا فرضي. ڪتاب جي مهڙ ۾ هن قصي ڏيڻ جو مقصد هي آهي ته پڙهندڙن جي اکين اڳيان زماني جي عام حالتن جي هڪ تصوير ملي" (صفحه ٥ ڇاپو ٻيو)
فارسي ٻوليءَ ۾ چوڻي آهي ته " دروغ گو را حافظه نه باشد" يعني ڪوڙ ڳالهائيندڙ کي يادگيرو نه رهندو آهي. هاڻي پير صاحب مهرباني ڪري اسان کي ٻڌائي ته جيڪڏهن سندس ڪتاب جي مٿين باب ۾ سمورا نالا فرضي آهن ته هن صحيح نالا ڇو استعمال ڪيا؟. مثال طور باب جي پڇاڙيءَ ۾ ميهر ڦتو جو ذڪر ڪيو ويو آهي. پير صاحب مولوي ميهر جي شڪل ۽ ٻول بيان ڪندي لکي ٿو ته "مون جڏهن ڏٺو تڏهن ڪروڙپتي هو. وڏيرا ۽ صاحبلوڪ سندس قصيدا ۽ قصيدن ۾ پنهن جون تعريفون ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيندا هئا." (صفحه ٤٠)

مولوي ميهر هڪ فرضي نالو نه آهي، جيئن راشدي صاحب پنهنجي وضاحتي نوٽ ۾ لکيو. مصنف جي پنهنجي لکڻ مطابق، جڏهن هن کيس ڏٺو ته ڪروڙپتي هو. مولوي ميهر منهن جو به چڱيءَ طرح ڏٺل هو ۽ هن سان سني عليڪ سليڪ هوندي هئي. پاڻ ميرو خان تعلقه جي ٻهرام

اسٽيشن ويجهو رهندو هو. منهن جي هڪ پياري دوست ڊاڪٽر رشيد بلوچ حال مقيم لبيا جو سڳو ڏاڏو هو. بس ثابت ٿيو تہ پنهنجي ڪتاب جي شروعاتي باب ۾ بہ راشدي صاحب ڪوڙ کان ڪم ورتو. آئنده بہ مناسب موقعن تي راشدي جي زڻان ڪوڙن قصن جي نشاندهي مناسب موقعن تي ڪندو رهندس. پير صاحب جي ڪتاب جو پهريون جلد اڄ کان چوڏهن سال اڳ شايع ٿيو ۽ ان جون بہ ايڊيشنون سيل ٿيون. افسوس جو ڪنهن بہ وڏي سنڌي اديب کي ڪتاب جي پرک جي توفيق نہ ٿي.

هڪ ڪميونسٽ اديب ابن حيات پنوهر جو ڪتابچہ منهن جي نظر مان گذريو. افسوس جو اها شيءِ بہ ادبي تنقيد جي معيار کان گهٽو هيٺ لڳم. ابتدا ۾ بہ عرض ڪري چڪو آهيان تہ ڪو ئي شڪ نہ آهي تہ پير صاحب وڏو اهل قلم ۽ اديب آهي. سندس لکڻين کي وري وري پڙهجي تہ ماڻهو وڏيڪ محظوظ ٿو ٿئي. لکيداس ۽ مصنفن لاءِ مشهور انگريز اديب جانسن (Johnson) جو هڪ قول لاجواب ۽ حقيقت تي مبني آهي. چوي ٿو تہ ”هڪڙي مصنف جون بہ وڏ ۾وڏ طاقتون هي آهن تہ نون شين کي مانوس بڻائي ۽ مانوس شين کي نئون پيش ڪري.“

"The two most engaging powers of an author are to make new things familiar and familiar things new.,,

مڃڻو پوندو تہ پير علي محمد راشدي جي قلم ۾ اهي بہ طاقتون يقينا موجود آهن ۽ ڪتاب ۾ لاڙڪاڻي واري باب کي پڙهي مون کي جانسن جي قول جي صداقت ملي. پر ڏک هن امر جو آهي جو پير صاحب تاريخ کي ظالمانہ نموني مسخ ڪري پيش ڪيو آهي. ڪوڙ بلوڙ زٽ ۽ ڊاڙون ٻٽاڪون تقريبن ڪتاب جي هر صفحہ ۾ لکي ويو آهي. ائين ڪرڻ پير صاحب جهڙي هڪ وڏي اديب جي شايان شان هرگز نہ هو. منهن جو ارادو هو تہ سندس ڪتاب جي پهرين جلد تي مفصل تبصره لکندس، پر انهيءَ وچ ۾ ٻيو جلد بہ شايع ٿي پڙهندڙن جي هٿ پهچي ويو آهي. ان ڪري پهرين جلد تي مختصر تبصره ڪري باقي وقت ٻي جلد جي علمي پرک لاءِ وقف ڪندس.

پير علي محمد ۽ خانصاحب غلام الرّسول

پير صاحب خيرپور جي جن شخصيتن جو تذڪرہ ڪيو آهي ان ۾ هڪ راشي پوليس آفيسر غلام الرسول شاه جو نالو پڻ موجود آهي. لکي ٿو تہ " غلام الرسول شاه مرحوم سان آءٌ ڪيترا دفعا مليس. منهن جو چڱو خيال ڪندو هو. وڏو زمانہ شناس انسان هو. هر چرندڙ پرندڙ ماڻهوءَ جو لحاظ رکي ڪيس راضي ڪري ڇڏيندو هو. " (صفحہ ٦٩ پيو ڇاپو) هي غلام الرسول شاه اهو شخص آهي، جنهن موجوده پير صاحب پاڳاري جي والد بزرگوار حضرت پير صبغتہ الله ثاني کي گرفتار ڪيو هو ۽ حرن تي طرحين طرحين ظلم ڪيا هئا، جنهن جي نتيجي ۾ باالاخر ڪيس قتل ڪيو ويو. پير صاحب لکيو آهي تہ هو هن جو چڱو خيال ڪندو هو سو ڇو؟ پاڻ ان ڪي راز ۾ رکي ويو پر اسان کي خبر آهي تہ هنن جي دوستي ان بنياد تي هئي تہ " دشمن جو دشمن پنهنجو دوست آهي. " پير علي محمد بہ پاڳاري خاندان جو جاني دشمن هو. ۽ حضرت صبغتہ الله توڙي حرن کي نقصان پهچائڻ ۾ علي محمد راشدي جو وڏ ۾ وڏ هٿ هو. اها ڳالهہ مان ڪو نہ ٿو چوان پر خود موجوده پير سائين پاڳاري مدظلہ العالي راشدي صاحب تي اهڙو الزام عائد ڪيو آهي. مثال طور تبسم چوڌري جي ڪتاب " تذڪرہ پيران پاڳارہ " ۾ خود پير پاڳاري صاحب جي پنهن جي زباني آهي تہ "انهون نے (انگريز) پير علي محمد راشدي سے يہ ڪام لينا چاها جو چوتهي پشت مين همارے خاندان سے آ ملتے هين. انگريزون نے پير صاحب شهيد کے خلاف مقدمہ کے لئے انهين تربيت پر لگا ديا تها پير علي محمد راشدي گواهون کے بيانات پهلے خود سنتے پهر انهين فائنل پرفارمنس کے لئے عدالت مين بهيجديتے. همارے والد صاحب کے وڪيل نے همين ان تمام واقعات سے آگاه ڪيا کہ ڪيسے پير علي محمد راشدي نے انگريزون ڪي منشاء کے مطابق گواهيان بهگتائين. انگريز اس خدمت کا صلہ انهين پير پاگاره ڪي گدي بخش کر دينا چاهتا تها.

اور علي محمد راشدي کي بهي يهي خواهش تهي. ليکن انهين اور ان کے آقائون کو جلد هي معلوم هوگيا کہ ايسا کيا گيا تو انهين پهر ايک نئے طوفان کا سامنا کرنا پڑيگا اس طرح انهين اس کي همت نہ هوئي" (صفحہ ٣٤٢ انڈس پرنٹرس حيدرآباد)

پير علي محمد راشدي جي دماغ سوزي ۽ محنتن جو نتيجو اهو نڪتو جو فوجي عدالت پير پاڳاري مرحوم کي حيدرآباد جيل ۾ ١٩٤٣ ع مارچ مهيني ۾ ڦاسي ڏني ۽ سندس لاش بہ وارثن جي حوالي نہ کيو ويو. سيد غلام الرسول شاه پوليس انسپيڪٽر سان سندس دوستي ۽ گهرائپ پاڳارو دشمني ڪري هئي. پير صاحب جو ڪمال ڏسو تہ جنهن زماني وڏي پير پاڳاري خلاف شاهديون ڪيون ڪري هن کي تخت دار تي پهچايائين، ان وقت سندس لکڻ مطابق هو سنڌ مسلم ليگ جو جنرل سيڪريٽري هو. مسلم ليگ پير صاحب پاڳاري جي گرفتاري ۽ جي مخالف هئي سندس ڦاسي اچڻ تي سخت غم ۽ غصي جو اظهار ڪيو هو. آل انڊيا مسلم ليگ جو تيرهون اجلاس ٢٤ اپريل ١٩٤٣ تي قائداعظم جي صدارت هيٺ دهلي ۾ منعقد ٿيو هو. جنهن ۾ ملڪ جي اهم مسئلن بابت قراردادون پاس ٿيون هيون، انهن مان پنجين قرارداد حضرت پير صاحب پاڳاري جي ڦاسي ۽ بابت پلس تي هئي. هن اهم قرارداد جو متن سيد شريف الدين پيرزاده صاحب پنهنجي ڪتاب (Foundation of Pakistan) جي جلد ٢ صفحي ٤٣١ تي نقل ڪيو آهي. هي قرارداد مولانا عبدالحامد بدايوني مرحوم پيش ڪئي هئي ۽ ان جي تائيد نوابزاده لياقت علي خان ڪئي. قراداد متفقہ طور پاس ٿي، جنهن ۾ آل انڊيا مسلم ليگ حضرت پير صاحب پاڳاري جي ڦاسي ۽ هن سان بي انصافي جي برتاءَ تي افسوس جو اظهار ڪيو. مسلم ليگ جي قراداد مطابق جيتوڻيڪ پير پاڳارو مارشل لا جي نفاذ کان اڳ گرفتار ڪيو ويو، پر عام عدالت ۾ هن جي خلاف ڪيس نہ هليو. هڪ فوجي عدالت تشڪيل ڏني وئي هئي، جنهن کي تحفظ ڏنو ويو.

Resolution no 5

" The session of All india Muslim league deplores the unjustifiable action of the Government in as much retrospective effect was given to Martial law, and Pir pagaro was tried by the Martial law court instead of by normal judicial tribunal of the land for offences alleged to have been committed before the introduction of martial law in the areas of sind concerned and the sentence of death passed against him by such a court was excluded ." (P- 431)

حر تحريڪ کي ڪچلڻ لاءِ انگريزن پوريءَ سنڌ ۾ مارشل لا جي نفاذ جو اعلان ڪيو هو. مسلم ليگ جي هن ئي اجلاس ۾ ان قدم تي شديد نڪته چيني ٿي هئي. ان جي خلاف مصطفيٰ شاه گيلاني جي قرارداد متفقه طور پاس ٿي، جنهن جي تائيد نواب صديق حسن خان ڪئي هئي. سنڌ ۾ لڳاتار مارشل لا جي قوانين جي نفاذ خلاف پير علي محمد راشدي جي پراڻي دوست ۽ ساٿي محترم جي- ايم- سيد ته مسلم ليگ جي مٿين اجلاس ۾ قرارداد پاس ڪرائي، جنهن جي تائيد ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي هڪ پرزور تقرير ڪئي هئي. (صفحه ٤٣٢)

مٿين بحث مان مون کي فقط هي ڏيکارڻو آهي ته پيرعلي محمد راشدي نه تنظيم جي پابندي ڪندو آهي ۽ نه دوستن جي خيال جو احترام ڪندو اٿس. پاڻ پير پاڳاري خلاف سازش ۾ ملوث هو ۽ جڏهن ته مسلم ليگ توڙي سندس دوست جي. ايم- سيد ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي حرن ڪلي همدرديون پير پاڳاري ۽ ان جي حر جماعت سان هيون، جيئن مٿين قراردادن مان ظاهر ٿو ٿئي. پنهنجي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" ۾ پاڳاري خاندان جي دشمن سيد غلام الرسول شاه کي ان ڪري ياد ڪرڻ فرمايو اٿس.

پير راشدي ۽ محمدن اليو سيئشن

انگريزن خلاف جڏهن آزادي جي تحريڪ هلي ته عوام ۾ سجاڳي آئي

ان عوامي جذبي جو ذڪر ڪندي راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته ”پڙهيل لکيل عوام ۾ آزاديءَ جو جذبو جاڳي چڪو هو ۽ انگريز مجبور ٿي پيا هئا ته مسلمانن خاص طرح زميندارن تي هٿ رکن. ڪانئن اخبارون ڪڍرائين. انهن سڀ ۾ سنڌ محمڊن ائسوسيئيشن جهڙيون وفادار ۽ فقط نوڪريون گهرندڙ جماعتون قائم ڪرائين ۽ حڪومت سان وفاداريءَ جي وسامندڙ جذبي کي نئين هوا ڏياري، ان کي قائم ۽ روشن رکن.“ (صفحه ١٨٥ جلد پهريون ڇاپو پيو)

مون کي پير صاحب جي مٿينءَ راءِ سان سو في صدي اتفاق آهي ته سنڌ محمڊن ائسوسيئيشن جهڙيون جماعتون انگريز محض پنهنجيءَ وفاداريءَ لاءِ ٺهرايون هيون. جيئن سڀ ڪنهن کي خبر آهي ته هن انگريز پرست ائسوسيئيشن جو سرپرستاعليٰ مرحوم شاهنواز خان ڀٽو هو. ۽ پڇڻ جي گستاخي ڪندس ته ڇا مصنف راشدي صاحب پاڻ محمڊن ائسوسيئيشن جو ميمبر ڪو نه رهيو؟ هن تنظيم ۾ شامل ٿي پير صاحب به پنهنجي الفاظ ۾ انگريزن سان وفاداري ڏيکاري. ١٩٧٠ ع ۾ پيرعلي محمد راشديءَ جا خط محترم جي. ايم سيد ڏانهن ڪتابي شڪل ۾ شايع ٿيا آهن ڪتاب جو نالو آهي ”خط ۽ مضمون“ هن ڪتاب ۾ راشدي صاحب جي حياتيءَ جو احوال مختصر طور سيد صاحب تحرير ڪيو آهي جنهن ۾ هو راشديءَ بابت لکي ٿو ته ”سنه ١٩٢٦ ع کان سنه ١٩٣١ ع تائين هيءُ (راشدي) سنڌ محمڊن ائسوسيئيشن جو سرگرم ڪارڪن رهيو، جنهن جو صدر سر شاهنواز خان ڀٽو ۽ سيڪريٽري خانبهادر ولي محمد حسن علي هئا.“ (صفحه ٧ ۽ ٨) يعني ته پير صاحب لڳاتار ڇهه سال هن تنظيم ۾ رهي انگريزن سان پنهنجي لکڻ مطابق وفادار رهيو. انگريز سامراج جي خدمت ڪرڻ تي پير صاحب کي اڪ اڪ مبارڪون هجن. پر افسوس جو ڪڏهن ته انگريزن جي بادشاهيءَ ۾ سج لهندو ئي ڪو نه هو اڄ هو فقط پنهنجي ملڪ ۾ محدود رهيا. بقول اقبال

”سروري زيبا فقط اک ذات بے همتا کو هے
حکمران هے اک وهي باقي بتانِ آزري.“

مهاتما گانڌي، مولانا تاج محمود امروٽيءَ ۽ عدم تعاون جي تحريڪ

مولانا تاج محمود امروٽي رحه بابت پير صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته ”مولانا وڏو عالم هجڻ کان سواءِ پير طريقت به هو. ساريءَ سنڌ اندر سنڌس لاءِ عزت ۽ احترام جو جذبو موجزن هو. ڪانگريس خواه خلافت جا وڏا وڏا ليڊر سندن قدر ۽ ادب ڪندا هئا. عدم تعاون (Non-Co operation) جي تجويز جنهن تي پوءِ ڪانگريس عمل ڪيو، اول اول مهاتما گانڌيءَ جي دماغ ۾ مولانا امروٽي وڌي.“ (صفحه ١٩٤)

هتي به پير صاحب تاريخ کي نهايت ئي هوشياري ۽ چالاڪيءَ سان، مسخ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ان نموني نه ته گانڌيءَ سان انصاف ڪيو ۽ نه مولانا امروٽي رحمته الله عليه سان. مولانا تاج محمود صاحب سان مون کي بيحد عقيدت مندي آهي ڇو جو هن جو تعلق علماءِ ديوبند سان هو ۽ منهن جا اساتذه ڪرام به ديوبندي هئا. جي وري مولانا انور شاه ڪشميري ۽ شيخ الحديث مولانا حسين احمد (ننگ اسلاف) مدني جا شاگرد هئا. پر ان جو مطلب هرگز اهو نه آهي ته مولانا امروٽي سان تاريخ جي هڪڙي غلط ڳالهه منسوب ڪجي. مولانا تاج محمود (وفات ١٩٢٩) ۽ مهاتما گانڌي (وفات ١٩٤٨) ٻئي هن دنيا ۾ موجود نه آهن. عدم تعاون جي تحريڪ ١٩٢٠ ۾ شروع ٿي، جڏهن پير صاحب اڃان پندرهن سالن جي عمر جو هو. ۽ ان وقت فارسي ادبيات ۾ گلستان يا بوستان پڙهندو هوندو. هو عدم تعاون تحريڪ جو عيني شاهد به نه آهي ته پوءِ ڪيئن اهڙي ڪوڙي ۽ غلط ڳالهه لکي اٿس. راقم الحروف عدم تعاون تحريڪ بابت بيشمار لٽريچر پڙهيو آهي، پر ڪٿي به اهين ڪونه پڙهيو اٿم جيئن راشدي صاحب لکيو آهي. عدم تعاون جي رٿ خلافت تحريڪ دوران مهاتما گانڌي ڏني هئي. هتي تاريخ جي رڪارڊ درست ڪرڻ لاءِ گانڌيءَ جي پنهنجي شاهدي نقل ڪجي ٿي. ياد رهي ته گانڌي صاحب هندي زبان ۾ پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي هئي، جنهن جو وري انگريزيءَ ۾ ترجمو سندس سيڪريٽري

مهاديو ڊيسائي (M.k. Gandhi An Autobio graphy) نالي سان شايع ڪيو. ١٩٢٧ ۾ دهلي ۾ هندو مسلمانن جي هڪ گڏيل ميٽنگ ترڪيءَ ۾ خلافت جي خاتمي بابت سڏائي ويئي هئي. ان ميٽنگ بابت مهاتما پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکي ٿو ته " مون کي هندن ۽ مسلمانن جي طرفان خلافت مسئلي بابت بحث ڪرڻ لاءِ دهليءَ منجهه هڪ مشترڪ ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ دعوتنامي جو خط پهتو هو. دعوتنامي ۾ ٻين جي دستخطن سان گڏ حڪيم اجمل خان صاحب ۽ مسٽر آصف علي جون صحيحون پڻ هيون ."

"I received a letter of invitation to be present at a joint Conferenee of Hindues and Musslmans that was to meet at Dehli to deliberate on Khilafat question. Among the Signatories to it were the late Hakim Ajmal Khan Saheb and Mr: Asafali ." (P-398 London)

اڳتي هلي مهاتما صاحب هن ڪانفرنس جي روءِ داد لکي ٿو ۽ اسان کي ٻڌائي ٿو ته ڪيئن نه پهرين پيري هن عدم تعاون يعني (Non-Cooperation) جي تجويز پيش ڪئي. هو چوي ٿو ته ڪانفرنس ۾ جيتوڻيڪ مون ڀڳل ٽٽل اردوءَ ۾ تقرير ڪئي پر مون کي نان ڪو آپريشن جو اردو يا هندي لفظ ڇوڻ نه پيو اچي. مون تجويز ڏني ته هن ڪانفرنس کي عدم تعاون جي تحريڪ تي هلڻ کپي. برطانوي سامان استعمال نه ڪيو. نوڪريون هندستاني ڇڏي ڏين ۽ انگريز سرڪار سان ڪنهن به قسم جي تعاون کي وڏو گناهه سمجهيو وڃي. ان طريقي اختيار ڪرڻ سان ئي برطانيه سرڪار راهه راست تي ايندي ۽ خلافت بابت مسلمانن جي جذبات جو احترام ڪندي. گانڌي هن ڪانفرنس ۾ علي برادران ۽ مولانا عبدالباري فرنگي محلي جو نالو بار بار وٺي ٿو. ڪٿي به هو مولانا تاج محمود امروٽي جو حوالو ڪونه ٿو ڏي. جيڪڏهن عدم تعاون جي تحريڪ جو پرو پوزل مولانا مرحوم جو ڏنل هجي ها ته گانڌي فراخدليءَ سان ان جو ذڪر ڪري ها. عدم تعاون جي تحريڪ جي سوچ بابت اجهو گانڌي هن طرح لکي ٿو ته:-

"I Could not hit upon a Suitable Hindi or urdu word for the new idea and that put me Some what Altast I described it by the word 'non- Co-operation.' An expression I used for the first time at this meeting.,, (P-401)

ڏسو گانڌي چوي ٿو تہ مون کي نان ڪوآپريشن جو اردو يا هندي ۾ معني لفظ ڪونہ پيو اچي ان ڪري آڪورڊ پوزيشن ۾ پئجي ويس. ان لاءِ ڪانفرنس ۾ مون پهريون ڀيرو نان ڪوآپريشن جو انگريزي لفظ ڳالهايو. جيڪڏهن مولانا امروٽي کيس "عدم تعاون" جو اردولفظ اڳم ذهن منجهہ وهاري ها تہ گانڌي فورا اهو لفظ ڪانگريس ۾ استعمال ڪري ها. هو تقرير بہ اردو ۾ ڪري رهيو هو ۽ ان نموني آڪورڊ پوزيشن کان بہ بچي وڃي ها. مولانا ابوالڪلام آزاد مرحوم پنهنجي ڪتاب (India wins Freedom) ۾ لکي ٿو تہ " مذڪوره ڪانفرنس ۾ هو پاڻ بہ شريڪ ٿيو. اتي گانڌي نان ڪوآپريشن جي پهرين ڀيري تجريز پيش ڪئي. حڪيم اجمل‌خان چيو تہ گانڌيءَ جي پروپوزل جي غور ڪرڻ لاءِ کيس ڪجهہ وقت درڪار آهي. علي برادران محمدعلي ۽ شوڪت‌علي چيو تہ هو مولانا عبدالباري فرنگي محلي جي فيصلي جو انتظار ڪندا. پوءِ گانڌيجي مون کان پڇيو. مون هڪ لمحہ جي سوچ جي بغير چئي ڏنو تہ مون کي عدم تعاون واري پروگرام سان ڪلي اتفاق آهي. جيڪڏهن ماڻهو حقيقت ۾ ترڪيءَ جي مدد ڪرڻ گهرن ٿا تہ گانڌيءَ جي ڏنل پروگرام کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نہ آهي."

" Gandhiji then turned to me. I said without a moment's hesitation that I fully accepted the programme . If people really wanted to help Turkey, there was no alternative to the programme sketched by Gandhi ji ,, (P-9, (orient long Mans company Bombay 1960 publication)

جيتوڻيڪ مولانا آزاد مرحوم ۽ مولانا تاج‌محمود امروٽي هڪڙيئي وقت سان منسلڪ هئا، پر آزاد ڪٿي بہ راشديءَ جهڙي ڪوڙي ڳالهہ ... لکي آهي. ١٩٢٠ع ۾ آزاد سنڌ ۾ خلافت جي بحاليءَ لاءِ تقريرون

ڪيون هيون ۽ ان لاءِ مولانا امروٽي به اهتمام ڪيا هئا. مهتجي ۽ پير راشدي جي شهر لاڙڪاڻي ۾ به مولانا آزاد ان سلسلي ۾ آيو هو. ۽ ڪٿي به هن اهو انڪشاف ڪو نه ڪيو ته "بابا مي عدم تعاون واري اسڪيم مولانا امروٽيءَ جي دماغ جي اختراع آهي. هن ئي گانڌيءَ کي ان بابت سمجهائي ڏني هئي" واهه راشدي صاحب، اوهان جا ڪوڙ بدوڙ ۽ گهوڙا. اوهان جي جيڪڏهن "اهي ڏينهن اهي شينهن" ۾ لکيل سيني گهوڙن تي تفصيل سان لکان ته اوهان جي ڪتاب جيترا ٻه ٽي جلد ٿي تيار ٿين. پر افسوس جو مون کي ايتري فرصت نه آهي.

عدم تعاون جي تحريڪ جو خاتمو

گانڌي جي عدم تعاون واريءَ تحريڪ هندستان ۾ وڏي هلچل پيدا ڪئي. ماڻهن ان تي ايڪ جهتي اتحاد جو مظاهرو ڪيو هو. ايتري قدر جو ١٩٢١ع ۾ پرنس آف ويلس جي هندستان ۾ آمد جو بائيڪاٽ ڪيو ويو. هندو مورخ مسٽر وي-پي مينن پنهنجي ڪتاب "هندستان ۾ اقتدار جي منتقلي"(The transfer of power in India) ۾ لکي ٿو ته "جڏهن عدم تعاون جي تحريڪ سرڪار لاءِ پريشاني پيدا ڪري رهي هئي، ان وقت گانڌي ان جي خاتمي جو اعلان نه ڪري ها ته ٿي سگهي ها ته سرڪار هندستانين جي جذبات ٺارڻ لاءِ ڪو قدم کڻي ها. ٻارهين فيبروري ١٩٢٢ع ۾ گانڌيجي ان جي بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو. اهڙو اعلان چوري چارا جي قصي جي ڪري ٿيو هو، جڏهن اتي هڪ هجوم پوليس اسٽيشن کي باهه ڏني هئي، نتيجو اهو نڪتو جو هڪ پوليس انسپيڪٽر ۽ ايڪويهه پوليس وارا جيئري سڙي ڀسم ٿي ويا هئا."

"Had the non-cooperation movement not been ended by Gandhiji at a time when it was causing the utmost anxiety to the Government the latter might possibly have

been induced to take some action to appease Indian sentiment. But in February 1922 Gandhiji called it off. This was because of the Chauri Chaura episode, when a mob set fire to the police station, with the result that a police inspector and 21 police constables were burned to death" (P-29).

امير امان الله ۽ مولانا عبيدالله سنڌي جو سفر ڪابل

دهل مصنف پير علي محمد راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ حضرت مولانا عبيدالله سنڌي مرحوم جي سفر ڪابل بابت لکي ٿو ته "ٿورن ڏينهن ۾ هجرت جي تحريڪ شروع ٿي جنهن جي معنيٰ هئي ته انگريزن جي حڪومت هوندي هندستان دارالحرب بڻجي چڪو آهي، تنهنڪري مسلمان پنهنجي وطن مان هجرت ڪري وڃي، افغانستان ۾ رهن، ۽ اتان فوج ٺاهي اچي انگريزن سان جنگ جوٽين. مولانا عبيدالله سنڌي اڳ ۾ ئي مخفي طرح، پيرين پنڌ هلي، ٽڪر ٽاڪي ۽ جبل جهاڳي وڃي ڪابل پهتو هو. امان الله خان تازو افغانستان جي تخت تي ويٺو هو. سندس دل ۾ به انگريزن خلاف ڪاوڙ هئي. هو پنهنجي ملڪ تان انگريزن جو، تسلط ختم ڪرڻ ٿي گهريو، جنهن لاءِ انگريز اڃا تيار ڪين هئا. ان پس منظر کي سامهون رکي، مولانا امروٽي صاحب سنڌ ۽ هند جي مسلمانن کي اپيل ڪئي ته هو هجرت ڪن، ۽ هجرت جي تنظيم جو ڪم پير سائين تراب علي شاه مرحوم جي حوالي ڪيائين. هندستان مان ته ڪي ڳاڻوان ماڻهو ويا، پر سنڌ مان هزارين ماڻهو، گهر، ٻار، زمينون ۽ جائدادون وڪڻي، قافلا ٺاهي افغانستان روانا ٿي ويا." (صفحه ۱۹۴، ۱۹۵) اڳتي پير صاحب لکي ٿو ته "پر ان وچ ۾ افغانستان ۽ انگريزن جي وچتي سرحد تي باقاعدي جنگ شروع ٿي وئي، انگريزن افغانستان جي آزادي تسليم ڪري، تڪڙ تڪڙ ۾ امان الله سان صلح ڪري ورتو. صلح جو هڪ شرط اهو به هو ته هندستان مان آيل مهاجرن

کي پناهه نه ڏني ويندي. چنانچه امان الله ۽ انگريزن جي صلح کان
بعد، پنهنجي سنڌي مهاجرن سان هڪدم سخت بدسلوڪي شروع ڪري
ڏني. اصلوڪا واعدا ڀڃي، سو ته ٺهيو، پر مهاجرن جيڪي ٿورو پاڻ
سان آندا هئا، سي به کانئن کسي ورتائون. آخر دربدر ۽ خاڪ بسر
ٿي، مهاجرن کي واپس وطن موٽڻو پيو. مولانا جو پنهنجو جو وفد روانو
ٿيو، ان کان اڳ ئي هجرت جي تحريڪ ختم ٿي وئي. مولانا امروٽي ۽
ٻين پنهنجي ان روش ڪري ڏاڍو صدمو پهتو. ان ڏينهن کان پوءِ
گهڻو وقت زنده ڪو نه رهيو. الله تعاليٰ سندن روح مبارڪ تي رحمت
ڪري." (صفحه ١٩٥)

هجرت بابت پير صاحب جي غلط بياني

مٿين اقتباس مان ظاهر ٿو ٿئي ته پير صاحب ڪن اهم واقعن
جا سنه ۽ تاريخون ڪو نه لکيون آهن، ان ڪري پنهنجي ڪتاب ۾
غلط نتيجا اخذ ڪيا اٿس. مثال طور هجرت جي ناڪامي بابت پير سائين
جي روايت آهي ته جڏهن هجرت جي تحريڪ شروع ٿي وئي ته "ان
وچ ۾ افغانستان ۽ انگريزن جي وچ ۾ سرحد تي باقاعده جنگ شروع
ٿي وئي. انگريزن افغانستان جي آزادي تسليم ڪري، تنهن ڪري هنن
امان الله سان صلح ڪري ورتو. صلح جو هڪ شرط اهو به هو ته
هندستان مان آيل مهاجرن کي پناهه نه ڏني ويندي. چنانچه امان الله
۽ انگريزن جي صلح ٿيڻ بعد پنهنجي سنڌي مهاجرن سان هڪدم سخت
بدسلوڪي شروع ڪري ڏني." (صفحه ١٩٥)

هتي به پير صاحب غلط بياني کان ڪم ورتو آهي. وري سندس خدمت
۾ گذارش ڪجي ٿي ته امان الله جي ڏينهن ۾ انگريزن سان جي جنگ ۽
صلح تحريڪ هجرت کان اڳ جا واقعا آهن نه پوءِ. انگريزن، مهاجرن
جي واپسي جو شرط صلح نامي ۾ ڪٿي لکيو؟ پير صاحب افغانستان
جي تاريخ بابت انگريزن توڙي ديسي اهل قلم جا ڪتاب پڙهي پنهنجي
ڪالم جي تصديق ڪري سگهي ٿو. مثال طور امير امان الله خان
(پيدائش ١٨٩٢، وفات ١٩٦٠) - پنهنجي حڪمران امير حبيب الله خان جو

ٿيون فرزند هو. پير صاحب متي ائين به لکيو آهي ته مرحوم مولانا عبيدالله سنڌي پيرين پنڌ هلي ٽکر ٽاڪي ۽ جبل جهاڳي وچي افغانستان پهتو هو. "ان وقت امان الله خان تازو تازو تخت تي ويٺو هو." هي ڳالهه به درست نه آهي. افغانستان جي قيام جي دوران مولانا سنڌي مرحوم پنهنجي ذاتي ڊائري لکي هئي جا ڪتابي شڪل ۾ اڄ به موجود آهي. ڪتاب جو نالو آهي " سات سال ڪابل مين " شايع شده سنڌه ساگر اڪيڊمي لاهور. مولانا مرحوم لکي ٿو ته:

" ١٣٢٢ هجري موافق آگسٽ ١٩١٥ (پندرهن) مين ڪابل ڪے طرف روانا هئا" بفضله تعاليٰ ١٥ آگسٽ ڪو نماز مغرب سرحد افغانستان مين پڑهي اور توڪل علي الله بغير ڪسي پاسپورٽ حاصل ڪئے افغانستان مين داخل هؤا." (صفحه ٢٤ ۽ ٢٧)

يعني ته مولانا جن پاڻ شاهدي ڏين ٿا ته هو ١٥ آگسٽ ١٩١٥ تي افغانستان پهتو. ان وقت امير امان الله خان جو پيءُ امير حبيب الله خان حڪمران هو. جنهن کي ٢٠ فيبروري ١٩١٩ تي قتل ڪيو ويو. يعني ته مولوي عبيدالله جي قيام کان تقريبا چار سال بعد ۾ امير جي قتل جو واقعو پيش آيو هو. ته پوءِ پير صاحب اسان کي ٻڌائي ته عبيدالله جي هجرت وقت امان الله خان تازو افغانستان جي تخت تي ڪيئن ويٺو هو؟ جيئن صاحب موصوف پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي. مهرباني ڪري تاريخي واقعات کي چڱيءَ طرح قلمبند ڪريو. امان الله خان ١٩١٩ کان وٺي ١٩٢٩ تائين پنهنجي پيءُ جي مرڻ کان پوءِ افغانستان جو بادشاه بڻيو. هن پنهنجيءَ حيثيت کي تسليم ڪرائڻ لاءِ برطانيه سرڪار کان گهر ڪئي. ان بابت مذاڪرات ٿيا جي ناڪام ٿيا ۽ نتيجي طور تاريخ ٽين مئي ١٩١٩ (اڻويهه) تي انگريزن ۽ امان الله جي فوج جي وچ ۾ سرحدي لڙائي شروع ٿي وئي، جنهن جو ذڪر متي پير صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيو آهي. ان کان پوءِ انگريزن ۽ پٺاڻن ۾ تاريخ اٺين اگسٽ ١٩١٩ تي صلح نامو ٿيو. جنهن مطابق برطانيه افغانستان جي آزاديءَ کي تسليم ڪري ورتو. هي معاهده فريقين جي وچ ۾ راولپنڊيءَ ۾ ٿيو هو. (ملاحظه ٿئي انسائڪلوپيڊيا برٽانيڪا؟

جلد اول صفحو ٥٠٧، ١٩٦٧ ايڊيشن، امير امان الله خان بابت لکيل تحقيقي مقالو) معلوم ٿيو ته انگريزن سان امان الله خان جو صلح نامو راولپنڊيءَ ۾ تاريخ اٺين آگسٽ اڻويهه سؤ اڻويهن ۾ منعقد ٿيو. هاڻي پير صاحب مهرباني ڪري ارشاد فرمائي ته مٿين تاريخ ڏانهن هندستان ۾ مسلمانن جي هجرت شروع ڪئي ٿي هئي جو بقول سندس جي "صلح جو هڪ شرط اهو به هو ته هندستان مان آيل مهاجرن کي پناهه نه ڏني ويندي." (صفحه ١٩٥) پير صاحب جيڪڏهن پڙهي ڏسندو ته کيس معلوم ٿي ويندو ته جولاءِ ١٩٢٠ (اڻويهه سؤ ويهن ۾) مولانا آزاد ۽ ٻين عالمن هندستان کي دارالحرب قرار ڏيئي مسلمانن کي افغانستان ڏانهن هجرت ڪرڻ جي اپيل ڪئي هئي. شهرن ۾ هجرت ڪميٽين جي تشڪيل ٿي هئي ۽ هجرت جو قافلو سنڌ مان شروع ٿيو هو ڇاڪاڻ ته سنڌ هندستان جي ٻين پرڳڻن بنسبت افغانستان کي سرحد ۽ بلوچستان کان بعلسيني ڪان ويجهو هئي. جلدئي هجرت جي تحريڪ سنڌ کان علاوه ٻين هندن ۾ به زور وٺي وئي. ايتري قدر جو اندازو لڳايو ويو ته آگسٽ مهيني ۾ ڪل ارڙهن هزار ماڻهون هجرت ڪري وڃي افغانستان پهتا. بهرحال ڪجهه وقت کان پوءِ افغان حڪومت مهاجرن جي داخلا بند ڪري ڇڏي. نتيجي طور ڪيترن ئي جانين ۽ جائدادن جي قربانيءَ بعد اٿين هجرت تحريڪ جو خاتمو ٿيو ڪتاب (The political Triangle of India) جي فاضل مصنف خلافت (Khilafat) تحريڪ جي باب ۾ به اها ئي ڳالهه لکي آهي. هو چوي ٿو ته:

"In July 1920 Azad and several other ulema issued Fatwa declaring India Darul-Harab or enemy country and urging the Mutlims to migerate to some Muslim county. Hijrat committees were formed in all the cities to persue the Muslims to migerate to Afghanistan the nearest Muslim country. The Hijrat movement started in sindh and soon spread in other parts as well. It is stated that in the month of August alone..........................

some eighteen thousand Muslims migerated to Afgh-anistan. How-ever the Afghan Government after some time refused entry to them consequently the Hijrat movement had to be given up after great losses of lives and proper-ties." (P-231, 232, people's, publishing house Lahore)

ظاهر آهي ته حڪومت افغانستان مهاجرن جي داخلا ۽ معاشي اسباب ڪري روڪي هئي. افغانستان اڄوڪي سائنسي دور ۾ به سڃو ملڪ آهي. اڄ کان سٺ سال اڳ هجرت جي تحريڪ دوران ان جي ڪهڙي حالت هوندي. جيڪڏهن مهاجرن جو سلسلو بي روڪ جاري هجي ها ته لکين انسان گڏ ٿين ها. انهن کي ڪير کارائي ها. ان وقت مهاجرن لاء اقوام متحده جهڙي تنظيم ته ڪا نه موجود هئي جيڪا انهن جي ڪفالت ڪري ها. تازو مثال وٺو افغانستان جي موجوده بحران جي پيش نظر ڏهه لک ماڻهو هجرت ڪري پاڪستان ۾ آيا، جن کي پاڪستان محض انساني همدردي ڪري پناهه ڏني. پوري مسلمان ملڪن بشمول اقوام متحده مهاجرن لاء اقتصادي امداد ڏني آهي. پر پير صاحب ذرا سوچي ته ان جي باوجود پاڪستان جي معيشت تي ڪيترو نه بار آهي. ١٩٢٠ ع ۾ افغانستان محض ان سبب ڪري مهاجرن کي واپس ڪرايو. علماء جي لاء مون کي بي حد احترام آهي. پر هجرت جي فتوي ڏيڻ کان اڳ مولانا آزاد مرحوم ۽ ٻين کي ان جي نتيجن بابت سوچڻ کپندو هو.

پير صاحب جو طعنو

مٿين پس منظر ۾ سنڌي تورڙي پين مهاجرن سان پٺاڻن جي بدسلوڪي ۽ انهن جي ڏيڙن ڦرڻ بابت پير صاحب جا الزام محض تهمت آهن. انساني معاشره ۾ ڪجهه بد ڪردار ماڻهو به مان ٿاه ٿي سگهي ٿو ته ڪن شاهينگن مهاجرن کي لٽيو به هجي پر مجموعي طور حڪومت تورڙي عوام جي مهاجرن سان بي حد همدردي هئي. حجاز مقدس،

۾ انگريزن جي پٺو حڪمران شريف حسين جي زماني ۾ ڪي بدوي عرب حاجين کي ٻه ڦريندا ۽ لٽيندا هئا. ان جي معني اها نه آهي ته سڀ عرب ڦورو لٽيرا هئا. افغانستان ۾ اسان جي لاڙڪاڻي جهڙي هڪ مهاجر ٻئريسٽر جان محمد جوڻيجه جي بي حد عزت ۽ تڪريم ڪئي وئي هئي. روزنامه "الوحيد" جي سنڌ آزاد نمبر (ڇاپو ٻيو سال ١٩٧٩ع) ۾ مرحوم جان محمد جوڻيجه بابت هڪ مضمون ڇپيل آهي جنهن ۾ لکيل آهي ته "١٩٢٠ع ۾ لاڙڪاڻه ۾ آل انڊيا خلافت ڪانفرنس پير صاحب جهنڊي واري جي زير صدارت سڏائي وئي، جنهن جي استقباليه ڪميٽي جو هي صاحب سيڪريٽري هو. انهيءَ ڪانفرنس ۾ مولانا شوڪت علي مولانا عبدالباري لکنوي ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد اچي شريڪ ٿيا هئا ۽ بي حد ڪامياب ڪانفرنس ٿي گذري. ان کان پوءِ ستت ئي سنڌ ۾ هجرت جي تحريڪ شروع ٿي، جنهن جو سرڪرده مرحوم جان محمد خان هو. هو صاحب پنهنجو مال، وطن ۽ اميري ترڪ ڪري ڪابل هجرت ڪري ويو ۽ حڪومت افغانستان کيس تمام وڏو مان ڏنو. اتي پاڻ کي افغاني رعايا ۾ داخل ڪرايائين. ان کان پوءِ هندي مهاجرن جي امداد ۾ هڪ شهر آباد ڪرڻ لاءِ افغاني رعايا جي هڪ فرد جي پوزيشن ۾ هندستان واپس اچي مختلف شهرن جو دورو ڪيائين. مگر پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيڻ کان اڳ ئي اجمير ۾ وفات ڪري ويو ۽ اتي ئي دفن ٿيو." (صفحه ١٦٧ ۽ ١٦٨).

پٺاڻن جي هٿان مهاجرن سان بدسلوڪيءَ واري پير صاحب جي الزام جي ترديد ۾ مٿيون مثال به ڪافي آهي. پر قبله پير صاحب کي معلوم هئڻ گهرجي ته مولوي عبيدالله سنڌي ساڍا ست سال ڪابل ۾ عزت ۽ احترام سان رهيو. هو امير حبيب الله خان جي عهد حڪومت ۾ پنهنجي ساٿين سوڌو ڪجهه وقت لاءِ گرفتار به ٿيو هو. پر امير امان الله خان جي اقتدار وٺڻ کان پوءِ هو رها ٿيا ۽ باقي چار سال هن جي عهد حڪومت ۾ ڪابل ۾ گذاريائين. مولانا سنڌي پنهنجيءَ ڊائريءَ ۾ امير امان الله جي بي حد تعريف ڪري ٿو. پير صاحب جي خدمت ۾ هڪ حوالو عرض رکان ٿو. چوي ٿو ته "اعلي حضرت امير امان الله خان

ہ سلطنت مین چند روز هم نے اپني حکومت کي ذرا سي جھلک دیکھ لي. جس قدر وه اپنے وزراء کي پهلي صف پر اعتماد کرتے تھے، همارے ساتھ ان کا معامله اسي کے قریب قریب تھا. هم ان کي پرائیویٹ مجلسون مین شامل هوتے تو جیسے وه اپنے خانداني اور ذهبي بزرگون کا احترام کرتے تھے، هم سے ان کا برتاء اسي طرح کا هوتا. هم نے کوئي مشوره عرض نهین کیا جو قبول نه فرمایا هو. همارے کوئي سفارش نهین کي جو رد کردي گئي هو. ایسي حالت مین هم سے جو کچھ هو سکتا تھا هم نے سلطنت افغانستان کے استقلال و مستحکم بنانے مین کوئي دریغ نهین کیا. یه تمام سیاسي معاملات ابھي تک تاریخ کے درجه تک نهین پهنچے. اس، لئے هم تفصیلات نهین لکھ سکتے. حضرت شیخ الهند کي وفات پر جس شان بي نظیر سے مجلس فاتحه خواني منعقد کي وه ایک یادگار هے. مین اس تقریر کا اک فقره نقل کرتا هون، جو اعلیٰ حضرت نے اس موقعه پر کي تھي. آپ نے فرمایا "مولانا محمود حسن یک کاررا شروع کردند من اورا پورا مي کنم." (صفحه ١٠٣ لاهور)

ملاحظه کندا وجو پیر صاحب! مولانا عبیدالله وارن جي مشن ایتري ته کامیاب ٿي جو سندس استاد مولانا محمود الحسن دیوبندي جي تعزیتي میڙ کي خطاب کندي افغانستان جي بادشاه امیر امان الله خان کي چوڻو پیو ته " محمود الحسن جیکو کم شروع کري ڏنو سان ان کي پورو کري رهبو آهیان" غیور، بهادر ۽ اسلام دوست پٺاڻن خلاف بدسلوکي ۽ ڦرڻ لٽڻ جو الزام سخت ذلت آمیز آهي. هن ڏي قوم ۾ علامه جمال الدین افغاني مرحوم جهڙو مدبر سیاستدان پیدا ٿیو جنهن تمام مسلمانن کي هڪڙي پلیٽ فارم تي آڻڻ جي کوشش ڪئي ۽ اڄ به پنهنجي دین ۽ ایمان جي تحفظ خاطر پٺاڻ روسي سامراج جو مقابلو نهایت ئي دلیري سان کري رهیا آهن. اسان کي ۽ پیر صاحب کي پنهن جي اعمال جو محاسبه کرڻ گھرجي. پٺن جي متعلق کوڙا الزام لڳائڻ چڱو کم نه آهي.

مولانا امروٽيؒ جو موت

اڳتي پير صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ مولانا امروٽيءَ جي موت بابت لکي ٿو ته ”مولانا امروٽيءَ کي پٺاڻن جي ان روش ڪري ڏاڍو صدمو پهتو. ان ڏينهن کان پوءِ گهڻو وقت زنده ڪو نه رهيو. الله تعاليٰ سندس روح مبارڪ تي رحمت ڪري.“ (صفحو ١٩٠)

پير صاحب جي لکڻيءَ مان مٿي ظاهر ٿو ٿئي ته پٺاڻن جي مهاجرن سان انهيءَ روش ڪري مولانا امروٽيءَ کي ذاتي صدمو پهتو جنهن سبب گهڻو وقت زنده نه رهيو ۽ وفات ڪيائين. پٺاڻن جي خلاف پنهنجي تعصب جي اظهار ڪندي پير صاحب تاريخ جي صفحات کان اکيون بالڪل بند ڪيون آهن. هجرت جو سلسلو جولاءِ ويهن ۾ شروع ٿيو ۽ ايڪويهن تائين هلي بند ٿيو. جڏهن ته مولانا امروٽيءَ جي وفات اٺن سالن کان پوءِ نومبر ١٩٢٩ع ۾ ٿي هئي. ڇا اهو ٿورو وقت آهي؟ صدمي جي ڪري ته ماڻهو هارٽ فيل ٿي فورًا انتقال ڪري ويندو آهي؟ مولانا امروٽيءَ جي وفات جي تاريخ جي تصديق پڻ ”الوحيد“ جي سنڌ آزاد نمبر مان ڪري سگهجي ٿي. مضمون نگار لکي ٿو ته ”سنڌ جي بزرگ ترين ۽ فياض هستي هڪ بجي رات جو پنجين نومبر ١٩٢٩ ع مطابق ٣ جمادي الثاني ١٣٤٨ھ ۾ هن دنيا فاني مان لاڏاڻو ڪري هزارن مخلصين کي پنهنجي فيض ۽ هدايت کان محروم ڪري وئي.“ (صفحو ٤٣)

راشدي صاحب جو ڪتاب پڙهي پڙهندڙن جي دل ۾ هي تاثر ويهي سگهي ٿو ته ڏسو ته هي پٺاڻ به مسلمان، سنڌي مهاجر به مسلمان هئا. ان ڪري مسلمانن جو باهمي ڀائيچاري وارو تصور محض افسانو ۽ باطل آهي. راشدي صاحب ڪٿي ان موضوع بابت ڇا به سمجهي پر تاريخ شاهدي ٿي ڏني ته پنهنجي ڪمزورين جي باوجود مسلمانن مجموعي طور تي نبي صلي الله عليه و سلم جي ان فرمان تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ”مؤمن مؤمن لاءِ هڪ جسدِ واحد جي مثال آهي“

جيڪڏهن جسم جي ڪنهن به عضوي ۾ درد ٿو پيدا ٿئي ته سڄي جسم ۾ سور محسوس ٿئي ٿو.“ پير علي محمد ته پنهنجي سموري حياتي سيلسي جوڙ توڙ ۾ گذاري. هن مسلم تاريخ کي به چڱيءَ طرح ڪونه پڙهيو. پر جن به عربي دان مغربي عالمن اسان جي تاريخ لکي آهي، انهن جو چوڻ آهي ته مسلمانن ۾ رنگ و بوءِ جي ڪابه تميز نه آهي. بقول اقبال ”تميز رنگ و بوءِ برما حرام است“ بير.

”مذهب اوقاطع ملک و نسب
از قريش و منکر از فضل عرب
در نگاه اويڪ بالا و پست
باغلام خويش را بريک خوان نشست“ (اقبال)

حضرت سلمان فارسيءَ کان هن جي قوميت ۽ ذات بابت هڪ دفعي پڇيو ويو ته هن جليل القدر صحابيءَ وراڻي ڏني ته ”انا سلمان ابن الاسلام“ ”مان سلمان اسلام جو پٽ آهيان.“ بقول علامه اقبال

”فارغ ازاب ام و اعمام باش
همچون سلمان زادئي اسلام باش“

اسلام جي انهيءَ برادريءَ واري اصول کي مدنظر رکي مشهور مغربي مؤرخ ۽ عربي دان پروفيسر هٽي (Hitti) صاحب پنهنجي ڪتاب ”عربن جي تاريخ“ (The History of Arabs) ۾ لکي ٿو ته ”ڏسڻ ۾ اينلو ته جيني دنيا جي مذهبن جي پيٽ ۾ پنهنجيءَ برادريءَ اندر نسليت، رنگ، توڙي قوميت جي رنڊڪن کي ڊاهڻ ۾ اسلام کي وڏي ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ٿي آهي.“

“Of all world religions Islam seems to have attainec the Largest measure of Success in demolishing the barriers of race, colour, and nationality at Least withim the Confines of its own Commumity.” (P-136,Lond: 1953 ED)

اميد اٿم ته مسلم قوميت بابت آئنده اهڙن غير ذميدار خيالن پيش ڪرڻ کان حضرت پير سائين روضي ڌڻي رحمة الله عليه جي خاندان جو هي فرد محترم پير علي محمد راشدي اجتناب ڪندو.

پير تراب علي شاه راشديءَ، پير علي محمد جي نظر ۾

پير علي محمد صاحب پنهنجي عزيز ۽ ذات ڀائي پير تراب علي شاه سان نهايت ئي گهري عقيدمندي جو اظهار ڪيو آهي. هن جو ذڪر ڪتاب جي صفحه ۵۰۰ کان شروع ٿي ۵۲۶ تي ختم ٿئي ٿو. هن کي پراڻو خلافتي ۽ سامراج دشمن ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجي قلم جو پورو زور صرف ڪيو اٿس. راشدي صاحب کي پنهنجي عزيز ۽ پنهل پرينءَ جي تعريف ڪرڻ کان ڪوئي روڪي نٿو سگهي. بيشڪ مرحوم پراڻو خلافتي هو. پر هن جي خلاف هڪ دستاويزي شاهدي موجود آهي. ان جي پڙهڻ سان دلين ۾ ڪيئي شڪ شڪوڪ ايرن ٿا. مان پير صاحب کي گذارش ڪندس ته پنهنجي ممدوح جي صفائي پيش ڪرڻ لاءِ ڪو اپاءُ وٺي. مٿي عرض ڪري چڪو آهيان ته ترڪيءَ ۾ خلافت جي اداره جي بحاليءَ لاءِ جنوري ۱۹۲۰ع ۾ دهليءَ اندر هندن ۽ مسلمانن جي هڪ گڏيل ڪانفرنس ڪوٺائي وئي هئي، جتي مهاتما گانڌي جي عدم تعاون يا ترڪ موالات واري تجويز متفق طور تي بحال ٿي هئي. انهيءَ عرصي ۾ مسلمانن جو هڪ وفد مولانا جوهر ۽ مولانا سيد سليمان ندويءَ جي صدارت هيٺ لنڊن ويو جي وزيراعظم لائيڊ جارج کان ترڪي خلافت جي بحاليءَ لاءِ گهر ڪئي. لائيڊ جارج ترڪن جو وڏو مخالف هو. هن فلسطين جي فاتح لارڊ ائلنبي کي "آخري صليبي لڙاين جي فاتح" جي حيثيت ۾ عزت بخشي هئي.

(Victor of Last Crusades.)

۽ ترڪيءَ جي خليفي بابت رمارڪ ڏيندي هن چيو هو ته

(Khalifa Should be vaticanised)

خليفي کي وئٽيڪان (اٽليءَ ۾ رومن ڪئٿالڪ فرقي جي اڳواڻ پوپ جي سٽيٽ يا رياست) موڪليو وڃي. ٻين لفظن ۾ لائيڊ جارج جو چوڻ هو ته خليفي جي مذهب جي تبديلي ڪجي. اهوئي سبب آهي ته وزيراعظم برطانيه مولانا جوهر جي وفد کي ٻڌي اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو.

انهيءَ وچ ۾ تاريخ ڏهين آگسٽ ١٩٢٠ع تي انگلنڊ ۽ سندس اتحادين ترڪيءَ جي سلطان تي "سيورز جو معاهده مڙهيو. جنهن مطابق ترڪيءَ کي پنهنجي سابق سلطنت کان دست بردار ٿيڻو پيو. اتحادين اهڙو ئي معاهده پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ ترڪيءَ جي هارايل حليف جرمنيءَ تي "معاهده ورسائيلز" جي شڪل ۾ مڙهيو هو. ترڪيءَ جي خلاف سيورز (Severes) معاهده مڙهڻ تي هندستاني مسلمانن تي سخت ردعمل شروع ٿيو. انهيءَ عرصي دوران شيخ الهند مولانا محمودالحسن ديوبندي پنهنجي شاگرد مولانا حسين احمد سان گڏ مالٽا مان تازه رها ٿي آيا. عدم تعاون جي تحريڪ زور پڪڙي وئي. مولانا محمودالحسن هڪ فتويٰ جاري ڪئي ته (١) سرڪاري اعزازن ۽ خطابن کي واپس ڪيو (٢) ملڪ جي جديد ڪائونسلن ۾ شريڪ ٿيڻ کان انڪار ڪريو. (٣) صرف پنهنجي ملڪي شين ۽ مصنوعات کي استعمال ڪريو. (٤) سرڪاري اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پنهنجي ٻچن کي تعليم نه ڏياريو. مولانا هي فتويٰ تاريخ ٣ ذيقعد سنه ١٣٣٨ هجريءَ ۾ ڏني هئي. شيخ الاسلام مولانا حسين احمد مدني مرحوم (وفات ١٩٥٧ء) پنهنجيءَ آتم ڪهاڻي "نقش حيات" ۾ مولانا محمودالحسن جي فتويٰ جو نقل پيش ڪيو آهي. مولانا مدني لکي ٿو ته "اس کے بعد یهي فتوى جميعته علماء هند کے متفقہ فيصلے کي صورت ہيں تقريبا پانچ سو علماء کے دستخط سے شايع کيا گيا." (نقش حيات، صفحه ٦٧٥ ناشردارالاشاعت ڪراچي) علماء جي هن متفقه فيصلي جون هزارها ڪاپيون شايع ڪرائي تقسيم ڪيون ويون. تاريخ ٩ جولاءِ ١٩٢١ع ۾ ڪراچيءَ ۾ خلافت ڪانفرنس منعقد ٿي هئي جنهن ۾ مولانا محمد علي جوهر ۽ ٻين تقريرون ڪيون هيون. اتي به علماء جي متفقه فيصلي جون ڪاپيون تقسيم ڪيون ويون. مولانا محمد علي مسلمان فوجن کي اپيل ڪئي ته برطانيه سرڪار جي نوڪري ڪرڻ حرام آهي، ان ڪري استعيفائون ڏيو. هن قسم جي باغيانه تقرير ۽ علماء جي متفقه فيصلي جون ڪاپيون تقسيم ڪرڻ تي علي برادران ۽ ٻين پنجن تي سرڪار جي خلاف بغاوت ڪرڻ جي جرم ۾ خالقڏنه هال (ڪراچي) ۾ جج ڪينيڊيءَ جي اڳو

ڪيس ٢٤ آڪٽوبر ١٩٢١ع کان شروع ٿيو ۽ ٤ نومبر ١٩٢٢ تائين هليو. عدم تعاون جي حڪمن تي عمل ڪري جوابدارن پنهنجي دفاع لاءِ وڪيل ڪو نه ڪيو. هن پوري ڪيس جي روداد ڀريون پيرو "تاريخي مقدمر" (The Historic Trail) جي نالي سان ١٩٢٢ع ۾ "نيو ٽائمس" اخبار وارن ڪتابي شڪل ۾ شايع ڪرائي هئي، جنهن کي ٻيهر ساڳئي نالي سان نيشنل بوڪ فائونڊيشن وارن ١٩٧٠ ۾ شايع ڪرايو. هن قسم جي ناياب دستاويز شايع ڪرائڻ تي اسين بوڪ فائونڊيشن وارن جا ٿورائتا آهيون. هن ڪيس ۾ ڪل هيٺيان ست جوابدار هئا.

(١) مولانا محمدعلي وٽئل رامپور يو-پي (٢) مولانا حسين احمد مدني وٽئل ديوبند يو-پي (٣) ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو وٽئل امرتسر پنجاب (٤) پير غلام مجدد وٽئل مٽياري سنڌ (٥) مولوي نثار احمد ڪانپور يو-پي (٦) ڀارتي ڪرشنا تيرٿ جي انڊيا (٧) مولانا شوڪت علي رامپور جو وٽئل. هي جوابدار سڀ پراڻا خلافتي هئا. ڪيس جي ٻهرين شنوائيءَ جي تاريخ ٢٤ آڪٽوبر ١٩٢١ع تي سنڌ جي هڪ جوابدار پير غلام مجدد ڪورٽ آڏو جيڪا استدعا ڪئي هئي، ان مان پير علي محمد راشديءَ جي ممدوح پير تراب علي شاه جي ڪردار تي روشني پوي ٿي. يعني ته "ان اسٽيج تي پير غلام مجدد ڪورٽ کي ٻڌايو ته اڳئين رات ڪن ماڻهن خاص طور پير تراب علي شاه کي مون ڏي موڪليو ويو جنهن مون کي چيو ته ڪراچيءَ جي خلافت ڪانفرنس ۾ تو جيڪو ڀرو ورتو ان لاءِ معافي وٺ. پير تراب علي شاه مون کي ٻڌايو ته جيڪڏهن مون معافي نه گهري ته مون کي پنج سال ٽيپ ملندي ۽ ان سان گڏ سخت، پورهئي سان جيلءَ ۾ به ڪم ڪرڻو پوندم. پير تراب علي شاه وڌيڪ چيو ته هن کي گورنمينٽ خاطري ڏني آهي ته پير غلام مجدد جي معافي وٺڻ تي سرڪار ڪيس رها ڪندي، تنهن تي مون پير تراب علي شاه کي ورندي ڏني ته مان پنهنجي مذهب جو سچو پابند رهندس. دين جي راه ۾ مون کي جيل جي تڪليفن ڪاڻ يا جيلءَ ۾ ڪم ڪرڻ جي ڪا به پرواه نه آهي. تنهن تي جج پير غلام مجدد کي چيو ته خاموش ٿي ويهي رهه."

ان تي (مولانا) مسٽر محمدعلي اعتراض ڪندي جج صاحب کي گذارش ڪئي ته مهرباني ڪري جوابدار کي رات جي وقت غير پسنديده ملاقاتين کان جيل اندر بچايو وڃي.*

*Pir Ghulam Mujadid at this stage told the Cou that some people had been sent to him the night previo us, particularly Pir Turab Ali Shah asking him to apolo gise for the part he had taken in the Karachi Khilafat Conference. Pir Turab ali shah had told him if he did not apologise, he would be given rigorious imprisonment for five years and would have to work at the chaki. Pir Turab ali shah had further said he had been assured that Government would release him (Pir Chulam Mujadid), if the latter apologised. He had replied to Pir Turab Ali Shah saying that he would stand by his faith, and in the cause of religion he would not mind hardships of Jaillife or working at the chaki.

The Judge asked Pir Ghulam Mujadid to stop and sit down. Mr: Muhammad Ali protested and impressed upon the Judge the necessity of protecting the accused against unwelcome, nocturnal visitors to the jail" (The Historic Trial, p 6, National Book Foundation Islamabad).

راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ پير تراب علي شاه جي تعريف ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيو. ڪتاب جي ٻئين جلد ۾ پير تراب علي شاه بابت ٿي طويل ترين ڪل ۳۶ صفحا ڪارا ڪيا اٿس. پير غلام مجدد جي مٿين بيان مان ته صاف طور ظاهر ٿو ٿئي ته پير علي محمد جو عزيز، پير تراب علي شاه انگريزن جي ايجنٽ جي حيثيت ۾ راتوڻي وقت جيل ۾ وڃي قيديءَ سان ملاقاتي ٿيو ۽ کيس ٻڌائي ٿو ته گورنمينٽ کيس خاطري ڏني آهي ته معافي گهرڻ تي

پير غلام مجدد کي ڇڏيو ويندو. پر لک ڀ اس هجي پير غلام مجدد
دي جنهن تراب علي شاه جي خطرناڪ آفر کي ٺڪرائي خلافت تحريڪ
کي وڏي بحران مان بچائي ورتو. اهڙن مانجهي مڙدن جو نالو سونوري
حرفن سان لکيو ويندو. اسين سنڌي پير غلام مجدد پارن ڪونڌر مجاهدن
تي جيترو فخر ڪريون اوترو گهٽ آهي، الله تعاليٰ جون لک لک
رحمتون هن جي قبر تي هجن "خدا رحمت کنند اين عاشقان پاک طينت را."
افسوس جو اهڙن دلير ماڻهن جو اسان جي لٽريچر ۾ ذڪر ئي ڪونه
ڪيو وڃي. اسان پارن مسلمانن ۽ پير غلام مجدد جهڙن مسلمانن جي
ڪردار بابت علامہ اقبال مرحوم جو هڪ شعر بي اختيار ياد ٿو اچي
جو پير صاحب جي خدمت ۾ عبرت وٺڻ لاءِ پيش ڪيان ٿو يعني ته

"ماڪليسا دوست ما مسجد فروش
اوز دست مصطفيٰ پيمانہ نوش"

پير علي محمد تي فرض عائد ٿو ٿئي ته پنهنجي عزيز مرحوم تراب علي شاه جي متان هن الزام جي صفائي پيش ڪري. ڪورٽ ۾ پير غلام مجدد جو بيان ان وقت ١٩٢١ ع ۾ سيني اخبارن ۾ شايع ٿيو ۽ ڪيس جي روءداد پهريون پيرو ڪتابي شڪل ۾ ١٩٢٢ع ۾ شايع ٿي. ان جو ٻيو ڇاپو هينئر ١٩٧٥ ۾ شايع ٿيو. مون وانگر هزارين ماڻهن پير تراب علي شاه جي خلاف پير غلام مجدد جو بيان پڙهيو هوندو. اهي حضرات پير تراب علي بابت ڪهڙي راءِ رکندا جنهن صورت ۾ ڪتاب جي پهرين ايڊيشن به پير تراب علي شاه جي حياتيءَ ۾ شايع ٿي هئي. پير تراب عليءَ ١٩٣٩ ع ۾ وفات ڪئي. مون کي تاريخ جي خدمت لاءِ پير علي محمد جي جواب جو سخت انتظار رهندو. راشدي صاحب کي اهڙن پيچيده سوالن جا جواب ڏيڻ گهرجن. باقي مثل ماڻهن تي فصاحت سان ڪوڙيون ڳالهيون منسوب ڪرڻ تاريخ توڙي ادب جي خدمت هرگز نہ آهي. بقول اقبال رحہ

نہ از ساقي نہ از پيمانہ گفتم
حديث عشق بے باڪانہ گفتم
شنيندم آنچ از پاڪان امت
ترابا شوخيء رندان گفتم"

وارئين ڪرام کي معلوم هُئڻ گهرجي ته پير علي محمد راشديءَ جو هي همرو پير تراب علي شاه تحريڪ خلافت دوران گرفتار ٿيو هو. پر بعد ۾ هن انگريز سرڪار کان پنهنجن گناهن جي معافي ورتي هئي، ان ڪري ڪيس جيل مان رهائي نصيب ٿي هئي. هن سلسلي ۾ پير صاحب جو پراڻو دوست محترم جي- ايم- سيد صاحب پنهنجي ڪتاب "جنب گذاريم جن سان" ۾ خلافت تحريڪ ۾ گرفتارين جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته "انهيءَ سلسلي ۾ پهرين جن سنڌي پيرن کي گرفتار ڪري مٿن ڪيس هلايا ويا، سي پير محبوب شاه [جهندي واري سائين رشدالله شاه جو ننڍو ڀاءُ) ۽ پير تراب علي شاه راشدي هئا. سندن گرفتاري ڪري ملڪ ۾ وڏو شور پيدا ٿيو. ليڪن هو معافي وٺي، پير گروهه جي وقار کي ڌڪ هڻي ڇڏيو هو." (جلد پهريون صفحو ٢١٠ سنڌي ادبي بورڊ درڙڪر پير غلام مجدد). جنهن شخص (پير تراب علي) سائين جي- ايم- سيد جي لکڻ مطابق انگريز سامراج کان معافي ورتي هئي، ان جي عظمت ثابت ڪرڻ لاءِ راشدي صاحب پنهنجي قلم جو پورو زور صرف ڪيو. هڪ اقتباس پيش خدمت آهي. پير تراب علي بابت راشدي صاحب لکي ٿو ته "انگريز سان ڪنهن به حالت ۾ صلح ڪرڻ يا تعلق رکڻ لاءِ تيار نه ٿيو. سندس نظريو هيو ته جيستائين انگريز جو تعلق مشرق سان قائم آهي اوستائين اسلام ۽ مسلمانن جو خير ڪو نه رهندو. مسلمانن جو فرض آهي ته انگريزخلاف جهاد ڪن. جهاد جي ڪامياب ٿيڻ لاءِ البته بين الاقوامي حالتن جي سازگاريءَ جو سوال پيدا ٿئي ٿو. پر جيستائين اهي حالتون سازگار نه ٿيون آهن، اوستائين گهٽ ۾ گهٽ ڌارئي راڄ جو تعاون نه هئڻ گهرجي ۽ ان کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش جاري رکجي." (صفحو ٥١٢ ٻيو ڇاپو) جواب ۾ فقط ايترو عرض ڪندس ته ڌارئي راڄ کان معافي وٺڻ وارو شخص ان قسم جا نظريا رکي نٿو سگهي. راشدي صاحب پنهنجي ممدوح لاءِ ائين به لکيو آهي ته هن حضور صلعم جن کي خواب ۾ ڏٺو هو. بيشڪ پرهيزگار صالحين ۽ عاشق حضرات حضور جن کي خواب ۾ ڏسي سگهن ٿا. ان لاءِ رسول ڪريم جن جو

پنهن جو فرمان آهي ته "من راني في المنام فقدر اني نان الشيطان لايتمثل بي." جنهن مون کي خواب ۾ ڏٺو تنهن ڄڻڪ مون کي حقيقي طور ڏٺو ڇو جو شيطان منهن جي صورت وٺي نٿو سگهي." پر ڇا نصارن کان معافي وٺڻ وارا شخص به خواب ۾ حضور جن کي ڏسي سگهن ٿا؟ افسوس جو راشدي صاحب پنهنجي هڪ ڪيدي عزيز جي ايتري تعريف لکي آهي پر ٻئي طرف هڪ بهادر عزيز پيرصبغتاالله شاه پاڳاري کي قلبيءَ جي تختي تي پهچاياٿين جنهن صاحب صليب تي چڙهڻ گوارا ڪيو پر حيدرآباد جي ملٽري ڪورٽ جي فيصلي خلاف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر يا هز مئجسٽي جي گورنمنٽ کي رحم جي درخواست به ڪا نه ڪئي. حالانڪ هو قانوني طور ان جو مجاز به هو. انهن ٻنهي ڪردارن بابت مان وڌيڪ ڇا عرض ڪيان. ۽ ڪيدي تيڻ کان رسول خدا به پناهه گهري هئي. اللّٰهم اني اعوذ بک من الجبن." ڪيدين ۽ بهادرن بابت مشهور انگريز شاعر شيڪسپيئر (Shakespeare) جو هي قول به وسارڻ جهڙو نه آهي ته "ڪيدي ساٿو پنهنجن موتن کان اڳ ڪيترا ڀيرا مرندا آهن پر بهادر ۽ جوڏا شخص موت کي فقط هڪ ڀيرو چکيندا آهن."

"Cowards die many times before their deaths; The valiant never taste of death but once.,,

الغرض پير پاڳارو سنڌ جو وڏو ڏهيسر هو، جنهن موت کي فقط هڪ دفعو چکيو هو.

اُهي ڏينهن اهي شينهن جلد ٻيو

راشدي صاحب جي ڪتاب جو ٻيو جلد جنوري ٨٠ ۾ سنڌي ادبي بورڊ مان شايع ٿي بڪ اسٽالن ۾ پهچي ويو آهي. سندس ڪتاب جي پهرين جلد جا سڀ حق واسطا بورڊ وٽ محفوظ ٿيل آهن. جڏهن نه ٻئي جلد جا سڀ حق واسطا مصنف جي گهر واريءَ محترمه بيگم ممتاز راشديءَ وٽ محفوظ ٿيل ڏيڪاريل آهن. هيلهه تائين ادبي بورڊ

تن سنڌي مصنفن جا جيڪي به ڪتاب شايع ڪيا آهن انهن جا سڀ حق واسطا پاڻ وٽ محفوظ رکيا آهن پر راشدي صاحب جي ڪتاب جو پهريون جلد ان کان مستثنيٰ قرار ڏنو ويو. بورڊ جي تشڪيل کان وٺي اهو ٿي هڪ منفرد ڪيس آهي، جنهن ۾ بورڊ پنهنجي حق کان دست بردار ٿيو آهي. پڙهندڙن جي ذهنن ۾ ان بابت ڪافي شڪوڪ ۽ شبهات پيدا ٿيا آهن. سنڌي ادبي بورڊ جي اختياري وارن کي صحيح صورتحال پيش ڪرڻ لاءِ وضاحتي بيان جاري ڪرڻ گهرجي. هن جلد ۾ راشدي صاحب دادو ۽ ڪراچيءَ جي شخصيتن بابت ذڪر ڪيو آهي. جيئن اڳ ۾ گذارش ڪري چڪو آهيان ته دادوءَ جي باب ۾ مصنف پاڪ و هند جي هڪ وڏي سياستدان ۽ مصنف محترم جي.ايم. سيد بابت ڪا به فيچر آرٽيڪل ڪا نه لکي آهي. اهل علم ان کي شدت سان محسوس ڪيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته سيد صاحب جي انتقال بعد (بشرطيڪ راشدي جيئرو هجي) هن بابت شيطان جي آنڌي وانگر هڪ ڊگهو مضمون تحرير ڪري. ڇو جو زنده انسانن بابت ترديد جي پوڙ ڌري راشدي لکڻ جو عادي نه آهي. سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي "مهراڻ" جو سابق ايڊيٽر مرحوم غلام محمد گرامي به دادوءَ جي مٽيءَ مان پيدا ٿيو هو. "راشدي برادران سان مرحوم جا قريبي تعلقات هئا، پر ان هوندي به سلسلي ڪتاب ۾ گراميءَ جو ذڪر مفقود آهي. اهڙيءَ طرح ميهڙ مان سنڌ اسيمبليءَ جي سابق ميمبر مرحوم علي اڪبر شاهه کي به راشدي صاحب فراموش ڪري ويو. دادو ضلع سان مصنف جا معاشي ۽ سياسي مفادات وابسته آهن. هن جو وڏو فارم ديهه ڦڪا تعلقه دادوءَ ۾ واقع آهي. سنه ١٩٧٠ جي عام چونڊ ۾ صوبي جي سيٽ لاءِ هن دادو ضلع مان ٿي فارم ڀرايو هو. پر سابق پ پ جي اميدوار ۽ واهڙ مراد عليءَ جي زميندار سيد عبدالله شاهه، راشديءَ کي چوڏهن هزار ووٽن تان شڪست ڏني هئي. پ پ جي مرحوم چيئرمين ڀٽي صاحب هڪ ڪوٺڙيءَ ۾ تقرير ڪندي راشديءَ کي ڪيرائڻ جي اپيل ڪئي هئي. "ڇي راشدي وڇون ۽ اهو اٺ آهي جو جنهن وڻ سان ٻڌبو آهي، ان کي کائيندو آهي."

ٻي جلد جي تعريف

حسب معمول راشدي صاحب جي ڪتاب جي سنڌس خوشامندڙين ۽ نوازيندڙ پريس جي ذريعي هن جي تصنيف جي ٻي حد واکاڻ لکي آهي. خوشامندي ۽ چاپلوس ماڻهن جو ڪم ئي اهو آهي. مشهور انگريز اديب جان ڊيفو (Defoe) خوشامندڙن ۽ چاپلوسن بابت ڪهڙو نه چڱو چيو آهي ته:

"When flatters meet the devil goes to dinner."

راشدي صاحب جي واکاڻ ۾ لکڻ وارن جي علمي استعداد جي سڀ ڪنهن کي پروڙ آهي. ان ڪري اهڙن ماڻهن جون لکڻيون ردي ٽوڪري ۾ اڇلڻ جي لائق آهن.

قصو مُلا شعبان جو

پير صاحب پنهنجي هڪ خدمتگار ملان محمد شعبان بابت فرضي ۽ من گهڙت آکاڻي نقل ڪري مذهب پرستن جي سخت توهين ڪئي آهي. ائين ته معلوم ٿئي ٿو ته خدا پرستن کان هن وڏي انتقام وٺڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر ڪيس معلوم هئڻ گهرجي ته تقرب الي الله حاصل ڪرڻ وارن کي ڪوئي به رسوا يا ذليل ڪري نٿو سگهي. هڪ حديث قدسي ۾ نبي صلي الله عليه و سلم جن فرمايو آهي ته "جيڪو منهن جي ڪنهن دوست کي ايذاء ٿو پهچائي ته مان (الله) هن جي خلاف جنگ جو اعلان ڪريان ٿو" "من اذاني وليا فقد اذنته لحرب" مذهب پرست ٽولي تي پير صاحب جي ٺٺولي ۽ طنز ڪرڻ جا اسباب ظاهر آهن چاڪاڻ ته هن ئي ڪلاس جي ماڻهن ۱۹۷۷ع ۾ عظيم الشان تحريڪ هلائي پير راشدي ۽ سندن آقائن کي اقتدار کان محروم ڪيو. قارئين ڪرام کي گذارش ٿي ڪجي ته اهي ڏينهن اهي شينهن ۾ ملا شعبان واري قصي کي غور سان پڙهي ڏسو جو صفحه ۱۹ کان شروع ٿي ... ختم ٿو ٿئي. ملا جو پير صاحب کي آخرت جي

اصلاح لاءِ نصيحت ڪرڻ، هن جو هڪ نوجوان ڪنجري تي عاشق
ٿيڻ. رات جو ملان شعبان جو چڪلي ڏانهن پنڌ ڪرڻ ۽ ڊسمبر مهيني
۾ هن جو ٻنان پڳ ڪوهه ۾ ڪرڻ ۽ سڄي رات ڪوهه جي اندر دانهون
ڪوڪون ڪرڻ ۽ وغيره هڪ عجيب ڪوڙو افسانو آهي. دادو ضلع ۾
واريلسي علائقو هجڻ ڪري اتي ڊسمبر مهيني ۾ سخت سردي پوندي آهي.
هڪ شخص ان قهر جي سرديءَ ۾ ڪوهه جي اندر ڪري جتي پاڻي
به نالي ماتر هجي سو ڪيئن ٿو صبح جو صحيح سلامت نڪري؟ ۽
لطف جي ڳالهه اها آهي ته پير صاحب جي روايت مطابق قتل ڪوهه
به ان نوجوان ڪنجريءَ جي گهر آڏو واقع هو، جنهن کي ڏينهن جو
ملان شعبان ڏسي ان تي عاشق ٿيو هو. صبح جو ملان پوليس جي
هٿ چڙهيو. پوءِ هن جي خلاف ڪهڙي ڪارروائي ٿي پير صاحب جي
زباني ٻڌو. لکي ٿو ته ”سڄيءَ رات ڪوهه ۾ پيو هيو. صبح جو ڪنهن
طرح پاڻ کي ٻاهر ڪيرايائين. ٻر ٻاهر ڪيڻ ڪان پوءِ ظالمن ڪيس
چور سمجهي شڪ چوريءَ ۾ پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو. اسان
صبح جو اٿياسين ته ملان غائب هو. نوڪرن ٻڌايو ته شايد فجر جي
نماز لاءِ جيوڻ شاهه جي مسجد ڏانهن ويل هجي.“ (صفحه ٢٠) سڄي
ڳالهه ڪوڙي، جڏهن ملان نماز جو به پابند هو ته يقينا راشدي صاحب
کي سمجهڻ گهرجي هو ته هو فجر جي نماز پڙهڻ ويو آهي. سوال ٿو
پيدا ٿئي ته پوءِ راشدي صاحب خلاف معمول ملان جي گمشدگي بابت
پنهنجي نوڪرن کان ڇو پڇيو؟ هن کي پڇڻ جي ڪا به ضرورت
ڪا نه هئي. اڳتي لکي ٿو ته ”پر پهر سج پوليس وارا سندس هٿن ۾
هٿ ڪڙيون ۽ چيلهه ۾ رسو وجهي اسان جي اوطاق ۾ وٺي آيا.
پنهنجي بغلي ٿيلهي ۾ پوليس وارا ڪلٽ هٿڻ جو رنبو به ڪٽي آيا هوا.
ارادو هون ته ملان کي رنبو ڪيئ لائي چورن يا رولاڪن جي قلم
هيٺ رجوع ڪري ڇڏين. ڪيس چالان ڪرڻ لاءِ ڪورٽ تي وٺي آيا.“
(صفحه ٢٠، ٢١) سوال ٿو پيدا ٿئي ته جڏهن پوليس وارا ملان کي راشدي
صاحب جي بقول ڪورٽ ۾ چالان ڪرڻ تي وٺي ويا ته پوءِ ان صورت
۾ هن کي مالڪ جي گهر هٿ ڪڙين ۾ ڇو وٺي آيا؟ جيڪڏهن ملان

پوليس کي ميان خير محمد وڪيل جا نالا وٺي منٿون ڪيون هيون ته پوليس ميان صاحب کي سوليءَ سان اطلاع ڏيئي پئي سگهي. ملازم کي بنفس نفيس اتي پهچائڻ غير قانوني فعل هو. ۽ انگريزن جي عهد حڪومت ۾ قانون جي مڪمل پابندي ٿيندي هئي. ماضيءَ کي ته ڇڏيو پر اڄوڪي دور ۾ به پوليس چالان ڪرڻ واري ملزم کي سڌو ڪورٽ ۾ وٺي ايندي آهي. بس ثابتي ملي وئي ته هي سڄو ڪوڙو ۽ فرضي داستان آهي، جنهن جو حقيقت سان ڪو به تعلق نه آهي. ٻي اهم ڳالهه ناظرين نوٽ ڪن. رات جو ملان کوهه ۾ ڪري ٿو. صبح جن کي پاڙيوارا ڪڍي چور سمجهي پوليس جي حوالي ڪن ٿا ۽ پوءِ راشدي صاحب جي روايت مطابق پوليس وارا ڪيس هٿ ڪڙيون پهرائي ساڳئي ڏينهن پهر سج ڪورٽ ڏانهن چالان ڪرائڻ لاءِ وٺي وڃن ٿا. قبلا پير سائين! اوهان پنهنجي پڙهندڙن کي ايترو بي وقوف ڇو سمجهيو آهي؟ جناب من: چوريءَ جو چالان ڪلاڪن ۾ پوليس ڪا نه تيار ڪندي آهي. پوليس جاچ ۽ تفتيش لاءِ مئجسٽريٽ کان ملزم جو رماند حاصل ڪندي آهي. ڪم از ڪم پندرهن ڏينهن پوليس کي جاچ رماند ملي سگهي ٿو. ملان شعبان واري ڪيس ۾ بغير رماند ۽ انڪوائري جي پوليس گرفتاريءَ کان پوءِ ٻن ٽن ڪلاڪن اندر ملزم کي ڪهڙي قانون ماتحت چالان ڪيو؟ ان وقت انگريزن جو قانون هو. پيرائو راڄ ته ڪونه هو. ۽ ملان جي خلاف ڪنهن فرياد به پوليس وٽ داخل نه ڪرايو. پير صاحب مهرباني ڪري ٻڌائي ته مٿن ڪيس ۾ فريادي ڪير بڻيو؟ ڇو جو پير صاحب فرياد جي ڳالهه به ڪا نه لکي آهي. سچ پچ ته ڪوڙ کي ڪا پاڙ ئي ڪا نه هوندي آهي. ۽ هڪ ڪوڙ کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ ويهه ڪوڙ ڳالهائڻا ٿا پون. جيئن انگريز شاعر ۽ اديب پوپ (Pope) جو "ڪوڙ" بابت هڪ زرين قول انگريزي ادب جي ڪتابن ۾ پڙهيوسين. هو چوي ٿو ته:

"He who tells a lie is not sensible how great a task he undertakes, for he must be forced to invent twenty more to maintain that one."

اگتي هلي راشدي صاحب گهوڙن بيان ڪرڻ ۾ ڪمال ڪيو آهي. ملان شعبان پوليس جي حفاظت ۾ وڪيل صاحب وٽ ٻڌو پيو آهي ايتري ۾ ڪنجرين جو ٽولو اچي ٿو. راشدي صاحب جي پنهنجي زباني ٻڌو. ”اچا قصو مس اتي پهتو هو ته پرٻان ڪنجرين جو هڪ ٽولو ڏنڊن مشتنڊن ڪنجرن جي قيادت ۾، جن مان ڪن جي ڪلهن تي ۽ هٿ ۾ ڀنگ گهوٽڻ جا ڏنڊا هئا، پوليس وارنيءَ جا پير ڇڏائيندي اچي ات پهتو. ملان کي ٻڌل ڏسي مٿس گارين جا گهوگهٽ شروع ڪري ڏنائون.“ (٢٣). جواب ۾ عرض ته هڪ شخص جو چوريءَ جي الزام ۾ پوليس وٽ پڪڙيل آهي، ان جي ڪلهي ڪنجرين ۽ ڪنجرن جا ڏنڊا ڪڍي پيڇو ڪرڻ هڪ اهڙو ناشدني فعل آهي جنهن تي عقلمند حضرات باورني نه ڪندا. ملان سگهه سوڌو ته ڪو نه پڪڙيو ويو هو. جڏهن راشدي صاحب جي روايت مطابق ٻاڙي وارن ملان کي ڪوه مان ڪڍيو ان وقت هي ڪنجر ڪٿي هئا؟ چڪلن ۾ چوريون ٿينديون آهن. پر ڪڏهن به ڪنجرن چور ٻڌي پوليس جي حوالي ڪو نه ڪيو. هنن ۾ ايتري اخلاقي جرئت ڪٿي هوندي آهي؟ راشدي صاحب اگتي لکي ٿو ته ”هڪ نوجوان (جيڪو ڪنهن ڪنجريءَ جو گهر پالتو عاشق تي ڏٺو) تنهن ڪٿي نه هم نه تم وڌي اچي ٻڌل ملان جي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وڌو جنهن کي اسان جي اعتراض تي پوليس ڌڪي پري ڪيو.“ راشدي صاحب کي ڏاڙهي يعني سنت رسول جي توهين ڪرڻي هئي، سو پنهن جو مطلب پورو ڪيائين. ملان جي آڏو ۽ پوليس جي موجودگيءَ ۾ ڪنجر کي، هن جي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وجهڻ جي جرئت پيدا ٿئي ٿي. ڏاڙهيءَ بابت راشدي صاحب جو مٿيون جملو سخت اشتعال انگيز آهي. مسلم دل آزاري ڪري هن تي سول توڙي شريعت ٻنهي ۾ ڪيس ڪري سگهجي ٿو. پر مان سرڪاري اداري، ادبي بورڊ جي زعماء کان پڇان ٿو چاهيان ته ڇا اسلامي شعائر جي توهين ڪرڻ بورڊ جي سرڪاري پاليسي آهي؟ بورڊ جو چيرمن هڪ مقتدر عالم دين به آهي، ان جي سربراهي ۾ ڏاڙهيءَ بابت هن قسم جو بي ادبي وارو تحرير شايع ٿيڻ نهايت ئي افسوسناڪ آهي. ملان شعبان کي منجسٽريٽ

Soorih Mirani

آڏو پيش ڪيو ٿو وڃي. اهو اتفاق سان راشدي صاحب جو دوست هو. جنهن کان هن ملان کي ڪيئن آزاد ڪرايو. تفصيل پڙهو لکي ٿو ته "مئجسٽريٽ، منهن جو محسن ۽ دوست ميان محمد صالح صديقي مرحوم مغفور هو. ڪيس سمري ڪيس فيصل ڪرڻ جا پاور هئا. مون ۽ ميان خير محمد مرحوم سندس چيمبر ۾ وڃي سڄي ڳالهه ٻڌايس. ڏايو ڪليو. ڪيس گهرائي جوابدار کي زباني فهمائش ڏئي آزاد ڪري ڇڏيائين." (صفحو ٢٥) يعني ته فيصلي ڪرڻ وارو مئجسٽريٽ به مرحوم، وڪيل خير محمد به مرحوم. ملان شعبان جو ڪو پتو نه آهي. باقي راشدي صاحب حيات آهي. جيئن چاهي قصو بيان ڪري. راشدي صاحب لکيو آهي ته "مئجسٽريٽ کي سمري پاور هئا." ان لاءِ فقط ايترو عرض ڪندس ته چوريءَ جي ڏوهه ۾ مئجسٽريٽن کي برطانيه جي زماني کان وٺي ڪڏهن به سمري پاور حاصل ڪو نه هوندا آهن. ان ڪري به اهو سمورو داستان بي بنياد آهي. مهرباني ڪري راشدي صاحب اسان کي ٻڌائي ته ملان شعبان ذات جو ڪير هو؟ ڪنهن جو پٽ هو؟ ڪٿي جو وينل هو؟ ملان شعبان جي قصي کي پڙهي ڪوڙ بابت هولمس (Holmes) جو هڪ قول دل تي چڙهي ويو جو راشدي صاحب جي خدمت ۾ پيش ڪيان ٿو. هو چوي ٿو ته:

"Sin has many tools, but a lie is the handle which fits them all"

پير راشدي ۽ لکيءَ جا تعصبي هندو

راشدي صاحب ڪهڙي سبب ڪري سنڌ جي هندن کان ناراض ٿيو، ان لاءِ به پنهنجي ڪتاب ۾ ڪو معقول عذر پيش نه ڪري سگهيو. هو چوي ٿو ته سال ١٩٣٨ع ۾ ڪراچيءَ کان موٽر ذريعي پنهنجي ڳوٺ ٻهمڻ (ضلع لاڙڪاڻو) ڏانهن گرميءَ جي موسم ۾ اچي رهيو هو پر اجهان لکيءَ تائين مس پهتو ته سندس هٿي ڊرائيور جو به مٿو ڦرڻ لڳو. "مجبور ٿي لکيءَ واري هندو ڌرمسالا جي در وٽ اچي

Soorih Mirani

رهياسين. ”مون گوبند کي موڪليو ته ٽرمسالہ ۾ ڪمرو ڏسي ته اتي ترسي آجهاپ ڪري ڏينهن ٻاري پوءِ اڳتي وڌون. گوبند اندران ٿي آيو. چيائين ڪمرو مليو آهي اوهان اندر هلو. موٽر مان لهي اچان ٽرمسالہ جي در مان مس اندر داخل ٿيس ته هندن ۾ هوائچو مچي ويو. مون کي مسلماني لباس (شلوار چولو ۽ پٽڪو) ۾ ڏسي رستو روڪ ڪري بيهي رهيا. اڙي ميان مسلمان هيڏانهن ڪيڏانهن پيو اچين. هي ٽرمسالہ آهي، هت هندن کان سواءِ ٻئي ڪي بہ پاٺئو نہ آهي. ٻاهر نڪر پوئتي موٽ. مون چين ٻئي صاحب اسان بہ انسان آهيون. هتي پاسي پلؤ ۾ نہ وڻ نہ ٽڻ. ٻاهر ڪانو جي اک پئي نڪري. اسان جي جان جو سوال آهي. گهڙي سوا رهي هليا وينداسين. اوهان جي ٽرمسالہ تي قبضو تہ ڪونہ ڪنداسين.“ (صفحہ ٢٩) راشدي صاحب جي بقول هو سن ۾ سائين جي-ايم سيد صاحب کان ٿي ٽاڪ مانجهاندي جو لڪيءَ ۾ پهتو هو. پڇڻ وارن کي تہ ڪو روڪي ڪونہ سگهندو. اسين خوشامدڙيا ۽ راشدي صاحب جا نوازيل تہ ڪين آهيون جو هن جي هر غلط ڳالهہ تي آمنا صدقنا چونداسون. ذرا غور ڪريو. سال ١٩٣٨ جو آهي. مهينو جولاءِ جو. گرميءَ ۾ ڪانو جي اک پئي نڪري. ان وقت پڪا روڊ بہ ڪين هئا. سن ۾ پهچڻ کان پوءِ هن کي مانجهاندو ڪري شام جو نڪرڻ کپندو هو. اڄوڪي دور ۾ سفر جون سڀ سهولتون موجود آهن. ان جي باوجود ڪيترائي انسان ٽاڪ منجهند جو سفر ڪرڻ کان گريز ڪندا آهن. تہ پوءِ ان حساب سان بہ راشدي سجي پنڌ تي ڪيئن روانو ٿيو؟. پنهنجي ڳوٺ ٻهڻ ۾ هن کي ڪو ضروري ڪم بہ ڪونہ هو. جي ايئن هجيها تہ بقول سندس جي هو لڪيءَ مان ڪاوڙجي واپس ڪراچي ڪونہ وڃي ها. (صفحہ ٣٠) اهوئي سبب آهي جو لڪيءَ ۾ ٽرمسالہ اندر آرام ڪرڻ بابت راشدي صاحب جي ٻڌايل آکاڻي تي اعتماد ڪرڻ مشڪل آهي. پيو تہ ١٩٣٨ ۾ راشدي صاحب کي موٽر هئي ڪٿي جو ان تي سوار ٿي لڪيءَ پهتو. ان زماني ۾ سنڌ جا ڪي ورلي خاندان جهڙوڪ پٿر خاندان موٽر

ڪندا هئا. راشدي صاحب گهوڙن ۽ سائيڪلن تي سواري ڪندو هو. ان جي وڌيڪ ثابتي به سندس ڪتاب مان اسان کي ملي ٿي. جڏهن هندن سنگدليءَ جو مظاهرو ڪندي راشدي صاحب کي مسلمان سمجهي اندر داخلا کان روڪي ڇڏيو. پوءِ ڇا ٿيو؟ ان بابت پير سائين پاڻ لکي ٿو ته ”شام جو موٽر تيار ڪئيسين. جڏهن سڀ موٽر ۾ ويهي رهياسين ۽ ڊرائيور اڳتي هلڻ لاءِ دادوءَ واري رستي ڏانهن مڙڻ لڳو ته مون کيس چيو ته ”سوٽ ڪراچيءَ جو رستو وٺ سوٽي ڪراچيءَ هلون ٿا.“ (صفحه ۳۰) ڪراچي واپس موٽڻ جي ارادي بابت پير صاحب ۽ گوبند رام جي وچ ۾ بحث ٿئي ٿو. ان تي پير صاحب گوبند کي ٻڌائي ٿو ته اڄ هو حياتيءَ جو وڏو سبق سکيو آهي ته هندن جي اڄ جهڙي تنگ دلي ڏسي هو ان نتيجي تي پهتو آهي ته ”اسان پاڻ کي ڪونه آهيون ۽ پاڻ تي رهي ڪونه سگهنداسون.“ (صفحه ۳۱) ان تي گوبند پير صاحب کي چوي ٿو ته ”برابر هي نالائق تعصبي آهن. پر هائي ڪراچي هلي ڇا ڪنداسين؟.“ ان تي پير صاحب کيس ٻڌائي ٿو ته ”مون اڄ پاڻ سان وچن ڪيو آهي ته جيستائين تنهنجي هندن جي سنڌ مان پاڙ پٽي ڪين هتان ملڪ بدر نه ڪندس، اوستائين ڳوٺ جو منهن نه ڏسندس.“ (صفحه ۳۱) پير صاحب گستاخي معاف ڪري. منهن جون ڪريون ڳالهيون هن ڪي ڏکيون ته لڳنديون پر پنهن جو مسلڪ علامه اقبال مرحوم جي هن شعر مطابق آهي ته:-

اپنے بھي خفا مجھ سے ھين بيگانے بھي ناخوش
مين زھر ھلا ھل کو کبھي کھ نہ سکا ”قند“

سوال ٿو پيدا ٿئي ته هو پنهنجي ڳوٺ ٻهڻ (لاڙڪاڻه) روانو ٿيڻ جي بجاءِ واپس لڪيءَ مان ڪراچي ڇو ويو؟ ڇا ڪراچيءَ مان هو لڪيءَ جي هندن جي خلاف هڪ لشڪر جرار وٺي ويو؟ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ هيءَ قومي تفريق صدين کان موجود هئي. هندن جي پاڙ پٽڻ لاءِ فورا ڪراچيءَ ۾ ڇا ٿي ٿي سگهيو؟. متي پير صاحب لکيو آهي ته هن گوبند کي ٻڌايو ته جيستائين هو هندن جي پاڙ پٽي ملڪ بدر

نه ڪندو اوستائين ڪوٺ جو سنهن نه ڏسندو“ واهه راشدي صاحب اوهان جا ڪوڙا وعدا! هندو ته پاڪستان ٺهڻ کان نون سالن کان پوءِ دربدر ٿيا. ڇا ان عرصي ۾ هو پنهنجي ڪوٺ ٻهڻ واپس نه ويو؟

راشدي صاحب جي چوڻ مطابق لکيءَ جي واقعي، هن جي اندر ۾ باهه ٻاري ڇڏي هئي. هن پاڪستان ناهيو ۽ اهڙيءَ طرح نون سالن کان پوءِ سنڌ ۾ هندن جي پاڙ پٽجي وئي. هو دربدر ۽ خاڪبسر ٿي ويا. واهه ٻهڻ جا پيرسونهارا اوهان جون ڏاڙون ٻٽاڪون! ٻين لفظن ۾ جيڪڏهن لکيءَ جو واقعو پيش نه اچي ها ته پاڪستان به وجود ۾ نه اچي ها ۽ نه وري ان جي نتيجي ۾ هندن جي پاڙ پٽجي ڇڄي ها. ذرا اندازو لڳايو ته اسان جي آزادي جي قومي جدوجهد واريءَ تاريخ جو ڪيترو نه مذاق ڪيو ويو آهي. راشدي صاحب، جي ڏاڙون ٻٽاڪن تي ڪل به اچي ٿي ۽ روئڻ به اچي ٿو. پير صاحب جون هي بي بنياد ڏاڙون ٻٽاڪون مشهور انگريز شاعر شيڪسپيئر جي هن قول مطابق آهن ته ”خالي ٿانون مان وڌ ۾ وڌ آواز نڪرندو آهي.“

"The empty vessel makes the greatest sound."

ڪشمير کان وٺي ڪنگا نديءَ جي ڊيلٽا تائين مسلمانن پاڪستان جي قيام لاءِ ٻه قومي نظريي جي ڪري جدوجهد ڪئي هئي. ان ۾ هندو فرقه پرستي کي به دخل هو. لکيءَ جي هندن جي راشدي صاحب سان ناروا سلوڪ بابت اسان هزارين جانين جي قرباني ڪا نه ڏني هئي. سنڌ پاڪستان جي تخليق لاءِ ڇو حصو ورتو؟ ان لاءِ سائين جي. ايم. سيد جي هڪ بصيرت افروز تقرير جو حوالو ڏيڻ مناسب ٿو سمجهان. شاهه صاحب جن هيءَ تقرير ٣ مارچ ١٩٤٣ع تي سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جي ٺهراءَ پيش ڪرڻ وقت ڪئي هئي. فرمايائون ”جناب صدر! آءٌ هن ايوان جي سامهون هيءَ ٺهراءَ پيش ڪرڻ لاءِ اٿيو آهيان. هيءَ اسيمبلي سنڌ سرڪار کي سفارش ٿي ڪري ته وائسراءِ هند جي معرفت بادشاهه سلامت جي حڪومت کي صوبي سنڌ جي مسلمانن جي جذبات ۽ خواهشن کان واقف ڪري. جيئن ته هندستان جا مسلمان مذهب، فلسفه حيات، معاشرتي رسمن، ادب روايات، سياسي ۽ اقتصادي

عقيدن جي جدا هئڻ سبب هڪ جداگانه قوم آهن، ۽ هڪ جدا قوم هئڻ جي حيثيت ۾ هندستان جي جنهن خطه زمين ۾ هو اڪثريت رکن ٿا اتي هو آزاد ۽ خود مختار قومي حڪومتن قائم ڪرڻ جا حقدار آهن.“ (ملاحظه ٿئي شاه صاحب جو ڪتاب ”چوند سياسي مضمون“ صفحه ۹ نئين سنڌ پريس ڪراچي) وڌيڪ ته ”پاڪستان جي گهر مسلمانن جي هڪ جدا قوم هئڻ جي بنياد تي ڪئي وڃي ٿي. برصغير هندستان جاگرافيائي طرح هڪ ملڪ شمار تي نه ٿو سگهي.“ (صفحه ۱۰) مهرباني ڪري پير صاحب وضاحت فرمائي ته لکيءَ جي هندن کان ته بقول سندس جي هن پاڪستان جي شڪل ۾ انتقام ورتو، پر ٿل جي ان هندو ٿينئون مل ولد گري مٺ سان هن ڇا ڪيو، جنهن جي فريادتي پير صاحب جي خلاف هاءِ ڪورٽ جي رولنگ اچي وئي. اها تاقيامت نظير ثابت ٿيندي، هن رولنگ جو حوالو مون اڳ ڏنو آهي. پيرصاحب ڪي منهن جي مؤدبانه گذارش آهي ته هو سنڌي عوام کي ايترو بيوقوف نه سمجهي جو هن جي ڪوڙن ڳالهين کي سچ سمجهي ويهي رهن. لکيءَ جي هندن واري سڄي ڳالهه بوگس ٿي معلوم ٿئي. پر هن فرضي ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ بهرحال پير صاحب جي نفسيات جو پتو پوي ٿو ته هو سخت منتقم مزاج آهي. هينئر هو اقتدار کان محروم آهي. پر پنهنجن مخالفن کان قلم جي تلوار سان بدلي وٺڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ان لاءِ مان هن کي انٽونيس(Antonius) جو هڪ قول ٿو ياد ڏياريان ته ”انتقام جو بهترين قسم هي آهي ته زخم رسائيندڙ وانگر نه بڻو.“

"The best sort of revenge is not to be like him who did the injury."

پير علي محمد راشدي ۽ مهاتما گانڌي

لکيءَ جي فرضي واقعي کي بهانو بڻائي پير راشدي پاڻ کي مهاتما گانڌيءَ سان مشابهت ڏيئي، لکي ٿو ته ”هندستان ۾ انگريزن

خلاف ڀريان ڀريان ٻاهر هن تان لڳي جو انهن ڏينهن ۾ ريلوي جي
ڪن گاڏن تي لکيل هوندو هو تہ ”صرف يورپين لاءِ“ ۽ جڏهن گانڌيءَ جي
اهڙي ڪنهن گاڏي ۾ ويهڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڪيس ڌڪا ڏيئي
لاهي ڇڏيو ڪيائون. ان ڪان پوءِ ساڳيو گانڌي جنهن ٻہ چار سال اڳ
تائين يعني پهرين عالمگير جنگ جي دوران ۾ انگريزي فوج لاءِ پاڻ
رنگروٽ ڀرتي ٿي ڪيا ۽ انگريز جي ان خدمت عوض قيصرِ هند جو
ٻلو بہ وٺي چڪو هو، سو انگريز جو وڏو دشمن ۽ انقلابي اڳواڻ ٿي
پيو ۽ پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ انگريزن کي هندستان مان ڪڍي پوءِ ساهہ
ڏنائين.“ (صفحہ ٣٤)

افسوس سان چوڻو ٿو پوي جو پير صاحب جهڙي هڪ مطالعہ
رکندڙ سياستدان کي پتو بہ نہ آهي تہ ريل جي گاڏي ۾ وهڻ جو واقعہ
مهاتما گانڌيءَ کي ڪٿي ۽ ڪڏهن پيش آيو؟ گانڌيءَ سان اها جٺ
هندستان ۾ نہ پر ساؤٿ افريڪا ۾ نتال (Natal) جي گاديءَ واري شهر
مئريٽزبرگ (Maritzburg) ۾ پهرين عالمي جنگ کان گهڻو اڳ
سال ١٨٩٣ع ۾ ٿي هئي، جڏهن هو اتي هڪ مسلمان واپاري سيٺ
حاجي عبدالله اٺبڪو جي فرم ۾ ملازمت جي سلسلي ۾ ويل هو.
ان وقت افريقا ۾ رنگ پرستيءَ جي لعنت جو عروج هو، جنهن ڪري
هندستاني رنگ جي ماڻهن سان سخت نفرت ڪئي ويندي هئي. گانڌيءَ
سان ريلوي دٻي ۾ سفر ڪرڻ جو واقعو ڪيئن پيش آيو هو، اها
سموري روئداد هن پنهنجيءَ گجراتيءَ زبان ۾ لکيل آتم ڪهاڻيءَ ۾
لکي آهي. ان جو وري انگريزيءَ ۾ ترجمو سندس سيڪريٽري مهاديو
ڊيسائيءَ ڪيو. گانڌي لکي ٿو تہ ”گاڏي رات جو نائين بجي ڌاران
نتال جي گاديءَ واري شهر مئريٽزبرگ ۾ پهتي هئي. اسٽيشن تي هنڌ
بسترا مهيا ڪيا ويندا هئا. مون وٽ بہ هڪ ريلوي ملازم آيو ۽ پڇيائين
تہ اوهان کي ڪو بسترو گهرجي، تنهن تي مون انڪار ڪري کيس
ٻڌايو تہ مون کي پنهنجو بسترو ساڻ آهي. ائين هو هليو ويو. پر ان
کان پوءِ هڪ مسافر آيو. مون کي هيٺ مٿي ڏسي ڏڙي ويو تہ مان
ٻئي رنگ جو انسان آهيان جنهن تي کيس تشويش پيدا ٿي. هو ٻاهر

دبي مان نڪري وڃي ريلوي جا ٻه آفيسر پاڻ سان وٺي آيو، جي
ڏسي مون کي ڏسي خاموش رهيا. ايتري ۾ ٻيو هڪ آفيسر وارد ٿيو،
مون کي چوڻ لڳو ته، اچو اوهان مهڙ واري دٻي ۾ پنهنجي جاءِ
وٺو. تنهن تي مون کيس چيو ته مون کي فرسٽ ڪلاس جي ٽڪيٽ
آهي. هڪ آفيسر مون کي چوڻ لڳو ته پوءِ چاهيو جو توکي فرسٽ
ڪلاس جي ٽڪيٽ آهي. مان ٻڌايانءِ ٿو ته وڃي مهڙ واري دٻي ۾
ويهه. اهو ٻڌي مون کيس ورائي ڏني ته مون کي ڊربن اسٽيشن کان
وٺي فرسٽ ڪلاس دٻي ۾ وهڻ جي اجازت ملي. اڳين اسٽيشن کان
وٺي مون کي ڪنهن به روڪ ڪانه ڪئي. ان ڪري مان ساڳئي
دٻي ۾ سفر ڪندس. آفيسرن جواب ڏنو ته نه نه تون هن گاڏي مان
لهي وڃ نه ته اسين پوليس گهرائي توکي زوري لاهينداسون. مون کين
چيو ته مان رضا خوشيءَ سان فرسٽ ڪلاس دٻي مان ڪونه لهندس.
پلي پوليس گهرائي وٺو. پوءِ پوليس وارو منهن جي دٻي ۾ داخل ٿيو.
۽ مون کي هٿ وجهي ٻاهر ڌڪو ڪيائين. منهن جو سامان به ٻاهر آندائون.
مون فرسٽ ڪلاس کان سواءِ ٻئي ڪنهن دٻي ۾ وڃڻ کان نابري
واري ڇڏي. ايتري ۾ گاڏي ڇٽي وئي منهن جي سامان جي چارج
ريلوي وارن جي حوالي ٿي. مون پاڻ سان فقط هينڊ بئگ رکي ۽
ويٽنگ روم ۾ وڃي ويٺم. موسم سياري جي هئي ۽ افريقا جو سيارو
سخت هوندو آهي. مئريٽزبرگ ۾ ته سردي ڏاڍي سخت پوندي آهي.
منهنجو اوور ڪوٽ لگيج ۾ پيو هو. پر مان بي عزتي جي ڊپ کان
ان جي تقاضا ريلوي وارن کان ڪا نه ڪئي. بس پوءِ سڪ ڪري
ويهي رهيس ۽ سرديءَ ڪري ڏڪڻ وٺي ويم. ڪوٺيءَ ۾ روشني نه
ڪا نه هئي. اڌ رات جو هڪ ٻيو مسافر آيو هو. شايد مون سان
ڳالهائڻ ٿي چاهيائين پر مون هن سان ڪو نه ڳالهايو. مون پنهنجي
فرائض بابت سوچيو. آيا مان پنهنجي حقن لاءِ افريقا ۾ لڙان، واپس
هندستان هليو وڃان يا پريٽوريا ۾ وڃي ڪيس لڙان (واضح رهي ته
مهاتما گانڌيءَ کي پريٽوريا شهر جي هڪ عدالت ۾ وڪالت ڪرڻي
هئي) ۽ رسوائن جي ڪا به پرواهه نه ڪيان. ڪيس پورو ڪري پوءِ

هندستان ڏانهن روانو ٿجي. پنهنجي فرض جي بجا آوري بغير هندستان ڏانهن موٽڻ گيدڙپڻو آهي. جنهن مشڪلات سان مون کي مئرٽسزبرگ اسٽيشن تي مقابلو ڪرڻو پيو ته اها مٿاڇري ۽ رنگ پرستي جي مرض جي نشاني آهي. مون کي گهرجي ته هن بيماريءَ جو خاتمو آڻيان پوءِ ڀلي ان ڏس ۾ مشڪلاتون به درپيش ڇو نه اچن. پوءِ مان ٻيءَ گاڏيءَ ۾ پريٽوريا ڏانهن روانو ٿي ويس.

(Gandhi An Autobiography P. 93,94 London 1972 ED)

گانڌيءَ جي ڪتاب مان مٿين حوالي کي غور سان پڙهبو ته سموري حقيقت ظاهر ٿئي ٿي. هو لکي ٿو ته هڪ مسافر مون ته ي فرسٽ ڪلاس دبي ۾ سيٽ وٺڻ لاءِ اعتراض ڪيو هو. هرويرو ڇو ائين سمجهجي ته هو هڪ انگريز هو. ٿي سگهي ٿو ته افريقن نسل سان تعلق رکندو هجي. اڳتي هلي مهاتما گانڌي ساڳيءَ نوعيت جي هڪ ٻئي واقعي جو ذڪر ڪري ٿو جو ڪيس افريقا ۾ جرميسٽن (Germiston) اسٽيشن تي پيش آيو هو. هن جي پنهنجي زباني آهي ته ”مون فرسٽ ڪلاس دبي ۾ پنهنجي سيٽ ورتي ۽ گاڏي هلڻ لڳي. جرميسٽن (اسٽيشن) تي گارڊ ٽڪيٽن چڪاس ڪرڻ لاءِ آيو هو. هو مون کي فرسٽ ڪلاس ۾ ويهندي ڏسي ڪاوڙجي ويو ۽ اشارو ڏيندي چيائين ته تون وڃي ٿرڊ ڪلاس ۾ ويهي رهه. تنهن تي مون هن کي فرسٽ ڪلاس جي ٽڪيٽ ڏيکاري. گارڊ ڏسي چوڻ لڳو ته پوءِ ڇا ٿيو. وڃي ٿرڊ ڪلاس ۾ سيٽ وٺ. ان وقت فقط هڪ انگريز مسافر دبي ۾ ويٺل هو. تنهن تي هن گارڊ جي خبر ورتي. ڪيس چوڻ لڳو ته هن شريف کي تڪليف ڏيڻ مان تنهن جو مطلب ڇا آهي؟ ڏسين نٿو ته هو فرسٽ ڪلاس جي ٽڪيٽ رکي ٿو؟ مون کي ته هن سان گڏ مسافري ڪرڻ تي ڪو اعتراض نه آهي. انگريز مسافر مون ڏي (گانڌي) متوجهه ٿي چوڻ لڳو ته تون جتي به ويٺو آهين اتي سک ۽ اطمينان سان مقيم ٿي. انگريز مسافر جي مون سان گفتگو ٻڌي ريلوي گارڊ ڀڻ ڀڻ ڪندي (انگريز کي) چوڻ لڳو ته جيڪڏهن تون ڪوليءَ سان گڏ مسافري ڪرڻ ٿو چاهين ته منهن جو ڇا وڃي. ائين چئي

مو هليو ويو. ٽرين پريٽوريا ۾ شام جو اٽڪل اٺين بجي پهتي."

"I took my seat in a first class compartment and the train started. At Germiston the guard came to examine the ticket. He was angry to find me there, and signalled to me with his finger to go to the third class. I showed him my first class ticket. "That doesn't matter," said he, remove to the third class.

There was only one English passenger in the compartment. He took the guard to task. what do you mean by troubling the gentleman? He said, dont you see he has a first class ticket? I do not mind in the least his travelling with me. Addressing me, he said, you should make yourself comfortable where you are.

The guard muttered: If you want to travel with a coolie, what do I care? and went away.

At about eight o, clock in the evening the train reached Pretoria" p-98

فرسٽ ڪلاس دٻي ۾ گانڌيءَ سان جيڪو وهيو واپريو، اهو سنڌس زباني اوهان جي اڳيان پيش ڪيم. ان موضوع بابت پير صاحب جي ڪتاب مان حوالو مٿي نقل ڪيو ويو. تقابلي مطالعي ڪرڻ تي راشدي صاحب جي غلط بيانيءَ جا پول کلي پيا. مثلاً هن جو چوڻ آهي ته ٽڪيٽ وارو معاملو گانڌيءَ سان هندستان ۾ پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان ٻه چار سال اڳ يعني ١٩١٢ع ڌاران پيش آيو هو. جڏهن ته خود مسٽر گانڌيءَ جي آتم ڪهاڻي مان ظاهر آهي ته هن سان مذڪوره واقعو ڏکڻ افريقا ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي لڳڻ کان گهٽ اڳ ١٨٩٦ع ۾ پيش آيو هو. پير صاحب اسان کي ٻڌائي ٿو ته گانڌيءَ کي فرسٽ ڪلاس دٻي مان هندستاني سمجهي لاٿو ويو نتيجي طور هو انگريز سرڪار جو باغي ٿيو. سنڌس هيءَ راءِ سخت ناداني تي مبني آهي. مٿي پڙهو ٿيو ته ساڳي گانڌيءَ سان ريل جي فرسٽ ڪلاس

ڏبي ۾ هڪ ٻيو انگريز مسافر خوش خلقيءَ سان پيش آيو هو جنهن
گارڊ کي چيو هو، ته چاڪاڻ ته هو مهاتما کي فرسٽ ڪلاس گاڏي
۾ ويهڻ نه ٿو ڏئي ۽ هن کي ٿرڊ ڪلاس ۾ ويهڻ جي لاءِ اشارو
ڪيو هئائين. مهاتما گانڌيءَ جي زباني معلوم ٿيو ته هن ان واقعي
کي ڪا اهميت نه ڏني چاڪاڻ ته هو فورا هندستان ڪونه موٽيو.
پر رنگ پرستيءَ جي خلاف افريقا ۾ ڪوشش ڪرڻ جو قصد ڪيائين.

قبله پير صاحب کي خبر هئڻ گهرجي ته تاريخ ساز شخصيتون
هن قسم جي واقعن کي بهانو بڻائي ذاتي انتقام وٺڻ جو تصور به نه
ڪندا آهن. اهڙي ذهنيت شايد پير صاحب جي پنهنجي هجي ته شڪ
نه آهي. ڏٺو ويو آهي ته هو معمولي اختلافن تي ناراض ٿي پنهنجن
مخالفن جي پاڙ پٽڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. مهاتما گانڌيءَ تي به هن
ڪوڙو الزام لڳايو آهي. ڇا پير صاحب کي خبر نه آهي ته انهيءَ
ساڳئي، گانڌيءَ جنوري ۱۹۴۸ع ۾ پنهنجي قاتل ڊاڪٽر گاڊسي کي
به آخري وصيت ڪري پنهنجو خون بخشي ڇڏيو هو. پر نهرو
سرڪار هن تي ڪيس هلائي ڪيس ڦاسي ڏني هئي ۽ سندس لاش به
وارثن جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. (تفصيل لاءِ
ملاحظہ ٿئي ڪتاب (The Man Who Killed Gandhi

گانڌيءَ قيصر هند جو ٻلو

پير صاحب گانڌيءَ لاءِ لکيو آهي ته هن ”پهرين عالمي جنگ
دوران انگريزي فوج لاءِ رنگروٽ ڀرتي ڪري قيصر هند جو ٻلو حاصل
ڪيو هو.“ بيشڪ گانڌي پهرين مهاڀاري لڙائي (۱۹۱۴ کان ۱۹۱۸ع
تائين) ۾ رنگروٽ ڀرتي ڪري انگريزن جي مدد ڪئي هئي. پر
ان جي عوض هن کي قيصر هند جو ٻلو ڪونه مليو هو، جيئن راشدي
صاحب لکيو آهي. اهو به هن جو ڏکو آهي ۽ اهڙا ڪيترائي ڏکا
پنهنجي ڪتاب ۾ هڻي ويو. مان ڪيترن جي نشاندهي ڪريان. مهاتما
گانڌي پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ ۾ اعتراف ٿو ڪري ته هن پهرين
مهاڀاري لڙائي ۾ انگريزن جي حمايت ۾ رضاڪار ڀرتي ڪرڻ لاءِ

ڪم ڏنو هو. ڪتاب جي صفحي ٢٨٩ تي "جنگ ۾ منهنجو حصو" (My part in the war) جي عنوان سان هڪ باب لکيو اٿس.

"I thought that England's need should not be turned into our opportunity, and that it was more becoming and far-sighted not to press our demands while the war lasted. I therefore adhered to my advice and invited those who would to enlist as volunteers There was a good response, practically all the provinces and all the religions being represented among the volunteers " (Page 290)

مهاتما گانڌيءَ جي مشهور سوانح نگار مسٽر لوئي فشر (Fischer) پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته مهاتما گانڌيءَ کي انگريزي سلطنت جي آئيڊيلس (Ideals) سان پيار هو ۽ انهن مان هڪڙي اها به آهي ته برطانوي سلطنت جو هر رعيتي آزادي ۽ وقار سان پنهنجي زندگي گذاري ٿو. فشر لکي ٿو ته:

"In India, later he urged Indians to support the British war efforts, 'I discovered,' he said in defence of un-Popular stand, that the British empire had certain ideals with which I have fallen in love, and one of the ideals is that every subject of the British empire has the freest scope possible for his energy and honour." (Mahtma Gandhi P-56,1954ED U. S. A)

خدا جو شان آهي! جڏهن پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ گانڌيجي انگريزي حڪومت جو پرستار بڻيو هو، ان وقت اسانجي علماء ديوبند انگريزن جي سامراجيت جي خاتمي لاءِ ٿي جدوجهد ڪئي آهي. پير علي محمد راشدي صاحب جي تحريرن جي مطالعه ڪرڻ کان پوءِ ان نتيجي تي پهتو آهيان ته هو اسان جي مولوي صاحبان جي سخت خلاف آهي. ڪمي نوٽ ڪرڻ کپي ته پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ مولانا محمودالحسن ... بندي انگريزن جي خلاف "ريشمي رومال" جي تحريڪ هلائي هئي.

گانڌي انگريزن لاءِ جڏهن رنگروٽ ڀٽي ڀرتي ڪيا، ان وقت مولانا محمودالحسن پنهنجي پياري شاگرد مولانا حسين احمد مدني رحمته الله عليه سان گڏ مالٽا ۾ انگريزن جو قيدي ٿيو. مولانا عبيدالله سنڌي انهيءَ ساڳئي عرصي (١٩١٥ ۾) هندستان مان هجرت ڪيو وڃي ڪابل پهتو ۽ انگريزن جي پاڙ پٽڻ لاءِ تدبيرون ڪندو رهيو. جڏهن پهرين لڙائي ۾ مهاتما گانڌي انگريزن لاءِ چندو ڀٽي ڪري ڪيو ان وقت مولانا ابوالڪلام آزاد رانچي (بهار ۾) انگريزن جو نظر بند رهيو. هندستان کي انگريزن مان آزاد ڪرڻ جي مهم جو سرواڻ مهاتما گانڌي نه آهي. پر اسان جا علماءِ ڪرام آهن.

"عشق از فرياد ماهنگامها تعمير ڪرد
ورنه اين بزم خموشان هيچ غوغائے نه داشت"

پير صاحب کي اهڙن بزرگن جو تذڪره ڪرڻ کپي جن پهرين ڏينهن آزاديءَ جي شمع جلائي هئي. انهن جي ڏاڙهين تي حملا ڪرڻ هن جي شايان شان هر گز نه آهي.

پير علي محمد راشديءَ چيني انقلاب جي ڪهاڻي

هندستان ۾ مهاتما گانڌيءَ جي ريلوي ٽڪيٽ جي مثال ڏيڻ کان پوءِ راشدي صاحب چين جي عظيم انقلابي ليڊر ڊاڪٽر سون. يات سين جو مثال ڏيندي لکي ٿو ته "ساڳيءَ طرح چين جي انقلاب جي بنياد به يورپين جي خلاف نفرت سببان ٿي. ان نفرت جو وڏو ڪارڻ اهو هو ته شهر شنگهائيءَ ۾ يورپي رهندڙن پنهنجي لاءِ هڪ پارڪ ٺاهيو هو، جنهن جي دروازي تي لکي ڇڏيو هئائون ته "چينين ۽ ڪتن کي اندر اچڻ جي اجازت نه آهي." چين جي رهاڪن ۾ اها تختي ڏسي سخت نفرت جو جذبو پيدا ٿيو. سندن انقلابي ليڊر سن. يات. سين جڏهن ۾ آيو ته هن جي مرڻ کان پوءِ جناب ماڻوزيتنگ اڳتي وڌيو جنهن تمام انهن جي ڪپائي اونڌا ڪري ڇڏيا." (صفحو ٢٤)

انهيءَ ظاهر ٿئي ٿو ته چيني انقلاب جي حقيقت مان راشدي صاحب

بالڪل غير واقف ۽ ڏڏ آهي. افسوس صد افسوس جو مصنف محترم چين ۾ پاڪستان جو سفير به ٿي رهيو آهي. پاڻ جهونو صحافي به آهي. ان هوندي به هو چيني انقلاب جي تاريخ جو مطالعو ڪو نه ٿو رکي. چين ۾ اٿويهين صدي جي شروعات ۾ ٢ (ٻه) انقلاب آيا هئا. هڪ آڪٽوبر ١٩١١(يارهن) ۾ ۽ ٻيو آڪٽوبر ١٩٤٩ع ۾. راشدي صاحب چيني اڳواڻ ڊاڪٽر سن يات سين جو نالو پڻ لکيو آهي. ڪيس معلوم هئڻ گهرجي ته ڊاڪٽر صاحب چين ۾ آڪٽوبر ١٩١١ (يارهن) جي انقلاب جو باني هو. ڇا هن انقلاب وقت چين يورپين جي قبضي ۾ هو. جو راشدي صاحب لکيو آهي ته هن ماڻو سان گڏ چين اندر يورپين جا ڪپا ٿي اونڌا ڪري ڇڏيا؟ سبب راشدي صاحب جي بقول اهو هو ته شنگهائي ۾ يورپي رهندڙن پنهنجي لاءِ هڪ پارڪ نهرائي ڇڏيو هو، جنهن ۾ لکي ڇڏيو هئائون ته چينين ۽ ڪتن کي اندر اچڻ جي اجازت نه آهي. راشدي صاحب جي ڪتاب مان چيني انقلاب جي هي مضحڪ خيز ڪهاڻي پڙهي مون کي سخت تعجب ۽ ڏک ٿيو. سنڌ ۾ سنلس علم ۽ تاريخداني جو ڇوٽول آهي. پوءِ ڇا جي ڪري هن چيني انقلاب جو هڪ جاهلانه پس منظر بيان ڪيو آهي؟ چين جي ٻنهي انقلابن بابت راقم الحروف ڪافي ڪتاب پڙهيا آهن. مون کي ته ائين معلوم ٿيو جو اسان جو بزرگ سياستدان محترم پير صاحب چيني انقلاب جي تاريخ جي ابجد مان به واقف نه آهي. مثال طور يورپ جو عظيم ترين دانشور آنجهاني برٽرانڊ رسل(Russel) ١٩٢١ ۾ هڪ سال تائين پيڪنگ يونيورسٽيءَ ۾ فلاسافي جو پروفيسر رهي چڪو هو. ١٩٢٢ع ۾ هن چين جي مسئلن بابت (The problem of china) نالي هڪ معلوماتي ڪتاب لکيو هو، جنهن جي ٻي ايڊيشن ١٩٧٢ع ۾ شايع ٿي. هن ڪتاب ۾ پروفيسر چين جي تاريخ جو مفصل جائزو ورتو ۽ چيني ليڊر ڊاڪٽر سن يات سين (پيدائش ١٨٦٦ وفات ١٩٢٥) جي ١٩١١ واري انقلاب بابت تفصيلي روشني وڌي آهي. مشهور امريڪن صحافي ايڊگرسنو (Edga: - now) جو ڪتاب (Redstar over china) چيني انقلاب بابت هڪ سند جي حيثيت رکي ٿو. هن ئي صحافي جي ڪوشش سان

امريڪا ۽ چين جا لاڳاپا سڌري ويا. فبروري ١٩٧٢ ۾ هو صدر نڪسن سان گڏ چين جي دوري تي پيو اچي ته امريڪا ۾ هن کي دل جو دورو پيو ۽ ايئرپورٽ تي وفات ڪيائين. چيني رهنمائن مائوزيتنگ ۽ چوئن لاءِ ايڊگرسنو جي موت تي تعزيتي پيغام جاري ڪيا هئا. پروفيسر فتزجيرالڊ جو ڪتاب (Birth of Communist China) ۾ چيني انقلاب تي صحيح روشني وجهي ٿو. آنجهاني چيئرمين مائوزيتنگ جا سليڪٽيڊ ورڪس پنجن جلدن ۾ پيڪنگ مان شايع ٿيا. چيني انقلاب جي پس منظر بابت مائو جي تصنيفات مان بي حد مفيد معلومات ملي ٿي. ١٩١١ واري انقلاب ۾ ڊاڪٽر سن يات سين چين کي راشدي صاحب جي بقول يورپين مان آزاد ڪونه ڪيو هو. پر هن انقلاب جي ذريعي هن چين اندر چئن هزار سال عمر واريءَ بادشاهت کي ختم ڪري هڪ ريپبلڪ جو بنياد وڌو هو جنهن ڪي مؤرخين "ايشيا جي پهرين ريپبلڪ" جي نالي سان موسوم ڪن ٿا. ڊاڪٽر (ميڊيڪل) سن يات سين جي زماني ۾ چين اندر منچو (Manchu) بادشاهن جو راڄ هو. هن گهراڻي جي حڪمرانيءَ جو بنياد ١٦٤٤ع ۾ چين ۾ پيو هو جيئن موجوده دور ۾ ايران جي مذهبي پيشوا آيت الله خميني لاءِ دعويٰ پئي ڪئي وڃي ته هن ايران ۾ اڍائي هزار سالن جي بادشاهيءَ جو خاتمو آندو تيئن چين ۾ به ڊاڪٽر سن يات سين چار هزار سال پراڻي بادشاهت جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو هو. چين جي بادشاهت ته چار هزار سال پراڻي آهي، جا تاريخي طور تي ثابت آهي. پر ايران جي بادشاهت جي عمر اڍائي هزار سال نه آهي ڇو جو خليفه ثاني حضرت عمر رضه جي حڪومت ۾ مشهور صحابي حضرت سعد بن ابي وقاص رضه جي ڪمانڊ ۾ عربن ايران کي فتح ڪري يزدجرد جي شهنشاهيت کي زمين بوس ڪري ڇڏيو هو. پروفيسر برٽرانڊر سل پنهنجي ڪتاب ۾ ڊاڪٽر صاحب جي انقلاب بابت لکي ٿو ته چين ۾ ١٩١١ع وارو انقلاب اسان جي (انگلنڊ) جي ١٦٨٨ع واري انقلاب جيان هو. ان انقلاب جو باني ڊاڪٽر سن يات سين موجوده ڪئنٽن گورنمنٽ، جو سربراهه آهي، جنهن کي ريپبلڪن جي مڪمل تائيدحاصل

هئي. ڊاڪٽر صاحب کي عارضي طرح صدر چونڊيو ويو هو. پر چين جي اترادو علائقي جي فوج منچو گهراڻي جي شهنشاهيت سان وفادار رهي. ان ڪري انقلاب جي ناڪاميءَ جو انديشو هو. نتيجي طور اترئين علائقي جي ڪمانڊر انچيف يوئان شهڪائي (Uuan shih-kai) هڪ چڱي رٿ ڪئي. هن انقلابين سان صلح ڪري ريپبلڪ کي تسليم ڪري ورتو. پر اهو شرط وڌائين ته ڊاڪٽر سن يات سين جي عوض کيس ريپبلڪ جو پهريون صدر چونڊجي، جو شرط ڊاڪٽرصاحب قبول ڪيو . ان کان پوءِ جا ٿيو. تفصيل رسل جي زباني پڙهو. لکي ٿو ته ”آئين ساز اسيمبليءَ ۾ هڪ عارضي دستور مرتب ٿيو ۽ اپريل ۱۹۱۲ ع ۾ پڪي آئين ڏيڻ لاءِ پارليامينٽ جو اجلاس منعقد ٿيو. پارليامينٽ جي اڪثريت صدر جا اختيارات محدود ڪرڻ پئي چاهي پر يوئان شهڪاءِ صدر کي وسيع اختيارات ڏيڻ جي حمايت ۾ هو. يوئان کي ملٽري تي پروسو هو. نتيجي طور آئين ساز اسيمبلي کي ٽوڙيو ويو. هن ساڳي طرح پاڻ کي پارليامينٽ مان آزاد سمجهي غير آئيني طرح پنجن بئنڪن سان قرض جو معاهدو ڪيو هو. چين جي ڏاکڻين علائقي ۾ يوئان جي قدمن جي خلاف بغاوت پيدا ٿي هئي، پر تنهن کي هن سولائي سان ڪچلي ڇڏيو. تنهن کان پوءِ هن پاڻ کي چين جو مطلق العنان حاڪم سمجهيو. هن صوبن ۾ پنهنجا ملٽري گورنر مقرر ڪري ڇڏيا ۽ اترئين علائقي جي فوج ڏکڻ چين ۾ موڪليائين. يوئان شهڪاءِ جي حڪومت شايد ڪجهه وقت لاءِ هلي وڃي ها پر غلطي ڪري هو چين ۾ ٻيهر پنهنجي بادشاهت قائم ڪرڻ گهري پيو. ان سبب هن جي خلاف (ڊاڪٽر سن يات سين جي ڪوشش ڪري) هڪ ٻيو انقلاب آيو ۽ هن جي حڪومت هميشه لاءِ ختم ٿي وئي. يوئان جي موت لاءِ چيو ٿو وڃي ته هن ۱۹۱٦ ع ۾ دل جي دوري پوڻ ڪري انتقال ڪيو هو.“

(The Problem of china P-65 to 67, 1972 E D London

يوئان حڪومت ختم ٿيڻ بعد چين ۾ اترئين طرف ملٽري گورنرن جو راڄ رهيو ۽ سڄي ملڪ ۾ خانہ جنگي ۽ انار ڪزم جو خطرو پيدا

ٿيو. هوڏي ڊاڪٽرن چين ۾ آڪٽوبر ١٩٢٠ ع ۾ ڪينٽن ۾ پيهر ڊاڪٽر سن يات سين جي حڪومت قائم ٿي، جنهن ۾ چين جا ڪافي صوبا اچي پيا وڃن.

چيني انقلاب جا سبا ب

پير علي محمد راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ ڊاڪٽر سن يات سين هتان چيني انقلاب جي برپا ڪرڻ جو سبب يورپي اوڪن جي پارڪ ڪي ڇاڙايو جنهن ۾ بقول سندس جي هنن لکي ڇڏيو ته ”هت چينين ۽ ڪتن ڪي اندر اچڻ جي اجازت نه آهي.“ يورپي ماڻهو ته ڪتي ڪي پيار ڪندا آهن، خبر نٿي پوي ته انهن پارڪ ۾ مٿين عبارت ڇو لکي هئي؟. ١٩١١ع ۾ چين اندر ڊاڪٽر سن يات سين هڪ وڏو انقلاب آندو هو، جنهن ۾ جيئن مٿي عرض ڪيو ويو ته چين ۾ چار هزار سال پراڻي شهنشاهيت ڪي ڊاهيو ويو. ان وقت چين ۾ منچوياچنگ (Ching) گهراڻي جي حڪومت هئي، جنهن جي آخري حڪمران هينري پويي (puyi) ١٩١١ع جي انقلاب ۾ بادشاهت تان هٿ کنيو هو ۽ هن تاريخي انقلاب جو باني ڊاڪٽر سن يات سين عارضي طرح چين جو صدر ٿيو هو. منچو گهراڻي جيتوڻيڪ چين ۾ ٽن سئو سالن تائين حڪومت ڪئي هئي، پر اهي پاڻ چين ۾ اتر کان فاتح بڻجي آيا هئا. بيروني معاملات ۾ سندن عهد حڪومت ۾ اهڙا ٿي چار واقعا ظهور پذير ٿيا، جن مؤرخين جي متفقه فيصلي مطابق منچو حاڪمن جي ڇيله ڇڇي ڪري وڌي ۽ نتيجي طور ڊاڪٽر سن يات سين هنن جي بادشاهت جو خاتمو آندو هو.

پهرئون سبب آفيم جي لڙائي (Opium war)

برطانيه چين تي بيروني تجارت کولڻ جي لاءِ زور ٿي ڀريو، انهيءَ وچ ۾ حڪومت چين سال ١٨٣٩ع ۾ آفيم جي درآمد تي بندش وجهي ڇڏي هئي، ڪينٽن شهر ۾ آفيم جي وڪري لاءِ برطانوي اسٽور

بند ڪيا ويا هئا. ان قدم خلاف برطانيه چين سان جنگ ڇيڙي هئي، جنهن کي آفيم جي لڙائي چيو وڃي ٿو. هيءَ جنگ برطانيه ۽ چين جي وچ ۾ ١٨٣٩ع کان ١٨٤٢ع تائين لڳي. تنهن کان پوءِ ١٨٤٢ع ۾ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ نانڪنگ معاهده (Nanking) ٿيو، جنهن مطابق هانگ ڪانگ جو ٻيٽ هميشه لاءِ برطانيه جي حوالي ٿيو هو ۽ باقي چين جي پنجن شهرن تي برطانيه کي آزاد تجارت ڪرڻ جي اختياري ملي. هيءَ جنگ چين جي منچو بادشاهن جي وقت لڙي وئي هئي، سنه (١٨٥٦-٦٠) تائين برطانيه ۽ فرانس گڏجي چين سان لڙائي شروع ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ چين جي مشهور اونهاري واري محل (Summer Palace) کي تباهه ڪيو ويو، جنهن جي ماليت ڪروڙها روپيه ٻڌائي تي وڃي. فرينچن چين کان انام (Annam) جو علائقو هٿ ڪيو ۽ انگريزن برما جو علاقو. اهي ٻئي اڳ چيني علائقا هوندا هئا. ١٨٩٤-٩٥ ۾ جاپان چين سان لڙائي ڪئي، جنهن ڪري چين جو علائقو فارموسا ۽ ڪوريا، جپان جي قبضي ۾ اچي ويو. مذڪوره لڙاين ۾ چين کي ٻاهرين طاقتن ذليل شڪست ڏني هئي. ان ڪري چيني عوام جي دلين ۾ منچو حڪمرانن خلاف سخت نفرت ويهجي وئي ۽ اڳتي هلي ١٩١١ع ۾ ڊاڪٽر سن يات سين سندن حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو هو.

باڪسر بغاوت (Boxer Rebellion)

مغربي قومن ۽ جپان جي وڌندڙ مفادات خلاف چين ۾ هي بغاوت (١٨٩٩ع کان ١٩٠٠ع) تائين هلي جنهن جي رنگ ليڊرڀائي چيني راڻي تزو هسي هئي. مغربي طاقتن امريڪا، برطانيه، فرانس، جرمني، اٽلي ۽ جپان گڏجي متين‌ءَ بغاوت کي ڪچلايو ۽ چين کي پيڪنگ ۾ ٻيروني فوجن رکڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو هو. ان کان علاوه ڪيترائي چيني بندر واپار لاءِ ٻيروني ملڪن جي سهوليت لاءِ کوليا ويا هئا. باڪسر بغاوت جي ناڪاميءَ اندروني طرح منچو حڪمرانن کي ڪاپاري ڏڪ

رسايو، ان ڪري ۾ ١٩١١ع ۾ ڊاڪٽر سن يات سين سولائيءَ سان
منن جو تختو اونڌو ڪيو هو.

ٽيپنگ بغاوت (Taping Rebellion)

منچو حڪمرانن جي خلاف چين جي اندر هيءَ بغاوت مسلسل پندرهن سال يعني ١٨٥٠ع کان ١٨٦٥ع تائين جاري رهي. ان جو سرواڻ هڪ چيني دانشور هنگ هشوليان نالي شخص هو، جيڪو منچو بادشاهن کي ختم ڪري هڪ نئين گهراڻي ٽيپنگ (بمعنيٰ عظيم صلح) جو بنياد وجهڻ پيو چاهي. هن ١٨٥٣ع ۾ نانڪنگ کي فتح ڪري ان کي پنهن جو دارالحڪومت قرار ڏنو ٽيپنگ بغاوت وسيع پيماني تي پوري چين ۾ ڦهلجي وئي. منچو بادشاهن کي مغربي طاقتن بغاوت کي ڪچلائڻ لاءِ مدد ڪئي هئي. چنانچه چارلس گارڊن (Gordon) جي رهبريءَ ۾ فوج مٿينءَ بغاوت کي ڪچلائڻ ۾ ڪامياب وئي هئي. مؤرخين جو چوڻ آهي ته ٽيپنگ بغاوت ۾ چين ۾ ڪافي ماڻهو مارجي ويا هئا پروفيسر برٽرانڊ رسل پنهنجي ڪتاب ۾ هڪ ٻئي مصنف پوٽنام ويل جي حوالي سان لکي ٿو ته هن بغاوت ۾ چين جي آبادي ڏيڍ ڪروڙ گهٽجي وئي ۽ ايترو جاني نقصان پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ ٿيو هو.

"The Taiping rebellion which lasted for fifteen years (1849-64) is thought by Putuam weale to have diminished the population by 150 millions and was almost as terrible as the Great war." (P- 65)

پروفيسر رسل پنهنجي ڪتاب ۾ هيٺ حاشيه تي لکي ٿو ته "ٽيپنگ بغاوت ۾ ڪيتري انداز ۾ ماڻهو مئا، ان جو صحيح تعداد معلوم نه آهي، پر مون کي ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته ڏيڍ ڪروڙ بدران ٻه ڪروڙ ماڻهو مارجي ويا هئا." (صفحه ٦٥)

اهي ئي مکيه سبب هئا منچو حڪمرانن جي زوال جا ۽ ڊاڪٽر سن يات سين جي ڪامياب انقلاب جا. ناظرين توهان هالي پاڻ انصاف

ڪيو ته محترم پير صاحب چيني انقلاب بابت ڪيڏي نه غلط ڳالهه لکي آهي. مجبورا مون کي ڊاڪٽر سن يات سين واري آنڌل انقلاب جي مختصر روهداد بيان ڪرڻي پيئي. پير صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ مائوزيتنگ واري ڪميونسٽ انقلاب جو به غلط نقشو پيش ڪيو آهي. هن انقلاب جو ڪارڻ چين ۾ يورپين باشندن جو پارڪ ۽ چينين ڪان هنن جي نفرت جو سبب هرگز نه هو، جيئن ”هو اهي ڏينهن اهي شينهن“ ۾ ڄاڻايو ويو آهي. چين ۾ آڪٽوبر ١٩٤٩ واري ڪميونسٽ انقلاب وارو هيرو مائوزيتنگ هو. پر جيڪڏهن ١٩١١ ۾ ڊاڪٽر سن يات سين جو انقلاب ڪامياب نه وڃي ها ته شايد ڪميونسٽ انقلاب جو دروازو به بند ٿي وڃي ها. مغربي قومن حماقت سبب واشنگٽن ڪانفرنس (١٩٦١) ۾ ڊاڪٽر سن يات سين جي چين بابت ترقي جون بين الاقوامي تجويزون رد ڪري ڇڏيون هيون. انهن مان مايوس ٿي ڊاڪٽر صاحب، روس ڏانهن رخ رکيو. ان وقت لينن جهڙو هڪ مدبر سياستدان روس جو حاڪم هو، جنهن ائڊالف جوفي (Joffe) نالي هڪ شخص کي چين روانو ڪيو هو. تاريخ ٢٦ جنوري ١٩٢٣ تي سن، جوفي معاهده عمل ۾ آيو. هي معاهده گويا ٽن ترين ڊاڪٽر سن يات سين جي ڪومنتانگ پارٽي، چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ ۽ روس جي وچ ۾ ٿيو هو. ڪميونسٽ پارٽي جا ورڪر ڪومنتانگ پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ويا ۽ ڊاڪٽرصاحب به انهن سان دلي تعاون ڪيو. بعد ۾ روسي سفير بورودان (Borodin) به ڊاڪٽر صاحب جو گويا ذاتي مشير بڻيو. چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جو بنياد ١٩٢١ع ۾ پيو هو، مائو ان جو سيڪريٽري بڻيو ۽ چوتيهه ان جو سيڪريٽري جنرل. ڪميونسٽ پارٽي ۽ ڪومنتانگ پارٽيءَ جو هي اشتراڪ ١٩٢٥ع تائين هليو، جڏهن هن ئي سال ڊاڪٽر سن يات سين جو انتقال ٿيو. ان جي جاءِ نشين چيانگ ڪائي شيڪ ۽ ڪميونسٽن جي وچ ۾ ١٩٢٧ع ۾ خانه جنگي ٿي، جنهن ۾ هزارين ڪميونسٽ مارجي ويا ۽ ڪين ڪومنتانگ پارٽيءَ مان خارج ڪيو. مائو زير زمين هليو ويو ڪميونسٽ پارٽيءَ جي تنظيم مضبوط ٿيندي وئي. ائين ڪومنتانگ پارٽي ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي وچ ۾ باهمي لڙائي ٿيندي

رهي. ڏن جو ٻي عالمي جنگ جي خاتمي بعد ١٩٤٦ع کان وٺي ١٩٤٩ع تائين چيانگ ڪائي شيڪ ۽ مائوزيتنگ جي فوجن وچ ۾ لڙائي ٿيندي رهي. سڄو ملڪ خانہ جنگي جو شڪار ٿيو. ١٩٤٩ ۾ چيانگ ڪائي شيڪ جي فوج ٿڪي پئي. هنن کي مائو جي ڪميونسٽ فوج سان مقابلي ڪرڻ جي همت نہ رهي. چيانگ ڪائي شيڪ فارموسا ڀڄي ويو ۽ اهڙيءَ طرح پوري چين اندر مائوزيتنگ جو ڪميونسٽ انقلاب ڪامياب ٿيو. پهرين آڪٽوبر ١٩٤٩ع تي عوامي جمهوريہ چين پيڪنگ ۾ مائو جي سربراهيءَ ۾ قائم ٿي جنهن کي ڪميونسٽ ملڪن تسليم ڪري ورتو.

چين ۾ مائو کي چيانگ ڪائي شيڪ جي فوجن مٿان فتح حاصل ٿي ۽ هن جو مقابلو براهِ راست يورپين سان ڪو نہ ٿيو جيئن پير راشدي پنهنجي ڪتاب ۾ ڄاڻايو آهي. منهن جي ڪيس گذارش آهي تہ هو تاريخ جهڙي نازڪ موضوع تي خبرداريءَ سان لکي. جيڪڏهن پير سائين جي تاريخدانيءَ جو اهو حال رهيو تہ مان نٿو سمجهان تہ هو پڙهيل طبقي ۾ پنهنجي لاءِ علمي مقام حاصل ڪندو.

لله در ما قال شاعر العرب

"سَتُبْدِيْ لَکَ الْاَيَّامُ مَا کُنْتَ جَاهِلًا
وَيَاْتِيکَ بِالْاَخْبَارِ مَالَمْ تُزَوِّدْ."

پير راشديءَ ڪوٽڙي براج جو نالو

پير صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ اسان کي ٻڌائيٿو تہ هن ئي ڪوٽڙي براج جو نالو غلام محمد براج رکيو هو سو بہ عين موقعي تي براج جي افتتاح ڪرڻ وقت. هن ڪارنامي بابت پير صاحب فخريہ انداز ۾ لکي ٿو تہ "غلام محمد مرحوم وڏيءَ همت ۽ حوصلي جو صاحب هو پر ويچارو بيمار رهندو هو. براج جي پل تائين پهچڻ کان پهريان رستي جي ريسٽ هائوس ۾ ترسي آرام ڪرڻ لڳو. کهڙو صاحب ۽ آءٌ اڳواٽ پنڊال ۾ پهچي چڪا هئاسين. ات ويٺي اوچتو ئي اوچتو مون کي خيال اچي ويو تہ ڇو نہ هن موقعي جو فائدو وٺي بيراج تي غلام محمد جو نالو رکي گورنر جنرل جهڙي ماڻهوءَ کي هميشہ لاءِ

احساسمند بنائي ڇڏجي. براج تي هوندن ته ڪلهن نه ڪلهن ڏينهن ڏيهي ءَ جو نالو ڪڍي ڇڏيو هو. اڄ نه ته صبح، پوءِ چونه هينئر ئي ”نامردگي“ ڪري صوبي جي سياسي استحڪام کي مضبوط ڪري ولجي. مون کهڙي صاحب کي اهڙو مشورو ڏنو جنهن قبول فرمايو. پوءِ مون اتي جو اتي هڪ نئون فقرو لکي تيار ڪيو، جنهن ۾ گورنر جنرل کي استدعا ڪئي وئي ته هو براج کي پنهنجي نالي سان منسوب ٿيڻ جي اجازت فرمائي.“ (صفحه ٣٩) اڳتي غلام محمد صاحب بابت راشدي صاحب لکي ٿو ته ”اسان جو عرض اگهائي منظوري ڏنائين ته نئين براج تي پل غلام محمد براج جو نالو رکيو وڃي.“ (صفحه ٤٠)

پير صاحب کان پڇڻ جي گستاخي ڪيان ٿو ته هن کي ڪوٽڙي براج جي نالي جي تبديلي جو خيال ڇو آيو؟ ڇا ڪڏهن براج کي ڪنهن حاڪم جي نالي سان منسوب نه پيو ڪري سگهجي؟ جو اهان ان کي ڪڏهو براج جي نالي سان سڏجي ٿو. ڪوٽڙي براج جو نالو غلام محمد براج جي عيوض شاه عبداللطيف براج به رکي سگهجي پيو. اسان جي ملڪ ۾ مرحوم غلام محمد هڪ بدنام سياستدان ٿي گذريو آهي. هو پاڻ محڪمه ماليات ۾ ملازم هو. گورنر جنرل ٿيڻ شرط هن خواجه ناظم الدين وزارت کي اسيمبلي ۾ اڪثريت جي باوجود ٽوڙي بنگالين کي ناراض ڪيو. آڪٽوبر ١٩٥٤ع ۾ غلام محمد غير معمولي قدم کڻي خود آئين ساز اسيمبلي کي ٽوڙي ڇڏيو. مرحوم ايوب خان کي وزير دفاع مقرر ڪيائين ۽ ساڳي وقت هو ڪمانڊر ان چيف به رهيو. سنڌ چيف ڪورٽ اسيمبلي جي اسپيڪر مرحوم تميزالدين خان جي درخواست تي فيبروري ١٩٥٥ع ۾ غلام محمد جي آئين ساز اسيمبلي جي ٽوڙڻ واري قدم کي غيرقانوني ٺهرايو. بينچ جسٽس محمد بچل، جسٽس محمد بخش ميمڻ ۽ جسٽس ڪانسٽن ٽائين تي مشتمل هئي. سنڌ چيف ڪورٽ جي فيصلي خلاف غلام محمد فيڊرل ڪورٽ آف پاڪستان ۾ اپيل داخل ڪئي هئي. هن امريڪا جي هڪ مشهور وڪيل مسٽر ڊبلاڪ کي گهرائي انگيج ڪيو. اسپيڪر مولوي تميزالدين خان مرحوم پاران مشهور برطانوي ماهر دستوريات مسٽر ڊي اين

پرت فيڊرل ڪورٽ ۾ وڪالت ڪئي. آخر اپريل ١٩٥٥ع ۾ فيڊرل ڪورٽ چيف جسٽس محمد منير جي سربراهيءَ ۾ غلام محمد جي حق ۾ فيصلو ڏيئي ڇڏيو. بعد ۾ خود جسٽس محمد منير اعتراف ڪيو ته ”بنيادي طرح سنڌ چيف ڪورٽ جو فيصلو صحيح ۽ مناسب هو، پر جيڪڏهن مان به چيف ڪورٽ جي فيصلي کي بحال رکان ها ته مارشل لا چار سال (١٩٥٨ع کان) اڳ نافذ ٿي وڃي ها.“ (ملاحظه ٿئي ١٩٧٣ع جي آئين جي ڪامينٽري باب اول از جسٽس محمد منير.)

اهڙيءَ طرح آئيني بحران پيدا ڪري غلام محمد پاڪستان ۾ آمريت جو بنياد وجهي بيوراڪريسي (نوڪر شاهي) جي نظام کي مضبوط ڪيو ۽ پاڪستان ۾ جمهوريت جو خاتمو آندو. غلام محمد ئي ون يونٽ جو خالق هو. اهڙي شخص تي براج جو نالو رکي راشدي صاحب نه فقط سنڌين جي توهين ڪئي آهي، پر پوري پاڪستاني قوم جي به. ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ غلام محمد براج مان نالو ڦيرائي وري اصلوڪو ڪوٽڙي براج رکيو ويو. پير صاحب ڪيس ڪرڻ جو شوقين هوندو آهي. براج جي ساڳئي نالي بحالي لاءِ هو سول سوٽ به داخل ڪري سگهي ٿو. غلام محمد پنجاب جو رهاڪو هو، پر ان هوندي به پير صاحب مٿي هن کي پرڏيهي لکي ويو آهي. ڇا هو هندستان يا ايران جو باشندو هو؟ پنجاب به پاڪستان ۾ سنڌ به پاڪستان ۾. غلام محمد گورنر جنرل پرڏيهي ڪونه هو پر ٻئي صوبي پنجاب جو رهاڪو هو. ڇا راشدي صاحب سنڌ ۽ پنجاب کي ٻه جدا جدا ملڪ ته تصور ڪري؟.

پير راشدي ۽ سنڌس نوڪر محمد اسماعيل زونر

پير صاحب پنهنجي هڪ نوڪر ملان شعبان کي ته نهايت ئي ذليل ڪيو، جنهن بابت مون مٿي تبصره ڪيو، پر ساڳئي ڪتاب ۾ پنهنجي هڪ ٻئي خادم محمد اسماعيل زونر کي قلم جي زور تي آسمان تي پهچايائين. سنڌس بهادريءَ جي ايتري واڪاڻ لکي ويو ڄڻڪ هو رستم زمان ۽ بلوچستان جي ليڊر شيرو مريءَ وانگر جوڌو ۽ دلير هو.

۱۹۴۶ع جي اليڪشن ۾ آنجهاني جواهر لعل نهرو ڪانگريسي اميدوارن
کي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ سنڌ جي دوري تي آيو هو، جنهن جو
بندوبست پير علي محمد راشديءَ ڪيو هو. سندس ۽ ملازم محمداسماعيل
زونر ۽ پنجو ديره جو محمدعمر لاڙڪ موٽر جو ڊرائيور هو. جواهرلال
لاڙڪاڻي ۾ تقرير ڪري رهيو هو ته شاگردن مسٽر عنايت الله
لانگاهه، مسٽر غلام قادر لاڪير ۽ ٻين وٽي گوڙ ڪيو. ان وقت لاڙڪاڻي
جو ڪليڪٽر هڪ يورپين انگلش نالي هوندو هو. نهرو لاڙڪاڻي مان
ٽيندو رتيديري، شڪارپور ۽ جيڪب آباد تائين هليو ويو. هن پوريءَ
مسافريءَ دوران محمد عمر لاڙڪ ڊرائيور به نهرو سان ساڻ هو جنهن
جي والد حاجي بيگ جو ذڪر راشدي صاحب پنهن جي ڪتاب جي
پهرين جلد ۾ ڪيو آهي. ڇٺن سالن گذرڻ بعد راشدي صاحب دهليءَ
۾ جواهر لال نهروءَ سان ملاقات ڪئي هئي. ان ملاقات ۾ راشدي
صاحب جي بقول نهرو صاحب محمداسماعيل زونر کي ياد ڪيو. لکي
ٿو ته "۵.۱۹۴۹/۵ع ۾ جڏهن پاڻ هندستان جو وزير اعظم هو تڏهن
آءٌ اخبار نويسن جو وفد وٺي دهلي ويس. پاڻ اسان جي اعزاز ۾ ڊنر
ڏنائين. آءٌ سندس پر ۾ ويٺل هوس. مون سان محمداسماعيل جون
ڳالهيون ڪندو رهيو ۽ چوندو رهيو، "بڙا بهت بهادر هے جسم
مين ڪمزور مگر دل کا مضبوط هے" موڪلائيندي به محمد اسماعيل لاءِ
سلام ڏنائين." (صفحہ ۴۶)

مان اها ڳالهه تسليم ٿي نٿو ڪريان ته ڪو جواهر لال زونر
کي ياد ڪندي هن جي بهادريءَ لاءِ ڊنر ۾ ريمارڪ ڏنا. راشدي
صاحب اسان کي ذهن نشين ڪرائڻ ٿو گهري ته سندس نوڪر به ايڏا
وفادار ۽ بهادر رهيا. مان پنهن جي دعويٰ جي سچائيءَ ۾ به ٽي ثبوت
ڏيندس. اول ته هندستان جهڙي وڏي ملڪ جي وزير اعظم کي ڇٺن
سالن گذرڻ بعد ڪيئن محمداسماعيل زونر ٿي ياد آيو؟ هن جي بهادريءَ
لاءِ راشدي صاحب ڪو خاص واقعو به نقل نه ڪيو آهي جو نهروءَ
کي ان جي يادگيري پوي. نهروءَ جهڙي وڏي ماڻهوءَ جي نوڪريءَ
لاءِ زونر پارا هزارين ماڻهو هئا. هو ڪيترن جي يادگيري رکندو

هوندو. ڇو سبب ته نهرو صاحب زونر جي بهادريءَ لاءِ راشدي صاحب جي بقول اردو ۾ رمارڪ ڏنو. نهرو جيتوڻيڪ سٺي اردو ڄاڻندو هو، پر انگريزيدانن سان ذاتي گفتگو ڪرڻ وقت هو هميشه انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندو هو. ٿي نٿو سگهي ته هن راشدي صاحب سان اردوءَ ۾ ڳالهايو هجي. ٻيون دليل هن ريت آهي ته مٿي ذڪر ڪيل شخص محمد عمر لاڙڪ جو سنڌ جي دوري وقت، نهروءَ جي موٽر ڊرائيور هو، تنهن کي پڻ راشدي صاحب، اخبار نويسن سان گڏ دهلي وٺي ويو. هو پاڻ ڊنر ۾ به موجود هو. پوءِ مون کي ٻڌايو وڃي ته ڊنر ۾ ويٺل شخص محمد عمر لاڙڪ بابت جواهر لال نهروءَ ڇو نه پڇيو؟ جڏهن هو زونر لاءِ پڇي سگهي پيو ته لاڙڪ بابت ڇو گفتگو نه ڪيائين.؟ صاف ظاهر آهي ته نهرو صاحب نه زونر جي ڳالهه ڪئي ۽ نڪي هن جي بهادريءَ لاءِ اردو زبان ۾ رمارڪ ڏنائين. محمد عمر لاڙڪ اڃان تائين حيات آهي. نهايت ئي ذهين تجربيڪار ۽ راشدي صاحب جو وفادار ماڻهو اڄ سوڍو آهي. راشدي صاحب جي ٿوري گلا به برداشت نه ڪندو آهي. تازو هن سان منهن جي ملاقات لاڙڪاڻي جي سيٽر حضوربخش حلوائيءَ جي دڪان تي ٿي هئي. ان کان اڳ مون کي پنجوديره جي ڪن دوستن ٻڌايو هو ته محمدعمر لاڙڪ کي راشدي صاحب پاڻ اخبارنويسن سان گڏ ١٩٤٩-٥٠ع ۾ دهلي وٺي ويو هو. راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ زونر بابت نهروءَ جي حوالي سان جو ڪجهه لکيو، ان جي مون کي تصديق ڪرڻي هئي. مون سوچيو ته جيڪڏهن راشدي صاحب جي ڪتاب جو حوالو محمدعمر کي ڏيندم ته هو لنوائي ويندو. ڇو جو هن جي راشدي صاحب سان بي حد عقيدت مندي آهي. سو مون وچ وٺي عقلمنديءَ سان لاڙڪ کان پڇيو ته "يار ڪر خبر تون ۽ محمد اسماعيل زونر ١٩٤٦ع ۾ جواهر لال سان گڏ هئا. توهان ٻنهي هن جي خدمت ڪئي هئي. تون ١٩٥٠ ۾ راشدي صاحب سان گڏ دهليءَ ويو هئين. توکي يا زونر کي اتي نهرو صاحب ياد به ڪيو هو يا نه؟" ان تي ڪلي، مون کي جواب ڏنائين ته روبار بکتي صاحب تون پاڻ پڙهيل ۽ دانا ماڻهو آهين. ڇهن سالن گذرڻ

بعد نهرو جهڙي وڏي ماڻهوءَ کي اسين ڪيئن ياد هونداسون. مان پاڻ دهليءَ ويو هوس پر منهن جي يا زونر جي هن پڇا به نه ڪئي. جيڪڏهن پڇا ڪري ها ته مان ته اتي موجود هئس ان سان ضرور گفتگو ڪيان ها.“ مون محمد عمر کان زونر بابت سوال ڪيو ته ”هو وڏو بهادر ۽ ڪونڌر شخص هو.“ ماڻهو ڏاڍو سمجهو ۽ عقلمند آهي. مون کان هڪدم پڇيائين ته اوهان کي اها ڳالهه ڪنهن ٻڌائي؟ مون وري به سوچيو ته جيڪڏهن راشدي صاحب جي ڪتاب جو حوالو ڏيندم ته محمد عمر فورا ان تي امنا صدقنا چوندو. مون تنهن تي چيو ته مون کي ڪن دوستن اها ڳالهه ٻڌائي. تنهن تي محمد عمر وراڻيو ته ”هشيپريو هو پر ڪونڌر شخص به ڪو نه هو. جنهن جي بهادريءَ جي ايتري واڪاڻ ڪجي.“ هي آهي عيني شاهد جو بيان. جنهن مان راشدي صاحب جي لکت جي ترديد ٿئي ٿي.

راشدي صاحب ۽ پيرالاهي بخش مرحوم

راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌ جي سابق وزير اعليٰ ۽ شريف سياستدان مرحوم پير الاهي بخش جي حيثيت گهٽائڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي. هن جي ڪجهه تعريف ڪري پوءِ هن جي مذمت ۾ قلم جي ڌهوڙي کي ڊوڙائڻ لڳو. ائين ٿو معلوم ٿئي ته مرحوم پير صاحب تي هن جي ڪا وڏي ڪاوڙ آهي ۽ وفات ڪرڻ کان پوءِ به هن کي ڪو نه بخشيائين. مثال طور هن لکيو آهي ته پير صاحب هر وزارت ۾ شامل رهندو هو. ٻين لفظن ۾ هو اقتدار جو حريص هو ۽ ان جي حصول لاءِ هو اصولن کي به قربان ڪندو هو. پير صاحب مرحوم جي شخصيت بابت پنجاب جي هڪ ٽوڊي وزير اعليٰ ۽ انگريزن جي ملقب سر سڪندر حيات جي راءِ نقل ڪندي لکي ٿو ته ”شايد ١٩٤٠ع جو زمانو هو، انهن ڏينهن ۾ پير صاحب تازو پارٽي بدلائي وزارت حاصل ڪئي هئي. ڪنهن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ شملي ويل هو، موٽندي لاهور ۾ لهي پنجاب جي وزير اعليٰ سر سڪندر حيات مرحوم سان به

ملاقات ڪيائين. ساڳيءَ شام جو آءٌ بہ سڪندر حيات سان ملڻ لاءِ سندس گهر ويس. مون کي پريان ايندو ڏسي زور سان ڪاوڙ لڳو. ان طرح ڪاوڙ سندس معمولات مان نہ هو. آءٌ حيران ٿيس تہ سر صاحب اڄ ڇو اهڙي غير معمولي موڊ ۾ آهي. ويهندي شرط مون ڪان توڪ جي نموني پڇيائين "راشدي صاحب اوهان جي سنڌ ۾ پير صاحب جهڙيون پيون بہ ڪي سياسي جنسون آهن يا ان جنس جي فقط هي ئي هڪ نشاني آهي؟." هڪو بڪو ٿي مون پڇيس "سو وري ڪيئن" پاڻ ڇيائين "هن نيڪ مرد اڄا ڪالهہ پارٽي بدلائي آهي ۽ اڄ وزير بڻجي مون وٽ آيو آهي." غصي کي روڪي مون عرض ڪيس "جناب اعليٰ پل اهي ڇٽرون اسان غريبن تي ڪندا رهو خدا ڪري اوهان کي عمر خضري عطا ٿئي، پر اوهان ڪان پوءِ اوهان جي علاقي تي بہ دنيا ٿوڪون ڪندي رهندي. فيالحال تہ ـ ع ـ "هر ايک مکان کو هي مکين سي شرف اسد وغيره." (صفحہ ٨٥)

پير الاهي بخش مرحوم بابت راشدي صاحب، سر سڪندر حيات جو رمارڪ مٿي نقل ڪيو. غور سان پڙهي ڏسبو تہ سرسڪندر حيات ڏانهن منسوب ڪيل روايت غلط ۽ ڪوڙي آهي. هو پاڻ انگريزن جو خيرخواهہ ۽ مولانا ظفرعلي خان مرحوم جي اصطلاح ۾ ٽوڊي قسم جو سياستدان هو. هو پير صاحب مرحوم بابت توهين آميز رمارڪ ڪهڙي منهن سان ڏيڻ تي سگهيو. سر سڪندر حيات اهو شخص آهي جنهن ١٧ مارچ ١٩٤٠ع تي لاهور ۾ خاڪسارن جي جلوس تي پنهنجي انگريز آقائن کي خوش ڪرائڻ لاءِ گولي هلائي هئي. ان ۾ ڪيترائي خاڪسار شهيد ٿيا هئا جنهن ۾ خاڪسارن جي باني علامہ مشرقي مرحوم جو هڪ شهزادو فرزند احسان الله بہ شهيد ٿي ويو. ان طرح سر سڪندر حيات ساڳي پنجاب ۾ ايڪويهہ سال اڳ "جليانہ والاباغ" جي ڪوس (Slaughter) جو واقعو دهرايو هو. جليانہ والا باغ جو ڪوس امرتسر ۾ هڪ انگريز جنرل ڊائر ڪرايو هو ۽ خاڪسار مسلمانن جو ڪوس پنهنجي ئي هڪ نالي جي مسلمان سر سڪندر حيات ڪرايو هو. اهڙي شخص کي اسان جي سنڌي سياستدان مرحوم

پير الاهي بخش جي خلاف رمارڪ ڏيڻ جو ڪهڙو حق ٿو پهچي؟.
ڇا پير صاحب به هن وانگر پنهنجي مسلمان ڀائرن جو ڪو ڪوس
ڪرايو هو؟ جيئن مون مٿي عرض ڪيو، سر سڪندرحيات خان مرحوم
انگريزن جو دادلو ۽ پاڪستان جي تخليق جو به سخت مخالف هو.
هندستان جي هڪ سابق انگريز وائسراءِ آنجهاني لارڊ ويول (Wavell)
جي ڊائري ڪتابي شڪل (Wavell, the Viceroy's Journal) ۾ شايع
ٿي آهي. ان ۾ ويول لکيو آهي ته :-

"سر خضرحيات وزيراعليٰ پنجاب، پنهنجي پيش رو سر سڪندر حيات وانگر دلي طرح پاڪستان جو مخالف هو." (صفحه ٦٣ ، آڪسفرڊ پريس ڪراچي) اڳتي ويول لکي ٿو ته "مان خضر کي ڏاڍو پسند ڪندو آهيان پر هو پنهنجي پيشرو سر سڪندر حيات وانگر مضبوط ڪئريڪٽر جو مالڪ نه آهي."

"I Like khizar very much but he is not a strong character qny more than his predecessor Sikandar Hayat khan was.,, (p-81)

ويول پنهنجي ڊائريءَ ۾ سيني هندستاني سياستدانن جا چوڏا لاٿا آهن، پر هو پنهنجي وفادار ۽ نمڪ حلال وزيراعليٰ سر سڪندرحيات کي مضبوط ڪئريڪٽر جو مالڪ ڪوني ٿو. پير الاهي بخش مرحوم جي شخصيت بابت انگريزن جي اهڙي ايجنٽ جو رمارڪ نقل ڪري راشدي صاحب حقيقت ۾ پير الاهي بخش جي عزت ۾ اضافو ڪيو آهي. ڇو جو مشهور عرب شاعر متنبي جو هڪ شعر آهي ته "جڏهن ڪو ناقص ماڻهو تو وٽ منهن جي مذمت ڪري ته اهائي شهادت هوندي ته مان في الحقيقت ڪامل آهيان."

"وَاِذَا اَتَتۡکَ مَذَمَّتِيۡ مِنۡ نَاقِصٍ
وَهِيَ الشَّهَادَةُ لِيۡ بِاَنِّيۡ کَامِلٌ ."

پير راشدي پير الاهي بخش ۽ مسٽر جي ايم سيد جي پٺيءَ ۾

جيئن سڀ ڪنهن کي خبر آهي ، ڊسمبر ٤٦ جي اليڪشن ۾

دادو ضلع ۾ان سنڌ اسيمبليءَ جي هڪ سيٽ لاءِ مسلم ليگي اميدوار مرحوم قاضي محمداڪبر ۽ آزاد اميدوار مسٽر جي-ايم سيد صاحب جي وچ ۾ مقابلو ٿيو هو، جنهن ۾ قاضي اڪبر اليڪشن کٽي هئي ۽ مسٽر جي-ايم سيد کي شڪست آئي. بعد ۾ سيد صاحب قاضي صاحب جي خلاف هڪ اليڪشن درخواست داخل ڪئي، جنهن جي سماعت هڪ اليڪشن ٽربيونل آڏو ٿي. مرحوم پير الاهي بخش به ڪورٽ ۾ شاهدي ڏيڻ آيو هو. راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته ان وقت درخواست گذار مسٽر جي-ايم سيد نظربند هو. ان ڪري هن سيد صاحب جي پاران ڪيس جي پيروي ڪئي هئي، هو لکي ٿو ته "مون پير صاحب کان تمام نوڙت ۽ نيازمنديءَ سان پڇيو "قاضي صاحب جي ٽڪ ۾ اوهان جيڪو ووٽ وجي ڏنو، سو پنهنجي ٽڪ ۾ ووٽ ڏيڻ کان پهريان يا بعد ۾؟." پير صاحب جو جواب: "پهريان پنهنجي ٽڪ ۾ ووٽ ڏيئي آيس، ان کان پوءِ وڃي قاضي صاحب جي جي ٽڪ ۾ ووٽ ڏنم." سندس جواب کان پوءِ آءٌ هڪدم ويهي رهيس. ڪورٽ پڇيو پيو ڪو سوال؟ آءٌ:- "هڪ ئي سوال ۾ مون پير صاحب ۽ قاضي صاحب کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي ڪوبه ڪين بچائي نه سگهندو. بروقت منهنجي سوال ۽ پير صاحب جي جواب جي اهميت ۽ سنگيني ڪنهن کي سمجهه ۾ ڪانه ويئي. گهر وڃي قاعدي جا ڪتاب کوليائين ته معلوم ٿيس ته هڪ ئي اليڪشن جي دوران ٻن ٽڪن ۾ ووٽ ڏيڻ سخت ۾ سخت قانوني جرم آهي، جنهن جي وگهي نه فقط اليڪشن منسوخ ٿي وڃي آهي پر ملزمن تي فوجداري ڪيس هلائي ڪين جيل جي سزا به ڏيئي سگهجي ٿي. آخر ۾ ٿيو به ائين. ڪورٽ فتويٰ ڏني ته قاضي صاحب جي ميمبري ۽ پير صاحب جي ميمبري ۽ تنهن ڪري سندس چيف منسٽري ڇهن سالن لاءِ ختم. ساڳئي وقت جي-ايم سيد مٿن فوجداري مقدمو به هلائي سگهي ٿو. ڪيس جو خرچ قاضي صاحب تي." (صفحه ٦٢)

مون جناب جي-ايم سيد صاحب جي اليڪشن درخواست تي ڪورٽ جي ڏنل فتويٰ ڪانه پڙهي. گولا جي باوجود به مون کي

فيصلي جو نقل ڪونہ مليو آهي. مزيد ڳالهہ تہ ڪنهن بہ پي-ايل-ڊي يا گزيٽ نوٽيفڪيشن ۾ اهو ڪيس رپورٽ ٿيل نہ آهي. ان ڪري چٽي نٿو سگهجي تہ پير صاحب جي دعوي ۾ ڪيتري حقيقت ۽ سچائي آهي. تحقيق پير الاهي بخش مرحوم سا ڳيءَ اليڪشن ۾ پنهنجو ووٽ ٻہ دفعا استعمال ڪيو هو، جنهن جي ڪري يقينا اليڪشن منسوخ ٿيڻي هئي. بهرحال سائين جي-ايم سيد هن معاملي ۾ روشني وجهي سگهي ٿو. هو مهرباني فرمائي وضاحت ڪن تہ ٻہ دفعا هڪ ئي اليڪشن ۾ ووٽ ڏيڻ وارو جواب مرحوم پيرصاحب، راشدي صاحب جي سوال تي ڏنو هو يا ٻئي ڪنهن وڪيل ڪانئس اهو سوال پڇيو هو. آيا اليڪشن ٽربيونل جي قواعد مطابق راشدي صاحب وڪيل نہ هجڻ جي باوجود ڪورٽ ۾ دليل بازي ڏيڻ لاءِ مجاز هو يا نہ؟ البتہ راشدي صاحب پير الاهي بخش بابت اڻ پوري ڪهاڻي لکي آهي. اسين ڏسون ٿا تہ اليڪشن ٽربيونل جي فيصلہ خلاف: پير صاحب مرحوم سنڌ چيف ڪورٽ ۾ سول سوٽ نمبر ٢٤٧ آف ١٩٤٩ داخل ڪيو هو. منعہ نام جي درخواست جو فيصلو تاريخ ١-٩-٥٠ تي ٿيو هو. هن ڪيس جي فيصلي لاءِ ملاحظہ ٿئي پي-ايل-ڊي، ١٩٥١، سنڌ صفحہ ٤٨. پير الاهي بخش مرحوم پاران پاڪستان جي سابق وزيراعظم مرحوم سهرورديءَ وڪالت ڪئي ۽ سرڪار پاران مسٽر فتح چند. فيصلو جسٽس آغا تحرير ڪيو هو. هن لکيو آهي تہ ”ڊسمبر ٤٦ جي عام انتخابات ۾ پير الاهي بخش دادو جي سينٽرل سيٽ تي ڪامياب ٿيو ۽ قاضي محمد اڪبر ڏکڻين سيٽ مان، سنڌ اسيمبليءَ جي ممبريءَ ۾ ڪامياب ٿيو هو. مخالف اميدوار مسٽر جي-ايم سيد تنهن تي پنهنجي اليڪشن درخواست قائيل ڪئي. تاريخ ٢٨ جون ١٩٤٧ع تي هزايڪسيلنسي گورنر سنڌ اليڪشن درخواست جي سماعت لاءِ ٽن ڄڻن جي هڪ ٽربيونل تشڪيل ڏني ان جو صدر مسٽر جسٽس لوبو (Lobo) کي مقرر ڪيو ويو. ۽ ميمبرس دلال (Dalal) ۽ مسٽر محمد بخش ميمڻ بطور ڪمشنر بڻيا. ڪجهہ وقت کان پوءِ مسٽر دلال کي ٽربيونل جو صدرمقرر ڪيو ويو تاريخ ٢-٢-٤٩ تي ٽربيونل پنهنجي رپورٽ گورنر صاحب کي پيش ڪئي

هئي. هن ڪيس ۾ پير الاهي بخش کي ناجائز ذريعن استعمال ڪرڻ تي ڇهن سالن لاءِ نااهل قرار ڏنو ويو هو."

راشدي صاحب لکيو آهي ته ٽربيونل جي فتوي مطابق جي-ايم سيد مٿن فوجداري ڪيس به هلائي سگهي ٿو. پر مٿي جسٽس آغا جي فيصلي مطابق پير الاهي بخش کي ٽربيونل فقط ڇهن سالن لاءِ نااهل قرار ڏنو، ان ۾ جي-ايم سيد طرفان مٿن مقدمي هلائڻ لاءِ ڪوبه اشارو ڪونه ٿو ملي. بهرحال پير الاهي بخش مرحوم جي دعوي ۾ سندس وڪيل مرحوم سهروردي اها حجت اٿاري ته مسٽر دلال اليڪشن ٽربيونل جي صدارت ڪرڻ لاءِ قانوني طور اهل نه هو. ان ڪري پير الاهي بخش جي ڇهن سالن تائين نااهلي بابت ٽربيونل جي رپورٽ غير قانوني ۽ ڪالعدم آهي. ڪورٽ مسٽر دلال جي سروس شيٽ، جاچ پڙتال بعد مسٽر سهروردي جي هن اهم نڪتي کي قبول ڪندي پنهنجي فتوي ڏني ته "ان ڪري ظاهري طرح رپورٽ ڪرڻ جي ڏينهن تائين مسٽر دلال ڪمشنر بڻجڻ جي اهل نه هو."

" Prima facie therefore Mr: Dalal was not qualified to be Commissioner upto the day of making a report."

سنڌ گورنمينٽ پير صاحب جي خالي نشست تي اليڪشن جو اعلان ڪيو هو، ان ڪري مسٽر سهروردي عارضي منع نامي جي درخواست ڏني هئي پر جج قانوني مجبوري ڪري اها درخواست اسپيشل رليف ائڪٽ جي فقري نمبر ٥٦ ڪلاز D جي مطابق رد ڪري ڇڏي. ڇو جو ڪورٽ جي الفاظ ۾ مٿين قانون ماتحت دائمي منع نامو هن ڪيس ۾ نه جاري ڪري ٿو سگهجي. ان ڪري عارضي منع نامي جي درخواست رد ڪجي ٿي جا به جاري ڪري نٿي سگهجي."

" As said above, to me it appears that section 56 clause D of the special Releif Act bars. The issue of a perpetual injuction in this case and therefore no temporary injuction also can be issued. Application Rejected."

اهڙيءَ طرح قاضي محمداڪبر جي درخواست به سنڌ چيف ڪورٽ

رد ڪري ڇڏي. هي ڪيس به 1952 جي بي. ايل. ڊي ۾ رپورٽ ٿيل آهي. سائين جي. ايم سيد صاحب وٽ سڀ ڪاغذ ۽ دستاويز محفوظ هوندا آهن. منهنجي ڪين مؤدبانه گذارش آهي ته پڙهندڙن جي مطالع لاءِ سندس درخواست تي اليڪشن ٽربيونل جي رپورٽ مؤرخه ٢-٢-٤٩ شايع ڪرائي وڃي. نااهل ٿيڻ بعد پير صاحب جي تڪ ۾ ٻيهر اليڪشن ٿي. پير صاحب پنهنجي پٽ شاهنواز کي بيهاريو پر وقت جي ڪليڪٽر حاڪمن جي اشاري تي هن کي نابالغ ٺهرائي ان جو نامينيشن پيپر رد ڪرائي، ۽ خانبهادر کهڙي جي سالي ميان عبداللطيف پنوهر کي بنا مقابلہ ڪامياب قرار ڏنو ويو. هن ئي اليڪشن ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ پنهن جو نامينيشن پيپر پرائڻ تي چاهيو پر ڪيس اغوا ڪيو ويو. ان ڪري نامينيشن پيپر پري نه سگهيو.

پير الاهي بخش جناب جي ايم سيد جي نظر ۾

جناب علي محمد شاه راشدي پنهنجي ڪتاب ۾ پير الاهي بخش بابت جو ڪجھ لکيو ان کي پڙهي مون وانگر ڪيترن ئي کي ڏک رسيو. پير الاهي بخش مرحوم سان مون به هڪ ٻه ملاقاتون ڪيون هيون. مرحوم رئيس ضياءالدين بلبل منهن جي واقفيت هن سان ڪرائي هئي. سچ پڇو ته اڄان تائين هن جي شيرين گفتگو نٿي وسريم. سندس شرافت، بردباري ۽ وضع قطع جي ڪهڙي ڳالھ ڪريان. مون سان نهايت ئي شفقت ۽ قرب سان پيش ايندو هو. مان تصور به نه ٿي ڪري سگهيس ته ههڙي نهٺائي وارو انسان به ڪڏهن سنڌ جو وزير اعليٰ ٿيو هوندو. سندس نوڙت ۽ تواضع جا ڪيترا ئي انسان مداح هوندا هئا. اخبارن ۾ سندس موت جي خبر پڙهي دل پرجي آئي ۽ بي اختيار علامہ اقبال مرحوم جو هڪ شعر ياد آيم ته:

"خبر تو ساقي سهي ليکن پلائيگا کسے
اب نہ وہ ميکش رہے باقي نہ ميخانہ رہے"

پير علي محمد راشدي جي پيٽ ۾ جناب جي. ايم. سيد صاحب

پير صاحب مرحوم جي ڪارنامن جي دل کولي تعريف ڪئي آهي. ماضي ۾ جيتوڻيڪ سنڌ جو سيد ۽ مرحوم الاهي بخش ڀاڻ ۾ سياسي حريف ٿي رهيا هئا، ايمانداري ان جو نالو آهي. محترم جي. ايم. سيد صاحب پنهنجي ڪتاب ”جنب گذاريم جن سين“ ۾ مرحوم پير صاحب جي شاگردي واري زماني جي قربانين جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته پير صاحب ١٩١٩ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪان پوءِ ”وڌيڪ پڙهڻ لاءِ علي گڙهه ڪاليج ۾ ويو، جتي ٿورو وقت پڙهڻ بعد مولانا محمد علي جوهر جي چوڻ تي، جن شاگردن ١٩٢٠ع ۾ قطع تعلقات ڪري ڪاليج ڇڏيو هو، انهن مان هي به هو. اتان نڪري هن علي گڙهه ۾ نئين برپا ڪيل جامع مليه يونيورسٽيءَ ۾ اچي پڙهڻ ويٺو. انهيءَ درسگاهه جو بنياد مولانا محمودالحسن وڌو هو. ۽ حڪيم اجمل خان ان جو چانسلر هو. اها يونيورسٽي پوءِ دهلي، ڪجهي آئي هئي.“ (جلد پهريون صفحه ٢٥٠) الله تعاليٰ پيرصاحب جي قبر کي منور ڪري ۽ کيس جنت ۾ جايون ڏئي. اڄوڪي دور ۾ آهي ڪو جوان جو پير صاحب جهڙي قرباني ڏي. مان اڳ به لکي آيو آهيان ته مولانا محمودالحسن ديوبندي مرحوم خلافت تحريڪ جي زماني ۾ مسلمان شاگردن کي تعليم جي قطع تعلقات لاءِ اپيل ڪئي هئي ۽ اهڙي فتويٰ به جاري ڪيائون. پير صاحب ان تي لبيڪ چئي آئنده نسل جي تقليد لاءِ هڪ روشن مثال قائم ڪيو هو. سنڌ ڌرتي ڪيترا نماڻڪ مٿيادار پيدا ڪيا آهن. بقول لطيف:

”اي ڪَتَ غواصن جئن سمنڊ سوجهيائون
پيهي منجهه پاتال ۾ ماڻڪ ميڙيائون
آڻي ڏنائون هيرا لعل هٿن سين.“

سيد صاحب پير صاحب جي قربانين جو مزيد تذڪره ڪندي لکي ٿو ته ”٩ نومبر ١٩٥٤ع تي پيرزاده وزارت (سنڌ ۾) ڊسمس ٿي ۽ گورنر جنرل غلام محمد، کهڙي صاحب تان پروڊا جون پابنديون هٽائي کيس سنڌ جو وزير اعليٰ ڪيو. هن طاقت ۾ ايندي پير صاحب جي فرزند کي جيل ۾ وڌو. پوءِ ١١ ڊسمبر ١٩٥٤ع تي حيدرآباد ۾

سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس سڏائي سنڌ کي ون يونٽ ۾ شامل ڪرڻ جو ٺهراءُ ميمبرن کان زوريءَ پاس ڪرايو. ان ٺهراءَ جي برخلاف ووٽ ڪندڙن مان پير صاحب هڪ هو.“ (صفحه ٢٥٥)

۹ ڊسمبر ۱۹۵۴ع تي جڏهن ون يونٽ ٺهراءَ جي خلاف پير الاهي بخش صاحب ووٽ ڪيو. ان وقت ڪتاب ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ جو مصنف جناب پير علي محمد شاه راشدي صاحب کهڙي وزارت ۾ روينيو کاتي جو وزير هو. پير الاهي بخش پنهنجي فرزند جي گرفتاريءَ جي باوجود ون يونٽ ٺهراءَ جي خلاف ووٽ ڏنو. جڏهن ته راشدي صاحب ان جي حمايت ۾ ووٽ ڪيو. ڪيترن ئي واقفان حال جو چوڻ آهي ته کهڙي وزارت جو اصل ڪرتا ڌرتا راشدي صاحب هو انهن جي چوڻ مطابق خانبهادر کهڙو هڪ ساده مزاج ۽ نيڪ نيت انسان هو. هن جي وزارت دوران ون يونٽ ٺهراءُ پاس ڪرائڻ لاءِ مخالفن سان جيڪا زيادتي ٿي، ان ۾ پس پرده راشدي صاحب جو هٿ هو. ون يونٽ ٺهڻ بعد پير الاهي بخش اولهه پاڪستان اسيمبليءَ جو رڪن منتخب ٿيو ۽ اتي به ون يونٽ ٽوڙڻ واري ٺهراءَ جي حق ۾ ووٽ ڏنائين. ان بابت جناب جي-ايم- سيد صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته ”١٧ سيپٽمبر ۱۹۵۷ع تي مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ ٽوڙڻ جو ٺهراءُ رئيس غلام مصطفيٰ ڀرڳڙيءَ پيش ڪيو هو. ان جي پاس ڪرائڻ ۾ پير صاحب گهڻي ڪوشش ورتي“ (صفحو ٢٥٥) نيٺ هي ٺهراءُ وڏيءَ اڪثريت سان پاس ٿيو. سڄي هائوس ۾ فقط چئن ميمبرن ان جي مخالفت ڪئي هئي. ان ٺهراءَ پاس ڪرڻ کان پوءِ سابق صدر مرحوم يحيٰ خان تيرهن سالن گذرڻ بعد ون يونٽ ٽوڙي سابق صوبا بحال ڪيا هئا. يحيٰ خان پنهن جي تقرير ۾ مغربي پاڪستان [illegible] ۾ ون يونٽ خلاف پاس ڪيل ٺهراءَ جو حوالو به ڏنو سر مصعب ته پير الاهي بخش جي سياسي ٽوڙي تعليمي خدمتن کي [illegible] نٿو سگهجي. راشدي صاحب سر سڪندر حيات جي حوالي سان پيرصاحب مرحوم جي ڪارنامن تي ڪيتري وقت تائين پاڻي ڦيري ڇڏيندو. جناب جي- ايم- سيد صاحب وڏيڪ لکي ٿو ته ”سنڌ جي جملي وزيرن کان

هن جي وزارت جي عرصي جا تعميري ڪم گهڻا آهن. سنڌ ۾ سنڌس ايلم وزارت جا مکيہ يادگار هيٺيان آهن. سنڌ مسلم ڪاليج برپا ڪرڻ، سنڌ ۾ زوري مفت تعليم ۽ بالغن جي تعليم کي رائج ڪرڻ، موجوده اين-جي- هاء اسڪول ۽ ٽنڊوڪي سنڌ ايس-ٽي- ڪاليج لاء بلڊنگ ٺهرائڻ، ڪراچيءَ ۾ پير الاهي بخش ڪالوني ٺهرائڻ ۾ مدد ڏيڻ، ان کان سواءِ ڪيترن ڪاليجن ۽ تعليمي ادارن جي برپا ٿيڻ ۾ بہ پير صاحب جو هٿ هو." (صفحہ ٢٥٦) مطلب تہ پير صاحب جا اهل سنڌ تي بي‌شمار احسان آهن. پير علي‌محمد راشدي صاحب اسان جي هن محسن خلاف ڪئي ڪيترو بہ لکي پر حقيقتن کي لڪائي نٿو سگهجي. راشدي صاحب لکيو آهي تہ پير صاحب هر وزارت ۾ رهيو آهي. پر اسان سنڌي لوڪ راشدي صاحب جي بہ سياسي ڪردار کان چڱيءَ طرح واقف آهيون. ماضي قريب ۾ راشدي صاحب سابق پ‌پ ۽ ان جي ڪرمين جي مخالفت ۾ گهڻو ڪجهہ روزنامہ جنگ ۾ لکيو هو. هن جي پروگرام سوشلزم جي خلاف هڪ پمفليٽ بہ لکيو هئائين. ڀٽي صاحب دعويٰ ڪئي هئي تہ هن ئي چين ملڪ سان پاڪستان جي دوستي وڌائي. راشدي صاحب ترديدي بيان جاري ڪرايو تہ چين سان دوستي سندس ئي دور سفارت ۾ ٿي هئي. ڊسمبر ٧٠ جي عام اليڪشن ۾ هن پ‌پ جي اميدوار سيد عبدالله شاه سان مقابلو ڪيو پر ان ۾ کيس شڪست آئي. انتخابات کان پوءِ سابق صدر يحيٰ خان عوامي‌ليگ تي بندش وڌي. شيخ مجيب کي گرفتار ڪيو. ان وقت راشدي‌صاحب سمجهي ويو تہ هاڻي اقتدار ڪنهن بہ وقت پ‌پ کي منتقل ٿيندو. سو ڀٽو صاحب سان مصالحت جا موقعا تلاش ڪندو رهيو. آگسٽ ١٩٧١ ۾ ڊاڪٽر نصير شيخ ڀٽي صاحب جي هرنيا جي آپريشن ڪئي هئي. ان موقعي کي غنيمت ڄاڻي راشدي صاحب ڀٽي صاحب جي مزاج‌پرسيءَ لاء ويو. پنهنجي ماضيءَ جي گناهن جي شايد معافي ورتائين جو بعد ۾ ڀٽو صاحب جڏهن اقتدار ۾ آيو تہ راشدي صاحب پهريائين وزيراطلاعات جو مشير مقرّر ٿيو. ڪڏهن تہ ڀانءِ سچي پاڪستان جو وزير اطلاعات رهيو. پر حيرت آهي تہ ڀٽي حڪومت ۾ اڄ پاڪستان جي وزيراطلاعات

جي مشهد بلجڻ گوارا ڪيائين. سندن حڪومت جي خلاف جيڪي ڪچا چٺا شايع ٿيا هئا، انهن ۾ راشدي صاحب جو ذڪر به نمايان طور ڪيو ويو. مثال طور اپريل ١٩٧٨ع ۾ حڪومت پاڪستان ڀ- پ حڪومت خلاف ذرائع ابلاغ جي غلط استعمال بابت هڪ ڪچو چٺو (White Paper on mis-use of media) شايع ڪيو هو. انجي صفحه ١٧٣ تي يادش بخير پير علي محمد راشديءَ جي شاهاڻي خرچن جو تذڪره ٿيل آهي جي هڪ آڊٽ رپورٽ ذريعي منظر عام تي آيا. پڙهي پسڻ عبرت حاصل ڪيو. پيرصاحب کي اڄ تائين مذڪوره رپورٽ جي ترديد ڪرڻ جي جرئت به ڪا نه ٿي ٿي ۽ نه رڪارڊ ثابتيءَ جو انڪار ڪري نٿو سگهجي. هي ڪچو چٺو اصل انگريزيءَ ۾ لکيل آهي، ان جو ترجمو ناظرين جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو

پير علي محمد راشديءَ جو ڪچو چٺو

”آڊٽ رپورٽ ڪيترن ئي قابل اعتراض خاص ڪيسن جي خرچن جا مثال پيش ڪيا، انهن مان هڪ ڪيس پير علي محمد راشديءَ جو به هو، جنهن کي ٢٢ فبروري ١٩٧٢ کان خاص پبلسٽي فنڊ مان ٻه هزار ٽي سئو روپيه درماهه ۽ هن جي پي- اي کي ٽي سئو روپيه ماهوار ڏنا ويا. جيتوڻيڪ اهڙو خرچ بجيٽ ۾ بطور پگهار ۽ الائونس جي ڏيکاري ۽ چارج ڪري سگهجي پيو. فبروري ١٩٧٢ کان آڪٽوبر ١٩٧٢ تائين راشدي صاحب ٣٥-٥٠،٨٠١ (پنجاه هزار اٺ سئو هڪ روپيه پنجٽيهه پئسا) خرچ ڪيا جي ڪيس خاص پبلسٽي فنڊ مان هيٺين نموني ڏنا ويا.

(١) هوٽل بل	٢٣٥٩٢-٤٦
(٢) ڪار جي قيمت	١٥٠٠٠-٠٠
(٣) ٽي اي ۽ ٽئڪسي خرچ	٤٤٢٥-٠٠
(٤) ڪراچي بنگلي جو ٽيليفون خرچ	٢١٩٨-٨٩
(٥) ڪراچي کان پنڊي ڪار کڻڻ جو خرچ	٤٥٥-٠٠

(٦) انڪم ٽيڪس جو سرڪاري حصو جو راشدي ... ٥٣٠-٠٠
ڪي ڀرڻو هو

(٧) گوڙ گهمسان جو الائونس ١٠٠٠-٠٠

ٽوٽل خرچ ٥٠٨٠١-٣٥

راشدي صاحب تي مٿيون خرچ ان وقت ڪيو ويو جڏهن هو اڃان مشير مقرر به نه ٿيو هو. ڪيس اپريل ١٩٧٣ ۾ مشير مقرر ڪيو ويو هو. مشير مقرر ٿيڻ کان پوءِ مسٽر راشدي گهر ڪئي ته هن کي پگهار ريگيولر بجيٽ مان نه ڏني وڃي، ۽ ان وقت جي وزير اطلاعات (ڪوثر نيازي) اهڙي منظوري ڏني ڇاڪاڻ ته مسٽر راشدي سياسي ماڻهو آهي، ان ڪري ڪيس، خاص پبلسٽي فنڊ مان روپيه اڍائي هزار ماهوار اپريل ١٩٧٣ کان ڏنا وڃن ۽ سفر الائونس روپيه ني سئو درماهو ڊسمبر ١٩٧٣ کان ڏنا وڃن. فبروري ١٩٧٢ کان جون ١٩٧٧ تائين مسٽر راشدي کي خاص پبلسٽي فنڊ مان پئسا ڏنا ويا هئا. ان کان علاوه راشدي صاحب کي سرڪاري خرچ تي مفت ۾ هڪ سينگاريل بنگلو به ١٧ آڪٽوبر ١٩٧٢ کان مليو هو. مٿين بنگلي جي سينگارڻ توڙي مسواڙ تي ٢٣ ڊسمبر ١٩٧٥ تائين ٧٦،٩٥٣-٤١ (اکرين ڇاهتر هزار نو سئو ٽيونجاهه روپيه ايڪيتاليهه پئسا) جي ادائگي خاص پبلسٽي خرچ مان ڪئي وئي هئي. بعد ۾ راشدي صاحب پنهنجي رهائش گاهه جو بنگلو مٽايو ۽ هڪ ٻئي وڏي بنگلي ۾ منتقل ٿيو جنهن جي درماهو مسواڙ چار هزار روپيه هئي. ان مان اڌ پئسا خاص پبلسٽي خرچ مان ۽ باقي اڌ رقم پاڪستان نيشنل سينٽر جي فنڊ مان ڏنا ويا. نئين بنگلي جي سينگار توڙي ساز و سامان لاءِ ٻاويهه هزار ٽي سو ڇائيتاليهه روپيه پنجهتر پئسا خاص پبلسٽي فنڊ مان مهيا ڪيا ويا. ان کان علاوه اليڪٽرڪ، پاڻي ۽ سئي گئس جي خرچ لاءِ ٨٩٤١-٢٨ (اکرين اٺ هزار نئون سئو ايڪيتاليهه روپيه اٺيتاليهه پئسا) صرف ڪيا ويا. سيپٽمبر ١٩٧٢ کان سيپٽمبر ١٩٧٦ تائين راشدي صاحب جي انڪم ٽيڪس پئسا انداز ٢٠٥٠٥/- (اکرين ويهه هزار پنج سئو پنج روپيه) به خاص پبلسٽي فنڊ مان ادا ڪئي وئي.

لنڊن ۾ علاج

خاص پراسٽي فنڊ مان خرچ ڪرڻ کان علاوه مسٽر راشدي سابق وزيراعظم وٽ رعايتي ۽ ترجيحي حيثيت جو مالڪ هو. ايتري قدر جو مئي ١٩٧٧ع ۾ مسٽر راشدي لنڊن ۾ پنهنجيءَ گهر واريءَ نيائيءَ جي سرڪاري خرچ تي دوا درمل لاءِ پٺي صاحب کي گذارش ڪئي جيتوڻيڪ راشدي صاحب سرڪاري ملازم به نه هو پر ان هوندي به سابق وزيراعظم صاحب حڪم ڪيو ته قاعدن ۾ نرمي ڪري به راشدي صاحب جي فئمليءَ جو علاج سرڪاري خرچ تي ڪرايو وڃي. ان مقصد لاءِ ماليااتي وزارت چار هزار پائونڊ منظور ڪيا هئا ان مان لنڊن ۾ پاڪستاني سفارت خانه ٢٥٦٨ پائونڊ خرچ ڪيا هئا ته ملڪ ۾ مارشل لا لڳي وئي ان ڪري سفارتخانه وارن کي راشدي صاحب جي ڪٽنب جي علاج لاءِ وڌيڪ خرچ نه ڪرڻ جون هدايتون موڪليون ويون. مزيد ته اطلاعات جي کاته علحده طور هڪڙي ٽرئول ايجنٽ کان راشدي جي فئملي جي هڪ نوڪر لاءِ رٽرن ٽڪيٽ نون هزار روپين ۾ خريد ڪئي جنهن جي بقايا اڃان تائين رهيل آهي. مسٽر راشدي پنهنجيءَ زال ۽ نيائيءَ جي ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ پي. آءِ. اي کان فرسٽ ڪلاس جي هوائي سفر جون ٽڪيٽون ورتيون هيون." (صفحو ١٧٣ کان ١٧٥ تائين ڪچو چٺو انگريزيءَ ۾ شايع شده حڪومت پاڪستان اسلام آباد اپريل ١٩٧٨)

ڇا پير الاهي بخش مرحوم به پنهنجي عهدي جو ناجائز فائدو وٺي سرڪاري خزانه کي پير راشدي صاحب وانگر ڪڏهن لٽيو هو؟ بيت المال يا سرڪاري خزانو سڀني مسلمانن جي امانت آهي. راشدي صاحب پنهن جي مضمونن ۽ ڪتابن ۾ اسلام جا حوالا پڻ ڏيندو آهي. ڪيس معلوم هوندو ته بهي خليفي حضرت عمر رضہ کي هڪ دفعي اک ۾ سور پيو. علاج لاءِ ماکي پائڻ جي تجويز ڪئي وئي جا ان وقت سرڪاري خزانه ۾ موجود هئي، پر حضرت فاروق اکبر رضہ پنهنجين

اڳين ۾ ماڻي وجهڻ کان انڪار محض ان ڪري ڪندو هو ته "سرڪاري خزانو سڀني مسلمانن جي ملڪيت آهي ۽ ان کي ذاتي مقصد جي استعمال لاءِ عمر رضہ کي ڪو حق ڪونه ٿو پهچي جا صريحا بد دیانتي آهي." جيڪڏهن نه عهدي کي ماڻ ولڙيءَ ذميداري جو ڪم آهي. حضرت عمر رضہ وڏن کي انترو ته جوابدار تصور ڪندو هو جو مشهور انگريز مؤرخ سر وليم ميور (Muir) صاحب پنهنجي ڪتاب "خلافت ان جو عروج ۽ زوال" (The caliphate: it's rise decline and fall) ۾ حضرت عمر بابت لکيو آهي ته "حضرت عمر رضہ چوندو هو ته ڪاش منهنجي ماءُ مون کي نه ڄڻي ها ها! مان ان جي عوض گاهه پلو ٿيجان ها."

"Responsiblity so weighed upon him (omer) that he was heared to exclaim" "O that my mother had not borne me; would that I had been this stalk of grass in stead!" (P- 202 Beirut).

پير الاهي بخش مرحوم پنهنجي ڏاڏي پير علي محمد راشديءَ جي پٽ ۾ خوف خدا رکڻ وارو انسان هو ۽ هن وٽ اقتدار هڪ امانت جي مثل هئي. آگسٽ ٧٣ جي هڪ بلنديايه رسالي اردو ڊائجسٽ ۾ ايڊيٽر مسٽر الطاف حسن جو پير الاهي بخش ڪان ورتل هڪ انٽرويو شايع ٿيو آهي. ان ۾ پير صاحب مرحوم جن کان مسٽر الطاف قريشي صاحب سوال ڪيو ته "پير صاحب! آپ نے جب وزارت کي ذمہ داري سنبهالي تو سچ مچ کيا محسوس کيا؟" ان جي جواب ۾ پير صاحب مرحوم فرمايو "مين نے اس نعمت کے ملجانے پر خدا کا شکر ادا کيا تها اور ساتهه هي اپنے خالق کے حضور گڑ گڑا کر دعا مانگي تهي کہ مجهے ذمہ داري اٹهانے کي همت اور صلاحيت عطا کر. همارے مذهب مين منصب فخر و غرور کي علامت نهين بلکہ اسے کڑي آزمائش قرار ديا گيا هے. اتنے انسانون کا بوجهه اٹهانا کوئي آسان بلت نهين. ذرا سي لغزش سے ان گنت افراد کے حقوق پامال هوجاتے هين. هوسکتا هے اس دنيا مين احتساب نہ هو۔ ليکن آخرت مين فرار کي کوئي

راه نهين." (صفحه ٢٣) دعا آهي ته الله تعاليٰ پير صاحب مرحوم کي آخرت ۾ سيني مسلمانن سان گڏ سرخرو ڪري. آمين

"رب اغفرلي، ولوالدي وللمؤمنين يوم يقوم الحساب."

حڪومت پاڪستان جي طرفان هڪ ٻئي شايع ٿيل ڪچي چٺي ۾ پير راشدي صاحب بابت هڪ اهڙو مواد شايع ٿيل آهي، جنهن مان راشدي صاحب ۽ پير الاهي بخش مرحوم جي ڪردار مان جوهري فرق ڏسڻ ۾ ايندو. حڪومت پاڪستان جو هي قرطاس ابيض (ON performance of Bhutto regime volume II) جي عنوان سان جنوري ١٩٧٩ع ۾ شايع ٿيو هو. ان جي صفحه A- 221 (Annex ture) ۾ وزيراعظم صاحب ڏانهن راشدي صاحب جي هڪ لکيل خط مورخ ٧-٧-٧٥ جي فوٽوڪاپي شايع ٿي آهي. هي هڪ دلچسپ خط آهي ۽ ان تي مرحوم ڀٽي صاحب جا رمارڪ مزيدار ۽ پڙهڻ وٽان آهن راشدي صاحب جي خط جي عبارت آهي ته:

(Personal) Information and Broad Casting Division

"Long before Mr; J. A. Rahim went out of office. I had requested the Prime Minisiter to be graciously pleased to consider if a respectable enough job could be given to my son Mohsin Rashdi who is a B.A.L.L.B .

2/ My son has appeared in the examination for Deputy secretary ship and I am sure he could not have done worse than other candidates. I am informed that the final choice is to be announced by the Establishment Division within the next few days.

3 . I thought that at such a moment I should respectfully repeat my old prayer." S d

(Pir Ali Mohammad Rashdi)

7- 7- 75

يعني ته "مسٽر جي- اي- رحيم جي عهدي ڇڏڻ کان گهڻو اڳ

مون جناب وزيراعظم صاحب جن کي پنهنجي پٽ محسن راشدي ي-
اي-ايل-ايل-بي جي لاءِ هڪ عزت واريءَ نوڪري ملڻ لاءِ عرض
ڪيو هو تہ براهِ ڪرم ان بابت سوچين. منهن جو هي فرزند ڊپٽي
سيڪريٽري شپ جي امتحان ۾ ويٺو. مون کي يقين آهي تہ هن ٻين
اميدوارن جي پيٽ ۾ پيپر خراب نہ ڪيا هوندا. پٽو پيو اٿم تہ
سٽيبلشمينٽ ڊويزن وارا آخري چونڊ جو نتيجو ٿورن ڏينهن ۾ ظاهر
ڪندا. مون ان ڪري محسوس ڪيو تہ اهڙي وقت، مان پنهنجيءَ
پراڻي گذارش ۽ التجا کي دهرايان."

دستخط پير علي محمد راشدي
7-7-75

هن درخواست ۽ نوٽ جي حاشيہ تي مرحوم ڀٽي صاحب تاريخ
10.7.75 تي پنهن جو جواب لکيو آهي جو نهايت ئي دلچسپ ،
عبرت انگيز ۽ پڙهڻ وٽان آهي. ان مان ثابت ٿو ٿئي تہ راشدي صاحب
پنهنجن مخالفن کي قتل ڪرائڻ جون تجويزون بہ پيش ڪندو هو.
ڀٽي صاحب لکيو تہ :-

"We are responsible for Rashidi and all his son sbecause he told Ayub khan to get me shot. This is life. what more can we do for this loyal band of faithfuls." sd :

Z:A Bhutto
10-7-75

يعني تہ "اسين راشدي ۽ سندس سڀني پٽن لاءِ ذميوار آهيون.
ڇاڪاڻ تہ هن ايوبخان کي منهن جي مارڻ لاءِ مشورو ڏنو هو. اهي
ئي زندگي جا ڦيرا گهيرا آهن. اسان هن وفادار گروهہ لاءِ ٻيو وڌيڪ
ڇا ٿا ڪري سگهون."

صحيح
زيڊ-اي ڀٽو
10-7-75

حيرت آهي تہ اهڙي رمارڪ جي باوجود بہ راشدي صاحب
پنهنجي پٽ لاءِ نوڪري حاصل ڪئي هئي. ان جي برخلاف هائي

پير الاهي بخش مرحوم جي پٽ جي زباني پڙهو. مسٽر الطاف حسن قريشي، اردو ڊائجسٽ ۾ لکي ٿو ته ڪيئن پير الاهي بخش جي پٽ ٻڌايو ته "پھر اس نے ایک دلچسپ واقعہ سنایا "میں پیر صاحب کا لڑکا ھوں. یہ اس زمانے کی بات ہے جب والد صاحب وزیراعلیٰ تھے- میں نے میٹرک کا امتحان دے رکھا تھا. کامیاب ھونے کی امید کم ھی تھی. میں یونیورسٹی کے رجسٹرار کے پاس گیا اور والد صاحب کے حوالے سے کچھ رعایت کی درخواست کی. رجسٹرار صاحب نے اسی روز والد صاحب سے بات کی. رات کو گھر آئے تو مجھ پر بہت بگڑے اور کہنے لگے تم نے میری شہرت داغدار کی ہے. تمہیں ایسا کرنے کی جرئت کیوں ھوئی. بڑی مشکل سے میں نے جان بچائی اور پھر تعلیم سے ھمیشہ کے لئے بھاگ گیا." (اردو ڈائجسٽ بابت آگسٽ ١٩٧٣ پير الاهي بخش کان ورتل انٽرويو از الطاف حسن قريشي).

خدارا اندازو لڳايو، ٻنهي پيرن جي ڪردار ۾ ڪيڏو نه زمين آسمان جو فرق آهي. پير علي محمد راشدي سفارش ڪري پنهنجي پٽ جي نوڪريءَ جي خبرات گهري. جيتوڻيڪ پير صاحب راشدي جي درخواست تي سخت رمارڪ ڏنا جي مٿي آيا، انهن باوجود پنهنجي پٽ کي نوڪري وٺي ڏنائين. بقول اقبال

"اے طائر لاھوتی اس رزق سے موت اچھی
جس رزق سے آتی ھو پرواز میں کوتاھی."

ٻئي طرف پير الاهي بخش مرحوم جو فرزند تعليم کان محروم ٿي ويو پر پير صاحب رجسٽرار کي پنهنجي فرزند جي پاس ڪرڻ جي به سفارش نه ڪئي. الٽندو ان فعل تي هن کي تنبيهه ڪيائين. الا اڄ سنڌ ڌرتي ڪيترا نه مالڪ موتي لعل پيدا ڪيا آهن، جن جي زندگي مان ايندڙ نسل کي رهنمائي ملي سگهي ٿي. پير الاهي بخش مرحوم، انهن مان هڪ هو.

"ويا مور مري هنج نه ٻجهو هيڪڙو."

پير راشدي، ديوان آڏارام ۽ پير صبغت الله پاڳاري جو ڪيس

پنهنجي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" ۾ راشدي صاحب سکر جي هڪ سٽي مئجسٽريٽ مسٽر آڏارام جي جرائت ۽ ديانتداري جي بيحد تعريف ڪئي آهي. سندس ايمانداري جي ثابتيءَ لاءِ پير صاحب هڪ وڏي ڪيس جو حوالو ڏنو، جنهن ۾ جوابدار پاران قائداعظم محمدعلي جناح ۽ سرڪار پاران چارلس لوبو (Lobo) پيش ٿيو هو. جو بقول راشدي صاحب جي اڳ هاءِ ڪورٽ جو جج هو. جنهن کي "سرڪار هاءِڪورٽ جي ججيءَ تان استعيفا ڏياري ان ڪيس هلائڻ لاءِ پنهنجو وڪيل مقرر ڪيو هو. اهڙو وڏو ڪيس هو، جنهن جي اهميت جو هينئر اندازو ڪرڻ مشڪل آهي. وڏي ۾ وڏو الزام خون جو هو. وقت جي سرڪار جو ڪيس تي وڏو زور هو. ان گهريو ٿي ته خون جو ڪيس ضرور ثابت ٿئي. ڪيس ڪيترا مهينا هليو. آءٌ سکر جي سنڌ زميندار جو ايڊيٽر هوس. قائداعظم جهڙي نامور وڪيل ۽ ليڊر جو سکر جهڙي ويراني شهر ۾ ويهي ڪيس جي پيروي ڪرڻ خود وڏو واقعو هو." صفحه(٦٧،٦٨) هن ڪيس ۾ قائداعظم ۽ سرفرانسس لوبو جي دليل بازي ٻڌڻ کان پوءِ سکر جي سٽي مئجسٽريٽ جي فتويٰ بابت راشدي صاحب لکي ٿو ته " آخر فتويٰ ڏنائين قتل جي ڪيس کي ڪوڙو ٺهرائي ختم ڪري ڇڏيائين، البته ننڍن ڪيسن ۾ سزا ڏنائين، جنهن لاءِ اپيل چيف ڪورٽ ۾ ٿي ۽ قائداعظم خود "آرگيو" ڪئي ۾ آڏارام جو ڏنل فيصلو ڪونه ڦريو. سندس فتويٰ ڪي سنڌ جي جڊيشريءَ جي تاريخ ۾ ڪلاسيڪل قانوني دستاويز جي حيثيت حاصل ٿي. ورهين تائين وڪيل، مئجسٽريٽ پڙهندا ۽ پنهنجو متو ڏوٽيندا رهيا." (صفحه ٦٨)

پير راشدي صاحب اهو ظاهر ڪونه ڪيو آهي ته ڪهڙي ڪيس جي پيروي ڪرڻ لاءِ قائداعظم سکر آيو هو؟. هن پنهنجي ڪتاب جي جلد ٻئي ۾ لکيو آهي ته قائداعظم ١٩٣٠/٣١ع ۾

حضرت پير صاحب پاڳاري جي ڪيس ۾ وڪالت ڪرڻ لاءِ سکر ۾ آيو هو ۽ ان جي معاونت ديوان صاحب سنگهه وڪيل ڪئي هئي. ٻئي ڌاڙ ۾ صاحب سنگهه جو ذالو غائب آهي. بهرحال اسان سڀني کي خبر آهي ته قائداعظم فقط مرحوم پير صبغته الله شاهه پاڳاري (موجوده پير پاڳاري جن جو والد ماجد) جي ڪيس هلائڻ لاءِ آيو هو. هن ڪيس بابت "تذڪره پيران پاڳاره" جو مصنف جناب تبسم چوڌري لکي ٿو ته جڏهن مقدمي ۾ قائداعظم ڏٺو ته "جج دهاندلي کر رها هے اور قانون کي دهجيان بکهيري جارهي هين تو بطور احتجاج آپ کورٹ سے چلے گئے." (صفحه ١٦٧) بهرحال سکر جي سٽي مئجسٽريٽ مسٽر اڊارام پير صاحب مرحوم کي سزا ڏني هئي، جنهن جي خلاف انوقت جڊيشل ڪمشنر جي ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي وئي ۽ ڪيس خود قائداعظم پاڻ آرگيو ڪيو هو. سرڪار پاران سر لوبو پنهن جا دليل ڏنا هئا. هي تاريخي ڪيس آل انڊيا رولنگ (A I.R 1931, SindP-9) سال ١٩٣١ سنڌ صفحه ٩ تي رپورٽ ٿيل آهي. راشدي صاحب ڇاڪاڻ ته ڪيتريون غلط ڳالهيون لکيون آهن، ان ڪري مناسب معلوم ٿو ٿئي ته مٿئين رولنگ مان صحيح صورتحال معلوم ڪرڻ لاءِ ڪي حوالا پيش ڪجن. سٽي مئجسٽريٽ سکر جي فتوي خلاف پير صاحب پاڳاري جي اپيل نمبر ١٧٧ آف ١٩٣٠ جو فيصلو تاريخ اٺين آڪٽوبر ١٩٣٠ تي ٿيو. بينچ ٻن ججن مسٽر ولڊ (Wild) جڊيشل ڪمشنر ۽ مسٽر ملن (Milne) اسسٽنٽ جڊيشل ڪمشنر تي مشتمل هئي. ڪيس جي حقيقت هن طرح آهي ته جولاءِ ١٩٢٩ع ۾ پير صبغته الله شاهه پاڳاري جا هٿيار برطانيه سرڪار ضبط ڪيا هئا. تاريخ ٢٦ مارچ ١٩٣٠ع تي ڊي ايس پي سکر جي قيادت هيٺ هڪ پوليس پارٽي پڻ مشيرن انگلئنڊ ۽ بچل شاهه سيد جي روبرو پير صاحب پاڳاري جي گهر جي تلاشي ورتي هئي. جنهن دوران پوليس ابراهيم نالي هڪ نوجوان کي پيتيءَ ۾ ويٺل هٿ ڪيو هو. ۽ ان سان گڏ ته خانه اندر هڪ پيتي به پوليس کي هٿ آئي جنهن ۾ بندوقن روالورن ۽ رائفلن جا ڪل ارڙهن هٿيار مليا ۽ پڻ پيتين مان پنجويهه هزار رائونڊ جو بارود به دستياب ڪيو ويو.

غيرقانوني هٿيار رکڻ جي ڪري پير پاڳاري جي خلاف سٽي مئجسٽريٽ جي ڪورٽ ۾ ڪيس هليو. ڏسڻ ۾ تو اچي ته ابراهيم چوڪري کي حق بند ڪرڻ جي الزام ۾ پير صاحب تي ڪيس ڪونه هليو. جيو ڊيشل ڪمشنر جي فتوي ۾ ان بابت ڪوبه اشارو ڏنل نه آهي. راشدي صاحب جو اهو لکڻ ته هن تي خون جي چارج مڙهيل هئي سا صحيح نه آهي. سٽي مئجسٽريٽ آڏو آرمس ائڪٽ (Arms Act) جي سيڪشن ٢٠ ۽ سيڪشن ١٩ ماتحت غيرقانوني هٿيار رکڻ ۽ بارود جي استعمال بابت ڪيس هليو هو. سماعت جي دوران پير صاحب پاڳاري پنهنجي بيان ۾ اعتراف ڪيو ته تهخاني ۾ بارود هن جي چوڻ مطابق رکيل هو. جو هن جي بندوقن جي ليسن رد ڪرڻ کان اڳ موجود هو. ۽ مستثنيٰ سمجهڻ گهرجي. سيڪشن ٢٠ آف آرمس ائڪٽ جي چارج بابت پير صاحب وڌيڪ وضاحت ڪندي فرمايو ته ڪيس تهخاني ۾ هٿيارن جي موجودگيءَ جو ڪوبه علم ڪونه هو، جي پڪ ئي پڪ هن جي ابن ڏاڏن جا رکيل هوندا. پير صاحب وڌيڪ ڪورٽ ۾ بيان ڏيندي چيو ته هي ڪيس مسٽر ڪليڪٽر سکر ڊي ايس پي سکر ۽ سندس هڪ ويجهي عزيز سيد جميل شاهه جي باهمي سازش ڪري ٺاهيو ويو. مگر اعليٰ عدالت پيرصاحب جي ان حجت کي تسليم نه ڪيو. ٻئي طرف سرڪار جي چوڻ مطابق جولاءِ ١٩٢٩ع ۾ پير صاحب جي لائسنس رد ڪرڻ بعد هن بندوقون گڏ ڪرڻ شروع ڪيون هيون ۽ اهو باور ڪرڻ مشڪل آهي ته ڪو پير صاحب کي اسٽور روم ۾ بندوقن جي موجودگيءَ جي خبر ڪانه هئي. پير صاحب رکوٽ ۾ ڏهن سالن تائين رهيو ۽ جنهن ڪوٺيءَ ۾ بندوقون رکيل هيون ان جي ڪنجي به وٽس موجود هئي. هن نڪتي جي وضاحت ۾ حد جي صوبيدار شاهدي ڏني ته جڏهن هٿيار وقت پير صاحب پنهنجي نوڪر کي حڪم ڪيو ته وهائي هيڏان رکيل چابيون ڪڍي اچ ۽ سرڪاري مشير مسٽر انگلنڊ جو چوڻ به اهو هو ته پير صاحب پاڻ چابيون ڪڍي هئي جنهن سان روم کولي وئي هئي. ان کان علاوه پير پاڳاري مرحوم جي خلاف ٻن عورتن ۽ هڪ ابراهيم، گلاني ۽ نوران پنهنجيون شاهديون ڏنيون

هيون. هي ليڊي عورتون پوليس جي تلاشي وٺڻ کان اڳ کوٽ مان ڀڄي نڪتيون هيون. ماين به پيرصاحب جي کوٽ ۾ هٿيارن جي موجودگيءَ جي تصديق ڪئي هئي عورتن جي شاهديءَ بابت ڪورٽ ۾ قائداعظم دليل پيش ڪيو ته ڪين پير صاحب جي ويجهي عزيز جيئل شاه پير صاحب جي خلاف اپاريو. پر جڊيشل ڪمشنر جي ڪورٽ عورتن جي شاهديءَ کي تسليم ڪيو ڇاڪاڻ ته پوليس ريڊ کان اڳ هنن جا بيان قلم ١٦٤ ماتحت رڪارڊ ڪيا ويا هئا ۽ کوٽ مان فرار کان ٿورو وقت بعد ۾ ۽ رڪارڊ تي اهڙي ڪابه ڳالهه ڪانه آئي ته قلم ١٦٤ ماتحت بيان قلمبند ڪرڻ کان اڳ مذڪوره عورتن جيئل شاه سان ملاقات ڪئي هئي. انڪري اعليٰ عدالت مطابق عورتن جي شاهديءَ کي تسليم نه ڪرڻ جو سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿئي. مسٽر جناح ڪورٽ ۾ وڌن قانوني نڪتن تي بحث ڪيو هو. نتيجي طور اعليٰ عدالت سٽي مئجسٽريٽ سکر جي فيصلي ۾ ترميم ڪئي. مئجسٽريٽ صاحب پنهنجي فيصلي ۾ آرمس ائڪٽ جي فقرن (١) ١٩-ands 5.20 مطابق پير صاحب کي پنجن سالن ۽ ٻن سالن جي سخت پورهئي ساز ساڳئي وقت هلندڙ سزا واڌو هڪ هزار روپيه ڏنڊ وڌو هو. ۽ ڏنڊ نه ڏيڻ جي صورت ۾ قلم ٢٠ ماتحت هڪ سال وڌيڪ سزا ڪاٽڻ جو حڪم ڪيو هو. پر جڊيشل ڪمشنر جي اپيل واري ڪورٽ ٻنهي وڪيلن قائداعظم محمدعلي جناح (پير پاڳاري پاران) ۽ مي-ايم لوبو (Lobo) (سرڪار پاران) جي دليلن ٻڌڻ کان پوءِ پنهنجو فيصلو ڏنو ته "اسين ان ڪري قلم ٢٠ ماتحت ڏنل سزا (پنجن سالن واري) کي رد ڪيون ٿا. ۽ قلم (١٩.I) مطابق جوابدار (پير صبغت الله شاه پاڳارو) کي ٽي سال سخت پورهئي سان سزا واڌو هڪ هزار روپيه ڏنڊ. ڏنڊ ادا نه ڪرڻ جي حالت ۾ نو مهينا سخت پورهئي سان سزا. اسان قلم (١٩-I) ماتحت ڏنل سزا جي توثيق ڪندي حڪم ٿا ڪيون ته اصلي سزا ساڳئي وقت هلندڙ شمار ڪرڻ ۾ ايندي."

مناسب آهي ته ٻنهي ڪورٽن جي سزائن بابت متعلق حوالا اصل انگريزي زبان ۾ به نقل ڪيا وڃن. جڊيشل ڪمشنر جي ڪورٽ پنهنجي

فتوي مورخ اٺين آڪٽوبر ١٩٣٠ ۾ سٽي مئجسٽريٽ سکر جي طرفان پير صاحب جي سزا جو حوالو ڏيندي لکيو آهي ته:

"Judgenet:- Appellant in this case is Pir of Rohri was convicted by the city Magistrate of Sukkur of offences under section 20 and S.19 (I) Arms act and was sentenced to five years and two years rigorious imprisonment under those sections, the terms of imprisonment being concurrent and to a fine of Rs 1,000, in default 12 months rigorious imprisonment, under section 20." (A.I.R. 1931, Sind P-9 Sibghatullah shah v/s Emperor).

آخر ۾ سٽي مئجسٽريٽ جي مٿين ڏنل سزا ۾ تبديلي ڪري ٻنهي وڪيلن جي دليل بازي ٻڌي جوڊيشل ڪمشنر ٻنهن جو فيصلو هن طرح ڏنو ته:

"We there fore set aside the conviction under S. 20 and sentence the accused to three years rigrous imprisonment for an offence under S. 19 (I) and further impose a fine of Rs 1,000 or in default of payment rigorious imprisonment for nine months. we affirm the conviction under S. 19 (I) and direct that the substantive sentence should run concurrently."

order accordingly.

(A.I.R 1931, sind P. 12)

مون پير صاحب باغي ڪيس ۾ اعليٰ عدالت جي اصل فيصلي مان حوالا نقل ڪيا آهن. ان مان پير صاحب جي هيٺين ڳالهين جي ترديد ٿئي ٿي.

(١) راشدي صاحب لکيو آهي ته مسٽر اڏارام سٽي مئجسٽريٽ سکر قتل جي ڪيس ڪي ڪوڙو قرار ڏئي ختم ڪري ڇڏيو. هي بالڪل غلط آهي. قتل يعني ٣٠٢ قلم جو ڪيس پير صاحب سان لاڳو

ڪونه ڪيو ويو هو. اعليٰ عدالت جي فتويٰ ٻڌڻ کان پوءِ معلوم ٿو ٿئي ته سٽي مئجسٽريٽ سکر پير صاحب پاڳاري کي خون يعني قلم ٣٠٢ واري الزام ۾ بري ڪونه ڪيو هو مگر آرمس ائڪٽ جي سيڪشن ١٩ (ايف واري الزام ۾ ڪيس بري ڪري ڇڏيو.

(٢) راشدي صاحب لکيو آهي ته نيدن ڪيس ۾ اڌارام ڪيس سزا ڏني جنهن لاءِ اپيل چيف ڪورٽ ۾ ٿي ۽ قائداعظم خود آرگيو ڪئي پر اڌارام جو فيصلو ڪو نه ڦريو. (صفحه ٦٨) صحيح صورتحال هن طرح آهي ته پير صاحب پاڳاري جي اپيل ١٩٣٠ ۾ داخل ڪئي وئي. ان وقت اعليٰ عدالت کي جڊيشل ڪمشنر جي ڪورٽ چوندا هئا ۽ نه چيف ڪورٽ جيئن راشدي صاحب لکيو آهي. راشدي صاحب کي ياد هوندو ته سنڌ جي بمبئي کان علحده ٿيڻ بعد ١٩٣٧ ۾ سنڌ جڊيشل ڪمشنر جي ڪورٽ کي سرڪاري طور سنڌ چيف ڪورٽ جي نالي سان موسوم ڪيو ويو. راشدي صاحب اهو به غلط لکيو آهي ته اپيل واري ڪورٽ اڌارام جو فيصلو بحال رکيو. فيصلي ۾ تبديلي ڪئي وئي هئي جيئن مٿي اصل فتويٰ مان حوالو نقل ڪيو ويو. راشدي صاحب جيتوڻيڪ پاڻ وڪيل نه آهي، پر قانوني ذهن ضرور رکي ٿو. کيس معلوم هئڻ گهرجي ته ڪورٽن جي فتويٰ بابت غلط ڳالهيون لکڻ صريحا توهين عدالت (Contempt of court) آهي. کيس هن پوڙهائپ واري عمر ۾ ڪورٽ جي توهين ڪرڻ کان احتراز ڪرڻ کپي. جن به شخص کي عدالت جي بي حرمتيءَ جو مجرم قرار ڏنو ويو، اهي نيست ۽ نابود ٿي ويا. مثال طور ١٩٦٠ع ۾ لاهور هاءِڪورٽ اڳوڻي وزارت قانون جي سيڪريٽري مسٽر سنيلسن (Snelson) کي توهين عدالت جو مجرم قرار ڏنو هو. نتيجي طور هو نه فقط پنهنجي عهدي تان مستعفي ٿيو هو، پر ملڪ به ڇڏي ڏنائين. ساڳئي سال بمبئي جي هڪ گورنر پنهنجي عهدي تان محض ان ڪري استعيفا ڏني هئي جو ڪرنل نان واتي جي ڪيس ۾ بمبئي هاءِ ڪورٽ کيس توهين عدالت جو مجرم قرار ڏنو هو.

(٣) مسٽر اڏارام جي فتويٰ بابت راشدي صاحب لکي ٿو ته ”سندس فتويٰ کي سنڌ جي جڊيشري جي تاريخ ۾ ڪلاسيڪل قانوني دستاويز جي حيثيت حاصل ٿي، ورهين تائين وڪيل، ماجسٽريٽ ۽ عام ماڻهو پڙهندا ۽ پنهنجو متو ٺاهيندا هئا.“ (صفحه ٦٨) اها ڳالهه بہ غلط آهي. اسان جي ليگل سسٽم مطابق سٽي مئجسٽريٽ جي فتويٰ کان قانوني دستاويزي حيثيت نہ هوندي آهي، جيئن راشدي صاحب لکيو آهي. ٻہ دستاويزي قانوني حيثيت اپيليٽ ڪورٽ جي فتويٰ کي هوندي آهي. حضرت پير صاحب پاڳاري واري ڪيس ۾ اصل حيثيت جڊيشل ڪمشنر جي فتويٰ کي آهي. جا رپورٽ ٿيل آهي. سٽي مئجسٽريٽ جي فتويٰ کي پنجاهہ سال گذري ويا، هينئر شايد دستياب بہ نہ ٿئي. مثال طور پير علي محمد راشدي جي خلاف سيٺ ٽيڪنومل مل واري جو ڪيس رپورٽ ٿيل آهي. اهو ڪيس سنڌ جي جڊيشري جي تاريخ ۾ ڪلاسيڪل قانوني دستاويز جي حيثيت رکي ٿو ۽ هميشه لاءِ هندستان، پاڪستان توڙي ٻين دولت مشترڪ جي ملڪن ۾ جتي انگريزي قانون نافذ آهي، اتي راشدي صاحب جو ڪيس بطور نظير جي پيش ڪري سگهجي ٿو.

(٤) راشدي صاحب سرڪاري وڪيل مسٽر لوبو لاءِ لکيو آهي تہ پاڳاري ڪيس، ۾ ڪيس سرڪار هاءِ ڪورٽ جي ججن تان استعيفا ڏياري ان ڪيس هلائڻ لاءِ پنهنجو وڪيل مقرر ڪيو هو. هيءَ ڳالهه بہ محل نظر ۽ عدالتي نظام بابت برطانوي روايتن سان مناسبت نٿي رکي. ٻي ثابتي هي آهي تہ پير راشدي جي ڪيس ۾ جنهن جو مون حوالو ابتدائي صفحات ۾ ڏنو هو يعني سال ١٩٣٦ ۾، ان وقت بہ لوبو سرڪاري وڪيل هو. پير پاڳاري جي ڪيس کان ڏهہ سال بعد ۾ لوبو سنڌ چيف ڪورٽ جو جج مقرر ٿيو ۽ جون ٤٧ ۾ هو جناب جي-ايم سيد جي اليڪشن پٽيشن (قاضي اڪبر خلاف) ٽربيونل جو سربراهہ مقرر ٿيو هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هو پنهنجي ملڪ هليو ويو. سٽي مئجسٽريٽ جي ڪورٽ ۾ پير صاحب پاڳاري پاران قائداعظم ۽ ديوان صاحب سنگ آڏواڻي وڪالت ڪئي جڏهن تہ سرڪار پاران

راءِ بهادر ڪندن داس ۽ ديوان آوت سنگھ وڪيل پيش ٿيا. لوهو مئجسٽريٽ جي ڪورٽ ۾ سرڪار پاران پيش ڪونه ٿيو جيئن راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي.

ناظرين ڪرام کي معلوم ٿي ويو هوندو ته اعليٰ عدالتن جي رپورٽ ٿيل پرائڻ ڪيسن بابت به راشدي صاحب ڪيتريون نه ڪوڙيون ڳالهيون لکڻ جو عادي آهي. باقي ٻين پرائڻ تاريخي واقعن ۽ شخصيتن بابت پنهنجي ڪتاب ۾ جو ڪجهه لکيو اٿس اهو ناقابل اعتبار ۽ مشڪوڪ آهي.

پير راشدي ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽه صاحب (مرحوم)

پنهنجي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" ۾ راشدي صاحب سنڌ جي نامياري عالم، اديب ۽ مصنف شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽه مرحوم جو ذڪر صفحه ٨٣ کان ٩٤ تائين ڪيو آهي. ان کي پڙهي دائود پوٽي جي علمي ڪارنامن تي ڪا به روشني نٿي پئي. راشدي صاحب جي مضمون مان فقط پنهي جي ذاتي دوستي بابت تاثر ملي ٿو. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ذاتي دوستن ڏانهن هر وقت خط به لکندو رهندو هو. جي راشدي سان ايترو قريبي هجي ها ته علي محمد صاحب يقينا خط جي فوٽو ڪاپي يا نقل پنهنجي ڪتاب ۾ شايع ڪرائي ها. مان مڃان ٿو ته مرحوم دائود پوٽه صاحب محترم جي. ايم. سيد صاحب سان گهرو هو. ان جي ثابتي خطن مان ملي ٿي جي وقت به وقت ڊاڪٽر کين لکيا هئا. مذڪوره خطن جا نقل شاهه صاحب پنهنجي ڪتاب "اڄ ٻن ڇڪيو چاهڪ" ۾ شايع ڪرايا آهن. راشدي صاحب لکيو آهي ته تاريخ معصومي جي ديباچي لکڻ وقت ڊاڪٽر صاحب هن جو به ذڪر ڪيو آهي. انهيءَ تاريخ معصوميءَ جي هڪ عبارت جي تشريح ۽ معنيٰ جي سلسلي ۾ سکرواري مسجد منزل گاهه جي انڪوائري ڪميٽي جي جج جسٽس ويسٽن (Westen) آڏو ڊاڪٽر دائود پوٽه مرحوم شاهد جي حيثيت ۾ پيش ٿيو هو. (ملاحظه ٿئي منزل گاهه عمارتن جي حيثيت بابت

مسٽر اي ويسٽن (E- Westen) جي رپورٽ مؤرخ ١١-١-١٩٤١ شايع ٿيل سنڌ گورنمينٽ پريس ڪراچي) حيرت آهي تہ راشدي صاحب مسجد منزل ڳاهہ بابت ڊسٽرڪٽ ٽربيونل جي ڪاروائي اهڙيءَ طرح لکي آهي ڄڻڪ هو سنڌي مسلمانن پاران واحد ڳالهائيندڙ هو. راشدي صاحب ڊاڪٽر دائود پوٽہ صاحب جي علمي ڪارنامن تي بہ ڪا روشني ڪا نہ وڌي آهي. حقيقت هي آهي تہ بقول مولاناابوالڪلام آزاد مرحوم جي (بروايت مولوي الهورايو بروهي مرحوم) "سنڌ ڊاڪٽر دائود پوٽہ کان وڏيڪ ڪو محقق ۽ انڪالر پيدا ڪو نہ ڪيو." هو بيڪ وقت انگريزي، عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين جو وڏو ڄاڻو ۽ اديب هو. انگريزي زبان ۾ هن مشهور مسلمان فلسفي، مفڪر ۽ مؤرخ علامہ ابن خلدون جي مقدمہ جو عربيءَ مان ترجمو ڪيو آهي جو پروفيسر روزنتال (Rosenthal) جي ترجمي کان بہ مٿانهين حيثيت رکي ٿو. ڪاش سنڌي ادبي بورڊ يا ٻيو ڪو سرڪاري ادارو ان کي شايع ڪرائي. ڊاڪٽر صاحب عربي ٻوليءَ ۾ پي. ايڇ. ڊي انگلنڊ مان پاس ڪئي ۽ جوڻي ۾ ٿو اچي تہ مشهور مستشرق پروفيسر نڪلسن صاحب هن جو استاد هو. پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ هن سنڌ ۾ عربي جي فروغ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪري درسي ڪتاب تصنيف ڪيا هئا. عربي گرامر جي موضوع بابت هن "مرشد المبتدي" نالي هڪ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻن جلدن ۾ لکيو. ان کي پڙهي هڪ هزار سال اڳ وفات ڪيل عرب گرامردان "سيبويہ" جي ياد تازه ٿيو ٿي. اهڙيءَ طرح هن فارسي ٻوليءَ جي سمجهاڻي ۽ گرامر بابت بہ ڪتاب لکيا آهن ۽ پنهنجي پي. ايڇ. ڊي جي ٿيسز جو عنوان هوس "عربي شاعريءَ جو فارسي شاعري تي اثر" ان جي اردو ترجمي جون چند قسطون پروفيسر طاهر عليءَ صاحب "الرحيم" ۾ شايع ڪرايون. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام نهايت ئي تحقيق سان ١٩٢٨ع ۾ شايع ڪرايو ۽ لطيف جي رسالي جي تشريح ۽ معنيٰ لاءِ هن ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي علمي سند ڪئي هئي. جنهن جو آنجهانيءَ

پنهنجي "مقدمہ لطيفي" ۾ کليءَ دل سان اعتراف ڪيو آهي. ان کا
علاوه هن ڪرموڙيءَ جي ڪلام کي ۾ شايع ڪرايو ۽ ان جي ديباچ
۾ حقيقت محمدي بابت هڪ وڏو عالمانہ مضمون لکيو. سنڌ بابت
فارسي زبان ۾ ٻن لکيل تاريخن "چچنامہ" ۽ "معصومي" جي تعليقات
قلمبند ڪيائين. غرضيڪ سنڌي ٻوليءَ جي فروغ ۽ ادب جي واڌاري
لاءِ هن جون اڪيچار خدمتون آهن، جن کي راشدي صاحب پنهنج
ڪتاب ۾ نظرانداز ڪيو آهي.

همايون جو عشق

پنهنجي ڪتاب ۾ " همايون جي عشق جو داستان " راشدي
صاحب نهايت ئي تفصيل ۽ دلچسپيءَ سان لکيو آهي. حميده بيگ
سان همايون جي عشق جي ڪهاڻي سنڌس ڀيڻ گلبدن بيگم پنهنجي
فارسي ڪتاب "همايون نامہ" ۾ لکي آهي ۽ ان جو وري انگريزي
ترجمو مسٽر اينٽي - ايس - بيورج

(Annette - S - Beveridge)

صاحب ڪيو آهي هي ڪتاب ١٩٧٤ع ۾ لاهور مان شايع ٿيو
راشدي صاحب هي عشقيہ ڪهاڻي صحيح طور لکي آهي. البتہ حميد
بيگم جي عمر بابت ڏکو هنيو اٿس، لکي ٿو تہ ؟ "هندال جي حرم
۾ هندال جي ماءُ دلدار بيگم جي حفاظت ميں، چوڏهن سالن جي هڪ
ڪنواري نينگر رهندي هئي." (صفحہ ١١١) جواب ۾ عرض تہ مو
گلبدن بيگم جو ڪتاب فارسي ۽ انگريزي ٻولين ۾ پڙهيو آهي. ۽
ڪٿي بہ همايون جي گهر واري حميده بيگم جي عمر بابت اُهي
لکيل ڪونہ آهي تہ همايون جي عشق ڪرڻ وقت نينگر جي عمر
چوڏهن سال هئي. اهڙن ڏکن لکڻ کان راشدي صاحب کي پاسو
ڪرڻ کپي.

ڪراچيءَ جون شخصيتون ۽ قائداعظم

جناب علي محمد راشدي صاحب ڪراچيءَ جي الڪل آيهن ماڻهن جو ذڪر پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيو آهي. پر افسوس ۽ صد افسوس جو ان ۾ ڪراچيءَ جي هڪ اعليٰ مالڪ پاڪستان جي خالق ۽ سنڌ جي مٽيءَ مان پيدا ٿيل هڪ عظيم شخصيت حضرت قائداعظم محمدعلي جناح عليه الرحمته جو تذڪرو ڪونه ڪيو اٿس. ان مان راشدي صاحب جو بغض ۽ عداوت نمايان آهي. ڪراچيءَ واري باب ۾ ڪن معمولي شخصن جو ذڪر به راشدي صاحب ڪيو آهي جن کي سچ پچ ته ڪو پڇي به ڪونه. پر قائد جهڙي عظيم المرتبت شخص جو نالو به سندس ڪتاب ۾ مفقود آهي. قائداعظم سان اختلاف ڪرڻ وارا به تسليم ڪندا ته عظمت جي لحاظ کان هن جو شمار اهڙي هڪ شخص سان ڪري سگهجي ٿو جنهن جي لاءِ مشهور انگريز شاعر شيڪسپيئر جو قول آهي ته :-

" He doth best tide the narrow World,
Like a Colo-ssus, and we pettymem
Walk under his huge legs, and peep about
To find ourselves dishonou rable graves."

راشدي صاحب قائداعظم کي فراموش ڇو ڪيو؟ ان جو سبب هي آهي ته هو پاڪستان جي تخليق جو مخالف هو. جنهن بابت اسان وٽ دستاويزي شاهدي موجود آهي. ملاحظه ٿئي راشدي صاحب جو ڪتاب " فرياد سنڌ " ۽ محترم جي-ايم سيد ڏانهن سندس لکيل خط صفحه ١٥ کان ١٢٢ تائين، پاڪستان ٺهڻ کان اڳ راشدي صاحب، جيتوڻيڪ معروف پبلڪ ليڊر نه هو پر سنڌ ۾ هڪ صحافيءَ جي حيثيت سان سڃاتو ويندو هو. هن "قرباني" اخبار ۾ قائد ۽ مسلم ليگ جي مخالفت ڪئي هئي. سندس اهڙين خدمتن جو ذڪر ڪندي هندستان جو هڪ صحافي مسٽر ايم-ايس-ايم شرما (M.S.M Sharma) پنهنجي ڪتاب "پاڪستان ۾ جهاتيون" (Peeps into Pakistan) ۾ لکي ٿو ته

" راشدي صاحب سنڌ ڏانهن موٽي جناح صاحب جي مخالفت شروع ڪئي. جيڪڏهن هندن کي هن کي استعمال ڪرڻ ۽ سندس تجربي ۽ ڄاڻ سان فائدي پرائڻ جي خبر هجي ها ته هو (هندو) ڪاميابيءَ سان پاڪستان جي مزاحمت ڪن ها."

" Rashidi returned to Sind and organised his opposition to Jinnah. If the Hindues had Known how to utilise him and Profit by his experience and knowledge, they could have Successfully resisted Pakistan."

(1954. P-56, Patna pustak Shandar press)

هندن شايد راشدي صاحب کي ان ڪري استعمال نه ڪيو جو هو ڪنهن سان توڙ نه نباهيندو آهي ۽ هڪ مسلڪ تي قائم رهڻ جو عادي نه آهي. ڪڏهن ته " فرياد سنڌ " ڪتاب لکي پنجابين جي خوب مذمت ڪيائين ۽ ٻه چار سال اڳ ون يونٽ جي حڪومت ۾ هڪ اعليٰ عهدي ملڻ کان پوءِ "سنڌ پنجاب تعلقات" نالي انگريزي ۽ اردو پمفلٽ لکي سنڌين ۽ پنجابين جي مشترڪه تاريخي ورثي جو ذڪر ڪري پنجابين جي بيحد تعريف لکيائين. (حوالا بعد ۾ پڙهندا)

اهوئي سبب آهي جو هن پنهنجي ڪتاب ۾ قائداعظم جو ذڪر به لکڻ گوارا نه ڪيو. جيڪڏهن پهر به هو ڪنهن ڪليدي منصب (Key post) تي فائز رهيو ته پوءِ قائداعظم جي شان، عظمت، ۽ ڪاميابين بابت ڪيئي صفحا ڪارا ڪندو. هن وٽ اصول ان جو نالو آهي. اصولن ۾ تبديلي ڪرڻ کان اسان سيني کي پاسو ڪرڻ کپي ۽ اٿن (ANON) جي هن قول تي سختي سان عمل ڪرڻ کپي ته "اسان کي به پنهنجن اصولن سان ائين چنبڙڻ کپي، جيئن رات ۽ طوفان جي وڪوڙڻ وقت خلاصي پنهنجي آخري تختي کي چنبڙي پوندو آهي."

"Let us cling to our principles as the mariner clings to his last plank when night and tempest close around him"

پير راشدي ۽ ڪراچي جو شهر

ڪراچي شهر جي تاريخي حيثيت بابت بحث ڪندي پير صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته ”مسلم ليگ آل انڊيا جماعت جو باقاعده پهريون اجلاس ١٩٠٩ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيو. (توڙي جو ان جو خاڪو ١٩٠٦ع ۾ ڍاڪا ۾ تيار ٿي چڪو هو.“ (صفحه ١٥٦) مسلم ليگ جي اجلاس جي صحيح تاريخن بابت پير صاحب غلطي ڪئي آهي. حقيقت هن طرح آهي ته آل انڊيا مسلم ليگ جو بنياد، ٣٠ ڊسمبر ١٩٠٦ع ۾ ڍاڪا ۾ نواب سليم الله بهادر جي صدارت ۾ پيو هو ۽ ان جي مرحبائي ڪميٽيءَ جو چيئرمن وقار الملڪ مولوي مشتاق حسين هو. ليگ جو پهريون اجلاس ڪراچي شهر ۾ تاريخ ٢٩-٣٠ ڊسمبر ١٩٠٧ع ۾ سر آدمجي جي صدارت ۾ منعقد ٿيو ۽ هن اجلاس جي مرحبائي ڪميٽيءَ جو چيئرمن مسٽر اي-ڪي-ايم دهلوي هو. (ملاحظه ٿئي سيد شريف الدين پيرزاده جو انگريزي ڪتاب (Foundation of Pakistan) جلد پهريون. صفحه ٦٠٨ - ١٩٧٠ع ايڊيشن ڪراچي).

پير صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته ”سنڌ اسيمبلي ئي سڀ کان پهريائين پاڪستان سان الحاق جو اعلان ڪيو. ٿوري ٿوري تلاء ٿئي ٿو. پهرين ٿوري ڪراچيءَ ۾ ٿئي جنهن اڳتي هلي تلاء پريا.“ (صفحه ١٥٧) هتي به پير صاحب تاريخ بابت غلطي ڪئي آهي. ٽين جون ١٩٤٧ع جي پلان مطابق پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ لاءِ صوبائي اسيمبلين کان اهڙيون قراردادون پاس ٿيڻون هيون. مسٽر وي-پي مينن (Menon) پنهنجي ڪتاب ”هندستان ۾ اقتدار جي منتقلي“ (The Transfer of power in India) ۾ لکي ٿو ”ته سڀ کان اول بنگال صوبائي اسيمبليءَ جو اجلاس ويهين جون ١٩٤٧ع تي منعقد ٿيو ۽ نئين آئين ساز اسيمبلي پاڪستان لاءِ ووٽ ڏنو. (صفحه ٣٨٧، ١٩٥٧ع ايڊيشن اورينٽ لانگمئن ڪلڪته، دهلي) ساڳئي ڪتاب جي صفحه ٣٨٨

تي مسٽر مينن لکي ٿو ته الحاق بابت سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس چوويهين جون ١٩٤٧ تي ڪوٺايو ويو ۽ ان ۾ نئين آئين ساز اسيمبليءَ بابت ووٽ اڪثريت سان ورتو ويو.

"The Sind Legislative Assembly met on 26th june (1947) and decidcd by thirty votes to twenty to join a new constitution Assembly."

معلوم ٿيو ته پاڪستان جي الحاق لاءِ پهريائين بنگال اسيمبلي کان (ڪلڪته ۾) ووٽ ورتو ويو، ۽ نه ڪراچيءَ ۾ سنڌ اسيمبليءَ کان، جيئن پير صاحب تحرير ڪيو آهي.

راشدي صاحب ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي

پير راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته هن کي شيخ صاحب سان گڏ سنڌ کان ٻاهر همسفري جي سعادت حاصل ٿي، هڪ ١٩٤١ع ۾ مدراس ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي سالانه اجلاس ٿيڻ وقت ۽ "ٻيو دفعو ١٩٤٥ع ۾ وائسراءِ ويول هندستان جي ليڊرن سان ڳالهين ڪرڻ لاءِ کين شمله سڏايو. جناب جي. ايم سيد قائداعظم رحه جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر هو، تنهن جي استدعا تي آءٌ ۽ شيخ صاحب به ساڻس گڏجي شمله ويا سون." (صفحه ١٦٨، ١٦٩).

افسوس ۽ صد افسوس جو پير صاحب هتي به صريحًا غلطبيانيءَ کان ڪم ورتو آهي. رڪارڊ تي دستاويزي شاهدي موجود آهي ته ١٩٤٥ع ۾ ان وقت هندستان جي وائسراءِ لارڊ ويول شيخ عبدالمجيد سنڌي يا پير راشدي صاحب سان شمله توڙي ٻي ڪنهن جڳهه تي ڪا به ملاقات، ڪا نه ڪئي هئي. حال ۾ مسٽر پينڊرل مون (Penderel moon) وائسراءِ آنجهاني ويول جي ڊائري ڪتابي شڪل بعنوان (Wavell The viceroy's Journal) جي آڪسفرڊ پريس مان شايع ڪرائي پڌرو ڪيو. ويول جي هن ڊائري جي مطالعه مان ظاهر ٿيندو ته ان ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي مرحوم يا "اهي ڪنهن اهي شينهن"

جي مصنف پير راشدي سان ويول جي ملاقات جو ڪو ذڪر ڪيل نہ آهي. البتہ ويول وائسراء جي ڊائريءَ مان پتو پوي ٿو تہ هن سان تاريخ ٢ اپريل ١٩٤٦ تي سادي ٻارهين لڳي ڪان هڪ لڳي ڏاڍين سنڌ اسيمبليءَ ۾ حزب اختلاف جي ليڊر مسٽر جي- ايم- سيد صاحب شملہ ۾ نہ پر دهليءَ ۾ ملاقات ڪئي هئي. سنڌ جي سيد سان ملاقات جو ذڪر ڪندي ويول پنهنجيءَ ڊائري ۾ لکي ٿو تہ "ٻئي طرف سنڌ جو سيد گهڻو ڪري خود ڪلامي ڪان ڪم وٺي سائنلم ڳالهائيندو رهيو. هن جو رڪارڊ ڏيکاري ٿو تہ هو بلڪل هڪ بي اصول سياستدان آهي پر هو پڪ ئي پڪ ذهين ۽ صاحب مذاق (چرچائي) آهي. هن مون کي ٿوري يادگيري سنڌ جي مقتول وزير اعليٰ الله بخش جي ڏياري هئي سيد جي گفتگو جو مکيہ نڪتو هي هو تہ پارٽي بازي جهڙي سياست مناظري بازي، بحث، و تڪرار ڪري هندستان جي اقتصادي مسئلن تي ڌيان نٿو ڏنو وڃي."

"Mr. Sayed of sind on the other hand held forth in an almost un-interrupted monologue. His record shows him a quite unscrupulous politician: But he is certainly intelligent and has a sense of humour. I should say the reminds me a little of the sind Premier who was murdered some years ago, Allah Bakhsh). His main theme was that none of the economic problems of India were receiving attention owing to the concentration of party politics or polemics." (P- 234, oxford press 1973 ED):

مون ويول جي ڊائري مان اصل حوالو ان ڪري پيش ڪيو تہ قارئين کي خاطري ٿئي تہ هن سان فقط محترم جي-ايم- سيد ملاقات ڪئي هئي، سا بہ ١٩٤٦ ۾ دهليءَ ۾، پير صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ شيخ صاحب ۽ پلان ۽ سيد ١٩٤٥ع ۾ ويول جي سڏ تي شملہ ويا هئا جون ١٩٤٥ ۾ ويول مشهور شملہ ڪانفرنس منعقد ڪئي هئي: ان ۾ سنڌ جو ڪو بہ سياستدان شريڪ نہ ٿيو هو. پير صاحب

کي اهڙن ڪوڙن بيانن قلمبند ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ کپي؟

ٻي مهاڀاري لڙائي بابت ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جو نظريو

ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي ڇڙڻ بابت پير راشدي صاحب هڪ اهڙي ڳالهه لکي آهي، جنهن جي ڪا ٻڙ ئي ڪانهي ۽ نسورو ڪوڙ کان ڪم ورتو اٿس. لڙائي ڇڙڻ تي ڪانگريس پارٽيءَ جي موقف جي وضاحت ڪندي لکي ٿو ته جنگ بابت ڪانگريس مهاتما گانڌيءَ جي مشوري سان هڪ پاليسي ٺاهي هئي جنهن مطابق ”ان پاليسيءَ جو مول متو هي هو ته انگريز هندستان کي هڪدم آزاد ڪري ڪانگريس جي حوالي ڪري ڇڏي، ان صورت ۾ ڪانگريس انگريزن جي مدد ڪري ڪانه سگهندي. اگرن جي هير ڦير جيڪا به هئي پر مطلب اهو ئي ٿي نڪتو.“ (صفحه ۱۷۲)

مسلم ليگ جي جنگ بابت پاليسي جي وضاحت ڪندي پيرصاحب لکي ٿو ته قائداعظم جنگ بابت پاليسيءَ جي وضاحت لاءِ ”مسلم ليگ جي مرڪزي ڪائونسل جو اجلاس دهليءَ ۾ سڏايائين. سنڌ مان شيخ عبدالمجيد، حاجي عبدالله هارون ۽ آءٌ وياسين.“ (صفحه ۱۷۲)

اڳتي لکي ٿو ته ”ميٽنگ ۾ اچڻ ٻه ڏينهن اڳ، ان وچ ۾ (قائداعظم) جناح صاحب رحه سان آءٌ ۽ حاجي عبدالله هارون گڏيا هئاسين. پاڻ مون کي حڪم ڪيائين ته جنگ جي باري ۾ مسلم ليگ جي ڪهڙي پاليسي هجي، تنهن موضوع تي ٺهراءُ لکي تيار ڪريان. ڪا خاص هدايت ڪا نه ڏنائين. صرف اهو چيائين ته حالتون سامهون آهن، انهن تي نظر رکندي مسودو تيار ڪر. مون کي اها خبر ڪا نه هئي ته اهڙي اهم ٺهراءُ جي مسودي تيار ڪرڻ جو ٻار مون تي وڌو ويندو. مان سائس هاڻو ڪري موٽي اچي ڪارونيشن هوٽل تي پهتس. ات شيخ صاحب کي صورتحال ٻڌايم ۽ ڪيس عرض ڪيم ته اوهان صلاح ڏيو ته آءٌ ڇا لکان، ڇو ته بين الاقوامي حالات جي مون کي پنهنجي سر ڪجهه پروڙ ڪا نه آهي. شيخ صاحب هيءَ راءِ ڏني ”مسلم ليگ کي وچولي پاليسي

اظهار ڪرڻ گهرجي، نہ انگريز سان دشمنيءَ جي، جو اڳتي هلي پاسي موڙڻ لاءِ بہ گنجائش نہ رهي. جنگ ۾ ڪاميابي انگريز کي حاصل ٿيندي. ڪجهہ وقت کان پوءِ انگريز ۽ روس پاڻ ۾ وڙهندا ۽ جنهن معاملہ کي اڄ ڪلهہ جي بيوقوف دنيا ايتري قدر پختو پئي سمجهي، سو بي بنياد ثابت ٿيندو. آخر ۾ انگريز ۽ روس پاڻ ۾ ملي هٽلر کي ميساري ڇڏيندا. تنهن ڪري جنگ جي اهڙي انتها ۽ اهڙي انجام کي اکين اڳيان رکي، پوءِ پنهنجي پاليسيءَ جو ٺهراءُ تيار ڪريو."

مون انهيءَ لائين تي ٺهراءَ جو مسودو تيار ڪري قائداعظم جي اڳيان رکيو، جنهن، مسودي کي منظور ڪري مون کي حڪم ڪيو تہ ٻئي ڏينهن ڪائونسل جي اجلاس ۾ آءٌ ئي ٺهراءُ پيش ڪريان. ٻئي ڏينهن ٺهراءُ منهنجي نالي تي پيش ٿيو ۽ منظور ٿيو. ان ٺهراءَ جو ڪانگريس جي ٺهراءَ سان، مقابلو ڪري، اڄ بہ فرق محسوس ڪري سگهبو تہ ڪير صحيح ثابت ٿيو." (صفحہ ١٤٣، ١٤٤)

ياد رهي تہ هتي پير صاحب وڏي هام هڻي آهي ۽ مان تاريخي تجزيو پيش ڪري ڪيس غلط ثابت ڪندس. قارئين ڪرام کي گذارش آهي تہ اهي هن بحث، کي غور سان پڙهن ۽ پاڻ منصف بڻجن. جنگ بابت پير صاحب ڪانگريس پارٽيءَ جي جنهن ٺهراءَ جو حوالو ڏنو آهي، ان جو سمورو متن هندستان جي هڪ مقتدر سياستدان ۽ تحريڪ آزاديءَ هند جي هڪ هيرو مرحوم مولانا ابوالڪلام آزاد صاحب پنهنجي مشهور انگريزي ڪتاب (India wins freedom) جي صفحي ٢٨ کان ٣٠ (ايڊيشن ١٩٦٠) تائين نقل ڪيو آهي. مولانا مرحوم ٻڌائي ٿو تہ يورپ ۾ ٻي عالمگير جنگ تاريخ ٣-٩-٣٩ تي شروع ٿي هئي ۽ ان جنگ بابت پنهنجي پاليسيءَ جي وضاحت لاءِ ڪانگريس ورڪنگ ڪميٽيءَ جو اجلاس اٺين سيپٽمبر کان پندرهين سيپٽمبر تائين وارڌا (Wardha) شهر ۾ منعقد ٿيو هو ۽ اتي ورڪنگ ڪميٽيءَ هڪ قرارداد پاس ڪئي جنهن جو نقل مولانا مرحوم پنهنجي ڪتاب صفحہ ٢٨ کان ٣٠ تائين ڏنو آهي. هن قرارداد جي مطالع سان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪانگريس جرمني ۽ اٽليءَ ۾ نافذ ٿيل ناززم ۽ فاشزم جي پرزور مذمت ڪئي آهي.

۽ جمهوريت جي حمايت ان شرط سان ڪئي آهي ته امپريلزم ۽ سامراجيت جو خاتمو آندو وڃي. هندوستاني عوام جنگ جي فقط ان شرط سان حمايت ڪندو جڏهن کين به جمهوريت ۽ حق خوداراديت ڏني وڃي ۽ کين پنهنجيءَ مرضيءَ سان آئين ٺاهڻ جي آزادي. آئين ساز اسيمبلي ذريعي بيروني مداخلت جي بغير ملي ۽ هو آزاديءَ سان پنهنجون پاليسيون پاڻ ٺاهين. مولانا مرحوم جي ڪتاب ۾ ڏنل ڪانگريس ورڪنگ ڪميٽيءَ جي پاس ڪيل ٺهراءَ قرارداد مان هڪ اهم ٽڪري جو حوالو عرض رکان ٿو.

"If Great Britain fights for the maintenance and extension of democracy, then She must necessarily end imperialism in her own posessions, establish full democracy in India, and the Indian people must have the right of self determination by framing their own Constitution through a Constitution Assembly without external interference and must guide their own policy. A free democratic India will gladly associate herself with other free nations for mutual defence against aggression and for economic Co-operation."

(Page 28)

اهو آهي جنگ بابت ڪانگريس جي قرارداد جو لب لباب، جو انين سيپٽمبر کان پندرهين تاڻين بمقام وارڌا (Wardha) پاس ٿيو. معلوم ٿي ويندو ته ڪتاب لکڻ وقت راشدي صاحب آڏو ڪانگريس جي اصل پاس ڪيل قرارداد موجود ڪانه هئي. ان ڪري ڏکي ٿي لکي ويو ته "هندستان کي آزاد ڪري هڪدم ڪانگريس جي حوالي ڪجي."

جنگ بابت مسلم ليگ جي ڪهڙي پاليسي رهي؟ راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ دعويٰ ڪئي آهي ته اها قرارداد قائد اعظم جي فرمائش تي سنڌس ڊرافٽ ڪيل هئي. پوءِ ڪهڙن سببن ڪري

موصوف پنهنجي ٺي لکيل قرارداد جو متن پيش نہ ڪيو؟ متن تہ پري رهيو، پر پاڻ پنهنجي ڪتاب ۾ قرارداد جي عبارت کان اکيون ٻوٽي ڇڏيون. اهو بہ هڪ وڏو دليل آهي تہ مذڪوره قرارداد هن جي ڊرافٽ ڪيل هرگز نہ آهي، جيئن دعوى ڪئي اٿس. سنڌس هن ڳالهہ کي ڪوڙي ثابت ڪرڻ لاءِ مان ٻيا دليل تہ بعد ۾ عرض رکندس. هتي لازم آهي تہ قارئين آڏو ٻي عالمگير جنگ بابت مسلم ليگ جي طرفان پاس ڪيل قرارداد جا ڪي ٽڪرا سنڌيءَ ۾ پيش ڪيان. هيءَ قرارداد ڪل هندستان مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ پنهنجي دهلي واري اجلاس ۾ تاريخ ارڙهين سيپٽمبر ١٩٣٩ع تي پاس ڪئي هئي. اصل قرارداد انگريزيءَ ۾ آهي، جيڪا مسٽر جي-الانا (G-Allana) پنهنجي ڪتاب "پاڪستان تحريڪ - تاريخي دستاويزات"

(Pakistan Movement - Historic Documents)

جي صفحہ ٢١٦ کان ٢٢٠ تي نقل ڪئي آهي. هي ڪتاب اسلامڪ بوڪ سروس وارن لاهور مان شايع ڪرايو آهي ۽ منهنجي لائبرري ۾ ان جي ٽين ايڊيشن (Sep-77) موجود آهي.

هن قرارداد ۾ ڪل ڏهہ پئرائون آهن ۽ جنگ بابت مسلم ليگ جي پاليسيءَ جي وضاحت پئرا نمبر ڇهين کان شروع ٿي ڏهين تائين ختم ٿئي ٿي. ناظرين جي دلچسپيءَ لاءِ مذڪوره پئرائن جو ترجمو عرض رکجي ٿو.

(٦) "مسلم ليگ غير اشتعال انگيز جارحيت سان گڏوگڏ ان اصول جي بہ مذمت ٿي ڪري تہ جو ڏاڍو سو گابو. ليگ انسان ذات جي آزاديءَ واري اصول کي قبول ڪندي اعلان ٿي ڪري تہ ڏاڍن جي خواهش پوءِ چونہ اها پنهنجي پر ۾ حق ۽ انصاف تي مبني هجي، ان کي رهڻ جي اجازت ڏني نہ ويندي مسلم ليگ ورڪنگ ڪميٽي پولينڊ، انگلنڊ ۽ فرانس سان گهري همدردي رکي ٿي. ڪميٽي، بهرحال محسوس ٿي ڪري تہ هن آزمائشي گهڙين ۽ ڏکئي وقت ۾ حڪومت برطانيہ ڪي مسلمانن جي حمايت ۽ مدد ڪاميابيءَ سان اوستائين ڪانہ ملي سگهندي، جيستائين هز مئجسٽي جي گورنمنٽ ۽

وائسراءِ هندستان جي ڪانگريسي راڄ جي صوبن ۾ مسلمانن کي حق ۽ انصاف ولڻ نتا ڏيئي سگهن. انهن ڪانگريسي صوبن ۾ اڄ ڪلهه مسلمانن جي آزادي، جان، ملڪيت ۽ عزت خطري ۾ آهن ۽ انسان ڪڏو ڪڏ انهن جا بنيادي حق به نهايت ئي بي رحميءَ سان ڪچلايا وڃن ٿا ڪاميٽي هزمئجسٽي جي گورنمنٽ، وائسراءِ ۽ گورنر جنرل تي زور ٿي آڻي ته جنهن به صوبائي اسيمبليءَ ۾ مسلمانن کي انصاف يا حق پلئه نه پوي، يا جتي مسلمانن جي سياسي، اقتصادي، سماجي يا ثقافتي حقن تي ڌاڙا لڳن يا انهن سان هٿ چراند ٿئي ته اهڙي موقعي تي صوبائي گورنرن کي هدايت ڪجي ته هو پنهنجي آئيني حقن جو خاص استعمال ڪري مسلمانن جي حقن جي حفاظت لاءِ ڪو جوڳو اپاءُ برطانوي حڪومت جي اعلانات مطابق ڪن. پر ڪميٽيءَ کي افسوس سان اظهار ڪرڻو ٿو پوي ته اڃا تائين گورنرن پنهنجا خاص حق استعمال ڪونه ڪيا آهن، ۽ انهن ڪانگريس هاءِ ڪمانڊ کان ڊڄي مسلمانن جي حقن جيحفاظت ڪرڻ ۾ ناڪاميابي ڏيکاري، جو ته ڪانگريس اڳ ئي خبردار ڪري ڇڏيو ته جيڪڏهن گورنرن، صوبن ۾ پنهنجن خاص آئيني اختيارات جو استعمال ڪيو ته اهڙن اڪثريت وارن ڪانگريسي صوبن ۾ گهوٽالو پيدا ٿي سگهي ٿو."

(۷) "مسلم ليگ به هندستان جي آزادي چاهي ٿي ۽ انهيءَ موقف تي قائم آهي. ڪاميٽي هزمئجسٽي جي گورنمنٽ تي زور ٿي ڀري ۽ ان کان هي ضمانت گهري ٿي ته مسلم ليگ جي منظوريءَ ۽ رضامندي بغير هندستان جي ڪنهن به آئيني ڍانچي جو اعلان نه ڪيو ويندو، ۽ وڏيڪ ته مسلم ليگ جي مرضي ۽ منظوري کانسواءِ ان قسم جو ڪوبه دستور هزمئجسٽي جي گورنمنٽ يا پارليامينٽ نه ٺاهيندي ۽ نه نافذ ڪندي."

(۸) "فلسطيني عربن بابت برطانوي پاليسيءَ مسلمانن جي احساسات ۽ جذبات کي شديد طور مجروح ڪيو آهي. ۽ انهيءَ ڏس ۾ اڃا تائين سيني احتجاجن ۽ گذارشن جو ڪوبه ڪرتيل ڪونه نڪتو. ڪاميٽي، برطانوي سرڪار تي زور ٿي آڻي ته هوءَ عربن جي قومي

مطالبن جي پذيرائي ڏيکاري کين مطمئن ڪري".

(٩) "جيڪڏهن سڄي دنيا سان دوچار ٿيل هن خطرناڪ گهوٽالي (جنگ) ۾ انگريز سرڪار، مسلمانن جي طرفان مڪمل، مؤثر، ۽ عزت پري حمايت چاهي ٿي ۽ بحران ڪسي ڪاميابي سان ختم ڪرڻ لاءِ برطانيه سرڪار خواهش رکي ٿي ته پوءِ ان حالت ۾ سرڪار جسي مٿان لازم آهي ته مسلمانن کي تحفظ ۽ اطميسنان جو احساس ڏياري مسلم ليگ کي اعتماد ۾ وٺي. ڇاڪاڻ ته هندستان جي مسلمانن پاران گفت و شنيد ڪرڻ لاءِ اهائي واحد جماعت آهي"

(١٠) "هن نازڪ ۽ ڏکئي وقت ۾ ورڪنگ ڪميٽي هر مسلمان کي آل انڊيا مسلم ليگ جي جهنڊي هيٺ متحد رهڻ جي اپيل ڪري ٿي. ان لاءِ مسلمانن کي گهرجي ته هرڪا قرباني ڏيڻ لاءِ تيار رهن ڇاڪاڻ ته هندستان جي نو ڪروڙ مسلمانن جي قسمت ۽ عزت مسلم ليگ پارٽيءَ سان ئي وابسته آهي."

"نوابزاده لياقت علي خان ايم-ايل-اي (يو پي)
آنرري سيڪريٽري آل انڊيا مسلم ليگ"
(ڏسو جي الانا جو ڪتاب صفحه ٢١٩ کان ٢٢٠ تائين)

هي هئي بي عالمي لڙائي بابت مسلم ليگ جي سرڪاري پاليسي. مسلم ليگ غير مشروط طور انگريز سرڪار جي جنگي پاليسين جي حمايت ڪانه ڪئي آهي، پر ڪانگريس پارٽي وانگر حمايت بابت ڪي شرائط پيش ڪيا جي اوهان مٿي پڙهي آيا. هن ئي قرارداد بابت راشدي صاحب جي دعويٰ آهي ته اها قائداعظم جي فرمائش تي هن ئي ڊرافٽ ڪئي هئي جا سنڌس نالي ۾ جاري ٿي هئي. راشدي صاحب جي هي دعويٰ ڪوڙي ۽ تاريخ سان مذاق جي مترادف آهي. هن جي ڳالهه غلط، قابل اعتراض ۽ گمراهه ڪن آهي. سندس حجت جي رد ڪرڻ لاءِ مون وٽ هيٺيان پنج دليل آهن جي پڙهندڙن آڏو عرض رکان ٿو.

پهريون دليل هي آهي ته راشدي صاحب پنهنجي ڪلہم ڪيل قرارداد جي متن بابت هڪ اکر به ڪونه لکيو آهي ته ان جا مندرجات

ڪهڙا هئا جيئن مون ابتدا ۾ عرض ڪيو ته مسلم ليگ جي هن قرارداد ۾ ڪل ڏهه پئرائون آهن انهن مان پنجن اهم پئرائن جو جيڪي جنگ جي پاليسي سان تعلق رکن ٿيون سي مون ترجمو ڪري اوهان جي آڏو پيش ڪيم. راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ هڪڙي پئرا جو جملو به نقل نه ڪيو آهي. ان جو سبب ڇا آهي؟ سنئون سڌو جواب آهي ته هي قرارداد راشدي جي ڊرافٽ ٿيل ٿي نه آهي. هن صاحب مسلم ليگ جي مٿين قرارداد بابت پنهنجي ڪتاب ۾ فقط هي جملو لکيو ته "ان نعراءَ جو ڪانگريس جي نعراء سان مقابلو ڪري اچ به فرق محسوس ڪري سگهبو ته ڪير صحيح ثابت ٿيو" (صفحو ١٤٢) راشدي صاحب ته ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي نعرائن جو ڪوبه تقابل ڪونه ڪيو آهي. ڇو جو اهي ٻئي نعراء هن جي آڏو ڪونه هئا. البته مون انهن نعرائن جو مقابلو ڪري ڏنو ته ٻئي پارٽيون پنهنجي پر ۾ صحيح هيون. ٻنهي جنگ ۾ فسطائي طاقتن جي مخالفت ڪئي ۽ جمهوريتن جي حمايت ڪن شرطن سان ڪئي جي مٿي مون بيان ڪيا. راشدي صاحب بابت مون پڌو آهي ته ڪيس بلا جو حافظو آهي. جيڪڏهن مسلم ليگ جو نعراء هن جو ڊرافٽ ٿيل هجي ها ته ضرور ڏهن فقرن مان هڪ ٻن فقرن جا حوالا پنهنجي ڪتاب ۾ نقل ڪري ها. پر افسوس جو ائين ڪري ڪونه سگهيو. سبب هي آهي ته نعراءُ هن جو ڊرافٽ ٿيل نه هو.

ٻيو دليل: راشدي صاحب لکيو آهي ته نعراء ٻئي ڏينهن تي هن جي نالي پيش ٿيو ۽ منظور ٿيو. سندس هيءَ دعويٰ غلط بي بنياد ۽ ڪوڙي آهي. قرارداد جي متن ۾ هن جو نالو لکيل نه آهي البته نوابزادي لياقت علي خان جو نالو مذڪور آهي. صاف ظاهر آهي ته قرارداد هن جي ڊرافٽ ٿيل نه آهي.

ٽيون دليل. راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته جنگ بابت پاليسيءَ لاءِ جناح صاحب "مسلم ليگ جي مرڪزي ڪائونسل جو اجلاس دهليءَ ۾ سڏايو" (صفحو ١٤٣) ۽ اجلاس ۾ سندس جي ٺاهيل قرارداد پيش ٿي ۽ منظور ٿي.

رڪارڊ مان ثابت آهي تہ جنگ بابت ٺهراءُ مسلم ليگ جي مرڪزي ڪائونسل پاس ڪونہ ڪيو بلڪ آل انڊيا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ دهليءَ ۾ پاس ڪيو. ڪانگريس جو ٺهراءُ بہ وارڌا ورڪنگ ڪاميٽي پاس ڪيو. صاف ظاهر آهي تہ راشدي صاحب ان اجلاس ۾ موجود ئي ڪونہ هو نہ تہ هن قسم جي سنگين غلطي لکڻ ۾ هرگز نہ ڪري ها.

چوٿون دليل: مٿيون ٺهراءُ ورڪنگ ڪميٽيءَ پاس ڪيو هو ۽ پير صاحب آل انڊيا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر ئي نہ هو تہ پوءِ ڪهڙيءَ حيثيت ۾ هن اجلاس ۾ شرڪت ڪري ٺهراءُ ڊرافٽ ڪيو؟ پير صاحب حاجي عبدالله هارون واري باب ۾ پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو تہ هو سنڌ ۾ مسلم ليگ جو جنرل سيڪريٽري هو ۽ ٿي سگهي ٿو تہ هو اڳين بہ چوڻ شروع ڪري تہ پاڻ سنڌ جي جنرل سيڪريٽري جي حيثيت ۾ اجلاس ۾ شريڪ ٿيو. پرهي بہ غلط آهي. مان رڪارڊ جي آڌار تي ثابت ڪندس تہ پير صاحب ڪڏهن بہ سنڌ مسلم ليگ جو جنرل سيڪريٽري ئي ڪونہ رهيو. هن سلسلي ۾ ناظرين جو ڌيان سنڌ جي ممتاز صحافي ۽ پراڻي مسلم ليگي حافظ خيرمحمد صاحب اوحدي جي هڪ مضمون ڏانهن ڇڪايانٿو. حافظ صاحب جو هي قيمتي مضمون بعنوان "سنڌ ۾ مسلم ليگ جو قيام ۽ ان جو عروج ۽ زوال" سنڌي ماهوار "رهبر ڊائجسٽ آگسٽ ١٩٧٨" ۾ شايع ٿيو. سنڌ مسلم ليگ جي تاريخ بابت حافظ صاحب سند جي حيثيت رکي ٿو. جيئن پاڻ لکي ٿو تہ "سنڌ ۾ مسلم ليگ جي حياتي ويهہ ورهيہ رهي آهي. ١٩٣٨ع ۾ قائم ٿي ۽ ١٩٥٨ع ۾ ختم ٿي وئي. انهن انهن ورهين مان منهنجا تيرهن ورهيہ صوبہ سنڌ مسلم ليگ آفيس ۾ گذريا آهن. هڪ ورهيہ شروع ۾ (١٩٣٨-٣٩) جڏهن مان سنڌ مسلم ليگ جي ترجمان اخبار "مسلم ليگ" ايڊٽ ڪندو هوس ۽ ٻارهن ورهيہ پوءِ (١٩٤٦ کان ١٩٥٨) انهيءَ عرصي ۾ مان ڏهہ ورهيہ (١٩٤٩ع کان ١٩٥٨ع تائين) سنڌ مسلم ليگ جو آفيس سيڪريٽري رهيو آهيان ۽ سندس سڄو جماعتي نظام ۽ دفتري انتظام منهن جي هٿ ۾ رهيو

هي. انهيءَ ڪري سنڌ مسلم ليگ جي باري ۾ منهنجن ڳالهين جو
ارومدار پڻ سنڌ جي بدران منهنجي پنهنجي ڄاڻ ۽ مشاهدي تي
هي ۽ هي ڳالهيون گويا منهنجن ذاتي ڳالهين جي حيثيت رکن ٿيون
ن سلسلي ۾ ٻيو ڪوبہ شخص مون ڪان زياده صحيح ۽ مستند احوال
ايد بيان ڪري نہ سگهي." (صفحہ ١٣٩)

حافظ صاحب جي مٿين بيان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هو مسلم ليگ
ي رڪارڊ ۽ تاريخ بابت سند جي حيثيت نٿو رکي. ڀاڻ ڪيئي سال
ن تنظيم ۾ ڪم ڪيائين ۽ ان جو سرڪاري رڪارڊ ڪيم ٿي
هيو آهي. سنڌ ۾ مسلم ليگ جي قيام ١٩٣٨ کان ١٩٥٨ع تائين
ڪهڙا ڪهڙا شخص ان جي صدر ۽ سيڪريٽري جنرل جي عهدن تي
ٿز رهيا، ان بابت حافظ خيرمحمد اوحدي صاحب پنهنجي ڄاڻي
مضمون ۾ لکي ٿو تہ سنڌ مسلم ليگ جي ويهن ورهين جي زندگيءَ
جيڪي صاحب صدر ۽ جنرل سيڪريٽري جي عهدن تي فائز رهيا
ن انهن جا اسماء گرامي هي آهن:-

صدر سر عبدالله هارون- خانبهادر محمدايوب کهڙو- مسٽر جي-
م- سيد جناب يوسف هارون ۽ دوباره ڏهہ سال ساندہ خانبهادر کهڙو.

جنرل سيڪريٽري: شيخ عبدالمجيد- مسٽر يوسف هارون- سيد
لام حيدر شاهہ- آغاغلام نبي پٺاڻ ۽ جناب عبدالفتاح ميمڻ" (صفحہ ١٤٣-١٤٤)

معلوم ٿيو تہ پير علي محمد راشدي ڪڏهن بہ مسلم ليگ جي
نرل سيڪريٽري جي عهدي تي نہ رهيو آهي جيئن ڀاڻ پنهنجي
ڪتاب ۾ انڪشاف ڪيو اٿس.

ان ڪري سيڪريٽري جنرل جي حيثيت ۾ بہ جنگ بابت
سلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي دهليءَ واري اجلاس ۾ هن
جي شموليت جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي تہ پوءِ مهرباني
رمائي پير صاحب جن اسان کي ٻڌائين تہ قائداعظم جي فرمائش تي
ن مسلم ليگ جي جنگ واري پاليسيءَ جو ٺهراءُ ڪيئن ڊرافٽ ڪيو.

پنجون دليل: پنجون ۽ آخري عرض رکان ٿو.
جيئن مٿي عرض ڪيو ويو تہ ٻيءَ عظيم جنگ، بابت مسلم ليگ جي

پاڻ سميءَ جو اعلان ١٨ سيپٽمبر ١٩٣٩ع تي ٿيو ۽ ان وقت پير صاحب
چوٽيهن ورهين جو نوجوان هو. (پيرصاحب جي ڄمڻ جي تاريخ ٥.١٩١٠ع
آهي) ڇا بوڙيءَ مسلم ليگ ۾ ڪو سينئر ماڻهو ڪونه هئو جو قائد
جي نگاهه چوٽيهن ورهين جي هڪ غير تجربيڪار شخص تي پئي هئي.
ان وقت مسلم ليگ ۾ هندستان جي چوٽيءَ جا سينئر سياستدان جهڙوڪ
نواب بهادر يار جنگ. لياقت علي خان. مولانا ظفر علي خان. راجا صاحب
محمودآباد. مسٽر اي-ڪي فضل الحق. نواب خواجه ناظم الدين. نواب سر
اسماعيل خان. چوڌري خليق الزمان جهڙا شخص شامل هئا. ڇا انهن کي
نظر انداز ڪري بهمڻ ڳوٺ جي نوجوان سيد زادي کي قائداعظم
نهراڻ ڊرافٽ، ڪرڻ لاءِ چيو. مان يقين سان چوان ٿو ته اهو قائد تي
بهتان آهي. پير صاحب جن اهڙين بي بنياد ڳالين کان پاسو ڪن ته بهتر.

شيخ عبدالمجيد ۽ مستقبل جي ڄاڻ

پير صاحب جي جنگ عظيم بابت شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي
جيڪا پيشنگوئي نقل ڪئي آهي ته هٽلر ۽ روس جو معاهده ٽٽندو.
هٽلر بعد ۾ روس تي حملو ڪندو ۽ روس اتحادين سان شامل ٿي
هٽلر کي شڪست ڏيندا وغيره. پير صاحب جي خيال مطابق اها هن
جي وڏي سياسي بصيرت هئي ۽ ان وقت هندستان جي ڪنهن به
سياستدان ان قسم جي پيشنگوئي ڪانه ڪئي. مان عرض ڪندس ته
ان قسم جي پيشنگوئي هٽلر، چرچل، مسولني ۽ اسٽالن يا روزويلٽ به
ڪانه ڪئي. هنن کي پاڻ به خبر ڪانه هئي ته اڳتي هلي جنگ
ڪهڙي شڪل اختيار ڪندي. شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي اها سياسي
بصيرت ڪانه هئي پر اها غيب داني آهي ۽ غيب جو علم فقط الله تعاليٰ
وٽ آهي. جيئن قرآن مجيد ۾ فرمايو اٿس ته "ولايعلم الغيب الاهو."
الله ڌاران سواءِ ڪوئي غيب جو ڄاڻو نه آهي. البته الله تعاليٰ پنهنجن
نبين ۽ رسولن کي جيترو چاهي غيبي علم عطا ڪري سگهي ٿو. اصل
۾ هو پاڻ ئي "عالم الغيب والشهاده آهي" پيرصاحب کي خبر هجي ته
ڪڏهن ڪڏهن شيطاني علم جي بنياد تي ڪي نجومي ۽ ڪاهن مستقبل

جون خبرون ٻڌائيندا آهن. ان سلسلي ۾ مشهور مسلمان فيلسوف مفڪر ۽ تاريخدان علامہ ابن خلدون پنهنجي مقدمہ ۾ "علم جفر ۽ مستقبل جي پيشنگوين" بابت هڪ ڏگهو عالمانہ باب لکيو آهي. هو ٻڌائي ٿو تہ هڪ دفعي زابلستان جي بادشاه عباسي حڪمران خليفہ مامون ڏانهن ذوبان نالي هڪ نجومي ۽ ڪاهن کي سوکڙيءَطور موڪليو هو. پريءَ ڪچهريءَ ۾ مامون ذوبان کان پڇيو تہ پنهنجي ڀاءُ امين تي آءٌ ڪيئن فاتح ٿيان. ذوبان وراڻيو تہ "تنهنجي فوج ۾ طاهر نالي هڪ سپہ سالار آهي اهوئي امين کي قتل ڪندو" ۽ پوءِ بعد ۾ ٿيو بہ ائين. ذوبان ٻيون ڪيتريون ئي مستقبل جون ڳالهيون مامون کي ٻڌايون. عمليت پرست مامون ذوبان جي علم کي آزمائي اچرج ۾ پئجي ويو ۽ انهيءَ دريافت ڪرڻ لڳو تہ "هي علم توکتان پرايو" ذوبان جواب ڏنو تہ "ان علم جو سلسلہ شطرنج جي موجد صعصعہ بن داهرالسندي کان شروع ٿيو."

هاڻي مان جناب پيرعلي محمد راشدي صاحب کان پڇا ڪرڻ ٿو چاهيان تہ قبلا ٻڌايو تہ شيخ عبدالمجيد سنڌي سنڌ جو چرچل هو يا ذوبان. يعني سياستدان هو يا نجومي ۽ ڪاهن؟ ظاهر آهي تہ هو سياستدان هئو. تہ پوءِ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ بابت هن جي جيڪا پيشنگوئي ۽ غيب داني جي خبر هن پنهنجي ڪتاب ۾ نقل ڪئي آها ذوبان جهڙي نجوميءَ جي وس ۾ آهي. اصل ڳالهہ هي آهي تہ ٻي جنگ بابت شيخ صاحب ان وقت اهڙي ڪابہ پيشنگوئي ڪانہ ڪئي هئي. هي واقعو ١٩٣٩ جو آهي ۽ پهريون دفعو ان جو انڪشاف پير صاحب ايڪيتاليهن سالن گذرڻ بعد ١٩٨٠ع ۾ ڪيو آهي انسبب سارو ئي سنڌس ڪاليہ ڪوڙو ۽ جعلي آهي.

پير راشدي ۽ مولانا محمد صادق کڏي وارو

افسوس ۽ صد افسوس جو پير صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ مقتدر عالم دين مولانا محمد صادق مرحوم بابت مولوي عبيدالله سنڌيءَ جي

حوالي سان اهڙي ڳالهه لکي آهي، جيڪا ناقابل اعتبار، ڪمزور ۽ غلط آهي. مصنف پنهنجي ڪتاب ۾ مولانا محمد صادق بابت لکي ٿو ته "هڪ ڀيرو مون سما سٽا ريلوي اسٽيشن (جت ريل گاڏين جو ڪراس ٿيندو هو ۽ اڄ لاهور کان ڪراچي اچي رهيو هوس) تي ڏٺو ته مولانا محمد صادق رحه جيڪو مولانا عبيدالله سان گڏ دهليءَ وڃي رهيو هو، ٽوپلو پايون پيو پليٽفارم تي گهمي. مون کيس ڀڙيون سڃاتو به ڪو نه، ڇو ته مولانا جي سونهاريءَ ۾ به هيئنر نمايان تخفيف ٿيل هئي." (صفحه ۱۷۱)

مولانا محمد صادق جي شاگردن ۽ عقيدت مندن جو چوڻ آهي ته هتي پيرصاحب صريحا غلط بيانيءَ کان ڪم ورتو آهي. مولانا مرحوم ڪڏهن به ٽوپلو ڪونه پاتو ۽ نڪي پنهنجيءَ ڏاڙهيءَ ۾ تخفيف ڪيائين. تازو اسان جي هڪ فاضل دوست مولوي عزيزالله ٻوهيي صاحب به "الصادق" رسالي ۾ ان جي ترديد ڪئي ۽ پيرصاحب کان نرم لفظن ۾ احتجاج ڪيو. البت پيرصاحب مولانا عبيدالله سنڌيءَ بابت اهو صحيح لکيو آهي ته مرحوم سيني کي ٽوپلي پائڻ جي تلقين ڪندو هو. مولوي عبيدالله هڪ وڏو عالم فاضل شخص هو. تحريڪ آزاديءَ هند جي راه ۾ هن بي شمار قربانيون ڏنيون هيون. ان ڏس ۾ هو ساڍا چوويهه سال جلاوطن به رهيو. هن جو خيال هو ته جيستائين مسلمان مغربي لباس ۽ تهذيب اختيار نه ڪندا اوستائين هو سائنس ۽ مادي ميدان ۾ ترقي ڪري نه سگهندا. مولانا مرحوم جي هيءَ راءِ جذباتيت تي مبني هئي ۽ حقيقت جي سراسر خلاف. ڪنهن قوم جي سائنسي يا مادي ترقي لاءِ لباس هرگز رڪاوٽ نه آهي. علامه اقبال مرحوم بالڪل صحيح فرمايو ته "ٻڌڪو پهرڻ به علم ۽ هنر سکڻ لاءِ رڪاوٽ نه آهي."

"مانع علم و هنر عمامه نيست"

مولوي عبيدالله صاحب جي راشدي يارن عقيدت مندن جي خدمت ۾ گذارش ڪندس ته يورپ ۾ سائنس ۽ نئين سجاڳي (Renaiss nce) جا بنياد وجهندڙ ڏاڙهي ڪوڙ ۽ ٽوپلو پائيندڙ يورپي

نوڪ ڪونہ ھئا ، پر يورپ کي سائنس جي فيض ڏيڻ وارا پڻڪي ڀھريندڙ ۽ ڏکڻ ڏاڙھين وارا عرب مسلمان ھئا۔ خود يورپ جي چوٽيءَ جا سائنسدان ۽ دانشور شاھدي ڏين ٿا تہ " جيڪڏھن عربن جو اثر يورپ تي نہ پوي ھا تہ يورپي تھذيب جو احياء ٿي نہ سگھي ھا ۔ جيتوڻيڪ يورپي تھذيب جي ھر پھلو تي عربن جو اثر نمايان آھي ، پر اسين ڏسون ٿا تہ سائنس جي ميدان ۾ يورپ تي عربن جو فيض سڀني کان سرس ۽ مشاھون آھي ." مثال طور، ڊاڪٽر رابرٽ بريفالٽ (Robert Briffault) موجوده يورپ جو ھڪ عظيم ترين دانشور ۽ سائنسدان ٿي گذريو آھي۔ ھو پنھنجي مشھور ڪتاب " انسانيت کي سنوارڻ بڻائڻ " (The Making of Humanity) جي باب " دارالحڪومت " (Home of Science) ۾ يورپ تي سائنس توڙي ٻين شعبن ۾ پڻڪو ڀھريندڙ توڙي ڏاڙھي رکندڙ عربن جو احسان نھايت ئي فراخدليءَ ۽ غير تعصبانہ انداز ۾ تسليم ٿو ڪري۔ ھڪ حوالو راشدي صاحب جي خدمت ۾ عرض رکان ٿو۔ اميد اٿم تہ اڳتي ڏاڙھين ۽ پڻڪن وارن شخصن تي طنز ڪرڻ کان پاسو ڪندو۔ ڊاڪٽر بريفالٽ لکي ٿو تہ:-

" It is highly probable that but for the Arabs, modern European Civilization Would never have arisen at all, it is absolutely certain that but for them, it Would not have assumed that character which has, enabled it to transcend all previous phases of evolution. For although there is not a single aspect of European growth in which the decisive infulence of Islamic culture is not traceable, no where itis so clear and momentous as in the genesis of that power which constitutes the Paramount distinctive force of the modern world and the Supreme source of it's victory natural Science and the Scientific spirit." (P—190 1980 E 1)

ھر آھي ننڍڪي ٻڌندڙ ۽ ڏاڙھي وارن جا سائنسي ڪارناما جن

تي اڄ سڄي دنيا نازان آهي. ان وقت توپلو ڀڙڀڙيندڙ لوڪ، ڊاڪٽر بريفالٽ جي الفاظ ۾ ”بربريت ۽ اونداهيءَ جا شڪار هئا“ اميد ته مولوي عبيدالله جا راشدي پارا عقيدتمند پنهنجي ليڊر جي سطحي ۽ جذباتي خيالات جي هينئر صحيح پروڙ رکندا.

حاجي عبدالله هارون ۽ پير علي محمد راشدي

حاجي عبدالله هارون وارو وباب راشدي صاحب جي ڪتاب جو طويل ترين باب آهي جو ١٧ صفحن کان شروع ٿي صفحه ٣١٠ تي ختم ٿو ٿئي. هتي حاجي صاحب جو ذڪر ته براءِ نام ٿو اچي. مصنف جو اصل مقصد پنهنجا ڪوڙا تاريخي ڪارناما بيان ڪرڻ آهي. هن باب جي پڙهڻ کان پوءِ هر ذهين قاريءَ جي دماغ ۾ اهو تاثر ويهي ٿو ته پاڪستان جا خالق علامه اقبال رح چوڌري رحمت علي رح يا قائداعظم رحه جهڙيون عظيم المرتبت شخصيتون ڪونه هيون پر اهو تنها حاجي عبدالله هارون جي ملازم پيرعلي محمد راشدي صاحب جي دماغ سوزي جو ڪارنامو آهي. جو ته تقسيم جي ڀرڊن تجويز تاريخ ٢ فبروري ١٩٤٠ع ۾ حاجي عبدالله هارون قائداعظم ڏانهن هڪ لکيل خط ذريعي پيش ڪئي هئي ۽ راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ دعويٰ ڪئي آهي ته ”اهو سڪيل وارو بي انتها تاريخي خط هن بنده ناچيز يعني علي محمد راشديءَ جي قلم جو ڪارنامو آهي.“ (صفحه ٣١٠) هن کان وڌيڪ تاريخ سان ٻيو ڪهڙو مذاق ٿي سگهي ٿو. يا ويلتاه! هڪ سرڪاري اداره جو ڇپيل ڪتاب ۽ ان ۾ پاڪستان جي معمارن جي اهڙي توهين؟ ڪنهن کي ڏانهن ڏيان ڪنهن سان ڳالهه ڪريون؟ جيڪڏهن ڪو شخص هي باب پڙهي اها راءِ قائم ڪري ته پاڪستان جي تخليق راشدي صاحب جي دماغسوزي جو نتيجو آهي ته هوائين آهي جيئن ڪو چوي ته رياست اسرائيل جو خالق ياسر عرفات آهي. مان اڳ ۾ ئي لکي آيو آهيان ته ”راشدي صاحب پاڪستان جي تخليق جو بدترين مخالف هو.“ ان لاءِ هون ڪن ڪتابن جا حوالا به عرض ڪيا هئي

پاڪستان جي تخليق بابت راشدي صاحب جا ٻول پڙهڻ لاءِ ڪجهه ٻيو مواد ناظرين تي ڇڏي ڏيندس.

راؤنڊ ٽيبل (گول ميز) ڪانفرنس، علامه اقبال ۽ پاڪستان جو نالو

ڪتاب جي صفحه ١٩٠ تي راؤنڊٽيبل بابت ڊاڪٽرامبيڊڪر جي حوالي سان لکي ٿو ته "بقول ڊاڪٽر امبيڊڪر، جيڪو پاڻ راؤنڊ ٽيبل ڪانفرنس جو ميمبر هو، حضرت علامه صاحب رحه خود راؤنڊ ٽيبل ڪانفرنس جي ٽئين اجلاس ۾ هي ڳالهه ڪئي ته هندستان ۾ ڪا به مرڪزي حڪومت نه هجڻ گهرجي ۽ صوبن کي خودمختار ۽ آزاد (Dominion) بڻائي سڌيءَ طرح لنڊن ۾ برطانيه جي سيڪريٽري سان وابسته ڪرڻ گهرجي، پاڪستان جو نالو ڪونه. ورتو هئائين ڏسو ڊاڪٽر امبيڊڪر جي ڪتاب (Thoughts on Pakistan) جو صفحه ٣٣٦ ۽ ٽين راؤنڊ ٽيبل جي ڪار گذاري." صفحه (١٩٠،١٩١)

خبر نه آهي ته محترم راشدي صاحب هندستان جي مڃيل سياستدان آنجهاني ڊاڪٽر امبيڊڪر جا ڪتاب به چڱيءَ طرح پڙهيا آهن يا نه؟ مثال طور "پاڪستان يا تقسيم هند" (Pakistan or Partition of India) ڊاڪٽر صاحب جو مشهور ڪتاب آهي جو حقيقت ۾ ملڪ جي ورهاست ۽ پاڪستان قائم ڪرڻ لاءِ فڪري ۽ سائنسي جواز فراهم ڪري ٿو ۽ ڪانگريس جي ان شوشي ته هندستان ۾ هڪڙي قوم آباد آهي، کي پرزا پرزا ڪري ۽ ان سڄي تخيل جي حڙ ڪالي ٿو ڇڏي. هي ڪتاب پهريون پيرو ١٩٤٠ع ۾ شايع ٿيو ۽ تازو ان جي ٻي ايڊيشن به شايع ٿي آهي. ان جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته راؤنڊ ٽيبل ڪانفرنس ۾ اها سڌي طرح بغير نالي وٺڻ جي فقط هڪڙي ليبر پاڪستان سڪيم جي حمايت ڪئي هئي ۽ اهو هو سر محمداقبال. پنهنجي ڪتاب جي صفحه ٣٢٩ ۾ فوٽ نوٽ تي راؤنڊ ٽيبل بابت وضاحت ڪندي ڊاڪٽر امبيڊڪر لکي ٿو ته "جيڪڏهن هڪ ساڳي مرڪزي گورنمينٽ جي مخالفت کي پاڪستان

عيم جي مکيہ شکل قرار ڏجي تہ پوءِ گول ميز ڪانفرنس جي
منڍ ھڪڙي ميمبر نالي وٺڻ کانسواءِ ان جي حمايت ڪئي ھئي ۽
اھو شخص ھو سر محمد اقبال جنھن گول ميز ڪانفرنس جي ٽئين اجلاس
۾ ھن خيال جو اظھار ڪيو ھو تہ ھندستان لاءِ ڪا بہ مرڪزي
گورنمينٽ ۽ ان جو وجود نہ ھجڻ گھرجي. وڌيڪ تہ ھندستان جا
سڀئي صوبا لنڊن جي سيڪريٽري آف اسٽيٽ سان سڌون سڌو تعلقات
قائم ڪرڻ ۾ خودمختار ۽ آزاد حڪومتون (Dominions) ھئڻ کپن.*

*If opposition to one common central government be taken as a principle feature of the scheme of Pakistan, then the only member of R.T.C who may be said to have supported it without mentioning it by name was sir Mohammad Iqbal who expressed the view at the third session of the Round table conference that there should be no central government for India, that the Provinces should be autonomous and independent dominions in direct relationship to the secretary of state in london.
(p. 329, 1979 ED)

ڊاڪٽر امبيڊڪر جي ڪتاب مان تہ صاف ظاھر آھي تہ نالي
وٺڻ کان سواءِ پاڪستان اسڪيم جي حمايت گول ميز ڪانفرنس ۾
فقط اڪيلي شخص علامہ اقبال ڪئي ھئي. راشدي صاحب ڊاڪٽر
امبيڊڪر جو ڪتاب يا تہ چڱيءَ طرح پاڻ پڙھيو ڪونھي يا ڄاڻي
واڻي علامہ اقبال بابت غلط ڳالھہ منسوب ڪئي اٿس. باقي رھيو اھو
سوال تہ ٽين گول ميز ڪانفرنس ۾ ھن پاڪستان جو نالو ڇو نہ
ورتو؟ جواب ۾ گذارش ڪندس تہ ان کان اڳ ڊسمبر ١٩٣٠ع ۾
الہ آباد ۾ مسلم ليگ جي ساليانہ اجلاس ۾ بہ تہ ڊاڪٽر صاحب پاڪستان
جي نالي وٺڻ کان سواءِ اولھہ ۾ مسلم صوبن جي علحدہ رياستن جي
گھر ڪئي ھئي. راشدي صاحب کي خبر ھجڻ کپي تہ مسلم ليگ
جي لاھور واري تاريخي اجلاس مارچ ١٩٤٠ ۾ توڙي اپريل ١٩٤١

۾ لیگ جي مدراس واري اجلاس جي قراردادن ۾ به پاڪستان جو ذڪر بلڪل ڪونه آهي. علامه اقبال جي حياتيءَ بابت هڪ ڪتاب "روزگار فقير" فقير سيد وحيدالدين صاحب لکيو آهي. هو ٻڌائي ٿو ته ٽين گول ميز ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ علامه اقبال جڏهن يورپ ويو ٿي ته سندس هڪ عزيز سيد امجدعلي روايت ٿو ڪري ته "پئرس مان جڏهن اسين لنڊن پهتاسون ته ريلوي اسٽيشن تي هڪ انگريز نو مسلم خالد شيلڊرڪ، ڊاڪٽر صاحب کي خوش آمديد چوڻ لاءِ موجود هو. خالد شيلڊرڪ هن موقعي تي علامه اقبال کي مشهور برطانوي سياستدان جان برائٽ (JohnBright) جي تقريرن جو مجموعو ڏنو ۽ کيس عرض ڪيو ته اوهان کي رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس جي اهم سياسي بحثن ۾ حصو وٺڻو آهي ان ڪري منهنجي درخواست آهي ته هنن تقريرن کي اوهان جيئن به ممڪن ٿئي وقت ڪڍي ضرور پڙهو. چنانچه علامه اقبال هن ڪتاب جو مطالعو شروع ڪيو ۽ رات جو ٻي بجي تائين ان کي پڙهي پورو ڪيو. هن واقعي جو سڀ کان دلچسپ پهلو هي آهي ته ٽين رائونڊ ٽيبل (گول ميز) ڪانفرنس ۾ هندستان جي سياسي مستقبل بابت جڏهن علامه صاحب تقرير ڪئي ته جان برائٽ جي خيالن جي جهلڪ ۽ تاثر هن جي تقرير ۾ موجود هو. بلڪ علامه صاحب بعض جڳهن تي جان برائٽ جا نظريا پنهنجي موقف جي تائيد ۾ پيش ڪيا هئا. هن انگريز (جان برائٽ) جي سمجهه ۽ دوربيني جو ڪمال ڏسو جو هن ١٨٥٧ع جي جنگ آزاديءَ کان هڪ سال بعد (٢٤ جون ١٨٥٨ع) برطانوي حڪومت کي مشورو ڏنو هو ته "هندستان کي ڇڏڻ کان اڳ انگريز سرڪار گهٽ ۾ گهٽ ان کي پنجن خودمختيار رياستن ۾ ورهائڻ جو بندوبست ڪري" (ڏسو ڪتاب مذڪوره صفحه ١٤٢ ۽ ١٤٣ حصه اول چوٿين ايڊيشن لاهور)

ان کان پوءِ فقير وحيدالدين صاحب لارڊ جان برائٽ جي تقرير جو اصل انگريزيءَ ۾ حوالو صفحه ١٤٤ تي بمعه ترجمه پيش ڪيو. هيءَ تقرير هن پارليامينٽ جي دارالعوام جي اجلاس ۾ ٢٤ جون ١٨٥٨ع ۾ ڪئي هئي. لارڊ جان برائٽ جي تقرير مان پاڪستان

اسڪيم جي حمايت پڙهي ٿي جا هن انگريز سياستدان جي تحرير پڙهڻ
کان پوءِ سال اڳ ڊسمبر ١٩٣٠ع ۾ مسلم ليگ جي الله آباد واري
اجلاس ۾ پيش ڪئي هئي. بس صاف معلوم ٿيو ته ٽين گول ميز
ڪانفرنس ۾ علامه اقبال پاڪستان اسڪيم جي حمايت ۾ تقرير ڪئي
هئي ۽ هن مان راشدي صاحب جي نڪتي جي واضح ترديد ٿئي ٿي.
راشدي صاحب کي مؤدبانه گذارش ڪندس ته هو تاريخي حقيقتن کي
ڇاڻي واڻي لڪائڻ جي ڪوشش نه ڪري، جنهن مان هن جي پنهنجي
پوزيشن خراب ٿي ٿئي. راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ اها دعويٰ به
ڪئي آهي ته پنجاب ۾ ليگ جي اجلاس سڏائڻ لاءِ حاجي عبدالله
هارون "اجلاس جي انتظام ۾ مقامي ڪارڪنن سان تعاون لاءِ جون
١٩٣٩ع کان پوءِ منهنجو هيڊ ڪوارٽر لاهور ۾ ڪرايائين جت
مان نواب سرشاهنوازخان ممدوٽ مرحوم سان اجلاس ختم ٿيڻ
وقت تائين شريڪ رهيس اهو اجلاس مسلم ليگ جو اهو تاريخي اجلاس
ثابت ٿيو جنهن ۾ قرارداد لاهور (جا بعد ۾ قرارداد پاڪستان جي لقب
سان مشهور ٿي) ٢٣ مارچ ١٩٤٠ جو پاس ٿي". (صفحه ٢١٤)

جواب ۾ گذارش ڪندس ته لاهور ۾ قرارداد پاڪستان پاس
ڪرائڻ لاءِ مرحوم سر شاهنواز خان محمد وٽ سان گڏ راشدي جي
تعاون ۽ موجودگي بابت ڪا به دستاويزي شاهدي اسان وٽ موجود
نه آهي. قرارداد پاڪستان جي پاس ٿيڻ کان اٽڪل چاليهن سالن گذرڻ بعد
پهريون پيرو راشدي صاحب (پنهنجي ڪتاب شايع شده جنوري ١٩٨٠ ۾)
دعويٰ ڪئي آهي. حاجي عبدالله هارون ۽ سر شاهنواز خان ممدوٽ وفات
ڪري ويا. راشدي صاحب جي نئين انڪشاف جي ترديد ڪرڻ وارا
سڀ رباني راهه وٺي ويا. ان ڪري، ڪيس ڪوڙين سياسي آڪاٽين لکڻ
۾ ڪا به رڪاوٽ موجود نه اهي. راوي به پاڻ شاهد به پاڻ ته منصف
به پاڻ. ثابت ڪرڻ ٿو چاهي ته هوئي اڪيلو پاڪستان اسڪيم ڏاهڻ
لاءِ جوابدار آهي. پر قوم هن مسڪين جو قدر نه ڪيو ۽ هوءَ هر
سال يوم قائداعظم ۽ يوم اقبال ملهائي ٿي. پاڪستان ٺاهڻ جي خوشيءَ
۾ "يوم پير علي محمد راشدي" به ملهائجي جو پاڪستان جو تحفو

لسان کي هن جي محنت، سوچ ۽ دماغ سوزي ڪري مليو آهي. واهه راشدي صاحب اوهان جون ڏاڍون ڀلاڪون! اوهان ته موجوده پير صاحب پاڳاري جي بقول ”پيرپاڳاري“ ٻڌجڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اهـو لقب به حاصل ڪري نه سگهيا؛ باقي پاڪستان جهڙو وڏو ملڪ ڪيئن حاصل ڪري سگهندا.

راشدي ۽ ليگ جو ١٩٤١ ۾ مدراس وارو اجلاس

مصنف پنهنجي ڪتاب ۾ ليگ جي مدراس واري اجلاس بابت لکي ٿو ته ”مارچ ١٩٤٠ع ۾ لاهور واري آل انڊيا مسلم ليگ جي ساليانه اجلاس ۾ مشهور زمانه قرارداد لاهور پاس ٿي. ١٩٤١ع جي اپريل ۾ سالانه اجلاس مدراس ۾ ٿيو. ان اجلاس ۾ سنڌ پاران حاجي صاحب مرحوم شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ آءٌ شريڪ ٿياسين. ساري پنجاب مان فقط ٻه صاحب آيا، ملڪ برڪت علي مرحوم ۽ مولانا ظفر علي مرحوم. صوبه سرحد ۽ بلوچستان مان ٻنهي کو ماڻهو ڪونه آيل هو.“ (صفحه ٢٢٥، ٢٢٦).

مسلم ليگ جي مدراس جي جنهن اجلاس جو راشدي صاحب حوالو ڏنو آهي اهو آل انڊيا مسلم ليگ، جو اٺاويهون اجلاس هو جو مدراس ۾ ١٢ اپريل کان ١٥ اپريل ١٩٤١ع ۾ پيپلزپارڪ ۾ منعقد ٿيو هو. جنهن ۾ ڪيترن ئي غيرمسلم ليڊرن شرڪت ڪئي هئي. هن اجلاس ۾ قائد کي خوش آمديد چوڻ واري تقرير مرحوم مولانا عبدالحامد ڪئي هئي. اجلاس جي مڪمل ڪارروائي سيد شريف الدين پيرزاده صاحب پنهنجي ڪتاب (Foundation of Pakistan) جي جلد ٻئي صفحه ٣٥٠ کان ٣٧٦ تائين ڏني آهي. راشدي صاحب هن اجلاس بابت مٿي لکيو آهي ته ان ۾ صوبه سرحد ۽ بلوچستان مان ٻنهي کو ماڻهو ڪونه آيل هو، اها ڳالهه غلط ۽ بي بنياد آهي. معلوم ٿو ٿئي ته هو پاڻ اجلاس ۾ شريڪ نه ٿيو ۽ ان ۾ پنهنجي شرڪت جي ڪوڙي دعوي ڪئي اٿس. مسلم ليگ جي هن اهم اجلاس ۾ صوبه سرحد مان سردار اورنگزيب خان ۽ صوبه بلوچستان مان قاضي محمد عيسي صاحب آيل هئا. مسلم ليگ جي هن اجلاس ۾ ڪي

قراردادون پاس ٿيون جن جي حمايت (صوبه سرحد) جي سردار اورنگزيب ڪئي هئي. ڏسو پيرزاده جو مذڪوره ڪتاب صفحه ٣٤٣ نيز جي. الانا جو ڪتاب (Pakistan: Movement Historic Documents) صفحه ٢٨٤ ۽ ٢٨٥. ساڳيءَ طرح مدراس واري تاريخي اجلاس جي ڪجهن قراردادن جي حمايت بلوچستان مان آيل نمائندي قاضي محمد عيسيٰ ڪئي هئي. ڏسو الانا جو متيون ڪتاب صفحه ٢٨٠، ٢٨١، پيرزاده جو ڪتاب صفحه ٣٤٦. بيشڪ سنڌ مان حاجي عبدالله هارون ۽ شيخ عبدالمجيد آيل هئا جو انهن ليڊرن ڪاروائي ۾ حصه ورتو ۽ رڪارڊ ۾ انهن جو نالو چڙهيل آهي. باقي علي محمد راشدي اجلاس ۾ شريڪ ڪونه هو جو نه هڪ ته هن جو نالو ڪاروائيءَ ۾ مذڪور نه آهي ۽ ٻيو نه صوبه سرحد مان سردار اورنگزيب ۽ بلوچستان مان قاضي محمد عيسيٰ صاحب مدراس واري اجلاس ۾ آيل هئا جڏهن ته راشدي صاحب لکيو آهي ته انهن ٻنهي صوبن مان ڪوبه آيل ڪونه هو. ظاهر آهي ته هو پاڻ اجلاس ۾ حاضر نه رهيو، جي موجود هجي ها ته ٻنهي صوبن جي نمائندگيءَ بابت پنهنجي ڪتاب ۾ اهڙي سنگين غلطي ڪونه ڪري ها.

مدراس جو اجلاس ۽ راشدي جي ترميم

راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ اڪيلي هلي عجيب انڪشاف ڪيو آهي "هن مدراس واري اجلاس ۾ لاهور واري قرارداد ۾ ترميم ڪرڻ ٿي گهري" لکي ٿو ته "منهنجو خيال هو ته قرارداد جو اهو حصه نظرثاني جو محتاج آهي جنهن جو مضمون هن طرح هو ته "جنهن حصي ۾ مسلمان رياستون قائم ٿينديون ات اقليتن (غيرمسلمانن) لاءِ مناسب مؤثر ۽ لازمي (Mandatory) تحفظات، تفصيل سان ۽ سندن منظوري سان آئين اندر مهيا ڪيا ويندا. ته ڪ اقليتن جي مذهبي، ثقافتي اقتصادي، سياسي، انتظامي ۽ ٻين حقن ۽ واسطن (Rights and Interests) جي حفاظت ٿي سگهي." (صفحه ٢٢٦) راشدي صاحب اڳتي اسان کي ٻڌائي ٿو ته مٿين ترميم کي واپس وٺڻ لاءِ مٿس زوربار پيا ڏيندا ته ڪ سيٺ عبدالله هارون کي به واسطيدارن چيو پر هن نه مڃيو. باالاخر

قائداعظم ڪيس پاڻ وٽ چيمبر ۾ گهرايو ۽ سڌي حڪم ڪيائين
تہ "عبدالله هارون مون کي تنهنجو نقطہ نظر ٻڌايو آهي. تنهنجيءَ
ڳالهہ ۾ وزن آهي ۽ آءٌ ان جو تدارڪ اڪتي هلي پاڻ ڪندس في الحال
جيڪڏهن اسان اصلي پوزيشن تان هٽنداسين تہ اسان جا مخالف پروپئگنڊا
ڪندا تہ ليگ خود قرارداد لاهور کان هٽڻ شروع ڪري ڏنو آهي.
تنهنڪري ان قرارداد ۾ ڪيل مطالبو آخري، حتمي ۽ (Final) سمجهڻ
نہ گهرجي. اهڙي پروپئگنڊا جو نتيجو اسان جي ساريءَ تحريڪ تي
اثر انداز ٿيندو." (صفحہ ۳۰) اڳتي راشدي صاحب لکي ٿو تہ "قائد
اعظم رحمت الله عليه جي ان ارشاد کي صحيح سمجهي مون پنهنجي
ترميم واپس ورتي ۽ تن ڏينهن کان هلندڙ جهيڙو خيروخوبيءَ سان
ختم ٿي ويو." (صفح ۲۳۰)

مون مٿي گذارش ڪئي آهي تہ راشدي صاحب، مسلم ليگ جي
مدراس واري اجلاس ۾ شريڪ ئي نہ ٿيو. ڇو جو هن لکيو آهي تہ
سرحد ۽ بلوچستان مان ٻنهہ ڪو ماڻهو آيل ڪونہ هو. جڏهن تہ مان
مٿي دستاويزي شاهدي پيش ڪري چڪو آهيان تہ انهن ٻنهي صوبن
مان سردار اورنگزيب ۽ قاضي محمد عيسيٰ صاحب آيل هئا. هڪڙو ٻيو سبب
بہ راشدي صاحب جي ڪتاب جي مطالعي مان معلوم ٿيم تہ نہ اهو پاڻ
مدراس واري اجلاس ۾ شريڪ نہ ٿيو هو لکي ٿو تہ "غرض انهن ۽
ٻين دليلن کي سامهون رکندي مون مدراس پهچندي، اجلاس جي مضمون
ڪميٽي (Subject Committee) اڳيان مناسب ترميم پيش ڪئي،
جنهن تي تقريبا اڍائي ڏينهن بحث، هلندو رهيو. پهريان ٻہ ڏينهن ڪميٽيءَ
جي ڪاروائي نواب محمد اسماعيل خان مرحوم ۽ نوابزاده لياقت علي خان
مرحوم جي زيرصدارت هلي، جو قائداعظم جي طبيعت ناساز هئي."
(صفحہ ۲۲۹)

گذارش تہ مدراس واري اجلاس ۾ لاهور واري اجلاس وانگر
ڪا سبجيڪٽ ڪميٽي ڪانہ ٺهي هئي جنهن جي اڳيان راشدي
صاحب سندجي ترميم پيش ڪئي، ملاحظہ ٿئي سيد شريف الدين پيرزاده
جو ڪتاب (Foundations of pakistan) ۾ ليگ جي مدراس واري

اجلاس جي ڪارروائي صفحه ٣٥٠ کان ٣٧٦ تائين. پيو تہ راشدي صاحب لکيو آهي تہ "پهريان بہ ڏينهن ڪميٽيءَ جي ڪارروائي نواب محمداسماعيل خان مرحوم ۽ نوابزاده لياقت علي خان مرحوم جي زير صدارت هلي" ميءَ ڳالهہ بہ غلط آهي. مسٽر جناح پهرين ڏينهن يعني ١٢ اپريل ١٩٤١ع تي بيماري سبب اسٽيشن تي ماڻهن سان ملاقات ڪري نہ سگهيو هو. جيئن پاڻ استقباليہ جو جواب ڏيندي تاريخ ١٣-٤-٤١ تي فرمايائون تہ "مدراس جي عوام جنهن والهانہ انداز ۾ منهن جو استقبال ڪيو آهي ان مون کي سخت متاثر ڪيو آهي. هن وڏيڪ افسوس جو اظهار ڪيو تہ بي خوشي ۽ ناچاقائي سبب مان اوهان سان ريلوي اسٽيشن تي ملاقات ڪري نہ سگهيس"

"Mr: Jinnah said he had been Profoundly moved by the well come, the people of Madras had accorded to him. He regreted that, due to his indisposition, he had not been able to meet them at the Railway station." (Pirzada P-359)

قائداعظم تاريخ ١٣-٤-٤١ تي پنڊال ۾ موجود هئا ۽ مولانا عبدالحامد بدايوني مرحوم جو خطبہ استقباليہ پڙهي حاضرين کي مٿيان الفاظ چئي آخر ۾ ڪين چوڻ لڳو تہ "مان پنهن جو صدارتي خطبو اڄ نہ پر تاريخ ١٤-٤-٤١ تي ڏيندس."

"He said that he would not deliver his presidential address today but would do so on April- 14" (P-359)

On April 14, Mr: Jinnah delivered the following speech.

تاريخ ١٤-٤-٤١ تي مدراس ۾ قائداعظم پنهن جو صدارتي خطبو ساڍهہ ٻن ڪلاڪن تائين ڏيئي پورو ڪيو ۽ آخري تاريخ يعني ١٥-٤-٤١ تي قائد جي موجودگيءَ ۾ قراردادون پاس ڪيون ويون. هن سڄي قصي مان معلوم ٿي ويو تہ مسلم ليگ جي مدراس واري اجلاس ۾ قائداعظم طبيعت ناساز هئڻ سبب فقط اسٽيشن تي سندس

الفاظ ۾ معتقدين سان ملي نه سگهيو. باقي سيني ڏينهن جي ڪارروائيءَ ۾ هن شرڪت ڪئي هئي. ان ڪري راشدي صاحب جو اهو لکڻ ته "پهرين ۽ ڏينهن ڪميٽيءَ جي ڪارروائي نواب محمد اسماعيل خان مرحوم ۽ نوابزاده لياقت علي خان مرحوم جي زير صدارت هلي جو قائداعظم جي طبيعت ناساز هئي." سراسر غلط ۽ بي بنياد آهي. صاف ظاهر آهي ته راشدي صاحب پاڻ اجلاس ۾ حاضر نه هو.

ٽيون سبب:- مدراس واري اجلاس ۾ راشدي صاحب جي غير حاضري جو ٽيون سبب هي آهي ته هن پاڻ پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته پنهنجي ترميم واپس ڪرائڻ لاءِ قائد ڪيس پنهنجي چيمبر ۾ گهرائي چيو ته "في الحال جيڪڏهن اسان اعلي پوزيشن تان هٽنداسون ته اسان جا مخالف پروپئگنڊا ڪندا ته ليگ خود قرارداد لاهور کان هٽي شروع ڪري ڏنو آهي. اهڙيءَ پروپئگنڊا جو نتيجو اسان جي ساريءَ تحريڪ تي اثرانداز ٿيندو." راشدي لکي ٿو ته "قائداعظم جي ان ارشاد کي صحيح سمجهي مون پنهن جي ترميم واپس ورتي ۽ ٽن ڏينهن کان هلندڙ جهيڙو خير و خوبيءَ سان ختم ٿيو."

راشدي صاحب جي حضور ۾ ڪهڙي گستاخي ڪيان؟ اصل ڳالهه هن طرح آهي ته قائداعظم جي هن سان متين ڳالهه ٻولهه ٿي ئي نه آهي. ڇو جو جيڪڏهن قرارداد لاهور ۾ ترميم آڻڻ مسلم ليگ جي تحريڪ تي اثرانداز ٿيڻ جي برابر هو ته مهرباني ڪري راشدي صاحب اسان کي ٻڌائي ته اپريل ١٩٤١ع ۾ ليگ لاهور واري اجلاس ۾ ترميم ڪرڻ جي ڇو اجازت ڏني هئي؟ هيءَ ترميم نوابزاده لياقت علي خان پيش ڪئي ۽ ان جي تائيد حاجي عبدالستار ڪئي هئي. ٻين هيٺين ميمبرن ترميم کي سپورٽ ڪيو (١) مسٽر بي دائود شاه (مدراس) (٢) قاضي محمد عيسى بلوچستان (٣) نواب سر محمد يوسف يو-پي (٤) مولانا ظفر علي خان (پنجاب) (٥) بيگم محمد علي صاحبه (دهلي) (٦) مولانا احمد سعيد صاحب (مدراس) (٧) سر عبدالله هارون (سنڌ) (٨) مسٽر محمد عثمان صاحب (بنگال) (٩) مولانا عبدالوهاب صاحب بخاري (مدراس) ترميمي قرارداد جو ابتدائي متن هن طرح شروع ٿئي ٿو.

"Resolved that the following amendment be made in the aims and objects of All India Muslim league and for section 2 (a) of the constitution and rules of All India Muslim league the following be substituted."

مثلا لاهور جي قرارداد ۾ مسلمانن لاءِ آزاد رياستن جي گهر هن طرح ڪئي وئي ته:

"Resolved that it is the considered view of this session of the All India Muslim league that no constitutional plan would be workable in this country or acceptable to the Muslims, unless it is designed on the following basic principles, viz that, geographically contiguous units or demorcated into Regions which should be so constituted, with such territorial readjustments as may be necessary, that the areas in which the Muslims are numerically in a majority as in the North- Western and Eastern zones of India should be grouped to constitute "Independent states" in which the Constituent units shall be autonomous and sovereign."

لاهور جي مٿين قرارداد جي شق کي اپريل ١٩٤١ جي مدراس واريءَ قرارداد ۾ هيٺين طرح بيان ڪيو ويو آهي.

"The establishment of completely independent states formed by demorcating geographically contiguous units into regions which shall be so constituted, with such territorial readjustments as may be necessary, that the areas in which the Muslamans are numerically in a majority, as in the north western and eastern zones of India, shall be grouped together to constitute independent states as Muslim free National Homelands in which the constituent

units shall be autonomous and sovereign." (Pirzada P-372 and G. Allana P-280)

نظرين پاڻ پڙهي ڏسندا تہ خودمختار مسلم رياستن جي قيام بابت مسلم ليگ جي لاهور واريءَ اهم قراداد جي متين شق ۾ مدراس واريءَ قراداد ۾ ترميم ٿيل آهي. اقليتن جي حقن بابت بہ مدراس واري قراداد جا الفاظ لاهور واري قراداد کان مختلف آهن.

هاڻي مهرباني ڪري راشدي صاحب وضاحت ڪري تہ مرحوم قائداعظم مسلم ليگ جي مدراس واري اجلاس ۾ هن جي ترميم ڪئي انهيءَ آڌار تي ڪيئن واپس ڪيو هوندو تہ "في الحال جيڪڏهن اسان اصلي پوزيشن تان هٽنداسين تہ اسان جا مخالف پروپيگنڊا ڪندا تہ ليگ خود قرارداد لاهور کان هٽڻ شروع ڪيو آهي- اهڙيءَ پروپيگنڊا جو نتيجو اسان جي ساريءَ تحريڪ تي اثرانداز ٿيندو." (صفحہ ۲۳)

بس صاف معلوم ٿيو تہ نہ راشدي صاحب ترميمي قراداد پيش ڪئي ۽ نہ قائداعظم ڪيس متيان الفاظ چيا. جي قائد ڪيس ائين ٻڌايو تہ پوءِ مدراس واري اجلاس ۾ ترميمي قراداد ڇو پاس ٿي هئي جنهن جو مفصل ذڪر مون مٿي ڪيو. افسوس جو اسان جي بزرگ سياستدان جناب راشدي صاحب کي لاهور واري قرارداد ۽ مدراس واري قرارداد جي وربنگ جي ڪا بہ خبر نہ آهي. راشدي صاحب جي اطلاع لاءِ وڌيڪ عرض ڪندس تہ ۱۹۴۶ ۾ هندستان ۾ ڪئبينيٽ مشن جي آمد کان پوءِ اپريل ۱۹۴۶ ۾ دهليءَ ۾ مسلم ليگ جي صوبائي ۽ مرڪزي اسيمبليءَ ۾ چونڊيل نمائندن جو هڪ ڪنوينشن سڏايو ويو هو. ان ۾ لاهور ۽ مدراس جي قرادادن ۾ اهم ترميم ڪري اوپر ۽ الهندي زونن ۾ پاڪستان نالي سان هڪ رياست جي گهر هيٺين الفاظ ۾ ڪئي وئي.

"That the zones comprising Bengal and Assam in the North East and the Punjab, N. W. F. Province, Sind Baluchistan, in the North- West of India, namely P..ki...

zones where the Muslims are in a dominant majority, be constituted into a Sovereign independent state and that an unequivocal understanding be given to implement the establishment of Pakistan without delay."

(2) "That two seperate constitution making bodies be set up by the People of Pakistan and Hindustan for the purpose of farming their respective constitutions.." (Pirzada P- 513)

ليگ ١٩٤٦ ۾ لاهور ۽ مدراس وارن قرادادن ۾ ترميم ڪري گهڻن مسلم رياستن جي بجاءِ هڪ مسلم رياست "پاڪستان" جي گهر ڪئي. ليگ جي سياسي زندگي جو اهم موڙ اپريل ٤٦ کان شروع ٿئي ٿو، جنهن ۾ هن هڪڙي پاڪستان رياست جي وجود جي گهر ڪئي. ڇا راشدي صاحب ٻڌائي سگهندو ته ان وقت هو ڪهڙيءَ ڪئمپ ۾ هو؟ اپريل ٤٦ ۾ هو ڪراچيءَ جي هڪ سنڌي اخبار "قرباني" جو ايڊيٽر هو. هيءَ اخبار "ڪانگريس" جي همنوا هئي. راشدي صاحب ان ۾ ڪم ڪري مسلم ليگ ۽ ان جي مشن پاڪستان خلاف پروپئگنڊا ڪئي ۽ نهروءَ کي سنڌ ۾ سياسي سفر ڪرايو هو. خدا جو شان جو اڄ راشدي صاحب هڪ سرڪاري اداره طرفان پنهنجي ڇپيل ڪتاب ۾ هام ٿو هڻي ته "هن پاڪستان سڪيم ناهڻ لاءِ لاهور ۾ وڏي ڪم ڪيو." ان سبب ڪري ته راقم الحروف ابتدا ۾ عرض ڪيو ته "پاڪستان جي تخليق بابت راشدي صاحب جي دعوي به ائين آهي، جيئن ڪو ساده لوح ائين باور ڪري ته "اسرائيل جي رياست جو خالق عرب گوريلا ليڊر ياسر عرفات آهي."

راشدي صاحب جو "تاريخي" خط

راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ قائداعظم ڏانهن حاجي عبدالله هارون جي لکيل خط مؤرخ ٢ فيبروري ١٩٤٠ جو تت پيش ڪيو آهي

جنهن جي آخري پئراگراف ۾ چاڙهايل آهي ته ”مسلمانن کي حق خودارادیت صحيح ۽ ...انتي انداز ۾ ماڻڻ جو موقعو ميسر ٿئي، تنهن لاءِ هو پنهن... جدا ملڪ ۽ آزاد رياست بڻائيندا.“ (صفحه ج ٣١٠) هن خط بابت راشدي صاحب جي دعويٰ آهي ته ”اهو سگنل وارو بي انتها تاريخي خط هن بنده ناچيز يعني علي محمد راشديءَ جو ڪارنامو آهي.“ (صفحه د ٣١٠) انهيءَ خط بابت راشدي صاحب لکيو آهي ته ”جيڪڏهن عبدالله هارون اهو سگنل نه ڏي ها ته هوند قرارداد لاهور جو ڪنهن کي خيال به ڪو نه اچي ها.“ (صفحه ٣١٠ - الف) هتي راشدي صاحب قائداعظم سوڌو آل انڊيا مسلم ليگ جي سڀني ليڊرن جي توهين ڪئي آهي. يعني ته جيڪڏهن عبدالله هارون راشدي جي ذهانت کي استعمال نه ڪري مسلم ليگ جي هاءِ ڪمانڊ کي ٢ فبروري ١٩٤٠ع تي خط نه لکي ها ته پاڪستان جي رياست جنم نه وٺي ها. هي جيڪو ١٤ آگسٽ ٤٧ع تي پاڪستان ٺهيو ۽ هند جي تقسيم ٿي اهو حاجي عبدالله هارون جي خط لکڻ جي طفيل ٿيو ۽ انهي بي انتها تاريخي خط لکڻ جو ڪارنامو علي محمد راشدي جي سر تي آهي. مان پير صاحب جي دعويٰ جي پرزور ترديد ڪيان ٿو ۽ گذارش ٿو ڪريان ته ٢ فبروري ١٩٤٠ وارو خط سر عبدالله هارون جي نالي سان جاري ڪيل مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ ڏانهن پير راشدي جو ڪارنامو هرگز نه آهي. اها راشدي صاحب جي ڪوڙي دعويٰ آهي. دليل هيٺيان آهن.

( ) اول ته خط لکڻ جي تاريخ کان چاليهن سالن کان پوءِ سال ١٩٨٠ ۾ اها دعويٰ ڪوڙي ۽ ناقابل يقين آهي. حاجي عبدالله هارون ۽ ٻيا واسطيدار سڀ گذاري ويا. راشديءَ لاءِ هينئر ڪوڙ بدوڙ ٻولڻ لاءِ ميدان صاف آهي.

(٢) راشدي صاحب پنهن جي دعويٰ جي ثابتيءَ لاءِ پنهنجي هفتيوار اخبار ”مسلم وائيس“ جي اشاعت (صفحه ٣١٠ م) جو حوالو ڏنو. مون ان کي غور سان پڙهيو ۽ هيءَ راءِ اٿم ته اها شڪي ۽ ناقابل اعتبار آهي. ههڙيءَ وڏي دعويٰ جي ثبوت لاءِ راشدي صاحب کي ”مسلم وائيس“ جي مذڪوره سڄي پرچي جي فوٽو ڪاپي شايع

:

ڪرڻ گهرجي ها جو نه ڪيو ويو. ان مان صاف ائومان ٿو نڪري نه مسلم وائيس ۾ راشدي اهڙو انڪشاف نه ڪيو آهي. جڏهن هيئنر نه اهان جي مشيرن ڪي راشدي صاحب مسلم وائس جي ٢٢ مارچ ١٩٤١ جو اصل پرچو ڏيکاريندو ۽ پڙهائيندو ته منهن جو اعتراض ڪالعدم سمجهڻ ۾ ايندو.

(٣) ته خط لکڻ جي تاريخ ٢ فبروري ١٩٤٠ کان اڳ راشدي صاحب جونالو سندس پنهنجي الفاظ ۾ "صوبه مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪميٽي مان ڪڍيو ويو." ان واقعي راشدي صاحب جي ذهن تي ڪيترو نه رد عمل ڇڏيو، ان جو اندازو هن جي هڪ خط جي مطالعي مان لڳائي سگهجي ٿو جو هن ان وقت پنهنجي پياري دوست محترم جي. ايم. سيد ڏانهن لکيو هو. جناب راشدي صاحب جا لکيل خط ۽ مضمون مسٽر جي. ايم. سيد صاحب هڪ ڪتابي شڪل "خط ۽ مضمون" ۾ ڏنا آهن. مٿيون ڪتاب مارچ ١٩٧٠ع ۾ زينت پرنٽنگ پريس حيدرآباد مان ڇپيو. ملاحظ ٿئي راشدي صاحب جو خط نمبر ٣٨ صفحه ٦٧ تي.

"ونڊسر پئلس، دهلي، ٢ فبروري ١٩٤٠

تنهن جو ٣٠ تاريخ وارو خط هتي اڄ مليو اٿم. مون ڪتاب جا ١٣٠ صفحا پورا ڪري ڇڏيا، پر هن وقت اهو ڪتاب ڇپرائڻ ٺيڪ نه ٿيندو.

منهن جو نالو صوبه مسلم ليگ ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميمبرن جي لسٽ مان ڪڍيو ويو آهي. ان ڪري مون کي نهايت ارمان آهي. جنهن صورت ۾ پارٽيءَ وٽ منهن جي عزت نه آهي، ته پوءِ ڇو ڪتاب لکي پارٽيءَ کي زور وٺايان. اميد ته منهن جي نقطهءِ نگاهه کي نظر ۾ رکي، مون کي ڪتاب موڪلڻ لاءِ معافي ڏيندين. مون کي جائنٽ سيڪريٽري مقرر ڪيو اٿن. اها ڪلارڪيءَ جي جاءِ آهي. ان جي استعيفا موڪليان ٿو. جا شيخ صاحب کي ڏج. سنڌ جو حال احوال موڪليندو رهج. آءٌ هاڻي دهليءَ ۾ رهندس. هتي ٿڌ آهي. جناح صاحب دهليءَ پهچي ويو آهي."

ناظرين ڪرام کي ذاتي گذارش ڪندس ته راشدي صاحب جي

متين خط کي غور سان پڙهن. هڪڙي هند ساڳي تاريخ يعني ٢ فبروري ١٩٤٠ع ۾ مصنف جي. ايم. سيد صاحب کي شڪايت ٿو ڪري ته هن کي صوبه مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ مان ڪڍيو اٿن. هو وڌيڪ چوي ٿو ته ”جنهن صورت ۾ پارٽيءَ وٽ منهنجي عزت نه آهي ته پوءِ ڪتاب لکي چو پارٽيءَ کي زور وٺايان؟.“ ڇا اهو ممڪن آهي ته ساڳيءَ تاريخ تي هن مسلم ليگ جي وڏي ليڊر حاجي عبدالله هارون کي اهو خط ڊرافٽ ڪري ڏنو هوندو جنهن لاءِ پاڻ دعويٰ ٿو ڪري ته ”اهو سگنل وارو بي انتها تاريخي خط هن بنده ناچيز علي محمد راشديءَ جو ڪارنامه آهي.“ قبلا راشدي صاحب چو ٿا دنيا جي اکين ۾ ڌوڙ وجهو. هن پوڙهائپ واريءَ عمر ۾ چو ٿا اهڙا زٽ هڻو. ٢ فبروري ١٩٤٠ کان نه اڳ اوهان کي مسلم ليگ پارٽيءَ مان خارج ڪيو ويو. ظاهر آهي ته جناب جي. ايم. سيد صاحب کي اوهان اهڙو اطلاع خط ذريعي ٢ فبروري ١٩٤٠ تي ڏنو. اوهان متينءَ تاريخ تي مسلم ليگ ۾ هئا ئي ڪو نه ته پوءِ ان جي پليٽ فارم تي ڪم ڪري اوهان ٢ فبروري ١٩٤٠ تي حاجي هارون پاران مسلم ليگ جي هاءِ ڪمانڊ کي ملڪ جي تقسيم بابت ڪيئن خط لکيو هوندو؟ ان ڪري اوهان جو هي انڪشاف بي بنياد ۽ ڀروسي جي لائق نه آهي. مهرباني ڪري ڪتاب جي ٻيءَ ايڊيشن ۾ هي سڄو ڪوڙو مواد حذف ڪري ڇڏيو. نه ته اسان ان لاءِ قانوني ڪارروائي ڪرڻ تي مجبور ٿينداسون. پاڪستان جي خلقت جي دعويٰ ڪري اوهان اسان جي قومي ليڊرن علامه اقبال، چوڌري رحمت علي ۽ قائداعظم جي سخت توهين ڪري اسان جي جذبات کي مجروح ڪيو آهي.

حاجي عبدالله هارون فارمولا جي حقيقت

پاڪستان جي سياسي تاريخ جي مطالعه سان پتو پوندو ته ١٩٤٠ جي مشهور زمانه قرارداد جي پاس ٿيڻ کان اڳ ملڪ جي تقسيم لاءِ ڪيئي سڪيمون مختلف ماڻهن پيش ڪيون هيون. حاجي هارون فارمولا

۾ انهن مان هڪ هو. ان ڪري پاڪستان ٺاهڻ جو سمورو ڪريڊٽ ڪيس ٻين لفظن ۾ راشدي ڪي ڏيڻ تاريخ سان سخت بي انصافي ۽ زيادتي ٿيندي. علامه اقبال مرحوم پهريون شخص هو جنهن الهآباد ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس ۾ تاريخ ٣٠-١٢-٢٩ تي پنهنجي صدارتي خطبه ۾ ملڪ جي تقسيم جي تجويز هيٺين الفاظ ۾ پيش ڪئي هئي.

"I would like to see the Punjab, North- West Frontier Province, Sind and Baluchistan amalgamated into a single state."

علامه اقبال جي مٿين خواب کي عملي شڪل ڏيڻ وارو شخص قائداعظم هو. ان وقت هو لنڊن ۾ اڪثر رهندو هو. اقبال کيس اتان هندستان ۾ گهرايو ۽ هن کي پاڪستان ٺاهڻ جي تلقين ڪئي. ملاحظه ٿئي ڪتاب انگريزي "اقبال جا خط جناح ڏانهن" (Letters of Iqbal to Jinnah) علامه اقبال فقط ملڪ جي تقسيم لاءِ بنيادي ڍانچو فراهم ڪيو هو. ان جي تفصيل ۽ عملي اسڪيم وضع ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي مسلم سياسي شخصيتن پنهنجون سڪيمون پيش ڪيون هيون. هندستان جي سابق صدر جمهوريه ڊاڪٽر راجندر پرساد (Dr: Rajendra Parsad) پنهنجي ڪتاب (India Divided) ۾ اهڙين اسڪيمن جو جائزو ورتو هي. ملاحظه ٿئي مٿين ڪتاب جو ٽيون باب بعنوان "تقسيم جون سڪيمون" (Schemes of Partition) شروع صفحه ١٠٥ کان وٺي ٢٠٧ تائين. ڪل هيٺيون سڪيمون آهن (١) هندستان جي ڪنفڊريشن جي سڪيم، هيءَ سڪيم هڪڙي پنجابيءَ ڪتابي شڪل ۾ پيش ڪئي آهي. صفحه ١٠٦ کان ١٨١ تائين (٢) علي ڳڙهه پروفيسرن واري سڪيم. هيءَ بي سڪيم علي ڳڙهه جي ٻن پروفيسرن سيدظفرالحسن ۽ محمد افضال حسين قادريءَ پيش ڪئي هئي. تفصيل لاءِ ڏسو مذڪوره ڪتاب شروع ١٨١ کان ١٨٤ تائين. (٣) چوڌري رحمت عليءَ واري سڪيم شروع صفحه ١٨٤ کان ١٨٧ تائين. (٤) ڊاڪٽر عبداللطيف واري سڪيم. شروع صفحه ١٨٨ کان ١٩٤ تائين (٥) سر سڪندر حيات جي سڪيم شروع صفحه ١٩٤ کان ١٩٩ تائين. (٦) سر عبدالله هارون

ڪميٽيءَ جي سڪيم شروع ۱۹۰ صفحہ ڪان صفحہ ۲۰۴ تائين. راشدي صاحب تقسيم جي سڀني اسڪيمن کي نظرانداز ڪري فقط حاجي عبدالله هارون فارمولا جو ذڪر ڪيو آهي. لطف جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ عبدالله هارون فارمولا جا تفصيل بہ ڪو نہ بيان ڪيائين. فقط مرحوم حاجي عبدالله هارون جو قائداعظم ڏانهن هڪ لکيل خط مؤرخ ۲ فيبروري ۱۹۴۰ جو تت پيش ڪري ڪوڙي دعوي ڪئي اٿس تہ مذڪوره خط هن جو لکيل آهي. حاجي عبدالله هارون فارمولا جو مڪمل تفصيل اسان کي هڪ ڪتاب (Pakistan Issue) ۾ ملي ٿو جنهن پهريون دفعہ اشرف پبليڪيشن وارن ۱۹۴۳ع ۾ لاهور مان شايع ڪرايو هو. اڄ ڪلهہ هي ڪتاب اڻ لڀ آهي. مگر حاجي هارون فارمولا جي تفصيل بيان ڪرڻ وقت ڊاڪٽر راجندر پرساد پنهنجي ڪتاب (India Divided) ۾ هن ڪتاب مان ڪافي حوالا پيش ڪيا آهن ۽ اصل ڪتاب جي پڙهڻ جي ضرورت گهٽ محسوس ٿئي ٿي. پير راشدي صاحب جي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ صاف معلوم ٿيندو تہ صاحب موصوف حاجي عبدالله هارون جي فارمولا جي ابجد مان بہ واقف نہ آهي. هيءُ فارمولا بہ ڪيترن ڳالهين ۾ لاهور جي قرارداد کان مختلف آهي. اهو ئي سبب آهي تہ قائداعظم ان ڪميٽي جي سفارشن کي سرڪاري طور تسليم نہ ڪيو. پر ٻڌايو تہ اها فردن يا گروپن جي ذاتي راءِ آهي. حاجي هارون فارمولا تي تبصره ڪرڻ بعد ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ "اهي سڀ سڪيمون ۱۹۳۹ع کان زير غور آيون ۽ شايع ٿيون. جي لاهور جي قرارداد پاس ٿيڻ کان اڳ ۽ پيون ان کان بعد ۾. پر عام طور تي ائين چيو ويندو آهي تہ پهريون شخص جنهن آل انڊيا مسلم ليگ جي الله آباد واري اجلاس ۾ ڊسمبر ۱۹۳۰ع ۾ ملڪ جي تقسيم ۽ هڪ جدا مسلم رياست جي تجويز پيش ڪئي هئي، اهو سر محمد اقبال هو." (صفحہ ۲۰۴، ۱۹۷۸ ايڊيشن لاهور) ۽ اها ئي صحيح پوزيشن آهي. افسوس جو ڊاڪٽر راجندر پرساد جهڙا ڪٽر مخالف بہ تسليم ڪن ٿا تہ پاڪستان جهڙي آزاد مسلم مملڪت جو قيام ۽ ملڪ جي تقسيم جو پهريون پلان علامہ اقبال مرحوم پيش

ڪيو هو ۽ هتي پاڪستان ۾ راشدي پارا لمڪ دعويٰ ڪن ٿا ته پاڪستان اصل ۾ حاجي عبدالله هارون جي ۲ فيبروري ۱۹۴۰ واري تجويز لکڻ ڪري وجود ۾ آيو ۽ اهو ليٽر هن سنده ناچيز پير علي محمد راشدي ۽ جو ڪارنامو آهي. ٻين لفظن ۾ راشدي صاحب ئي پاڪستان جو خالق آهي. اهو ئي سبب آهي جو هو تخليق پاڪستان جو سمورو ڪريڊٽ پنهنجي ڪتاب ۾ مرحوم حاجي عبدالله هارون (ٻين لفظن ۾ راشدي) کي هيٺين الفاظ ۾ ڏي ٿو. "۱۹۴۲ع ۾ اپريل مهيني ۾ حاجي صاحب پاڻ انتقال ڪري ويو، مگر سندس مجاهد چڻنگ هڪ شعلي جي صورت اختيار ڪري چڪي هئي ۽ ورندڙ پنجن سالن اندر ملڪ جو ورهاڱو ٿي ويو ۽ پاڪستان وجود ۾ اچي ويو. ڪاش حاجي صاحب جيئرو هجي ها ۽ پنهنجي پوکيل سلي جو ثمر ڏسي سگهي ها" (صفحه ۲۲۰) بيشڪ حاجي عبدالله هارون تحريڪ پاڪستان جي ممتاز ليڊرن مان هڪ هو. هو مسلمانن جو همدرد ۽ خيرخواهه هو. سندس سياسي خدمتون ناقابل فراموش آهن. پر هن جي تعريف ۾ راشدي صاحب جا مٿيان جملا هڪ ٻئي شخص يعني علامه اقبال مرحوم سان وابسته رکن ٿا. اصل سندس ڪتاب ۾ عبارت هن طرح لکجي ها ته صحيح هو. "۱۹۳۸ع ۾ اپريل مهيني ۾ علامه اقبال پاڻ انتقال ڪري ويو مگر سندس مجاهد چڻنگ هڪ شعلي جي صورت اختيار ڪري چڪي هئي ۽ ورندڙ نون سالن اندر ملڪ جو ورهاڱو ٿي ويو ۽ پاڪستان وجود ۾ اچي ويو. ڪاش علامه اقبال جيئرو هجي ها ۽ پنهنجي پوکيل سلي جو ثمر ڏسي سگهي ها."

پير علي محمد ۽ ڦاسي جي سزا

پنهنجي ڪتاب ۾ جناب راشدي صاحب [illegible] کي حيواني [illegible] ڪري ٿو. يعني ته [illegible] تي [illegible] ته قرآني قانون مطابق [illegible] ڪيو ويو [illegible] راشدي صاحب ان قسم جي انصاف جو [illegible]

پيرزاده عبدالستار مرحوم جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته "بنيادي طرح رحمدل ۽ نرم مزاج جو انسان هو. جنهن زماني ۾ آءٌ سندس ڪابينه جو وزير هئس، قاسيءَ جي سزايافته قيدين جي رحم جون درخواستون وٽس اپيلون ٿي ايندڙ هونديون هيون. کيس معلوم هو ته آءٌ موت جي سزا کي حيواني فعل سمجهندڙ هئس. منهن جو نظريو هو ته قتل جون وارداتون ماڻهو تڏهن ڪندا آهن، جڏهن هو ڪنهن وقتي اشتعال هيٺ اچي دماغي توازن وڃائي ويٺل آهن، ڪن ملڪن ۾ اهڙيءَ دماغي ڪيفيت کي (Temperory Fit of insanity) سان تعبير ڪيو وڃي ٿو. برعڪس ان جي، سلهم (داغ) رکندي ڪنهن انسان کي قاسيءَ جي ڦندي سان گهڻا ڏينهن مارڻ ۽ سندس سڄي اهل و عيال کي هميشه لاءِ روڄ راڄ ۾ مبتلا ڪري ڇڏڻ زيادتي ٿئي ٿي، جنهن جو نتيجو هي به نڪري سگهي ٿو ته ٻن ڌرين جي وچ ۾ انتقامي خونريزيءَ جو هڪ لامتناهي سلسلو شروع ٿي وڃي، جنهن مان مجموعي طرح سوسائٽي کي نقصان کان سواءِ ڪجهه حاصل نه ٿيندو رهي." (صفحه ۳۵۴، ۳۵۵)

هتي اول ته راشدي صاحب جي ترديد ۾ اها گذارش ڪندس ته هو عملي طرح ڦاسيءَ جي سزا جي خلاف هرگز نه آهي. جي ائين آهي ته پوءِ مصنف محترم اسان کي ٻڌائي ته هن شاهديون ڪٺيون ڪري موجوده پير صاحب پاڳاري جي والد ماجد مرحوم پير صبغت الله شاهه پاڳاري کي ڇو ڦاسي ڏياري هئي؟ جيئن سڀ ڪنهن کي خبر آهي ته مرحوم پير صاحب پاڳاري تي برطانيه سرڪار جي خلاف بغاوت ڪرڻ ۽ ٻين ڏوهن ۾ ڪيس حيدرآباد جيل ۾ ملٽري ٽربيونل ۾ هليو هو جنهن جو سربراهه ميجر جنرل رچرڊ سن ۽ ٻيو ميمبر، سول مئجسٽريٽ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي هو. ٽربيونل پير صاحب کي مجرم ٺهرايو هو، جنهن جي نتيجي ۾ کيس ويهين مارچ ۱۹۴۳ع ۾ حيدرآباد جيل ۾ ڦاسي ڏني وئي ۽ نامعلوم مقام تي دفنايو ويو. موجوده پير صاحب پاڳاري حضرت سڪندر شاهه صاحب جو بيان مون ابتدائي صفحات ۾ نقل ڪيو، جنهن ۾ هن پنهنجي مرحوم والد جي خلاف راشدي صاحب جي معاندانه ڪردار جو ذڪر ڪيو هو. صاف معلوم ٿيو ته پيرصاحب

[illegible] مخالفن کي ڦاسي تي چاڙهائڻ جي حق ۾ رهيو آهي.

اسلام ۾ قتل جي سزا

اسلام جو فوجداري قانون "قصاص" تي مبني آهي، جنهن جو مفهوم اهو آهي ته جيڪو به شخص ٻئي ڪنهن کي ناحق قتل ڪري ته قصاص کان ڪم وٺي ان کي به خون جي جرم ۾ قتل ڪيو ويندو. الله تعاليٰ "قصاص" جي تصور قانون بابت قرآن ۾ فرمائي ٿو ته "ولڪم في القصاص حياة يا اولي الالباب" يعني ته "اي عقلمندو! قصاص وٺڻ ۾ ئي اوهان لاءِ جياپو آهي" ٻي هنڌ الله تعاليٰ پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ فرمائي ٿو ته "وَكَتَبْنَا عَلَيْهِمْ فِيهَا أَنَّ النَّفْسَ بِالنَّفْسِ وَالْعَيْنَ بِالْعَيْنِ وَالْأَنفَ بِالْأَنفِ وَالْأُذُنَ بِالْأُذُنِ وَالسِّنَّ بِالسِّنِّ وَالْجُرُوحَ قِصَاصٌ ۚ فَمَن تَصَدَّقَ بِهِ فَهُوَ كَفَّارَةٌ لَّهُ ۚ وَمَن لَّمْ يَحْكُم بِمَا أَنزَلَ اللَّهُ فَأُولَٰئِكَ هُمُ الظَّالِمُونَ." مطلب ته "جان جي بدلي جان، اک جي عيوض اک، نڪ جي عيوض نڪ، ڪن جي بدلي ڪن، ڏند جي عوض ڏند ۽ جرح رسائڻ تي قصاص جو اصول لاڳو ٿيندو." قصاص بابت حضور جن جي حديث، مبارڪ آهي ته "كُتِبَ اللّٰهُ الْقِصَاصَ" الله سائين قصاص کي لازم ۽ فرض قرار ڏنو." رسول ڪريم جي ٻي حديث مبارڪ آهي ته "من قَتَلَ قَتَلْنَاهُ" يعني جيڪو خون ڪندو ته ان جرم جي عـوض اسان به ڪيس قتل ڪنداسون." اسلام جا هي تعزيراتي قانون فطري اصولن تي مبني آهن ۽ انهن تي گذريل چوڏهن سئو سالن کان وٺي مسلمان ملڪن ۾ عمل ٿيندو پئي رهيو آهي. هي قانون گذريل ڏيڍ صديءَ کان مسلمان مملڪتن ۾ معطل رهيا ڇاڪاڻ ته مغربي سامراجين غـلاميءَ جي چار ۾ جڪڙجڻ بعد پنهنجا سڪيولر قانون نافذ ڪيا هئا. مثال طور ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاران اسان جي سنڌ ۾ ٽالپر بلوچن جي حڪومت ۾ معاشره تي اسلامـي قانون نافـذ رهيا جيئن مسٽر ايچ-ٽي- ليمبرڪ (Lambkick) پنهنجي انگريزي ڪتاب "سر چارلس نيپيئر ۽ سنڌ" (Sir Chareles Napier and Sind) ۾ لکي ٿو ته "ٽالپرن جي حڪومت ۾ قرآني قانون رائج هو پر ان جي سختي تي ورلي عمل ٿيندو هو. خون جا ڪيس حاڪمن وٽ خود هلندا هئا ۽ [illegible] ل جا

وارث شرعي قانون مطابق قاتل کان خون بها وٺندا هئا تہ اهڙين حالتن ۾ موت جي سزا ڪا نہ ملندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن خون بها نہ وٺڻ يا ملڻ جي حالت ۾ خوني کي بہ موت جي سزا ملندي هئي." (صفحہ ٢٢) هي قرآني قانون جي برڪت جو نتيجو هو جو ارڙهين صدي سنڌ ۾ ٽالپر بلوچن جي حڪومت ۾ لئمبرڪ جي لکڻ موجب "تہ اچرج جهڙي ڳالهہ آهي جو ٽالپر دور حڪومت ۾ جرم يا ڏوهہ شاذ و نادر (ڪڏهن ڪڏهن) ٿيندا هئا."

"Crime was astonoshingly rare under Talpur rule"
(P- 23, oxford press london 1952 ED)

پير راشدي جي لکڻ مطابق تہ "هو موت جي سزا کي حيواني فعل سمجهندڙ هو" درحقيقت اسلامي قانون انصاف تي مذاق ۽ چوٽ آهي. سنڌي ادبي بورڊ وارا حاڪمن کي ڪي اسلامي ڪتاب ڏيکاري مطمئن ڪندا آهن تہ اسين تہ اسلامي ۽ نظريہ پاڪستان مطابق لٽريچر پيا ڇپرايون. اسانجا حاڪم اسلام ۽ پاڪستان جي نظريہ جا شيدائي آهن. هو ويچارا سنڌي پڙهي تہ ڪو ن ٿاسگهن جو مطالعہ ڪري ڏسن تہ انهن ۾ اندر ڇا لکيل آهي؟ اسلامي قانون جي هڪ شق کي حيواني فعل سمجهندڙ انسان پنهنجي دماغ جو علاج ڪرائين. اسين کين خبردار ٿا ڪريون تہ آئنده هو اهڙي مذاق نہ ڪن ورنہ اسين هنن جي خلاف فيڊرل شريعت ڪورٽ جا دروازا کڙڪائيندا سون. ڇو جو تازو ڪورٽ سڳوريءَ پنهنجي متفقہ فتوي ڏني آهي تہ ڄاڻي واڻي قتل ڪرڻ جي سزا اسلامي قانون ۾ موت آهي ۽ جيڪڏهن مقتول جا وارث قاتل کي معاف ڪن يا پنهنجو خون بها وٺن تہ ان حالت ۾ قصاص جي حد جاري نہ ٿي سگهندي (ملاحظ ٿئي فيڊرل شريعت ڪورٽ جي تاريخي رولنگ شايع شده پي. ايل. ڊي نومبر ١٩٨٠ صفحہ ائين ڪان ست تائين)

ڦاسي جي سزا ۽ مغرب

ياد رهي تہ ڦاسيءَ جي سزا بہ دنيا وانگر قديم ۽ رائج العمل آهي. مسٽر سي. آر. اسڪاٽ (C- R- Scot) پنهنجي دلچسپ

ڪتاب ” سزاء موت جي تاريخ “ (The History of Capital Punishment) ۾ هن سزا جي مفصل ۽ معلوماتي تاريخ لکي آهي. ان جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته قديم زماني کان وٺي دنيا ۾ موت جي سزا جو رواج رهيو آهي. پراڻي حمورابي (Hammurabi) جي قانوني ڍانچي ۽ ڪوڊ ۾ سزاء موت کي بحال ڪيو ويو. ياد رهي ته حمورابي بابل جو مشهور بادشاهه ٿي گذريو آهي جو ١٨٠٠ کان وٺي ٢١٠٠ سئو سال قبل مسيح جي وچ ۾ حڪمران ٿي گذريو آهي. هن جو وضع ڪيل قانوني ڪوڊ اڄ سوڌو حمورابي جي ڪوڊ جي نالي سان مشهور آهي.

قديم يهودي ڪوڊ ۾ موت جي سزا

قديم يهودي ڪوڊ ۾ هيٺين ڏوهن تي موت جي سزا ملندي هئي. (١) شادي شده مردجي عورت سان باهمي رضاسان زنا (Adultery) (٢) شهوت پرستي (Bestiality) (٣) خدا جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ يا ڪفر بڪڻ (Blasphemy) (٤) پيءُ ۽ ماءُ کي پٽ ڏيڻ (Cursing Father and Mother) (٥) محرمات سان زنا ڪرڻ (Incest) (٦) زوري زنا ڪرڻ (Rape) ۽ (٧) ڇنڇر جي ڏينهن جي احڪام جي خلاف ورزي ڪرڻ. (Sabbath Breaking) ياد رهي ته ڇنڇر جو ڏينهن يهودين وٽ اسان واري ڏينهن جمع وانگر پاڪ ۽ متبرڪ ڏينهن آهي.

رومي قانون ۾ سزاءِ موت

رومن قانون ۾ هيٺين ڏوهن تي موت جي سزا ملندي هئي. (١) مملڪت يا رياست سان غداري-(Treason) (٢) شادي شده مرد جي عورت سان رضامنديءَ سان زنا (Adultery) (٣) لونڊي بازي (Sodomy) (٤) خون (Murder) (٥) غلامن جي هٿان جعل سازي جو ڏوهه (Forgery by Slaves) (٦) اغوا ۽ زوري زنا- (Kidnapping and Rape)

برطانيه ۾ سزاءِ موت

اينگلو- سئڪسان دور جي برطانيه ۾ قتل جي سزا لاءِ مجرم تي ڏنڊ وڌو ويندو هو جنهن جو $\frac{2}{3}$ حصو مقتول جي وارثن کي ملندو هو ۽ باقي $\frac{1}{3}$ حصو سرڪار کي ڏنڊ نه ڏيڻ جي حالت ۾ ڪيس موت، جي سزا ملندي هئي. ايسنائين جو تيرهين صديءَ ۾ انگلنڊ ۾ سيني سنگين ڏوهن جي سزا موت رکيل هئي. سواءِ ننڍين چورين جي واقعات ۽ ڪنهن جا عضوا پيچڻ جي. انهن ٻن ڏوهن کان سواءِ باقي سيني ڏوهن تي موت جي سزا ملندي هئي. بعد ۾ چورين تي به موت جي سزا ملندي هئي. اهو حال ڏسي مغرب ۾ موت جي سزا جي منسوخي لاءِ پهريون آواز اٿلي، جي مشهور قانوندان بيڪاريا (Becceria پيدائش ۱۷۳۸ع وفات ۱۷۹۴ع) اٿاريو هو جنهن هن موضوع بابت هڪ پمفليٽ بعنوان Essays on Criminal Punishment) لکيو هو. انگلنڊ ۾ موت جي سزا جي منسوخي لاءِ برطانيه جي مشهور فلسفي ۽ لبرل مفڪر جرمي بينٿام (Jermy Bentham) پيدائش ۱۷۴۸ع وفات ۱۸۳۲ ۽ سئمل راملي (Romilly) پرزور تحريڪ هلائي هئي. جنهن جي نتيجي ۾ انگلنڊ ۾ ۱۸۳۴ ڌاران فقط پندرهن ڏوهن ۽ ۱۸۶۸ ۾ فقط چئن ڏوهن تي موت جي سزا ملندي هئي. نيويارڪ ۾ پبلڪ ڦاسي ڏيڻ جي خاتمي جو اعلان ۱۸۳۵ع ۾ ٿيو ۽ برطانيه ۾ ان جو اعلان ۱۸۶۸ع ۾. امريڪا ۾ غداري، جاسوسي ۽ زوري زنا جي ڪيسن ۾ به ڪن رياستن ۾ ڪڏهن ڪڏهن موت جي سزا ملندي هئي. مثلا ۱۹۵۱ع ۾ امريڪي سائنسدان روزن برگ کي ائٽمي راز ڏيڻ تي ڦاسي ڏني وئي هئي ۽ ۱۹۶۰ع ۾ مشهور امريڪي روس کي غبدي ۽ زوري زنا ڪندڙ مجرم چيس من (Chessman) کي نه موت جي سزا ملي هئي. پر تاريخ ۲۹ جون ۱۹۷۲ع ۾ امريڪي سپريم ڪورٽ هڪ اهم رولنگ ڏني هئي، جنهن مطابق سڄيءَ امريڪا جي رياستن ۾ موت جي سزا کي غير قانوني قرار ڏنو ويو. ۽ يورپ جي ڪيترن

... مدت ۾ شايد موت جي سزا منسوخ ٿي وڃي ۽ اهڙيءَ
طرح ... مي ... جي خوابن جي تعبير ٿي وڃي ۽ ...
ڏکوئيندڙ ... ڪامياب ويون.

پر موت جي سزا جي منسوخيءَ بعد مغربي ملڪن ۾ ڏوهن جي رفتار تيز ٿي وئي. رات جو آمريڪا جي گهڻن شهرن ۾ مسافري ڪرڻ به خطري کان خالي نه آهي. يورپ جي دانشورن ۽ قانوندانن منڪرن جون سڀ همدرديون مجرمن سان رهيون. ان جو اهو نتيجو نڪتو جو اڄ ڪلهه مغربي ملڪن ۾ جرائم جي رفتار خطرناڪ حد تائين وڌي وئي آهي ۽ هتان جا داناءَ ماڻهو وري سخت قانونن جي نفاذ جون گهرون ڪري رهيا آهن. ۱۹۶۵ع ۾ سعودي عرب جو حاڪم مرحوم شاهه فيصل شهيد آمريڪا جي دوري تي ويل هو. نيويارڪ جي اخباري رپورٽرن شاهه کان اسلامي سزائن جي سختي بابت ڪي سوال پڇيا هئا. شاهه فيصل مرحوم نهايت ئي زيرڪ ۽ مدبر سياستدان هو. اخباري رپورٽرن کان سوال ڪيو ته "اوهان جي نيويارڪ شهر جي آدمشماري ڪيتري آهي؟ جواب اسي لک. شاهه فيصل. هتي فقط نيويارڪ ۾ ڪيترو پڙهيل طبقو رهي ٿو؟ جواب سئو في صدي! شاهه فيصل- نيويارڪ شهر ۾ اوهان جي انگن اکرن مطابق روزانه ڪيترا ڏوهه ٿين ٿا؟ جواب پنج هزار. شاهه فيصل توهان پاڻ ٻڌايو ته اسان جي سموري ملڪ ۾ سال اندر پنج ڏهه جرم به مس ٿين ٿا. اهو سڀ قرآني قانون جي صدقي آهي جنهن مطابق جان جي بدلي جان، اک جي عوض اک، نڪ جي عوض نڪ ۽ ڏند جي عوض ڏند ڪڍيو وڃي ٿو. ۽ حالت به اها آهي ته سعودي عرب جو اسي سيڪڙو عوام اڻ پڙهيل آهي." شاهه فيصل جو جواب ٻڌي سڀئي معترض خاموش ٿي ويا. اسان جي ملڪ ۾ مسٽر اي. ڪي بروهي هڪ ممتاز قانوندان ۽ مفڪر آهي. هن پنهنجي ڪتاب (Adventures in Self Expression) جي باب "موت جي سزا بابت رايا" (Thoughts on Capital Punishment) صفحه ۳۰۵ ۾ هن قانون جي مخالفت ڪئي آهي ۽ ان کي غير اخلاقي عمل سان تعبير ڪيائين. پر هيٺئين تجربي جي بنياد تي هن جي خدشن

۾ اُڀريل آئي آهي ۽ قتل جي ڏوهه ۾ هو قرآني قانون ۾ بخشڻ رکي ٿو يعني ته "النفس بالنفس" "جان جي عيوض جان."

پر علي محمد راشدي کي گذارش ڪندس ته قتل جي عيوض موت جي سزا کي وحشيانه تصور نه ڪري ڇاڪاڻ اهو قانون فطري انصاف جي اصول تي مبني آهي. منهنجي ادبي بورڊ جي اختياري وارن کي گذارش آهي ته هو راشدي صاحب جي قلم تي نگاهه رکن. ظاهر آهي ته حڪومت پاڪستان بورڊ کي گهري امداد اسلامي قانونن تي ڇٽرون ڪرڻ لاءِ نه ٿي ڏئي. اهو پبلڪ پئسن جو اجايو خرچ آهي. جنهن سان هر مسلمان جي دل آزاري ٿئي ٿي.

سڄي بحث جو ماحصل هي نڪتو ته سخت سزائن جي نفاذ سان معاشري ۾ ڏوهه گهٽ ٿين ٿا. ڏٺو ويو ته آهي مغربي جمهوري ملڪن جي ڀيٽ ۾ ڪميونسٽ ملڪن ۾ ڏوهن جي رفتار تمام گهٽ آهي. ڇو جو اتي مجرم سان همدردي جي عيوض سخت سزائون ڏنيون وڃن ٿيون. مثال طور روس ۾ رشوت وٺڻ تي به موت جي سزا تجويز ٿيل آهي. مشهور رپورٽر مسٽر جان گنٿر (Gunthur) صاحب پنهنجي ڪتاب "اڄ ڪلهه روس ۾ ڇا ٿو وهي واپري."

(Inside Russia Today) ۾ اسانکي ٻڌائي ٿو ته اتي مغربي ملڪن جي ڀيٽ ۾ ڏوهه گهٽ ٿين ٿا ۽ ڪميونسٽ چين جي باري ۾ امريڪي صحافي ايڊگرسنو (Snow) به پنهنجي ڪتاب (On the other Side of the River) ۾ ڏوهن ۾ بابت ساڳين خيالات جو اظهار ڪيو آهي. راشدي صاحب شايد انجي پاڻ به تصديق ڪندو ڇو ته هو ڪجهه وقت لاءِ چين ۾ به سفير تي رهيو هو. بعد ۾ سابق صدر مرحوم ايوب خان ڪيس اتان رخصتي ڏياري هئي.

راشدي صاحب جي سنڌ محمدن ايسوسيئيشن خلاف دعويٰ

راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته هن هڪ ٻيري محمدن ايسوسيئيشن ۽ جماعت جي بانيڪارن سر شاهنواز ڀٽي ۽ ... ... محمد حسن علي جي خلاف لاڙڪاڻه جي سول جج آغا

علاءِ دسڪيٽ جي عدالت ۾ هڪ سول دعويٰ داخل ڪئي هئي. ...
۾ هن ڪورٽ سڳوري کي استدعا ڪئي هئي ته ” حڪومت ...
معاهدو تعميل ڪيو وڃي ته هو انسوسيئيشن کان ڪو به سپاسنامو نه
وٺي. خود انسوسيئشن کي به منع ڪئي وڃي ته هو پاڻ کي سنڌ جي
سمورن مسلمانن جو نمائندو نه سڏائي.“ (صفحه ٢٧٩) راشدي صاحب
هن ڪيس بابت اسانکي وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته هن عدالت ۾ ڪيس جي
پيروي پاڻ ٿي ڪئي. هو وڌيڪ لکي ٿو ته ”دعويٰ ۾ مدعا عليه ٿيا،
انسوسيئيشن جو صدر سر شاهنواز خان ڀٽو مرحوم، سيڪريٽري خانبهادر
ولي محمد مرحوم ۽ گورنمينٽ هند. سول جج جو ...عامل هو. ڪيترا
مهينا ته حاضرين ۾ ڦرندي گذري ويا. آخري سياري جي موسم ۾
”وائسراءِ هند“ لاربريڊنگ جي لاڙڪاڻي اچڻ جي پروگرام ٺهيو. محمدن
انسوسيئشن وارن ٺهراءُ ڪيو ته ان موقعي تي وائسراءِ کي دستورموجب
هڪ سپاسنامو پيش ڪيو وڃي. وائسراءِ سپاسنامو وٺڻ قبول ڪيو ۽ ان جو
اعلان سرڪاري طرح ٿي ويو. ساري سنڌ جي وڏيرن ۾ هلچل مچي وئي.
...جهانئن هرڪو محمدن انسوسيئشن جي سپاسنامي واري وفد ۾ شامل ٿيڻ
لاءِ ڪوشش ۾ جنبي ويو. مون موقعي جو فائدو وٺي، ڪورٽ کي درخواست
ڪئي ته جيستائين منهنجي دعويٰ جو فيصلو ڪونه ٿيو آهي، انسوسيئشن
کي سپاسنامو ڏيڻ ۽ وائسراءِ کي سپاسنامو قبول ڪرڻ کان قانوني حڪم
ذريعي منع ڪئي وڃي.“ (صفحه ٢٧٩-٢٨٠) راشدي صاحب وڌيڪ لکيو
آهي ته سول جج آغا صاحب هنجي درخواست وٺي ڏرين ڏانهن نوٽيس
جاري ڪيو ۽ ان کان پوءِ ڇا ٿيو. راشدي صاحب جي زباني ٻڌو. لکي ٿو ته
”وائسراءِ جي لاڙڪاڻي ۾ اچڻ ۽ محمدن انسوسيئيشن جي سپاسنامي پيش
ٿيڻ ۾ باقي ٿي ڏينهن وڃي رهيا هئا. سڄي سنڌ جا ...پ ... وڏرگ
اچي لاڙڪاڻي ۾ گڏ ٿيا هئا. هنن سمجهيو پئي ته هو سپاسنامو پيش
ڪرڻ واري اعزاز کان محروم ڪونه رهندا. ڇو ته سول جج جي
... ... جي ڇا مجال آهي، جو وائسراءِ هند تي منع ...
... ... ڪري سگهي“. (صفحه ٢٨٠) اڳتي ٻڌائي ...
... ... پراسيڪيوٽر راءِ صاحب ٽوپڻداس، ...

سرڪار

ڪاڪڙ ٻوٽاڻ سان هوندو هو. حاليه پنجاهه قاعدي جا ڪتاب سان ڏني اچي ويٺو هو. ٻن ڪلاڪن جي تقرير جي دوران هو ڪمٽ ۾ ڪٿ پنج سئو پيرا وائسراءِ جو نالو وٺندو رهيو. ٻين مدعاعليهن پاران ٻه سنڌ جا ڪيترا نالي وارا وڪيل پيش ٿيا.

ڪيس جو وارو آيو ته پٽيوالي وڏي آواز سان ليوان ۾ ٻيهي ترين کي پڪارڻ شروع ڪيو. ”علي محمد شاهه راشدي مدعي حاضر ٿي؟“ آءِ انڊر ڪمٽمينٽ. وري رڙ ڪيائين ”روفس آئزڪس لارڊ ريڊنگ حاضر ٿي؟“ راڻه صاحب نوٽيفلس ڪتاب ڪڍائي انڊر هليو ۽ هڪل ڪيائين. خانبهادر شاهنواز ڀٽو حاضر ٿي. سندس وڪيل اڳتي وڌيو. پٽيالڪي مرحوم ٻلاڻ سالڪي وري رڙ ڪيائين. ”خانبهادر والي [illegible] خان ۽ ٻيا مدعاعليه حاضر ٿين.“ خانبهادر مرحوم اهان ٻلاڻ ڪو نه پهتو هو پر سندس وڪيل موجود هو، جنهن ڪورٽ واري ڪمري ڏانهن قلم وڌايا. سڀئي ڏينهن تقريرون هليون. جج فتويٰ لاءِ ڊرنڊز صبح مقرر ڪيو. ان ڏينهن جي هڪلي ۽ پٽيوالي جي رڙين ڪري عوام ۾ دلچسپي پيدا ٿي چڪي هئي. فتويٰ واري ڏينهن سون جي تعداد ۾ ماڻهو لڳي مڙيا. سنجهاڻ کي ٻلاڻ سان دهلاري ۽ شرنايون وارا ٻه وٺي آيا هئا. جج صاحب ٻرانٽي انداز ۾ ڪورٽ ۾ تشريف آڻي ٿيو. سرشتيدار ترين جا نالا ورتا. اهان سڀ اتي ويٺلسين. فتويٰ صادر ٿي: ”مدعي، (علي [illegible]) جي درخواست منظور ڪري، منعنامو جاري ٿو ڪجي ته آنوسيئيشن سپاسنامه پيش نه ڪري ۽ وائسراءِ اهڙو سپاسنامه نه وٺي.“ واهه واهه ٿي وئي. ڪتنلڙ جو پلسو سيڪو ڪڍي ٿو. ٻاهرئان دهلن شرنائن جي ٿر لڳي وئي. ڪورٽ مان ٻاهر نڪتاسين ته منهنجي ٻويلان مان لاءِ هڪ جلوس تيار ٿيو. لاڙڪاڻه جي تاريخ ۾ وڏن ماڻهن جي خلاف اڻ پڙهيل عوام جي ناراضگيءَ جو اهو پهريون ظاهرو هو. انهن سمجهيو ته وائسراءِ ۽ خانبهادرن کي منع نامه ڏياري سون ڪا وڏي ڳالهه ڪري ورتي آهي. سندن دلين ۾ نوڪر شاهي ۽ ان جي حامي ليڊرن جي خلاف شايد ڪا ٻاهه دٻي پئي هئي، جنهن کي ظاهر ڪرڻ جو اهو خفيف موقعو ملي ويو هو.“ (ص ٢٨١ - ٢٨٢)

[illegible] راشدي صاحب پنهنجو پاڻ کي پڌائي وجهي [illegible] پهرين [illegible] راشدي صاحب جو ڪمال ڏسو جو آغا غلام [illegible] ۾ [illegible] هئا [illegible] ڪورٽ ۾ سرڪاري وڪيل رائبهادر نوبتراءِ جي [illegible] صاحب هجڻ جي باوجود هن کي ان وقت هندستان جي وائسراءِ [illegible] ۽ [illegible] محمدن ائسوسيئيشن جي عهديدارن سر شاهنواز ڀٽي؟ [illegible] وليءَ جي شخصي نالن خلاف هن کي پنهنجي وڪالت جي [illegible] تي منع نامو مليو هو. البت راشدي صاحب جي بيان مان ظاهر ڪونه ٿو ٿئي ته ڪيس منع نامو مليو ڪان پوءِ لارڊ ريڊنگ وائسراءِ هند جو لاڙڪاڻي ۾ رٿيل اچڻ جو پروگرام منسوخ ٿيو يا نه؟ محترم پير صاحب جي ڪتاب ۾ سول ڪورٽ جي روءِ داد پڙهڻ کان پوءِ هر قانوني ذهن رکڻ وارو پڙهندڙ شخص مشڪوڪ ٿي وڃي ٿو ته آيا راشدي صاحب جي طرفان مٿي بيان ڪيل ڪورٽ ۾ دعويٰ داخل ڪرڻ جو فعل حقيقت آهي يا افسانو؟ منهن جي خيال ۾ اهو محض افسانو آهي، سون وٽ ان لاءِ هيٺيان دليل آهن.

(١) ته راشدي صاحب اهو ڪونه ٻڌايو ته هن ڪهڙيءَ تاريخ تي ڪيس داخل ڪيو هو؟ جڏهن ته ٻين ڪيترن ئي جڳهن تي هن پنهنجي ڪتاب ۾ معمولي واقعن جون تاريخون [illegible] صحيح لکيون آهن.

(٢) ته ڪهڙي اهم تاريخي واقعي بابت هن کي ڪورٽ جي جاري ڪيل منع نامي جو سچو نقل پنهنجي ڪتاب ۾ پيش ڪرڻ گهرجي ها. [illegible] ته ڪرڻ سبب راشديءَ جي دعويٰ ناقابل اعتماد ۽ مشڪوڪ آهي.

(٣) ته راشدي صاحب جي وائسراءِ هند لارڊ ريڊنگ بابت پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته حاضريءَ واري ڏينهن متوالي هجڻ [illegible] نالو [illegible] ته لارڊ ريڊنگ حاضر [illegible] اهو پڌائي [illegible] راشدي صاحب ان قسم جي ڪا ب دعويٰ داخل ڪئي [illegible] سول پروسيجر ڪوڊ جي مطابق ان [illegible] [illegible] دعويٰ داخل [illegible].

(٤) ته لارڊ ريڊنگ، [illegible] مطابق ١٩٢١ [illegible]

۱۹۴۳ع تائين هندستان جو وائسراءِ ٿي رهيو هو. ملاحظه ڪريو مسٽر مينن جو
ڪتاب Transfer of Power in India صفحو ۴۲ ڪانگريس ۱۹۵۷ع ايڊيشن.

ساڳئي طرح اوهان پير راشدي صاحب جي ڪتاب مان حوالو ڏيئي چڪا آهيو ته محمدن ائسوسيئيشن واري ڪيس ۾ وائسراءِ لارڊ ريڊنگ (Reading) پڻ ان سول ڪورٽ ۾ ان وقت جو ڊسٽرڪٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر لاڙڪاڻو راءِ بهادر ٽوپڻ داس پيش ٿيو هو. جنهن بقول پير صاحب جي ڪورٽ ۾ پنج ڇهه دفعا وائسراءِ ريڊنگ جو نالو کنيو هو. پير سائين هڪ جهونو سياستدان آهي، سندس خدمت ۾ ڪهڙي گستاخي ڪجي! جناب من! سرڪاري رڪارڊ ٻڌائي ٿو ته راءِ بهادر ٽوپڻ داس ۱۹۳۲ع ۾ لاڙڪاڻي جو ڊسٽرڪٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر مقرر ٿيو هو، جنهن عهدي تي هو لڳاتار ۱۹۴٦ع تائين قائم رهيو. ۱۹۴٦ کان ۴۷ تائين ڪشنچند، ۴۷ کان ۴۹ تائين مرحوم خانبهادر ولي محمد خان جتوئي، ۴۹ کان ٦٦ تائين مسٽر فقير محمد جعفري، ۱۹٦٦ کان ۷۲ تائين مسٽر غلام نبي شيخ ۽ ۷۲ کان وٺي اڄ تائين مسٽر عبدالحق سولنگي ڊسٽرڪٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر ٿي رهيا آهن. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته لارڊريڊنگ وائسراءِ جي زماني (۱۹۲۱ کان ۱۹۲٦ تائين) راءِ بهادر ٽوپڻ داس لاڙڪاڻي جو ڊسٽرڪٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر هو ئي ڪونه ته پوءِ هو ڪيس ۾ ڪيئن وائسراءِ لارڊريڊنگ بابت ڪورٽ ۾ پيش ٿيو هو؟ صاف ظاهر آهي ته پيرصاحب سول ڪورٽ ۾ وائسراءِ توڙي محمدن ائسوسيئيشن خلاف اهڙي دعويٰ ئي داخل ڪانه ڪئي هئي.

(د) ڪورٽ جو پراڻو رڪارڊ اڄ تائين صحيح سلامت موجود آهي. چڪاس ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته رجسٽرن ۾ پيرصاحب جي نالي سان اهڙي ڪابه دعويٰ داخل ٿيل ڪانه آهي.

(ب) هندستان ۾ لارڊريڊنگ ۱۹۲۱ کان ۱۹۲٦ تائين رهيو. سندس حڪومت جي وقت يعني ۱۹۲۱ ۾ راشدي صاحب جي عمر سورهن سال هئي. [illegible] پيرصاحب جي جنم جي تاريخ پنجين آگسٽ ۱۹۰۵ آهي. ملاحظه ڪريو جناب جي. ايم. سيد جو ڪتاب "جنب گذاريم جن سان" ڇاپو ٻيو صفحو ۲۰۵. راشدي صاحب جو ذڪر. ان حساب سان

لارڊ ريڊنگ جي هندستان ۾ آخري قيام جي سال يعني ١٩٢٠ع تائين ڏهه ڪو ٻارهن سالن جي عمر ڪي پهتل هو. ۽ ان وقت سياسي طور نابالغ هو. تنهنڪري ڪنهن به وڏيءَ سول دعويٰ داخل ڪرڻ جو سوال ئي نه ٿي اٿيو.

(٧) ته راشدي صاحب مذڪوره ڪيس ۾ پنهنجن مخالفن جي وڪيلن جا نالا ڪونه لکيا آهن، هو چوي ٿو ته هن ڪورٽ ۾ پنهن جي پيروي پاڻ ڪئي هئي. وائسراءِ پاران راءِ بهادر ٽوپڻ داس وڪالت ڪئي ۽ سرشاهنواز ۽ وليءَ محمد پاران به سنڌ جا ڪيترائي ناميارا وڪيل پيش ٿيا" (صفحه ٣٨١) سوال آهي ته اهڙن ناميارن ٻن ٽن وڪيلن جا نالا ته ٻڌايو؟

(٨) هر ماڻهو جو ٿوري گهڻي سول لا جي ڄاڻ رکي ٿو سو سمجهي سگهي ٿو ته پيرصاحب کي سول دعويٰ داخل ڪرڻ لاءِ انسوسئيشن جي معاملات بابت ڪوبه قانوني وجهه جواز (Cause of Action) ڪونه هو. هن پنهنجي ڪتاب جي صفحه ٣٧٩ تي سول دعويٰ داخل ڪرڻ لاءِ جيڪي وجوهات بيان ڪيا آهن اهي قانوني طور تي غيرتسلي بخش آهن ۽ انهن سببن ۾ سقم ڏسڻ ۾ ٿو اچي ۽ ڪنهن به ڪورٽ جي مداخلت ۽ دائره اختيار کان ٻاهر آهن.

انهن انن سببن ڪري چئي سگهجي ٿو ته پيرصاحب وائسراءِ لارڊ ريڊنگ جي لاڙڪاڻه ۾ آمد جي موقعي تي محمدن انسوسئيشن جي عهديدارن مرحوم سرشاه نواز ڀٽو ۽ مرحوم خانبهادر وليءَ محمد بابت لاڙڪاڻه جي سول ڪورٽ ۾ ڪابه اهڙي دعويٰ يا منع لاءِ درخواست پيش ڪانه ڪئي هئي. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ وارن ڇپرايو آهي. مان بورڊ جي سيڪريٽري کي گذارش ڪندس ته جيڪڏهن پيرصاحب پنهنجيءَ دعويٰ ۾ سچو آهي ته منهنجي ڪتاب شايع ٿيڻ کان پوءِ بورڊ وارا مون کي يا منهنجي مشيرن کي راشدي صاحب کي مليل منع نامه جي سچي ڪاپي ڏيکارين. ٻيءَ حالت ۾ اسين مصنف توڙي بورڊ وارن جي خلاف توهين عدالت جي درخواست ڏيڻ لاءِ پنهنجو حق محفوظ ٿا رکون. اسان جي خيال ۾ ڪورٽن جي معاملات

Soorih Mirani

ان ڪوڙي ڳالهه لکڻ توهين جي برابر آهي جنهن کي ڪوبه
ماڻهون پنهنجي شهري برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيندو. محمدن ايسوسيئيشن
۾ وائسراءِ لارڊ ريڊنگ جي متان فرضي ڪيس جي بيان مان پيرصاحب
پنهنجي وڏائي ۽ بي جا غرور جو مظاهره ڪيو آهي ته هن سول دعوي
داخل ڪري وڏا ڦلڙا ملريا آهن. وڏائي ۽ بي جا غرور بابت مسٽر
ڪي بنجامن فرئنڪلن (Franklin) جو هڪ قيمتي ۽ معني خيز قول
ٿو اچي يعني ته:

"Pride that dines on vanity sups on Contempt"

۽ قول علامه اقبال مرحوم

"مٽادو اپني هستي کو اگر کچهه مرتبه چاهو
که دانا خاڪ مين مل کر گل و گلزار هوتاهي"

راشدي صاحب ۽ سيٺ ناءُونمل پوچواڻي

افسوس ۽ صد افسوس جو پيرسائين غدار سنڌ سيٺ ناءُونمل
جو ذڪر اهڙي انداز ۾ ڪيو آهي جو ڄڻڪ هو تمام وڏو ماڻهو
۽ بهادر جي سرزمين جو جانثار ۽ سنڌ ۾ ٽالپرن جي راڄ جي خاتمي لاءِ
واحد ذميوار شخص هو. پير صاحب ٽالپر بلوچن تي اهڙي ٻاريڪ بيني
سان نظر ڪئي آهي جو ائين پيو معلوم ٿئي جو ارڙهين صديءَ ۾
سنڌي بلوچ حڪومت انگريزن جي مڪرو فريب کان ۽ انهن جي
سنڌ جي تسلط کان بي خبر هئي ۽ پوچواڻي خاندان ان مان باخبر
هو. انگريزن سنڌ تي جو قبضو ڪيو ان لاءِ پيرصاحب پنهنجي ڪتاب
۾ لکي ٿو ته "پرواري ملڪ سنڌ ۾ انگريز لاءِ وڏي اهميت ٿي رکي.
انهيءَ زماني ۾ ڪيترن ئي پاسن کان خطرو نظر ٿي آيو. افغانستان ۽ بلوچستان
جي رستي اتان روس جي حملي جو ۽ ايران جي پاسي کان فرينچن
جي لشڪر جو. انهن حملن آورن کي روڪڻ ۽ ان خطري کان هميشه
لاءِ محفوظ رهڻ جو هڪڙوئي طريقو هو سو وچ ۾ پوندڙ ملڪ يعني
سنڌ تي مڪمل قبضو، نه ته تسلط ضرور رهي! سنڌ جا ٽالپر حاڪم انهن
خطرن کان بي خبر هئا، پوچواڻي باخبر رهيا" (صفحه ٣٩٥)

ٽالپرن جي دور حڪومت ۾ پير صاحب جي مٿي بيان ڪيل
صورتحال بالڪل صحيح ۽ تاريخ جي عين مطابق آهي.
فرانس جي حاڪم نيپولين بونا پارٽ روس جي حاڪمن سان معاهدو ڪيو
هو. فرينچن ١٨٠٨ع ۾ پنهنجو سفارتڪار ايران ۾ موڪليو جنهن
جي ايراني دربار ۾ بي انتها عزت ٿي هئي. ليفٽيننٽ پاٽنجر (Pottin-
ger) پنهنجي ڪتاب "بلوچستان ۽ سنڌ جا سفرناما" (Travels in
Balochistan and Sinde) جي ابتدائي صفحن ۾ فرينچ ڊڪيٽر
جي مخالفانه سرگرمين جو ذڪر ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته جڏهن
برطانيه سرڪار کي ايراني ڪورٽ ۾ فرينچ سرڪار جي آمد جي خبر
پهتي هئي ته فيبروري ١٨٠٨ع ۾ ان وقت هندستان جي گورنر جنرل
لارڊ منٽو برگيڊيئر جنرل ملڪولم Malcolm کي ايران ۾ پنهنجو
سفير ڪري موڪليو هو. ڏسو (پاٽنجر جو مذڪوره انگريزي ڪتاب
صفحو ٣، ١٩٧٢ ايڊيشن (لنڊن). خود پاٽنجر جو پنهنجي صوبن جو سفرنامو
به ان سلسلي جي هڪ ڪڙي هئي. افغانستان تي فرينچن ۽ روسين
بنگال جي پهچ سبب انگريزن سنڌ کي هڪ Buffer اسٽيٽ جي
حيثيت ڏني. پير صاحب جو اهو الزام ته ان وقت سنڌ جا
ٽالپر حڪمران حالات کان بي (خبر رهيا ۽) بوجوائي خاندان سان خبر
رهيا صحيح ۽ درست نه آهي. ان جي برعڪس خود انگريز مصنف
جون تحريرون ٻڌائن ٿيون ته ٽالپر بلوچ انگريزن کي هميشه شڪ جي
نگاهه سان ڏٺو. سنڌ ۾ انگريزن جي ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ جو نمائندو
ٽالپرن جي دور حڪومت ۾ ڪونه آيو هو. مسٽر پوسٽانس (Postans)
پنهنجي انگريزي ڪتاب "سنڌ بابت شخصي مشاهدات" (Personal
Observation on Sind) ۾ لکي ٿو ته "برطانوي هند ۽ سنڌ سرڪار
جي باهمي تعلقات جي شروعات ٢٦ سيپٽمبر ١٧٥٨ع (ستر هن سئو اٺونجاهه)
تي ٿي هئي جڏهن مذڪوره تاريخ تي سنڌ جي حاڪم ميان غلام شاه
ڪلهوڙي ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ جي هڪ نمائندي مسٽر سمپشن
(Sumption) کي سنڌ ۾ ٺٽي ۾ هڪ ڪارخانو کولڻ لاءِ پروانو
ڏنو هو."

Soorih Mirani

"The connection of the British Indian Government with Sindh had its origin in A.D 1758, when Ghulam shah kalhora on the 22nd of September of that year granted a Perwannah order, to Mr: Sumption of the comPany's service for the establishment of a factory in the Sindhian territories." (P-283 Indus Publication 1973 Karachi)

مسٽر پوسٽانس اسانکي وٽيک پڌائي ٿو ته ان بعد ٺٽي ۽ شاهه بندرعلائقه ۾ ڪمپني پنهنجا ڪارخانه بند ڪيا هئا تان جو ١٧٧٥ع ۾ ڪمپنيءَ ميان سرفراز ڪلهوڙي جي حڪومت ۾ پنهنجا ڪارخانا سنڌ ۾ انقلابن اچڻ ڪري بند ڪيا هئا. ڇو جو ڪين تحفظ جو يقين ڪونه هو. بعد ۾ ١٧٩٩ع ۾ ٽالپر فرمانروا مير فتح علي خان ٽالپر جي رضامنديءَ سان ناٿان ڪرو (Crow) ڪمپنيءَ جو نمائندو مقرر ٿيو هو. پر ستت ئي بلوچ حڪومت سندس شرارتن ڪري کيس ملڪ نيڪالي ڏني هئي.

١٨٢٧ع ۾ ڊاڪٽر جيمس برنس جي سنڌ ۾ آمد

ڊاڪٽر جيمس برنس (Burns) ڀوڄ (ڪڇ ۾) ريزيڊنسي ڊاڪٽر رهيو. کيس ٢٣- آڪٽوبر ١٨٢٧ع ۾ حيدرآباد اچڻ لاءِ سنڌ سرڪار دعوت ڏني هئي. ڇاڪاڻ ته ان وقت مير مرادعلي خان ٽالپر بيمار ٿي پيو ۽ ڊاڪٽر برنس کي هن جي علاج ڪرائڻ لاءِ گهرايو ويو هو. هن موقعي کي غنيمت سمجهي برنس حيدرآباد پهچي ويو ۽ مير صاحب جو علاج ۽ دوا درمل ڏيڻ شروع ڪيائين. هن سنڌ جي جاسوسي به ڪئي. واپسي بعد سنڌ جي احوال بابت انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب "سنڌ جي دربار ۾ حاضري" (Avisit to the Court of Sind) نالي لکيائين جو ١٨٢٩ع ۾ پهريون ڀيرو بمبئي ۾ شايع ٿيو هو. ڪتاب جي پهرين باب پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ته ٽالپر حڪمران انگريزن سان معاندانه رويو رکندا ايندا هئا هو فرنگين جي سامراجي

ـازشن کان باخبر هئا، بيخبر نہ هئا، جيئن اسانجي محترم پير صاحب لکيو آهي. مسٽر برنس پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ "جڏهن کان ١٨١٩ع ۾ ڪڇ تي برطانوي فوج جو آخري ۽ مڪمل قبضو ٿي ويو هو، تڏهن کان وٺي اسانجي سرڪار جو ڳانڍاپو سنڌ سان ويجهو رهيو، ۽ اسانجي طرفان اهڙي ڪوشش پئي رهي تہ سنڌ جي اميرن سان دوستانہ ۽ ڀائپي جو لاڳاپو رهي. پر انهن مغرور ۽ تعصبي سردارن منڍ کان وٺي هن طرف اسان جي سلطنت جي وڌاء کي بداعتمادي ۽ شڪي نگاهن سان پئي ڏٺو، ۽ ان ڪري هنن سيني ملي اسان ڏانهن سرد ۽ غير دوستانہ روش رکي. باهمي معاهدا بہ ٿيا، پر اميرن جي طرفان ڪا بہ گرمجوشي ۽ محبت ڏسڻ ۾ ڪا نہ آئي. ڪڇ جي سرحد ٽپڻ لاء ڪنهن بہ يورپي آفيسر کي اجازت نہ هئي. پيو تہ ٿيو پر ١٨٢٠ع ۾ بمبئي مان اسان جو هڪ ايلچي سندن ئي وزير جي دعوت تي سنڌ ۾ آيو هو، پر هن جي دربار ۾ ڪا بہ چڱي آجيان ڪا نہ ٿي هئي، الٽندو ايلچي جي وڃڻ کان پوء هن کي گاريون بہ مليون هيون."

"Ever since the final occupation of cutch by the British troops in 1819, our Government has been brought in close connection with Sind, and attempts have been made on our part to cultivate an amicable intercourse with the Amirs. But these haughty jealous chief tains, who, from the first had viewed the extension of our empire in this direction with distrust and apprehension, uniformally maintainel a cold and unfriendly attitude towards us. Treaties had been entered into, but without any feeling of cordiality on their party No European officer was allowed to cross the fronteir from Cutch; and even an envoy, who had proceeded from Bomba-yto Sind, in 1820, on the invitation of their own minisiter, was cooly received

at their court, and abused after he left it." (P-9, oxford Press 1974 ED)

ڊاڪٽر برنس صاحب جي ڪتاب مان مٿيون حوالو پڙهي پيو صاحب جي هن الزام جي قطعي ترديد ٿئي ٿي ته انگريزن جي سرگرمين ڪان ٽالپر حڪمران بي خبر هئا. خود مٿين ڊاڪٽر جيمس برنس جو ڀاءُ اليگزينڊر برنس به بعد ۾ ٽالپرن جي زماني ۾ سنڌ ۾ آيو هو. پوءِ هتان ڪابل ۽ بخارا ڏانهن هليو ويو هو. هن جي سفر نامه جو ڪتاب

"Travels to Bukhara"

ٽن جلدن ۾ شايع ٿيو هو. اليگزينڊر برنس جيڪو ١٨٣١ع ۾ سنڌ ۾ آيو هو. تنهن جي هتي سنڌين سان پنهنجي آمد بابت گفتگو ٿي هئي. هتان جي ماڻهن برنس جي سفر تي جيڪو تبصرو ڪيو، اهو نهايت ئي دلچسپ ۽ تاريخ ساز آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته سمجهو سڀڪجهي ٽالپر، بلوچ، چاهي انهن جي رعايا، انگريزن جي سامراجي سازش کان قطعي طور واقف هئا. برنس لکي ٿو ته سنڌ جي سفر دوران مون هڪ بلوچ کي گفتگو دوران ٻڌايو ته "مان تنهن سنڌ ۾ هٿيارن جي بغير آيو آهيان." تنهن تي بلوچ وراڻي ڏني ته "ڪٿو انهن جو ملڪ ڏٺو آهي. بس اهو بڇڙو ڪم ٿي ويو. پر اسان وٽ به چار هزار ماڻهو جنگ ڪان لاءِ تيار بيٺا آهن."

"The evil is done. you have seen our country. But we have forr thousand men ready for action." (P-18)

اليگزينڊر برنس وڌيڪ ٿو لکي ته جڏهن مون سنڌو ندي ڪراس ڪري پار پيس ته هڪ سنڌي مون کي ڏسي پنهنجي ساٿي کي چوڻ لڳو ته "افسوس جو سنڌ هيٺ وڃائجي وئي، جڏهن ته انگريزن ان جي ندي کي ڏسي ورتو آهي، سنڌ جي فتح لاءِ شاهراهه جي حيثيت رکي ٿي."

"Alas! Sind is now gone, since the English have seen the river which is the road to its conquest." (vol III P-38)

پير صاحب هيٺ نوٽ ڪيو هوندو ته انگريزن جي سرگرمين

ٽالپر حڪمران ۽ سنڌ جا عوام ڪيئن نه باخبر ۽ فڪر رکندڙ هئا. سمت ڏاڻونمل بابت لکڻ جو اصل مقصد راشدي صاحب جي ٽالپر حڪمرانن جي اهانت ڪرڻ آهي. هو چوڻ ٿو چاهي ته ٽالپر ساده لوح لفظن ۾ بيوقوف هئا يعني ته سنڌ جا نااهل حڪمران هئا. ان جي نمونتي ڏه راشدي صاحب جي ڪتاب مان هڪ ٻيو حوالو قارئين جي خدمت ۾ پيش ڪيان ٿو.

ٽالپر حڪمران ۽ سنڌ ۾ شڪار ۽ شاعري جو شوق

راشدي صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته "مير صاحب (الله تعاليٰ جون مٿن رحمتون هجن) تمام نيڪ نيت ۽ ويساهي انسان هئا. هو پنهنجي دل تي هلندا ٿي رهيا. نيڪ نيتي ۽ صلح پسندي کي "فيصلہ ڪن دفاعي حڪمت عملي تصور ڪندي، پاڻ قبائلي جنگين ۾ ماڻهن ۽ جهنگن ۾ مرن کي ماڻهن ڏيڻ ۾ مصروف هوندا هئا. شعر و شاعري جي ٿونگر هوندي هون، چوڌاري قصيده گو شاعر لامارا ڏيندا تي وتين، وڏو ڦڙهو يا مرون ماريو، ته اهڙي ۽ رزميہ انداز ۾ نظمون جڙي راس ٿينديون جڻ ميرن صاحبن ڪا وڏي فوجي مهم سر ڪري ورتي."
(صفحه ٣٩٤ ـ ٣٩٥)

ڏسو! ميرن جي خلاف راشدي صاحب جي اندر ۾ جا نفرت جي باهه پئي دکي، سا پڙڪو ڏيئي ٻاهر نڪتي. مصنف وٽ ٽالپرن جي دور حڪومت جو اهوئي ڪارنامو هيو جو مٿي بيان ڪيائين. انهن تو معلوم ٿئي ٿو ته مٿيان الفاظ ڄڻ راشدي صاحب ڪونه لکيا آهن بلڪ اهي جملا سر چارلس نيپئر جا چيل آهن ، ڇو جو نيپيئر به راشدي صاحب وانگر ميرن جي خلاف سخت نفرت ۽ تعصب رکندو هو. انگريز ميجر آئوٽرام (Out Ram C.B) ٽالپرن جي دور ۾ حيدرآباد ۾ انگريزن جو پوليٽيڪل ايجنٽ، مقرر ٿيل هو. سر چارلس نيپئر جنهن شرارتن کان تنگ اچي بلوچن ميجر آئوٽرام تي حملو ڪيو هو. پر هو ڪنهن نموني سان بچي وڃي مٽياري ۾ نيپيئر سان مليو هو. سفارتخاني تي حملي جو بهانو بنائي به نيپيئر ميرن سان مياڻي ۽ جي ميدان ۾ جنگ

جوڙي هئي. سنڌ جي فتح بابت سر چارلس نيپيئر جي ڀاءُ وليم نيپيئر "فتحنامہ سنڌ" (Canquest of Sind) نالي هڪ ڪتاب شايع ڪري پڌرو ڪيو هو. ان ۾ پنهنجي ڀاءُ جي سنڌ فتح ڪرڻ واري فعل کي جائز تسليم ڪندي وليم نيپيئر فاتحن جي روش اختيار ڪري مفتوح ٽالپرن جي، راشدي صاحب وانگر سخت گلا لکي هئي. ميجر آئوٽرام واقعات جو اکين ڏٺـو شاهد هو، تنهن مٿين ڪتاب تي ٻن جلدن ۾ تبصره لکيو هو. ٽالپرن ڏانهن نيپيئر جي روش بابت لکي ٿو ته "سنڌ کان وٺي جڏهن سر چارلس نيپيئر سنڌ ۾ داخل ٿيو، تڏهن کان وٺي هو ميرن جي خلاف شديد نفرت ۽ تعصب جو برتاءُ رکندو هو."

"My reader requires not to be told that from the moment of his entry into the country, the conquerer of Scinde was prejudiced against its princes. His every act and Speech and letter, and proclamation prove the depth and virluence of that prejudgice" (Conquest of Scinde Vol:2,P.272)

مٿي ميجر آئوٽرام ٽالپرن جي خلاف نيپيئر جي تعصب ۽ نفرت جو بيان جنهن انداز سان ڪيو آهي، راشدي صاحب به ارڙهين صدي سنڌ جي بلوچ حڪومت خلاف ساڳي نموني تي پنهن جي تعصب جو اظهار ڪيو. مسٽر آئوٽرام جا جملا مستعار وٺي راشدي صاحب لاءِ به ائين چوڻ حق بجانب ٿيندو ته:-

"Mr. Rashid is deeply and violently prejudiced against the Mirs of Sind."

راشدي صاحب ٽالپرن خلاف شڪار ڪرڻ جو الزام لڳايو آهي جواب ۾ فقط ايترو عرض ڪندس ته

" اين گنا هيست كه در شهر شما نيز كنند "

انگريز پاڻ به شڪار ڪرڻ جا شوقين هئا. خود پاڪستان جي حاڪمن کان پوءِ راشدي صاحب جا به ٻلي سڪندر مرزا توڙي ايوب خان شڪار جو بيحد شوق رکندا هئا. پاڪستاني حاڪمن مان فقط جنرل ضياءالحق ان کان مستثني آهي. راشدي صاحب الزام لڳايو ته " مير حڪمران

[illegible] وڄهو [illegible] مرون ماريندا هئا تہ (شاعرن هٿان) اهڙي رزميہ انداز ۾ [illegible] ڇڙي راس ٿيندئون هيون تہ ڇڻ ميرن صاحبن وڏي بہادري جا ڪارنما وڏي." اسانجي راشدي صاحب کي گذارش آهي تہ اهڙي رزميہ انداز ۾ مضمون ڪهڙيءَ ٻوليءَ ۾ چيون وينديون هيون. ڪڏهن يا ميرنءَ جي شڪار بابت ڪهڙي نظم بہ اوهان پنهنجي ڪتاب ۾ ڪانہ لکي آهي. مهرباني فرمائي اخبار ۾ اهڙي نظم تہ ڇپرايو ۽ پوءِ اهو بہ ٻڌايو تہ اها نظم ڪهڙي شاعر چئي آهي؟.

شاعري بابت الزام

ميرن بابت راشدي صاحب ائين بہ لکيو آهي تہ "شاعري جي بہ شوقين هوندي هين." اهو ڪو عيب نہ آهي. حضرت عمر رضہ بابت روايت آهي، تہ هن سيني درسگاهن ڏانهن احڪام جاري ڪيا هئا تہ " عَلِّمُوْا اَوْلَادَكُمُ الْعَوْمَ وَالْفُرُوْسِيَّةَ وَ رَوُّوْهُمْ مَا صَارَ مِنَ الْمَثَلِ وَحُسْنِ مِّنَ الشِّعْرِ" "يعني تہ پنهنجن ٻارن کي ترڻ، گهوڙيسواري، مثلروايت ڪرڻ ۽ عمده عمده شعر چوڻ سيکاريو." ۽ علامہ جاحظ پنهنجي مشهور عربي ڪتاب "البيان و التبيين" ۾ حضرت عمر رضہ بابت لکي ٿو تہ " كَانَ عُمَرُ ابْنِ الْخَطَّابِ اَعْلَمُ النَّاسِ بِاالشِّعْرِ" يعني تہ " حضرت عمر رضہ ابن الخطاب شاعري جي علم ۽ فن جو وڏو ڄاڻو ۽ پارکو هو." عربن جي شاعري ۽ موسيقي بابت علامہ ابو الفرج اصفهاني جو ڪتاب "ڪتاب الاغاني" ڪل ٢١ جلدن ۾ عباسي حڪمران هارون جي مدد سان تيار ٿيو هو. ان ڪري جيڪڏهن ميرن کي شاعريءَ جي شوقين هئي تہ ان ۾ ڪهڙو عجب؟.

في الحقيقت راشدي صاحب پنهن جي پڙهندڙن کي ٽالپرن جي نااهلي ۽ عدم صلاحيت بابت ٻڌائڻ ٿو چاهي- يعني تہ هو رڳو مرن ڦاڙهن ۽ ماڪهن جو شڪار ڪرڻ ڄاڻيندا هئا. منجهن انتظامي ۽ [illegible] جون صلاحيتون مفقود هيون. بس عياش قسم جا [illegible] هئا. حقيقت [illegible] آهي تہ ٽالپرن جي مٿان ان ڪانہ [illegible] ڪو [illegible] ۽ بي بنياد الزام ٿي نہ ٿو سگهي. ٽالپرن جڏهن [illegible] حڪومت ورتي هئي، ان وقت سڄيءَ سنڌ ۾ بدامني ۽ [illegible] ۽ خانہ جنگي لڳل هئي. راشدي صاحب کي معلوم هوندو تہ

جديد سياسي مفڪرن جهڙوڪ هابس، لاڪ، ۽ روسو جي بقول شهرين کي امن امان ڏيڻ رياست ۽ حڪومت جي اولين ذميداري آهي.

ٽالپرن ۽ سنڌ ۾ امن وامان

ٽالپرن پنهنجي دور حڪومت ۾ سنڌ کي استحڪام ۽ امن ۽ امان ڏنو هو. سان اگر ٽي ايچ - ٽي - لئمبرڪ جي انگريزي ڪتاب "سر چارلس نيپئر اينڊ سنڌ" مان هڪ حوالو نقل ڪيو آهي، جنهن ۾ هن صاحب لکيو آهي ته "حيرت جهڙي ڳالهه آهي جو سڄي ٽالپر دور حڪومت ۾ ڏوهه يا جرائم شاذونادر ٿي ٿيندا هئا." مسٽر ايسٽوڪ (Eastwick) صاحب، جنهن پنهنجي اکين ٽالپر دور حڪومت ڏٺو هو ۽ هتي سنڌ ۾ ملازمت به ڪئي هئي ۽ سو صاحب پنهنجي انگريزي ڪتاب (Dry Leaves from young Egypt) ۾ ٽالپرن جي دور حڪومت ۽ سنڌ جي پاڙيسري ملڪ پنجاب ۾ ان وقت خالص (سکن) جي حڪومت جي وچ ۾ ڀيٽ ڪندي لکي ٿو ته "ڪو به شخص پلي ميرن جي صاحبيءَ جي تاريخ جي لاهور جي فقط هڪڙي خوني سال جي تاريخ سان ڀيٽائي ڏسي ته معلوم ٿي ويندو ته خالص جي حڪومت ۾ فقط هڪ سال اندر ايترا ڏوهه ٿيا جو ميرن توڙي سندن ابن ڏاڏن جي سموريءَ حڪومت دوران به ايترا جرم ڪو نه ٿيا آهن."[1]

*"Let any one compare the history of their Government with the bloody annals of a single year at Lahore. More crimes will be found registered in the space of twelve months under the khalsa Government than could be reckoned during the whole administration of the Ameers and their fathers." (P- 214, oxford Press 1975 ED)

ياد رهي ته ايسٽوڪ صاحب جو تعلق هڪ فاتح قوم انگريزن سان هو، جن ٽالپرن کان سنڌ جي حڪومت کسي هئي. ان جي باوجود به هو ٽالپر انتظاميه جي بيحد تعريف ڪري ٿو.

ايسٽوڪ صاحب وڌيڪ لکي ٿو تہ ڪلهوڙن جي دور حڪومت
سنڌ برباد ٿيو هو، پر ٽالپرن خوشحالي آئي سنڌ کي اقتصادي طرح
ڀال ڪيو. راشدي صاحب ۽ سندس حوارين کي هي حوالا بيشڪ
کيا لڳندا پر سچ کي تري ۾ هيٺان لڪائي نٿو سگهجي. مسٽر ايسٽوڪ
صاحب لکي ٿو تہ "١٧٨٨ع کان وٺي سنڌ جي حڪومت ٽالپرن جي
هٿ آئي، سنڌ جي عوام متفق طور انهن کي پنهن جو حاڪم ڪري
ورتو. اسان وٽ اهڙن ماڻهن جي دستاويزي شاهدي موجود آهي، جن
ان وقت کهي اچي سنڌ کي ڏٺو ۽ مشاهدو ڪيو. سندن چوڻ آهي
تہ ١٧٨٨ع کان وٺي جڏهن ٽالپر بر سر اقتدار آيا، ملڪ آهستہ آهستہ
خوشحالي ۾ ڏانهن گامزن ٿيو. اسان وٽ ميجر رينل (Rennell) جي
شاهدي ثابتي ۾ لاءِ موجود آهي، جنهن ۾ هو چوي ٿو تہ ڪلهوڙ
حڪومت جي دوران سنڌين جو ڪافي تعداد پنهنجن حاڪمن جي
ظلم ۽ تشدد ڪري ملڪ ڇڏي ٻاهر ڀڄي ويو هو."

"Form This date, 1788 A,D, The Government of Sindh developed on the Talpurs. The people of Sindh unanimously Chose them for their rulers, and we have the recorded testimony of those who visiteld the Country, that from that time it gradually advanced in prosperity. We have the evidence of Major Rennell to prove that under the kaloras Vast numbers of Sindhians fled into other Conntries from the tyranny of their rulers. Let this be compared with the State of things under the Amirs, as exhibited in Mr. Heddle's Report to the Bombay Government. He Says: "The merchants of Sind are active and intelligent, well protected, though heavily taxed by the Government, but not So much So as to prevent foreign traders from leaving their native Conntry, to reside under the rule of the Amirs, Compare to any state between the Indus and Euphrates, Sindh may be pronounced a couutry considerably advanced in civilis

ation. the Government, though Severe, is vigilant and well ordered, too Sensible of its own interests to ruin either the commetce or the agriculture of the Country, the people are orderly and obedient, and the laws are respected"
(P.241-242)

مٿي هڪ وڏي حوالي پيش ڪرڻ لاءِ قارئين کان معذرت طلب ڪيان ٿو. سنڌ جي ڪن حلقن طرفان جنهن ۾ راشدي صاحب بہ شامل آهي، ٽالپرن ميرن جي خلاف مسلسل زهريلي پروپيگنڊا ڪئي آهي، جنهن جو ازالو ضروري آهي. اهائي تاريخ جي سچي خدمت آهي. مٿي ايسٽوڪ صاحب ٽالپرن جي حڪومت بابت هيڊل (Heddle) صاحب جي هڪ رپورٽ جو حوالو بہ نقل ڪيو آهي. هيڊل جي مٿين رپورٽ جي آخري پئراگراف جو مفهوم آهي تہ "سنڌوندي ۽ فرات جي وچ ۾ واقع بين رياستن جي ڀيٽ ۾ سنڌ کي اهڙو ملڪ سمجهي سگهجي ٿو، جو تهذيب و تمدن ۾ گهٽو اڳتي وڌيل آهي. سنڌ جي حڪومت جيتوڻيڪ سخت آهي، پر ان سان گڏوگڏ چوڪس ۽ قاعدي جي پابندي آهي. هيءَ سرڪار پنهنجن مفادن لاءِ ايتري تہ عقلمند آهي جو هوءَ ملڪ جي وڻج واپار توڙي زراعت کي هرگز تباهہ ڪرڻ نٿي ڏئي. ماڻهو شائستہ، وفادار ۽ ملڪي قانون جو احترام ڪندڙ آهن."

مٿين انگريزن جون رپورٽون ٽالپرن جي قابليت ۽ انتظامي امور بابت سند جي حيثيت رکن ٿيون. انهن کي پڙهي ميرن جي خلاف راشدي صاحب جا لڳايل الزام بي بنياد ۽ لغو ثابت ٿين ٿا ۽ هتي ميرن جي صاحبيءَ بابت سنڌ ۽ لطيف جي هڪ عاشق ڊاڪٽر ايڇ-ٽي سارلي (Sorley) جي ڪتاب "شاهہ عبداللطيف آف ڀٽ" (Shah Abdullatif of Bhit) مان هڪ اقتباس عرض رکان ٿو. ڊاڪٽر سارلي صاحب ان ڳالهہ تي افسوس جو اظهار ٿو ڪري تہ "آدم شاهہ جا وارث ڪلهوڙا جيتوڻيڪ مذهبي اپيلن جي بنياد تي مغلن کان پوءِ زمر اقتدار آيا هئا، پر سنڌ جي عوام جي اها ڏيڻا بدقسمتي چئجي جو سندن هڪ پنهن جو ڏيهي حڪمران گهراڻو، مغلن جي حڪومت جي بدلي ناقص ثابت ٿيو." ان کان پوءِ هو ٽالپرن جي

انتظام بابت پنهنجي ڪتاب ۾ هيٺين حقيقت جو اظهار ڪري ٿو ته "ٽالپرن لاءِ اٿين چئي سگهجي ٿو ته هو سنڌ جي الجهيل ۽ ڪشمڪش واري زمين کي (پنهنجي عهد حڪومت) چاليهن سالن تائين امن و امان ڏيڻ ۾ ڪامياب ويا. ۽ انتظامي لحاظ کان ٽالپرن جي حڪومت نه نااهل هئي ۽ نه ڪي نفرت انگيز."

"There is this to be said for them that they did Succced in giving a distracted Land, Peace for forty years and that within the limils of their administrative ideals their government was neither ineffecient nor contemptible." (P-31,32, ot ford press karachi 1956 ED)

ٽالپرن کي اڻ سڌيءَ طرح بيوقوف ۽ ويساهي لکڻ وارا راشدي صاحب! ذرا ڊاڪٽر سارلي جو رمارڪ به ذهن تي رکو. اسان به تاريخ پڙهي آهي محض مالهن، ڦاڙهن ۽ مرن جا شڪار ڪندڙ ملڪ کي خانه جنگي ۽ افراتفري ۾ مبتلا ڪندا آهن. ٽالپر وندر لاءِ شڪار به ڪندا هئا، پر هو انصاف پسند ۽ امن امان قائم رکڻ ۾ دلچسپي وٺندا هئا. ڏيڍ سئو سال گذرڻ کان پوءِ اڄ به اهي سا ڳيا انگريز هنن بابت لکڻ تي مجبور آهن."

"Crime was, astonguishly rare during the Talpur rule.

ڪو شڪ نه آهي ته ٽالپرن جي دور ۾ اسلامي قانون نافذ ها، پر جيستائين مٿي چڱن مالهن جي حڪومت نه آهي تيستائين چڱا قانون به بي اثر ٿين ٿا. ان ڪري ته مشهوريوناني مفڪر ارسطو جو " حڪومت " بابت هڪ مشهور قول آهي ته "ڪنهن به شهر لاءِ چڱي مالهوءَ جي حڪومت سٺن قانونن کان بهتر آهي."

"It is better for a city to be governed by a good man than by good laws."

ٽالپرن جي اصليت ۽ حسب نسب بابت رئورٽي (Rawetty) صاحب پنهنجي ڪتاب "Notes on Afghanistan and Part of Baluchistan" جي صفحه ٦٢٤ تي لکيو آهي ته "ٽالپر يقيني طور اعليٰ نسل جا بلوچ آهن."

"The Talpurs are decidedly Baluch of the bluest blood."

پنهنجي خالص حسب نسب ڪري به ٽالپر روايتي طور شريف، انصاف پسند، دلير ۽ سچار حڪمران هئا. اهو ئي سبب آهي جو عمل پنهنجيءَ صاحبيءَ ۾ ماڻهن کي انصاف ۽ امن امان ڏنو. پير راشدي صاحب شايد حسب نسب جي فلسفه ۾ يقين نه رکندو هوندو، پر منهن جو مطالعه پڌائي ٿو ته اها هڪ سائنسي حقيقت آهي. جي ائين نه هجي ها ته روم جو بادشاهه هرقل ابو سفيان رضه کان حضرت ﷺ مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي حسب نسب بابت ڇو سوال ڪري ها؟ جيئن علامه ابن خلدون مرحوم پنهنجي مشهور ڪتاب "مقدمه" ۾ لکيو آهي ته رسول ڪريم جي زماني ۾ روم جي بادشاهه هرقل مڪه جي قريشي واپاري ابوسفيان کي پاڻ وٽ گهرائي هن کان حضرت ﷺ صلعم جي پروگرام ۽ شخصيت بابت ڪي سوال پڇيا هئا. منلس آخري سوال سرڪار دوجهان (فداه روحي و جسمي و ابي و امي) جي حسب نسب بابت هو. هرقل پڇيو ته " قال ڪيف هو فيڪم. قال ابو سفيان هو فينا ذوحسب. فقال هرقل والرسل تبعث علي احساب قومها." "يعني ته اي ابوسفيان هن جو اوهان وٽ حسب نسب ڪيئن آهي؟ ان تي ابوسفيان جواب ڏنو ته حضرت ﷺ اعليٰ نسب سان تعلق ٿو رکي. هي ٻڌي هرقل چوڻ لڳو ته "بيشڪ خدا جا رسول پنهنجن قومن ۾ اعليٰ نسبي ٿيندا آهن." اهائي حسب نسب جي قيمت آهي.

ٽالپر نه عياش هئا نه بدڪار ۽ نه شرابي

اسان کي تاريخ ۾ ڪيترائي شڪاري حڪمران ملن ٿا جيڪي عياش، بدڪردار ۽ شرابي ٿي گذريا آهن. شڪاري حاڪمن جي تاريخ ڏاڍي بڇڙي هوندي آهي. پر راشدي صاحب کي خبر هئڻ گهرجي ته سڀ ٽالپر امير نه عياش هئا ۽ نه شرابي ڪبابي. شراب پيئڻ جي قرآن مجيد ۾ ممانعت آهي ۽ رسول ڪريم جن جي حديث مبارڪ آهي ته " لعن الله شارب خمرا" يعني "شرابي تي خدا جي لعنت " انگريز ڊاڪٽر جيمس برنس جي ڪتاب (A visit to the Court of Sinde)

... اڪم ٿي حوالو ڏنو آهي. ڊاڪٽر برنس ١٨٢٨ع ۾ سنڌ ۾ آيو هو ۽ ٽالپر ميرن سان ملاقات ڪئي هئائين. هو پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته "سنڌ جا امير بين عام مسلمان شهزادن وانگر عياشي ۽ بدڪاريءَ ۾ گهٽ مبتلا آهن."

"The Amirs of Sind are less sunk in sensuality and indulgence than Mohammadan Princes in general" (P-88)

اڳتي برنس لکي ٿو ته "مان مڃان ٿو ته اها پڪي پڪ آهي ته امير نشيدار دوائون يا شراب ڪو نه واپرائيندا آهن. هو انهن ماڻهن کي بي عزتو ڪري پنهنجي ڪرڻ ۾ معروف هوندا هئا، جيڪي هنن جي اڳيان شراب پي ۽ ان جي ڊپ سان ايندا هئا. مير مرادعلي خان ٽالپر جي ملازمت ۾ هڪ اعليٰ نسل جو بلوچ سردار بهادر خان کهڙي وقت لاءِ پنهن جي نوڪريءَ سان محض ان ڪري سسپنڊ رهيو هو، ڇاڪاڻ ته هڪ ڀيرو هن کي نشي جي حالت ۾ ڏٺو ويو هو."

"Still I believe it is well ascertained that the Amirs nevgr indulge in intoxicating drugs or liquors. They have been known to dismiss persons with disgrace from their presence who have appeared before them redolent of wine, and Bahadur khan cokur a Baluchi chief of high birth in the service of Murad ali, was suspended from his employments for a cosiderable time; from having been once seen in a state of intoxication." (P. 88, 89)

ٽالپرن سنڌ کي متحد ڪيو ۽ سرحدون وڌايون

ٽالپرن جي اصليت بابت مٿي رٽورٽي صاحب جي هڪ ڪتاب مان حوالو نقل ڪيو اٿس، جنهن ۾ هو چوي ٿو ته "ٽالپر اعليٰ نسل جا بلوچ آهن." ٽالپرن سنڌين ۽ بلوچن جي درميان اتحاد ۽ ڀائيچاري کي وڌايو. نتيجي طور سنڌي لوڪ ٽالپرن جي حڪومت کي پنهنجي حڪومت سمجهندا هئا. ايسٽ وڪ صاحب لکيو آهي ته ڪلهوڙن

کان اقتدار وٺڻ ۾ سنڌي آبادي ٽالپرن جو ساٿ ڏيڻ کين منتخب ڪيو هو. مسٽر ايچ. ٽي. لئمبرڪ (Lambric) صاحب جديد توڙي قديم سنڌ جو وڏو ڄاڻو ۽ محقق آهي. هن جي سنڌ بابت لکيل تاريخ ٻن جلدن ۾ انگريزيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪرائي آهي. ٽيون ڪتاب هن "جنرل جان جيڪب آف جيڪب آباد" لکيو. چوٿون ڪتاب ٽيررسٽ (Terrorist) آهي جنهن ۾ لئمبرڪ صاحب سائين رکيل حر جي ڊائري قلمبند ڪئي آهي. پنجون ڪتاب "سر چارلس نيپيئر ۽ سنڌ".

(Sir Careles Napier and Sindh)

لکيائين جو ١٩٥٢ع ۾ شايع ٿي منظرعام تي آيو. هن ڪتاب ۾ هڪڙي هنڌ لئمبرڪ صاحب ٽالپرن جي حڪومت بابت سنڌي عوام جي رويه بابت لکي ٿو ته "سنڌي مسلمانن جي هڪ وڏي طبقي کي ڪابه سياسي تمنا ڪانه هوندي هئي. هو ٽالپر بلوچن جي حڪومت مان ايترا ته خوش هئا، جيترا هو پنهنجي نسل جي ڪنهن (سنڌي) حاڪم مان راضي هجن ها."

"The great class of Sind Muslims had no political aspirations, they were as content with the rule of Baluch Talpurs as they would have been under any Sovereign of their own race." (P-15)

ٽالپرن فتحون ڪري سنڌ جون سرحدون وڌايون ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ وڃايل پرڳڻا هٿ ڪيائون. ان مان سرفهرست ڪراچي جو علائقو آهي جو ٽالپرن واليءَ قلات کان کسي ورتو. ڪلهوڙن جي دور حڪومت ۾ قلات جي حاڪم جو پاءُ جنرل هاڻ سنڌ ۾ قتل ٿيو هو ۽ مقتول جي خون بها جي عوض ڪلهوڙن ڪراچي قلات وارن کي تاوان ۾ ڏيئي ڇڏيو. عمرڪوٽ جو اڳ سنڌ جو علائقو هو، تنهن کي ٽالپر ميرن جوڌپور کان ڌار ڪرائي سنڌ ۾ ٻيهر شامل ڪرايو. ڏکڻ اوڀر جي بيابان مان ڪجهه حصو ٽالپرن راجپوت سوڍن کان فتح ڪيو ۽ وڏو سبزل ڪوٽ جو اترين علائقو ۽ ٻيگ پڙا خان آف بهاولپور کان ورتائون. ۽ ١٨٢٤ع ۾ ٻنائن کان شڪارپور جو علائقو به اهڙي طور

ٽالپرن وٽي ٻيهر سنڌ سان ملايو. لئمبرڪ صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ ٽالپرن جي مٿين فتوحات جو ذڪر هن طرح ڪري ٿو.

"The Hyderabael Mirs of the first generation had extended the principality they won from the kalhoras, Wresting karachi from. Kalat and umerkot. Formerly included in Sind from Jodhpur, also Conquered part of the South-eastren desert from the Rajput Sodhas. More Valuable Was the northern territory of Sabzalkot and Bhung Bhara, taken from the Khan of Bahawalpur by the Mirs of upper and Lower Sind acting in concert. Their encroachments on the old Afghan possessions in upper Sindh culminated in the peaceable occupation of Shikarpur in 1824." (P—25)

اهي ٽالپرن جون ايتريون ته ڪاميابيون آهن جن تي جيترو فخر ڪجي اوترو گهٽ آهي. رڳو ڪراچيءَ جو مثال وٺي ڏسو، جيڪڏهن ٽالپر هي علائقه قلات وارن کان واپس نه وٺن ها ته اڄ جيڪر هي اهم بين الاقوامي بندر بلوچستان جي حد ۾ هجي ها. اهڙن محبوطن حاڪمن کي محض سوئرن ۽ ڦاڙهن جو شڪاري. لکڻ راشدي صاحب ۽ ادبي بورڊ وارن جي ايتري ته جسارت آهي جو ان جي مذمت ۾ الفاظ ئي نٿا ملن. اڳتي هلي سيٺ ناؤنمل جي پيءُ ديوان هوتچند جي طهر ۽ ان جي نتيجي ۾ انگريزن جي ٽالپرن سان جنگ جي باري ۾ به راشدي صاحب سخت غلط بياني طنز ۽ اهانت آميز لفظن ۾ ٽالپرن جو ذڪر ڪيو آهي. افسوس جو هڪ سرڪاري اداري طرفان ٽالپرن جي خلاف راشدي صاحب جو ڪتاب اهڙي وقت تي شايع ٿيو آهي، جڏهن هن خاندان جي شهدادائي ۽ محمودائي ميرن جو چشم و چراغ مير حاجي علي احمد خان ٽالپر حڪومت پاڪستان جي هڪ اهم پوزيشن تي فائز آهي.

ڇا ٽالپرن زوري شيعت ڦهلائي هئي

ٽالپرن جي خلاف اهو الزام لڳايو ٿو وڃي ته هنن پنهنجي اقتدار ۾ زوريءَ سني آبادي کي شيعه بنائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هن الزام جي صداقت معلوم ڪرڻ لاءِ مون کي تاريخ مان ڪو به مثال ملي نه سگهيو. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته مير صاحبان شيعا ۽ فقه جعفري جا مڃيندڙ هئا. هتي مون کي شيعه مذهب جي تصورامامت ۽ عقائد سان بحث ڪرڻو ڪونهي. ان لاءِ علامه ابن خلدون پنهنجي مقدمه ۾ باب ”مذاهب الشيعه في حکم الامامت“ ۾ وڏو فاضلانه بحث ڪيو آهي. نيز پروفيسر براڻون صاحب جي انگريزي ڪتاب ” تاريخ ادبيات ايران “ (Aliterary History of Persia) ۾ شيعا مذهب ۽ ان جي ارتقائي تاريخ بابت گرانقدر عالمانه باب لکيو آهي. تازو ايس- ايس- جعفري صاحب امريڪا مان شيعه مذهب تي ٿيسز لکي پي-ايچ- ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. جعفري صاحب جي ٿيسز ولايت (امريڪا) مان ڪتابي شڪل ۾ شايع ٿي آهي ، جنهن جو نالو ” شيعا اسلام جي اصليت ۽ ارتقاء“

(Origin and develpoment of Shia Islam) آهي.

مون کي فقط هتي ايترو عرض ڪرڻو آهي ته شيعه فرقو اسلام جو اوائلي ۽ هڪ تسليم شده فرقو آهي ۽ جنگ جمل ۽ جنگ صفين جي لڳڻ بعد هن فرقه جا ماڻهو ”شيعانِ علي“ جي نالي سان مشهور ۽ معروف ٿيا هئا. مير مرادعلي ۽ مير صوبدارخان کان سواءِ باقي سڀ ٽالپر ايراني اثرات ڪري شيعه مسلڪ رکندا هئا. پر سنڌ تي حڪومت ڪرڻ وقت هنن اڪثريت جي جذبات جو بيحد احترام ڪيو هو. پاڻ جيتوڻيڪ فقه جعفري ۾ يقين رکندڙ هئا پر نامور بلوچ مؤرخ ۽ محقق مسٽر سردار خان رند پنهنجي انگريزي ڪتاب ”بلوچ نسل ۽ بلوچستان جي تاريخ“

“ History of Baluch Race and Baluchistan)

۾ ٽالپرن جي حڪومت جو جائزو(The estimate of the Talpur Rule)

واري باب ۾ لکي ٿو تہ ٽالپرن جي حڪومت ۾ ” انصاف قرآن مجيد ۽ شريعت جي اصولن تي ٿيندو هو. قانون جي مشينري ڪاردارن تـي مشتمل هوندي هئي، جي ڪيسن جو فيصلو قرآن مطابق ڪندا هئا، جنهن جي تشريح اهڙا مفتي حضرات ڪندا هئا، جيڪي اهڙي قانوني علم جا وري ماهر هوندا هئا. عام طور ماڻهو سني هونـدا هئا تنهن ڪري سلطنت جو قانون حنفين وارو هوندو هو. بخاري، ترمذي مؤطا امام مالڪ ۽ فتاواءِ عالمگيري قانون جا تسليم شده ڪتاب هوندا هئا “

"In theory justice was administered according to the tenets of the Quran and shariah. The machinery of the law consisted of kardars who dacided cases according to the Holy Book: which was expounded by the Mufties who were expert| in such legal lore. The people in general were sunnees and hence the law of the realm was that of the Hanaf es. The Bukhari Tirmizi Mota -i-Imam Malik and the Fatawai Alamgiri were recognised as the Books of law."
(P-166 Quatta 1977 Edition)

ڏسو تہ ٽالپر حاڪم ڪيڏا نہ فراخدل ۽ لبرل هئا. هنن پنهن جو فقهہ جعفري اڪثريت تي نافذ ڪونہ ڪيو هو. پر حنفي قانـون نافذ ڪرايائون. جناب سردار خان متي حديث جي جن ڪتابن بخاري-ترمذي، ۽ موطا امام مالڪ جو حوالو ڏنو آهي، اهي ئي ڪتاب تمام سني دنيا جي مدرسن ۾ نهايت ئي اهتمام سان پڙهايا ويندا آهن ۽ اڄ-سوڌو دارالعلوم ديوبـند ۾ انهن ئي ڪتابن جا ماهر استاد ۽ محدث ملن ٿا. معلوم ٿيو تہ ٽالپرن جي هتان ماڻهن تي زوري شيعا مذهب مڙهڻ جو الزام بي بنياد ۽ ڪوڙو آهي.

ڇا شاهہ عنايت کي ٽالپرن جي مفتين ماريو هو

شاهہ عنايت جي شهادت جي معامل ۾ راشدي صاحب جي راءِ ڪُل جهڙي آهي هو. ميرن بابت پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ ”عدالتي ۽ انصافي ذميدارين ڪان پاڻ کي آجو رکيو هئائون، الا بلا برگردن ملا

شريعت مطهره جو قانون هوندو هو، فيصلا قرا قاضي مفتي ڪندا هئا، ڏاڍا بيرحم هوندا هئا پنهنجن مان به ڪونه گسندا هئا، هڪ ٻئي خلاف ڪفر جي فتوي جاري ڪندي به دير ڪانه لڳندي هون. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي مدظله جي تحقيق مطابق شاه عنايت شهيد رحمت الله عليه کي شهيد ڪيائون ته شڪارپور جي بزرگ حاجي فقيرالله علوي صاحب رحمت الله عليه اها خبر ڏني، شڪراني جا نفل پڙهيا."

(صفحه ٩٦-٢٩٥)

افسوس جو محترم راشدي صاحب کي اهو به پتو نه آهي ته شاه عنايت صوفي تالپرن جي دور حڪومت ۾ شهيد ٿيو هو يا ان کان اڳ مغلن جي دور ۾ مارجي ويو هو، اسان جي بزرگ سياستدان کي خبر هئڻ گهرجي ته شاه عنايت کي تالپرن جي مفتين ڪونه ماريو هو، پر ڪيس راشدي صاحب جي هڪ ذات واري سنڌي سيد شاه سراج الدين جو پڻ منصوبي ۾ هٿ هو. شاه عنايت جي زماني ۾ ٺٽي ۾ مغلن جو نمائندو نواب اعظم خان مقرر ٿيو هو، جنهن اڳوٽي ناظر لطف علي خان کان چارج ورتي هئي. شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽو صاحب نواب اعظم خان بابت لکي ٿو ته "سنڌس انڪل ڇئن سالن جو عرصو اهل سنڌ لاءِ نحوست جو زمانو هو. هڪ ته ملڪ ۾ سخت ڏڪار پيو، پيو ته ان ۾ حق شناس حضرت شاه عنايت الله جي شهادت جو واقعو پيش آيو." اهو واقعو ڪيئن پيش آيو تنهن جو تفصيل بيان ڪندي ڊاڪٽر دائود پوٽه مرحوم لکي ٿو ته "نواب اعظم خان نظامت جون واڳون وٺندي ئي اچي ٻارڻ ٻاريو. حاسدن جي چرچ تي هن صوفين کان زمين تي ڍل وٺڻ جي تقاضا ڪئي. صوفين صاف جواب ڏنو ته اهي زمينون اسان کي بادشاه وٽان معافي مليل آهن. تنهنڪري اسان ڪنهن به صورتم ڍل نه ڀرينداسون. نواب اعظم خان کي فقيرن جي نابري تي سخت غصو آيو ۽ انهيءَ تي هيڪاري سنڌن مخالفن کي ور وٺڻ لاءِ جنهن ملي ويو. سو وچي نواب صاحب کي برغلايائون ته صوفي حڪومت جي پرواهه نه ڪري پنهنجي صاحبي قائم ڪرڻ ٿا گهرن نواب اعظم خان اها روئداد فرخ سير ڏي رواني

ڪئي. جنهن هٿ جي ڪٽ پتلي حڪم صادر ڪيو ته فقيرن جي هڪدم پاڙ پٽي وڃي. تحفته الڪرام واري چيو آهي ته انهيءَ منصوبي ۾ هڪ سنڌي سيد شاهه سراج الدين جو پڻ هٿ هو، جو دهلي دربار ۾ هڪيوتڪيو حاضر هوندو هو، ۽ اتي گهڻي هلندي هيس. هن ڳالهه ڏانهن شاهه عنايت جي وڏي خليفي مير جان الله شاهه روهڙيءَ واري پڻ پنهنجي شعر ۾ اشارو ڪيو آهي.

"ترسيد زين ڪه گيرد ملڪش فقير تارڪ
يا رب نعوذ با الله زين عقل رو سياهي "

مطلب ته نواب اعظم خان سنڌ جي سيني برآوردن ڪي سڌ ڪيو ته هن قبيح ڪم ۾ ساڻس ساٿي ٿين. پوءِ يار محمد ڪلهوڙي ۽ ٻين صوبن جي امداد سان هڪ شاهي ڪٽڪ ڪٺو ڪري فقيرن تي ڪاهي ويو ۽ سڄا سارا چار مهينا سنڌين بستي کي گهيري ويٺو. فقير به هزارن جي تعداد ۾ پتنگن وانگي پنهنجي شمع، راه مرشد تان قربان ٿيا. اونداهين راتين جي پردي ۾ غنيم جي لشڪر تي شيخون هڻي، انهن کي اهڙو ته تنگ ڪيائون، جو ذري گهٽ محاصره ڪٽڻ تي هئا. اتفاقاً هڪڙيءَ رات جو ڪو فقير ٽاهڙجي ڪري پيو ۽ جوش ۾ الله اڪبر جو نعرو هنيائين. تنهن تي سيني ساٿين نعري جي پڪار ڏني ۽ پڌرا ٿي پيا. دشمن کي به لڳي وئي ماڃي سو سيني کي ويڙهي ويا ۽ گهڙي کن ۾ سيني کي ڍيري ڪري رکيائون. ليڪن گهيري اندر فقيرن مان پڄڻ محال هو، سو دل ۾ دغا رکي ميان محمد خان ولد يار محمد خان ڪلهوڙو ۽ مير شهدادخان ٽالپر فوج جو سپهه سالار قرآن ميڙ ڪري شاهه عنايت الله وٽ مصالحت لاءِ ويا. شاهه عنايت الله الهي ڪلام جي عزت ڪري ساڻن گڏجي نواب اعظم خان جي ڪچهريءَ ۾ ويو، جتي ڪن سوالن جوابن بعد ڪيس قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو." ملاحظه ٿئي ڊاڪٽر عمر دائود پوٽه جو ڪتاب "مضمون ۽ مقالا" صفحه ٢٦٠، ٢٥٩ ڇاپايل ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد ١٩٦٨ع)

شاهه عنايت الله جي قتل جي واقعي جو تفصيل مٿي اوهان سنڌ

جي هڪ وڏي محقق ۽ اسڪالر علامہ دائود پوٽہ جي روايتي بہ آهي.
ان مان هيٺيون ڳالهيون ثابت ٿي وڃن ٿيون.

(۱) شاہ عنايت صوفي جي قتل جو واقعو مغلن جي دور حڪومت ۾ پيش آيو ۽ نہ ٽالپرن جي عهد ۾. ٽالپرن جا مفتي ان لاءِ ذميوار نہ آهن جيئن راشدي ڄاڻايو آهي.

(۲) تہ مغلن جي حڪومت ۾ دهلي ڪورٽ جي هڪ ظالم نائب اعظم خان شاہ عنايت کي مارڻ جو حڪم ڏنو هو جو ڪيس فقيرن ڀل ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو.

(۳) تہ مغلن جي ڪنهن بہ مفتيءَ يا قاضي شاہ عنايت جي خلاف ڪوبہ منصوبو ڪونہ ٺاهيو هو. پر اها سازش سيد شاہ سراج الدين جي سنبل هئي. واہ راشدي صاحب واہ! حد ڪري ڇڏي اٿو.

" اين گنا هيست کہ در شهر شما نيز کنند "

جيڪڏهن پيون بہ اهڙيون بہ چار تحقيقون پيش ڪيو تہ پوءِ جي تاريخ جو خداحافظ. اوهان جو نندو ڀاءُ پير حسام الدين راشدي سدائين شڪايت ڪندو آهي تہ سنڌ جي تاريخ سان ڏاڍو لڳل آهي. هاڻي معلوم ٿيو تہ اهي ڏاڍي هٿ وارا سنڌ گهر ۾ موجود آهن. ان قسم جي سطحي لکڻين سان راشدي صاحب اهل علم آڏو ڪو وڏو مقام پيدا ڪري نہ سگهندو. پر ڪيس مشهور انگريز شاعر ۽ اديب ورڊس ورٿ جي، لکندڙن بابت هڪ قيمتي قول ۽ ذيل نسخي تي عمل ڪرڻ گهرجي. هو چوي ٿو تہ " هر وڏو يا اصلي ليکڪ جو جنهن نسبت سان هو وڏائي يا اصليت رکندو هجي، تنهن لاءِ ضروري آهي تہ هو پنهنجين لکڻين ۾ اهڙي تہ لذت پيدا ڪري جو جنهن مان هو (ليکڪ) جو لطف يا مزو محسوس ڪجي."

"Every great or original writer in proportion as he is great or original, must himself create the taste by which he must be relished."

پير راشدي ۽ صوتچند جي ظهر جو مسئلو

راشدي صاحب ٽالپرن جي دور ۾ غدار سنڌ سرمت نائون ...ل جي

سيٺ هوتچند جي طهر جو ذڪر اهڙي نموني ڪيو
ويو آهي جو ڄڻڪ سڄو ڏوهه ان وقت ميرن جو هو. سندس لکڻ مطابق
هي معاملو هوتچند جي ختني جو هو. جنهن ڪري سندس پٽ ناٺون
مل ميرن جو مخالف بڻجي، انگريزن سان ملي ٽالپرن جي حڪومت
جي پاڙ پٽائي. راشدي صاحب پوچواڻي فيملي ۽ سيٺ هوتچند جي طهر
۽ اسلام قبول ڪرڻ بابت لکي ٿو ته ”پوچواڻين جي ڪوٺي ڪلو
ڏار پوءِ ڪراچيءَ جي آبادي وڌي. هندن مندر قائم ڪيو هو، ڪجهه
ڏينهن کان پوءِ مسلمانن به مسجد ٺاهي. ڪنهن معمولي ڳالهه تان
هندن ۽ مسلمانن ۾ ”تون ڇا“ ”تون ڇا“ تي پئي. هندن جي
سرڪرده ، پوچواڻين جي مهندار، هوتچند خلاف ميرن کي دانهن ملي.
حيدرآباد مان ميرن ماڻهو موڪلي هوتچند کي گرفتار ڪرائي پاڻ وٽ
گهرايو. فيصلي لاءِ معاملو قاضين مفتين جي حوالي ٿيو. ڪجهه ڏينهن
نظربند رکڻ ۽ هيڏانهن هوڏانهن گهلڻ کان پوءِ هوتچند کي نصرپور
نيئي مشرف به اسلام ڪيائون. ختني ٿي وڃڻ کان پوءِ هوتچند کي
ميرن وٽان آزادي جو مژدو مليو.“ صفحه ٣٩٦، ٣٩٧

سيٺ هوتچند جي طهر بابت راشدي صاحب مطلق غلط تاريخ
لکي آهي. افسوس جو ٽالپرن جي دشمنيءَ ۾ راشدي صاحب انصاف
جو خون ڪيو آهي. خبر نه آهي ته هن کي ميرن تي الائي ڇو ايتري
ڪاوڙ ۽ ناراضگي آهي. راشدي صاحب کي قرآن مجيد تي ضرور ايمان هوندو.
هن مقدس ڪتاب ۾ هڪڙي هنڌ الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته ”ڪنهن به
قوم جي دشمني اوهان کي ان ڳالهه لاءِ هرگز آماده نه ڪري ته اوهان
بي انصافي ڪريو.“ ”لا يجرمنكم شنان قوم ان لا تعدلوا.“ سيٺ ناٺون
مل جون يادگيريون ڪتابي شڪل ۾ ڇپيل آهن. سيٺ جنهن نموني
سان پنهنجي پيءُ هوتچند سان بدسلوڪي ۽ زوري طهر جو ذڪر
ڪيو آهي ان مان معلوم ٿئي ٿو ته سڄو ممڻ راشدي صاحب جي
محترم ذات واري سيد نورل شاه مچايو هو. نصرپور جي قاضين ۽ مفتين
ته سيٺ هوتچند کي زوري مسلمان ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو. سيٺ
ناٺون مل لکي ٿو ته ”سنبت ١٨٨٨ (١٨٣١-٣٢ع) ۾ هڪڙي ڏينهن

نصرپور جي هڪ هندو مزور جي پٽ ڪندي سان، سندس واجهي (استاد) جهڙن وٽ پڙهڻ ڪيس پڙهڻ لاءِ ويهاريو هو سختي ڪئي. ڇوڪر بيزار ٿي وڃي هڪ مسجد جي در جي ڀرسان ويهي رهيو. اها مسجد ان جڳهه ۾ هئي جتي هاڻي ٽوڪري رهندا آهن. ڪن مسلمانن جي هن تي نظر پيئي ۽ ريهي ريبي اندر وٺي وڃي ويهارياڻونس. ان تي ڪاوڙجي هندو دڪاندارن پنهنجا دڪان مسلمانن لاءِ بند ڪري ڇڏيا ۽ هنن کي سودي سودي ڏيڻ کان انڪار ڪيائون. مسلمانن انتقام وٺڻ لاءِ لپاري جي پيٽ ۾ جي ڪوهه هئا ۽ جتان هندو پيئڻ لاءِ پاڻي ڀريندا هئا، تن کي پليت ڪري ڇڏيو.“ (سيٺ ناؤُون مل جون يادگيريون صفحه ٨٩، ٩٠، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٨ ايڊيشن) معلوم ٿيو ته جهيڙو ڪراچيءَ ۾ هندن جي مندر ۽ مسلمانن جي مسجد بابت ڪونه ٿيو. جيئن راشدي صاحب لکيو آهي. بلڪ واقعو نصرپور شهر ۾ هڪ هندو مزور ڪندي جي پٽ کي مسجد ۾ ويهارڻ ڪري ٿيو. راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ سيٺ ناؤُون مل جي وڪالت ڪئي آهي. هو هڪ معروف سياستدان پڻ آهي. هو وضاحت فرمائي ته هڪ ننڍي هندو ڇوڪر کي مسجد ۾ وهارڻ ڪري هندن پنهنجا دڪان سيٺ ناؤُون مل جي الفاظ ۾ مسلمانن لاءِ ڇو بند رکيا؟ جهيڙي جو ٻج ته اتان پيو. ۽ جو بعد ۾ ردعمل جي شڪار ٿي مسلمانن ٻڀاٽي پيئڻ جا ڪوهه هندن لاءِ پليت ڪيا. هندو مزور ڪندي جي پٽ کي مسلمانن ته مارڪاڻ ڏني هئي. لازمن ان جو استاد به هندو هو. پوءِ اهڙي حالتن ڪهڙو رخ اختيار ڪيو؟ ان لاءِ سيٺ ناؤُون مل پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته ان واقعي کان پوءِ ”ٻئي ڏينهن نورل شاهه نالي هڪ سيد امان جي محلي مان بد شد ڳالهائيندو ۽ فاحش الفاظ چوندو لنگهي ويو. منهن جو ننڍو ڀاءُ پرسرام جو ان وقت محلي جي ٻاهرين در وٽ بيٺو هو، تنهن سيد کي نرميءَ سان ورجايو ته هي ڪهڙا لفظ، بدسلوڪي ۽ بي مروتي تنهن جي منهن تي ٺٺي پئي. ان تي تون ڇاتون چا ٿي ۽ نورل شاهه مذهبي جوش ۾ اچي چيو ته پرسرام منهنجي، ۽ اسانجي رسول جي شان ۾ گستاخانه الفاظ ڪم آندا آهن.“ مسلمانن جا هشاءِ اچي ڪٺا ٿيا. جوش ۽ انتقام

مسجي اکين مان پٽي ڦٽڪيو. هندو به گڏ ٿيا ۽ ڦرئون رساڻون ته هٿن ڇا ڪجي. سيد نورل شاه ٺٽي، شاه بندر، مٽيارن، حيدرآباد ۽ ملا جي قرآن مصحف وجهي، مؤمنن کي ڀڙڪايو ته پيلي هٿي اسي ڪا ڌاهر ڪريو. اها خبر سڄي سنڌ ۾ پکڙجي ويئي ۽ سڄي صوبي کي مذهبي جوش جي باهه وڪوڙي وڌي. مسلمان سڀ هڪ مشت ٿي ويا. هندو به گڏ ٿيڻ لڳا انهيءَ وچ ۾ منهنجو پاءُ پرسرام ڪنهن نموني ڪسڪي سنڌ مان جيسلمير هليو ويو. مسلمان وڏي تعداد ۾ اچي حيدرآباد ۾ گڏ ٿيا ۽ ڏاڍو شور ڪيائون. مير مراد علي تي زور پريائون ته سيٺ هوتچند کي فرمان موڪلي ته پنهنجي پٽ پرسرام کي حيدرآباد روانو ڪري. پرسرام ڪراچي ۾ ڪونهو. مير مرادعليءَ ٻيو فرمان موڪليو ته پٽ جي بدران تون اچي حاضر ٿيءُ. تنهنڪري سيٺ هوتچند اٽڪل ٻه هزار هندو ساڻ وٺي پاڻ حيدرآباد روانو ٿيو. فرمان سان گڏ سيٺ جي حفاظت لاءِ هڪ فوجي دستو به آيو هو. هن سيٺ کي جان جي سلامتيءَ جي خاطري ڏني ۽ چيائونس ته اسان سان گڏجي هل. مسلمانن ازحد زوراڻي ۽ سرڪشيءَ کان ڪم وٺڻ لڳا، پر مير مرادعليءَ هنن کي منع ڪئي ۽ سيٺ هوتچند جي خلاف هٿ کڻڻ کان روڪيو. پوءِ مسلمانن وچي مير مرادعليءَ جي ڏيءَ وٽ پهتا، جا پڳ جي وارث مير... جي زال هئي. هنن کي ميڙون منٿون ڪري پنهنجي طرف ڪيائون. پوءِ هنن کي قرآن ڏيئي پٽس ڏي ميڙ ڪري موڪليائون. هو ڪيس جواب ته نه ڏئي سگهيو، پر چيائينس ته سيدن کي سمجهاءِ ته حيدرآباد ۾ ڪا زيادتي نه ڪن. ۽ وڌيڪ ارشاد فرمايائين ته مان هنن کي نصرپور جي پير ڏي موڪليان ٿو، پوءِ اتي جيڪي وڻين سو ڪن. پوءِ سڀ نصرپور ويا. مير مرادعليءَ ياران، سيد ذوالفقار ۽ عليشاه به ساڻن گڏجي ويا. پر مير جا عيوضي تعصبي مسلمان هئا ۽ اندروني طرح ٻين مسلمانن سان مليل هئا. نصرپور ۾ قاضيءَ مسلمانن کي هٿن کان انڪار ڪيو ۽ پاڻ وٽ بحث ڪرڻ جي اجازت نه ڏنائين، چاڪاڻ ته هن ڏٺو ته مسلمان ظلم تي سنڌو ٻڌي ٻيٺا آهن. پر مسلمان گهڻا هئا ڏاڍو شور هيو. هڪ ڏينهن ٿي اوچتو حملو ڪري، سيٺ هوتچند کي وچان اغوا ڪ

مو سنڌو حيدرآباد آيا، جتي ٻه-ٽي ڪلاڪ ترسي، ٻيڙي ياڙي ڪري ٽي ۽ شاهبندر تعلقي ۾ ٻاگاڻيءَ ڏانهن روانا ٿي ويا. ٻاگاڻيءَ ۾ هو نورل شاه جي هڪ عزيز منلوشاه جي گهر ۾ وڃي رهيا، جو هڪ مشهور ڪٽر سيد هو." (صفحو ٩٠، ٩١، ٩٢)

سيٺ ناٿون مل جي بيان مان پنجن ڳالهين تي چٽي روشني پوي ٿي. اول ته جهيڙو نورل‌شاه ۽ سيٺ ناٿون‌مل‌جي‌ پاڻ پرسرام جي گفتگو مان متو. سيد نورل‌شاه جو چوڻ آهي ته ديوان پرسرام "منهنجي ۽ اسان جي رسول جي شان ۾ گستاخانه لفظ چيا آهن." خبر نٿي پئي ته پرسرام واقعي اهڙا گستاخانه الفاظ ڪڍيا آهن يا نه؟ بهرحال سيٺ ناٿون‌مل پنهنجي ڪتاب ۾ هن الزام جي قطعي ترديد ڪانه ڪئي آهي. جيڪڏهن پرسرام في‌الحقيقت رسول ڪريم جي شان ۾ گستاخي ڪئي هئي ته مسلمانن جو هنگامو ڪرڻ فطري ڳالهه هئي. ڇو جو اسين مسلمان نبي صلي‌الله عليه وسلم جي شان ۾ گستاخي ٻڌڻ جو تصور به نٿا ڪريون. هر مسلمان جو سينو رسول خدا جي عشق سان معمور آهي. حضور جن جو پنهنجو فرمان مبارڪ آهي ته "اوهان مان ڪوبه شخص تيستائين مؤمن ٿي نٿو سگهي جيستائين مان هن وٽ پنهنجي پٽ، پيءُ، ماءُ، جان ۽ ٻين انسانن کان وڌيڪ پيارو نه هجان." "لايکون احدکم مؤمنا حتيٰ اکون احب اليه من ولده، ووالده والنفسه والناس اجمعين." پير راشدي پاڻ جهونو سياستدان آهي. کيس خبر هوندي ته ماضيءَ ۾ رسول ڪريم جي خلاف ناشائسته الفاظ لکڻ يا ڳالهائڻ تي هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ڪيڏي نه ڪشيدگي ٿي آهي. غازي عبدالقيوم ۽ غازي علم‌الدين جا نالا ڪنهن کي به ڪونه وسريا هوندا. جن رسول‌پاڪ جي گستاخن کي قتل ڪيو هو. امام ابن تيميه جهڙي هڪ ڪٽر موحد شخص جي راءِ به اها آهي ته شاتم رسول جي سزا موت آهي.

ٻي ڳالهه هي ثابت ٿئي ٿي ته سيٺ ناٿون مل جي لکڻ مطابق نورل‌شاه اعلان ڪرايو ته مون کي ۽ پيغمبر اسلام کي پرسرام گهٽ وڌ ڳالهايو. سنڌ ۾ اهلبيت جي وڏي عزت ڪئي ويندي آهي. نورل‌شاه پاڻ به اهلبيت هو، ان ڪري مسلمانن جو مشتعل ٿيڻ هڪ لازمي امر هو. البته ان ڳالهه جي تصديق نه ٿي ٿئي ته واقعي پرسرام هن کي

ڏاريون ڏسون هيون ڏاڻ.

ٽين ڳالهه جي هي ثابتي ملي ٿي ته مسلمانن جي شور مچائڻ تي ان وقت جي ٽالپر حڪمران مير مراد علي سيٺ نائون مل جي الفاظ ۾ "مير مرادعلي ھمن کي منع ڪئي ۽ سيٺ هوتچند جي خلاف مسٽ ٿيڻ کان روڪيو."

مسلمانن ميرصاحب جي نياڻي جا ڏيڻ جي وارث مير محمد جي ڏيڻ هئي، تنھن جي سفارش مير مراد علي خان تي آندي. مير صاحب مرحوم پنهنجيءَ نياڻيءَ کي جواب ڏيڻي نه سگهيو جو ته بلوچن جي روايت موجب هو نياڻيءَ جي وڏي عزت ڪندا هئا. اڄ به بلوچستان ۾ ڪنھن ڏي نياڻي ميڙ ڪري وڃبو آهي ته بلوچ وڏا ڏوهه به معاف ڪري ڇڏيندا آهن. مير مرادعلي خان پنهنجيءَ دختر نيڪ اختر جي منٿن کي قبول ڪيو پر ڪيس سيٺ نائون مل جي الفاظ ۾ نصيحت ڪئي ته "سيدن کي سمجهاءِ ته حيدرآباد ۾ ڪا زيادتي نه ڪن." هن مان صاف ظاهر آهي ته مرحوم مير مراد علي خان ٽالپر جنهن جي صاحبيءَ ۾ هي واقعو پيش آيو، تنهن کي سيٺ هوتچند جي جاني بچاءَ جو ڪنڌ ۾ فڪر هو. ان ڪري سيٺ هوتچند سان بدسلوڪي واري الزام کان ٽالپر بري آهن.

چوٿين ڳالهه هيءَ ثابت ٿي ته مرحوم مير مراد علي خان سيٺ هوتچند کي نصرپور جي پير ڏانهن فيصلي لاءِ موڪليو ۽ ميرصاحب جا عيوضي سيد ذوالفقار ۽ عليشاه به ساڻس گڏ وياءِ ۽ ديوان هوتچند تي سزا ڏيڻ لاءِ نصرپور جي قاضيءَ وٽ پيش ڪيائون. قاضيءَ وڏيڪ ڪهڙي ڪاروائي ڪئي؟ ان لاءِ سيٺ نائون مل لکي ٿو ته "قاضيءَ مسلمانن کي پڌري ڏاڍي انڪار ڪيو ۽ ڀاڻ وٽ بحث ڪرڻ جي اجازت نه ڏنائين. چيائين ته هن ڏو ته مسلمان ظلم تي سندرو ٻڌي بيٺا آهن." شاباس هجي ان قاضيءَ جي خدا ترسي کي جنھن مسلمانن کي ٻڌڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. سيٺ نائون مل وانگر قاضي، ان پنهنجي ميءَ هوتچند ثابت ٿي ڏوهي نه ثابت ڪري ۽ قاضيءَ جي روش جي ڏاڍا تعريف نه ڪري. ۽ هيءَ امان ٿي پير راشدي ڏيڊ سؤ سال گذرڻ بعد هڪ لڪ ڪندا ٻيو آهي جو

لکي ٿو ته "هوتچند کي گرفتار ڪري قاضين ۽ مفتين آڏو نصرپور ۾ پيش ڪيو ويو جتي کيس مشرف باسلام ڪيو ويو ۽ هن جو طهر به ڪرايو ويو." ان کي چئبو آهي تاريخي بدديانتي ۽ دروغ بياني. پير صاحب جي هن دروغ بياني (Falsehood) لاءِ مشهور انگريز شاعر شيڪسپيئر جو هڪ بند ياد اچي ٿو **"A goodly apple rotten at the heart. O, What a goodly out side falsehood hath?"**

اچي پڳ ۾ پس اندر مڙيوئي اگهڙيون

پنجين ڳالهه هي ثابت ٿئي ٿي ته سيٺ نائون مل جي لکڻ مطابق "هن جي پناجي کي مسلمانن اوچتو حملو ڪري وچان اغوا ڪري ويا." صاف ظاهر آهي ته هن جي اغوا ۾ ٽالپرن جو ڪو هٿ ڪونه هو. مير مرادعلي خان مرحوم ته هوتچند کي نقصان پهچائڻ جي قطعاً خلاف هو. جو هن بقول سيٺ نائون مل پنهنجي نياڻيءَ کي به صاف چئي ڏنو ته "سيدن کي سمجهاءِ ته هو سيٺ کي ڪو جاني نقصان نه پهچائين." ان مان راشدي صاحب جي الزامات جي قلعي کلي ٿي وڃي ته هن معاملي ۾ مير صاحبان ملوث هئا.

جيئن مٿي سيٺ نائون مل جي ڪتاب مان حوالا ڏنا ويا. سيٺ هوتچند کي اغوا ڪري باگڻي علائقه تعلقه شاه بندر ضلعي ٺٽه ۾ سيد نورل شاه جي هڪ عزيز سنلو شاه جي گهر وچي رهيا. ان کان پوءِ ڇا ٿيو؟ سيٺ نائون مل جي زباني پڙهو. لکي ٿو ته "باگڻيءَ ۾ مسلمانن خيال ڪيو ته هن کي زوريءَ مسلمان ڪجي. پر ايڏيءَ وڏيءَ عمر واري ماڻهوءَ (هو پنجاهه ورهين کان وڌيڪ عمر جو هو) جو طهر ڪرڻ قرآن جي خلاف هو. تنهن کان سواءِ هو ٻڌا به پئي ته ان ڳالهه جو سندن ڪهڙو حشر ٿيندو. تنهن ڪري هو ترسيا ته من ڪو رستو نڪري اچي. انهيءَ وچ ۾ مير مرادعليءَ کي هنن جي ارادن کان آگاهه ڪيو ويو. هن خيال ڪيو ته خبر نه آهي ان ڳالهه جو انجام ڪهڙو ٿيندو." (صفحه ٩٣)

اڳتي سيٺ ٻڌائي ٿو ته "مير مرادعليءَ پنهنجي ڪنهن ٽه ممتاز ماڻهن جي نواب غلام حيدر چانڪائيءَ کي واضح حڪم موڪليائين

۽ سيٺ هوتچند کي مسلمانن جي چنبي مان آزاد ڪرائي هڪدم پاڻ سان حيدرآباد وٺي آچي. چنانچه غلام حيدر سدو باگاڻي وڃي سيٺ هوتچند کي حيدرآباد وٺي آيو. اهڙيءَ طرح سيٺ نصرپور مان اغوا ٿيڻ بعد ڏهه ڏينهن سانده پنهنجي ڌرم جي بچائڻ خاطر سخت تڪليفون ڪاٽي ۽ مسلمانن جي هٿان طرحين طرحين جون سختيون سهي وري اچي حيدرآباد پهتو. مسلمانن جي مرضي هئي ته سيٺ کي تڪليفون ڏيئي مجبور ڪري پنهنجي ڌانو ۾ ڪلڊو ڪارايائون. آخر حيدرآباد اچڻ سان سيٺ هڪ هندو رسويو رکيو، جنهن روٽي تيار ڪئي جا هن ڪيترن ڏينهن کان پوءِ پهريون دفعو کاڌي." (صفحه ٩٣-٩٤)

سيٺ ناؤن مل جي مٿين بيان مان ٻه ڳالهيون واضح طور تي ثابت ٿيون ٿيون ته هڪ ته سندس پيءُ هوتچند جو نه طهر ڪيو ويو ۽ نه ڪيس زوري مسلمان ڪيو ويو. ان مان راشدي صاحب جي سمورن الزامن جي عمارت منهدم ٿي ٿي. ٻيو جو هن پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو ته سيٺ هوتچند کي مشرف به اسلام ڪيو ويو ۽ هن جو ختنه (طهر) به ڪرايو ويو. انهن ٻنهي الزامن کي سيٺ هوتچند جو پٽ سيٺ ناؤنمل رد ڪري ٿو. معلوم ٿو ٿئي ته ڪوڙي شاهدي (False evidence) ڏيڻ ۾ راشدي صاحب جو ڪو جواب نه آهي. ان جي شروعات ٺل جي مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ سيٺ ٽيئون مل گري مل جي ڪيس ۾ ڪيائين ۽ اهو سلسلو پنهنجن ڪتابن ۾ به قائم ڪيون تو اچي.

ٻي ڳالهه جا سيٺ ناؤن مل جي بيان مان ظاهر ٿئي ٿي سا اها ٿي ته ديوان هوتچند پاڻ هڪ ڪٽر هندو تو دسڻ ۾ اچي جو هن ڏهن ڏينهن ڏائين ميون ڪائڻ تي گذران ڪيو، پر بقول ناؤن مل "هن مسلمانن جي ڌانون ۾ ماني کائڻ کان انڪار ڪري پنهنجي ڌرم جي لاڄ رکي ورتو" ڇا ڪنهن قوم جي ڌانون ۾ ماني نه کائڻ به ڌرم جي ڪا علامت آهي؟ ڇاتو فرمائي جناب راشدي صاحب هن معاملي ۾! بهرحال مرادعلي خان سيٺ هوتچند کي شاهدن جي قبضي مان آزاد ڪرايو، جنهن نورن شاهه وارن تي جن اغوا ڪيو هو سيٺ هوتچند تي قتل ڪونه ڪيو. حالانڪ پوچوائي فئملي جي خلاف هڪ سنگين مذهبي الزام لڳو

ٿيل هو يعني تہ رسول خدا جي شان ۾ گستاخي ڏ ڪرڻ.

سيٺ ناءُون مل وڏيڪ لکي ٿو تہ ” چنانچہ سيٺ ڪـي مير مرادعليءَ اطلاع ڪيو تہ ٽون آزاد آهين ۽ ساڳيءَ رات منهنجاوندا هيءَ ۾ هو دوستن جي مدد سان ويس بدلائي قليليءَ جي هن پر وڌو. مير غلام علي اتي پاڻ ترسيو وينو هو ۽ هو ڪيس پرهہ ڦٽيءَ ڪان گهٽو اڳ مير محمود جي ٽنڊي جي ويجهوراهن جي ڳوٺ ۾ خير سان پهچائي آيو جتي وفادار محافظ ڪيس لکپت پهچائڻ لاءِ تيار وينا هئا. لکپت ۾ اسان جي ڪوٺي هئي. جتي گهڻائي گماشتہ رهندا هئا. اُسان جو سرگماشتہ ڪرمچند مولنائي هو جو ڪڇ جي راهِ ڪي سيٺ هوتچند جي باري ۾ سڀ خبرون پهچائيندو هو.“ اڳتي ناءُون مل لکي، ٿـو تہ ديـوان هوتچند جڏهن لکپت پهتو تہ ”هن جي پرجوش آجيارُن ڪئي ويئـي. جڏهن مير مراد علي ۽ سنڌ جي مسلمانن ڪي سيٺ جي لکپت پهچڻ ۽ استقبال جي خبر پيئي، تڏهن هو ڏاڍا شرمسار ٿيا ۽ مير اهڙو تہ سوڳ ڪيو جو چڙ تہ ڪا قيمتي شيءِ اوچتو هن جي هٿان نڪري ويئي.“ (صفحہ ٩٥، ٩٦)

سيٺ ناءُون مل پاڻ لکي ٿو تہ سنڌس پيءُ ڪي هِڪ ڀٽي مير غلام عليءَ رات جي اونداهيءَ ۾ سلامتيءَ واري هنڌ پهچايو. جيتوڻيڪ مير مراد علي خان سيٺ هوتچند کي پاڻ اغوا ڪونہ ڪرائو هو، پر چاڪاڻ تہ هي واقعو سندس حڪومت ۾ پيش آيو هـو، ان ڪري مرحوم ميرصاحب کي سخت ڏک ۽ دلي صدمہ رسيو. بقول ناءُون مل ”مير اهڙو تہ سوڳ ڪيو جوچڙ تہ ڪا قيمتي شيءِ اوچتو هن جي هٿان نڪري ويئي“ الله تعاليٰ مرحوم مير صاحب تي پنهنجيون رحمتون نازل ڪري، اهو صاف ڏيکاري ٿو تہ هو انصاف پسند شخص هو ۽ هن جي دل تعصب ۽ ڪيني کان پاڪ هئي. ڪاش راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ ان حقيقت ڏانهن ٿوري بہ اشارو ڪري ها. راشدي صاحب سيٺ ناءُون مل کان بہ وڌيڪ ناٿيرن جو محافظ ٿو ڏسڻ ۾ اچي.

... سيٺ هوتچند جي طرفداري وڌي جو اوهان مفصل بيان سنڌس سيٺ ناءُون مل جي زباني پڙهو. اهڙي ڪتابي شهادي اهان ...

موجود آهي. ٻيءَ ڏر ؛ يعني نور لشاه وارن جي مؤقف بابت ڪا به دستاويزي شاهدي اهڙي تائين هٿ ڪانه آئي آهي جو ٻنهي شاهدين کي پڙهي ڪا چنڊ چار ڪجي. محض سيٺ نائون مل جي شاهدي اڻ پوري سمجهي ويندي، ، ڇو ته شاهدي (Evidence) بابت هاليبرٽن (Haliburton) جو هڪ ؛ مشهور قول آهي ته "هڪ طرف کي ٻڌي اونده ۾ رهجي ويندين. ٻئي ، پاسا ٻڌ ته سڀ ڳالهيون ظاهر ٿي وينديون."

"Hear one side, and you will be in dark' hear both sides, and all will be clear."

۽ اسلامي طريقو به اهو آهي ته ٻنهي ڌرين کي ٻڌي پوءِ پنهنجو فيصلو ڏيو. حديث ۾ اچي ٿو ته مشهور صحابي حضرت معاذ بن جبل کي نبي صلي الله عليه وسلم جن تلقين ڪئي هئي ته "هڪ ڌر جي شاهدي ٻڌي فيصلو تيستائين نه ڪجانءِ "حتي تسمع من الاخر" "جيستائين ٻي کي به نه ٻڌ ين" ان اصول پٽاندڙ تنها نائون مل جي شاهدي پروسي جي لائق نه آهي

سيٺ نائومل ۽ انگريزن جي سنڌ تي فتح

راشدي صاحب ارڙهين صدي جي سنڌ جي تاريخ بابت ايترو ته تعصب ۽ حسد ٿو رکي جو سيٺ هو تچند جي واقعي کي ٽالپر حڪومت جي شڪست جو واحد ذميوار تصور ڪري ٿو. اهڙيءَ رقابت ۽ حسد جو علاج ڪنهن وٽ ڪونه آهي. حسد جي بابت رسول ڪريم جي هڪ حديث ٿي ياد اچيم. سرڪار ، دوجهان صاحب جن جو فرمودو آهي ته "اياكم والحسد فان الحسد ياكل الحسنات كما تاكل النار الحطب" يعني ته پاڻ کي حسد کان بچايو ڇو جو حسد نيڪين کي ائين کائيندو آهي، جيئن باهه ڪاٺين کي کائي ساڙي ڇڏي." ٽالپر حڪمران نه پنهنجي حڪومت ڪري وڃي پنهنجي رب سان مليا. حسد جي اظهار جو اصل مقصد پوري بلوچ قوم جي خلاف نفرت جي باهه پڙڪائڻ آهي. يعني ڏسو ته هن سنڌ جي هڪ اسلامي حڪومت محض هوتچند جي زوريءَ ظهر ڪري وڃائي، جيئن راشدي صاحب لکي ٿو ته "صاف ڳالهه هي آهي

ته جيڪڏهن هوتچند انگريز کي اناري ڪڙو نه ڪري ها، سندس پٽ ناؤنمل سنڌ اندر انگريز جي امداد نه ڪري ها، نه انگريز کي ضرورت وقت خرچ لاءِ قرض ڏئي ها، نه سندس فوج جي سواري لاءِ سوين اٺ فراهم ڪري ها، نه سندن طرفان جاسوسپ جو چار وچائي ملٽري خبررساني جي ضرورت پوري ڪري ها، نه پاڻ ڪن ٠ وقعن تي، ڏوٽي لاهي، پتلون پهري ۽ ٽنگن تي پٽيون چاڙهي، انگريزن جي فوج جي رهبري ڪري ها، نه پاڻ اڳيءَ تي، انگريز پاران زوريءَ ڪراچيءَ تي قبضو ڪري ها ته هوند سنڌ جي تاريخ بي طرح هجي ها يعني ميرن جي صاحبي اج تائين هلندي رهي ها.

"وهين صديءَ جا اثر ۽ ايجادات، گهٽيءَ پر سنڌ اندر اسري ڪو نه سگهن ها.

زندگي سانتوڪي هجي ها، راتيون خواب آور گورين جي مدد کان سواءِ گذرن ها.

سواريءَ لاءِ اٺ ۽ گهوڙا هجن ها. هنن لاءِ (گڏهه ۽ خچر) جهازن جا ڪم جهمتين کان پيا وٺجن ها.

وقت آرام سان پيو گذري ها ؛ ميلن ۽ شڪارن ۾.

نه وڏا شهر هجن ها، ۽ نه گند ۽ غلاظت جا ڍير مڙن ها

نه نياڳ، ناؤنمل گهر جو ڀيدي ٿي، انگريزن کي هٿ آئي لنڪا لٽرائي ڇڏي.

اها خلاصي هوتچند جي ختمي تي متو." (صفحه ٣٩٨-٣٩٩)

اندازو لڳايو ته ميرن جي حسد ۾ راشدي صاحب ڇا مان ڇا ٿي ويو. اتري قدر به انگريزن جي سامراجيت جي به حمايت ڪري ويو. هو دل ۾ بلوچ حڪومت جي خاتمي تي خوش آهي. يعني ته جيڪڏهن ٽالپرن جو اقتدار ختم ٿي انگريزن جي حڪومت قائم نه ٿئي ها ته سندس الفاظ ۾ "ويهين صديءَ جا اثر ۽ ايجادات گهٽيءَ پر سنڌ اندر اسري ڪو نه سگهن ها." ٽالپرن جي خلاف هن قسم جي بي جا حسد ۽ ڪيني جو اظهار راشدي صاحب جهڙي هڪ بزرگ سياستدان کي هرگز زيب نٿو ڏي. اسان سيني کي حسد کان بچڻ ۽ پاسو ڪرڻ

ٿي جنهن لاءِ مشهور انگريزي شاعر ۽ دانشور شيڪسپيئر جو چوڻ آهي ته **"Beware of Jealousy. It is the green- eyed monester which doth mock the meat it feeds on-"**

هن گذارش بعد ملان راشدي صاحب جي هڪ هڪ الزام جو جواب تفصيل سان لکندس. هو لکي ٿو ته ”جيڪڏهن هوتچند انگريزن کي اتاري ڪڍو نه ڪري ها، سندس پٽ نائون مل سنڌ اندر انگريزن جي امداد نه ڪري ها ته هوند سنڌ جي تاريخ ٻي طرح هجي ها.“ هي انگريزن جي سامراجي چالن ۽ سنڌ جي تاريخ جو نهايت ئي سطحي ۽ مضحڪه خيز مطالعو آهي. بيشڪ نائون مل سنڌ جو غدار هو. هن جي پيءُ هوتچند کي زوري مسلمان به ڪونه ڪيو ويو ۽ نه ڪي هن جو طهر ڪيو ويو. نائون مل ٽالپرن جي مخالفت محض هن سبب ڪري ڪانه ڪئي هئي. فرض ڪيو ته ٽالپرن جي خلاف هن کي شڪايت هئي، پر راشدي صاحب اسان کي ٻڌائي ته نائون مل کي آخري مغل حڪمران مرحوم بهادرشاه ظفر جي خلاف ڪهڙي شڪايت هئي جو هن ١٨٥٧ع جي جنگ آزاديءَ ۾ بغاوت کي ڪچلائڻ لاءِ انگريزن جي مدد ڪئي هئي. ڇا بهادر شاه ظفر به نائون مل جي پيءُ هوتچند جو زوريءَ طهر ڪيو هو؟ سيٺ نائون مل پنهنجي ڪتاب ”يادگيريون“ جي صفحي ٢٢٢ کان ٢٢٦ تائين هندوستاني غدر جو ذڪر ڪيو آهي ۽ لکي ٿو ته ان وقت لکنؤ کان دهليءَ تائين رڳو فساد ئي فساد ڏسڻ ۾ آيو ۽ دهليءَ جي پوڙهي شهنشاه (بهادرشاه) به پنهنجي عمر منصب غدارن جو ساٿ ڏنو. هو لکي ٿو ته هن نڪتي واريءَ موقعي تي سرجارج فريئر نهايت ئي جانفشانيءَ سان ڪم ڪيو ۽ نائون مل پاڻ جاسوسيءَ جا فرائض انجام ڏنا هئا. جيئن پاڻ لکي ٿو ته ”آءٌ پنهنجن پراڻن خانداني گماشتن جي معرفت جوڌپور، جيپور، جيسلمير، پالي، راجپوتانا ۽ پنجاب جي مختلف شهرن مان خبرون گهرائي سڌو بنان ڪنهن شرط شروط جي ڪمشنر جي حوالي ڪندو هوس. مون کي ڪنهن به وقت رات جي يا ڏينهن گورنمنٽ هائوس ۾ وڃي ڪمشنر سان ملڻ جي اجازت مليل هئي.“ (صفحو ٢٢٣) اڳتي لکي ٿو ته ”مون کي ڊپ هو ته

هئڻ سبب سرڪار جي مسلمان سپاهين تي اعتبار ڪونه ڪيو ويندو هو جاڪاڻ ته هندستان جي غدر، هڪ ”جهاد“ جي صورت اختيار ڪئي هئي. مون هڪڙي ڏينهن سربارٽل فريئر کي لکيو ته ”جيڪڏهن وهان جي مرضي هجي ته مان زنجبار ۽ آفريڪا کان ٻه چار هزار ماڻهو وٺي اچان، ڇاڪاڻ ته هو تعصبي نه آهن ۽ ساڳئي وقت هو بهادر، ايماندار ۽ وفادار سپاهي آهن. آءٌ ٽن هزارن کان چار هزار ماڻهو ٻن ٽن مهينن ۾ آڻي سگهان ٿو، بشرطيڪ سرڪار هڪ آگبوٽ منهنجي حوالي ڪري، ڇو ته سڙهن وارا جهاز سفر ۾ گهڻو وقت وٺندا.“ سربارٽل فريئر منهنجي سرجوشي ڏسي خوش ٿيو ۽ چيائين ته مان ان باري ۾ بمبئي سرڪار سان لکپڙهه ڪندس ۽ اتان جواب اچي ته پوءِ توکي وڌيڪ هدايتون ڏيندس.“ (صفحه ٢٢٤- ٢٢٥)

هاڻي راشدي صاحب کان پڇندس ته آخرڪار ناؤنمل کي آخري مغل بادشاه بهادرشاه ڪهڙي تڪليف ڏني هئي جو هن ١٨٥٧ جي جنگ آزاديءَ کي ڪچلائڻ لاءِ مٿيان اپاءَ ورتا هئا. مجيسوسين ٻوڙيءَ گهڙيءَ لاءِ ته مرحوم مير مراد عليءَ خان ٽالپر هوتچند جو ٻرتي ختم ڪرايو هو، ان ڪري هن جو پٽ سنڌ ۾ ٽالپرن جي حڪومت جو غدار ٿي ويو. پر هندستان جي مغلن هن جو ڪهڙو گناهه ڪيو هو؟ ڇا هن خود ناؤنمل جو ظهر ڪرايو هو جو غدر کي ڪچلائڻ لاءِ هن انگريزن لاءِ جاسوسي ڪئي هئي.

صاف ظاهر آهي ته سيٺ ناؤنمل ذاتي شڪايت جي ڪري ميرن جو مخالف ڪونه هو، پر اصل ۾ هو مسلم قوم جو دشمن هو جو هن سنڌ کان وٺي دهلي سلطنت تائين انگريزن جي مدد ڪئي هئي. ناؤنمل ان ڪري به ٽالپرن جي مخالفت ڪانه ڪئي هئي جو هو پاڻ هندو هو. بلڪ تاريخ ٻڌائي ٿي ته ميرن جي صاحبيءَ ۾ هندو وڏي منصب تي فائز رهيا ان جو سيٺ ناؤنمل کي به اعتراف آهي. ملاحظه ٿئي سندس ڪتاب جا صفحا ١٢٦- ١٥٢ ۽ ١٦٤. پنهنجي ڪتاب جي صفحه ٨٧ تي سيٺ ناؤنمل پنهنجي هڪ خانداني جهڳڙي جو ذڪر ڪيو آهي. هي معاملو ان وقت مرحوم مير ڪرم علي خان ٽالپر وٽ

ٽيري لاءِ آندو ويو. مير صاحب وٽ سيٺ ڏائون مل خود ۽ سنڌس پيءُ هوتچند پنهنجن مخالف هندو ڏر سان سوال جواب ڪرڻ لاءِ مير ڪرم علي خان جي درٻار ۾ پهتا. مير ڪرم علي خان هنن هندن جي ڪيتري نه عزت ڪئي، ان لاءِ سيٺ ڏائون مل لکي ٿو ته ”اسان ٻنهين جا ڇهه لک پيري حيدرآباد لاءِ روانا ٿياسين. منهن جو پيءُ سيٺ هوتچند ۽ مان ٻئي ڄڻا سان سوال وجواب لاءِ وياسين. اسان ميرڪرم عليءَ سان ملاقات ڪئي. هن ٻنهي سيٺ موتيرام ۽ سيٺ هوتچند کي پاڻ سان گڏ ساڳيءَ کٽ تي ويهاريو. ۽ ٻنهيءَ جي ڳچيءَ ۾ ٻانهن وجهي چيائين ته ”مون درياني مل جي مٿي تي سوني پڳ رکي هئي، هاڻي منهنجي مرضي آهي ته توهان کي ميرن جي پڳ ٻڌرايان. پساڳ ۽ ٻ وڌو، جيڪڏهن توهان مان ڪنهن کي پئسن جي لالچ آهي ته منهنجي خزاني ۾ توهان کي ڏيڻ لاءِ ڪافي دنيا آهي، جيڪي کپيوَ سو ڪڍو پر پاڻ ۾ نه وڙهو.“ (صفحه ٨٧) اهو ڏيکاري ٿو ته هندن جي ميرن جي درٻار ۾ ڪيتري نه عزت ۽ اهميت هئي.

شرافت جي حد آهي جو مرحوم مير ڪرم عليءَ خان سيٺ هوتچند ۽ موتيرام کي پاڻ سان گڏ ساڳيءَ کٽ تي ويهاريو جا شرافت نيڪيءَ منڪسر مزاجيءَ جي حد آهي.

ٽالپرن کان اڳ ڪنهن به حڪومت هندن جي ايتري عزت ۽ همت افزائي ڪانه ڪئي هئي. مسٽر ايسٽ وڪ صاحب پنهنجي ڪتاب (Dry leaves from young Egypt) جي صفحه ٢٢٢ کان ٢٢٧ ٽالپر گرفتار ٿيل ميرن جي پاران هڪ درخواست ۽ عرضداشت جسو نقل شايع ڪيو آهي. هيءَ درخواست تاريخ ٣٠ مارچ ١٨٤٥ع ۾ لنڊن ۾ راڻي وڪٽوريا کي پيش ڪئي وئي هئي. ان ۾ ٽن ڄڻن جون صحيون آهن. انهن مان هڪڙو مسلمان آخوند حبيب الله آهي. ٻه ڄڻا هندو هرهڪ ٽالپوار ديوان مٺا رام ۽ ديوان ديارام آهن. هن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ميرن جي درٻار ۾ مسلمانن کان وڌيڪ هندن کي رسائي هئي. ان ڪري ڏائون مل سيٺ لاءِ ائين تصور ڪرڻ ته ”هو مظلوم هندو ڪلاس سان تعلق رکڻ ڪري ٽالپرن جو مخالف

ڪنهن جي ڏنو، حقيقت جي بالڪل خلاف آهي. ناؤون مل نه هندو هو ۽ نه هو راشدي صاحب جي ڪنهنجي ٻيءَ جي ٻڌائي وانگر لاءِ ٽالپرن جي مخالفت ڪيائين. پر راشدي صاحب وضاحت فرمائي ته خود ٻن بلوچ سردارن غلام محمد ۽ بختيار لغاري ميانيءَ واريءَ لڙائيءَ ۾ مير نصيرخان ٽالپر جو ساٿ ڇو ڇڏي ڏنو؟ ميرصاحب مرحوم کي انهن ٻنهي بلوچ سردارن جي بيوفائيءَ جو بي حد ڏک هو. انهن ٻنهي بابت ريمارڪ ڏيندي حيدرآباد ۾ ٽالپر خاندان جي آخري حڪمران چيو هو ته "انهن ٻنهي بلوچن به مون سان اهاهلت ڪئي جا رڻ ڪوفين حضرت امام حسين رضه سان ڏيکاري هئي" حقيقت هي آهي ته هر بادشاهت ۾ ان جي رعيت جا ڪي فرد غدار ٿيندا آيا آهن ۽ اهو سلسلو موجوده دور تائين هلندو ٿو اچي. سيٺ ناؤون مل به اهڙن رعيتي غدارن مان هڪ هو. رعيت مان پيدا ٿيندڙ غدار به مملڪت کي نقصان پهچائيندا آهن. پر اسان کي تاريخ جو مطالعو ٻڌائي ٿو ته حڪومت ۾ وڏن عهدن تي فائز حضرات جي غداري ۽ دشمن سان همدرديءَ ڏيکارڻ واري پاليسي ئي هاچيڪار ۽ تباهه ڪن ثابت ٿي. مثال طور سنه ١٢٥٨ع ۾ منگولي حڪمران هلاڪو خان بغداد تي حملو ڪيو هو. ان وقت عباسي حڪمران معتصم بالله جو وزيراعظم علقمي منگولين سان مليل هو. هلاڪو بغداد جي ٻاهران ڪئمپ ڪيو ويٺو هو. علقمي هن سان ملاقات ڪرڻ بعد معتصم کي ٻڌايو ته هلاڪو توسان دوستي ڪرڻ ٿو چاهي. ان سلسلي ۾ پنهن جو ڌيءَ جو سڱ به تنهن جي پٽ کي ڏيڻ ٿو چاهي، توهان فقط هٿيار ڦٽا ڪري شهر جو دروازو کولي هلاڪو سان ملي اچو. ساده لوح عباسي حاڪم علقميءَ جي چوڻ ۾ اچي هٿيار ڦٽا ڪري هلاڪو سان ملڻ آيو. هلاڪو هن کي هڪدم قتل ڪيو ۽ مخالف ڌر جا هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي بغداد شهر ۾ ڪاهي پيو. اوهان کي خبر آهي ته پوءِ اتي ڪيڏو نه قتل عام ڪيو ويو. مؤرخ ابن خلدون جي روايت آهي ته ان وقت بغداد شهر جي ڪل آدمشماري ويهه لک هئي، جنهن مان هلاڪو ارڙهن لک ماڻهو قتل ڪرايا. ايران جو مشهور شاعرشيخ سعدي به ان وقت جيئرو هو، جڏهن

بغداد جي تباه ڪاري جي خبر ڪيس پهتي هئي ته ان وقت هڪ شعر چيائين جنهن جو پهريون مصرع هن طرح آهي ته:-

"آسمان گر خون ببارد بر زمين"

يعني "جيڪڏهن آسمان (بغداد جي زوال تي) رت جا ڳوڙها ڳاڙي ته ان ۾ ڪو به مضائقو نه آهي."

اهو نتيجو آهي حڪمرانن جي غداريءَ جو. چوندا آهن ته ميرن کي لڳي پنهنجي گهر مان. سندن هڪ حڪمران فرد مير علي مراد خان ٽالپر جي غداري هنن جي حڪومت جي خاتمي جو هڪ وڏو سبب آهي. سيٺ ناؤنمل جي غداري ڪين ڪجهه به نه ڪري سگهي سگهي ها، جيڪڏهن حڪمران گهراڻي جو هڪ بااثر شخص، مير علي مراد خان ٽالپر خيرپور وارو انگريزن سان نه ملي ها.

سنڌ تي انگريزن جي ڪاهه جا مکيه سبب

انگريزن سنڌ تي قبضو فقط ناؤنمل جي غداري ڪري ڪونه ڪيو. پر ان جا پيا مکيه سبب هئا، جن جي مختصر نشاندهي ضروري ٿو سمجهان. چو ته راشدي صاحب ناؤنمل جي غداريءَ جو ذڪر ڪري سچيءَ تاريخ کي مسخ ڪيو ۽ ان تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. سنڌ تي انگريزن پنهنجي سامراجي مقاصد جي تڪميل لاءِ قبضو ڪري ورتو. سترهين صديءَ ۾ برطانيه ۾ صنعتي انقلاب هن ملڪ کي مشيني دور ۾ داخل ڪرايو. هن ئي عهد ۾ مشهور برطانوي سائنسدان سر آئزڪ نيوٽن ڄائو هو. جنهن جي عظمت ۽ شهرت سندس مرڻ کان پوءِ ٽن سؤ سالن تائين قائم رهي. تان جو ويهين صديءَ جي عظيم سائنسدان آئن اسٽائن (وفات ١٩٥٥) هن جي جڳهه والاري. جهڙيءَ طرح سلم فرينچ فلاسفر ڊڪارٽ کي جديد فلسفہ جو باني ڪوٺيو وڃي ٿو جو سترهينءَ صديءَ ۾ پيدا ٿيو هو، تهڙيءَ طرح آئزڪ نيوٽن کي به جديد سائنس جو بابو ڪري ڪوٺجي ٿو. نيوٽن جي سائنسي ڪمالات برطانيه کي وڏي عروج تي پهچايو هو. اندروني طرح قوم جي ذهني تعمير لاڪ، هابس جان اسٽوئرٽ مل ۽ جرمي بينٿام جهڙن مفڪرن

ڪئي هئي. سائنسي ٽيڪنڪ ڪري برطانيه گوبانيچر تي ڪنٽرول ڪ
هو. موجوده يورپ جي عظيم ترين دانشور ۽فلسفي پروفيسر برٽرانڊرسل
پنهنجي ڪتاب (Impact of Science on Society) ۾ معاشره ۾
سائنس جي اثرات جو جائزو نهايت ئي خوبيءَ سان ورتو آهي. هو
هڪڙي هنڌ لکي ٿو ته "سائنس جي تعريف ان ڪري ڪئي وڃي
ٿي ڇاڪاڻ ته اها اسان کي فطرت تي پاور ڏئي ٿي ۽ پاور سموري
جو سمورو ٽيڪنڪ مان پيدا ٿئي ٿو."

„Science is to be admired because it gives us power over nature, and the power comes from technique " (P-100)

بس هن سائنسي ٽيڪنڪ اختيار ڪرڻ ڪري انگريز کي فطرت
جي مٿان پاور حاصل ٿيو ۽ ان جي ئي مدد سان هنن ڪمزور قومن
کي غلام بڻائي پنهنجي سامراجيت قائم ڪئي هئي. هندستان ۽ بعد
۾ سنڌ ۾ به هنن ائين ڪيو. ڇاڪاڻ ته سائنسي ٽيڪنڪ رکندڙ قوم
جو مقابلو ڪرڻ ان وقت نهايت ئي مشڪل هو. نتيجي طور مثل
مشهور ٿي ويو ته انگريزن جي بادشاهت تان سج لهي ئي ڪو نه. پيو
ته ارڙهين صديءَ ۾ انگريزن ۾ هڪ اهڙو شخص پيدا ٿيو جنهن
سائنسي طورتي سامراجيت ۽ "جوڏاڍو سو گابو" واري تصورکي پنهنجي
هڪ مشهور ڪتاب "اصل الانواع" (The origin of species) ۾
ثابت ڪيو. هن ڪتاب جو مشهور مصنف چارلس رابرٽ ڊارون
(Darwin) آهي. ڊارون جي هن ڪتاب جو نچوڙ هربرٽ اسپينسر
(Spencer) جي الفاظ ۾ هي آهي ته " زندگي ۽ بقا جي جدوجهد ۾
جيڪي رهڻ جي سگهه ۽ طاقت رکن ٿا اهي انواع باقي بچن ٿا پر
جن نوعن ۾ رهڻ جي صلاحيت مفقود آهي اهي نيست نابود ۽ چٽ
ٿي وڃن ٿا."

"Survival of the fittest in the struggle for existence"

۽ هتان ئي " جو ڏاڍو سو گابو " يا " طاقت ئي حق تي آهي "
(Might is right) جو نظريو ڦٽي ٿو جو سامراجيت ۽ آمريت قائم
ڪرڻ لاءِ هڪ سائنسي هٿيار آهي. جڳ مشهور فلاسفر آنجهاني

لارڊ برٽرانڊ رسل ڊارون جو وڏو عقيدتمند ۽ پوئلڳ هو. انجي باوجود هو پنهنجي ڪتاب " دانش مغرب " (Wisdom of the west) ۾ اعتراف ٿو ڪري ته Survival of the fittest جي ڊارويني نظريه ويهين صدي جي ڊڪٽيٽرشپ جي سياسي فلسفه کي ايارپو آهي. هو لکي ٿو ته:

"Translated back in to political terms, the doctrine of the survival of the fittest was to inspire some of the political thinking of the dictatorships of the twentieth century." (P. 268, Macdonald London 1959 ED)

هندستان جي دانشور وزيراعظم آنجهاني جواهرلال نهرو پنهنجي ڪتاب "دنياجي تاريخجي جهلڪ" (Glimpses of world History) ۾ ڊارون جي ڪتاب اصل الانواع بابت هڪ فاضلانه بحث ڪيو آهي. جيئن سڀ ڪنهن کي خبر آهي ته هي مبسوط ڪتاب انهن خطن تي مشتمل آهي، جي نهرو جيل مان پنهنجي لاڏلي ڌيءَ ۽ موجوده هندستان جي وزير اعظم مسز اندرا گانڌي ڪالي ديوي ڏانهن لکيا هئا. نهرو صاحب جي خط نمبر ١٣٠ جو عنوان آهي.

"ڊارون ۽ سائنس جي ڪاميابي" (Darwin and triumph of Science) ان ۾ جواهرلال ڊارون جو معتقد ٿي ڪري به اعتراف ٿو ڪري ته وڏن حاڪمن ۽ سامراجي طاقتن Survival (لائق مجي) واري ڊارويني نظريي کي پنهن جي حمايت ۾ ڪم آندو. (ڏسو ڪتاب مذڪوره صفحه ٤٢٦، ١٩٣٩ع ايڊيشن لنڊن)

مون ڊاڻ پنهنجي مطالعي دوران ڊارون جو ڪتاب (origin of species) ڪي چڱيءَ طرح پڙهيو آهي. هن پنهنجي ڪتاب ۾ بقا (Survival) ۽ جيد (Struggle) واري نظريه کي هيئن نموني بيان ڪيو آهي ته "انسان کي باقاعده طور تي اهو دل ۾ هنڌائڻ گهرجي ته هر ساهه وارو جانشرني جي نسبت مطابق وڌڻ لاءِ جد وجهد ڪري ٿو، وڌڻ ته هرهڪ جو ٿي زندگيءَ جي ڪنهن مرحلي ۾

ساڻ جي ڪنهن منڍ ۾، هر هڪ نسل يا وقفہ دوران حياتيءَ لاءِ هٿ
سر هٿو ٿو پوي ۽ ان مقصد لاءِ ڪيس وڏي تباهي سهڻي ٿي پوي.
جڏهن اسان هن جدوجهد کي ملحوظ ٿا ڪريون تہ پاڻ کي هينئن
ڳالهيں تي تسلي ٿئي ٿي.

(١) تہ قدرت جي جنگ غير مسلسل آهي (٢) تہ ڊپ يا ڪو
خطرو محسوس ڪو نہ ٿو ڪيو وڃي. (٣) تہ موت عام طرح تيار
آهي. (٤) ان حالت ۾ طاقتور، تندرست ۽ خوش خرم ئي باقي وڃن
ٿا." يعني ٻين لفظن ۾ جن کي رهڻ جي صلاحيت ڪا نہ آهي، سي
نس ۽ ختم ٿين ٿا.

"All that we can do, is to keep steadily in mind that each organic being is striving to increase at a geometrical ratio, that each at some period of it's life, during some reason of the year, during each genration or at intervals has to struggle for life and to suffer great destruction. when we reflect on this struggle, we may console ourselves with the belief, that no fear is felt, that death is generally prompt, and that the vigorous, the healthby, and the happy survive." (P. 129)

هي آهي پنهنجي بقا لاءِ جدوجهد ڪرڻ وارو ڊارويني فلسفو،
جيڪو پنهنجي مضمرات جي لحاظ کان نهايت ئي خطرناڪ ثابت ٿيو.
سنڌيءَ ۾ "ڏاڍو سوڳابو" واري چوڻي بہ اتان ئي ٿي. اڻويهين صديءَ
۾ مغربي سامراجين پنهنجي سامراجيت، ڏاڍ ۽ ارهہ زوراڻي کي، ڊارون
جي مٿين نظريہ مطابق حق بجانب قرار ڏنو. اسين سگهہ وارا آهيون،
زندگيءَ ۾ رهڻ جي صلاحيت رکون ٿا، ان ڪري هيڻن کي غلام
بنائڻ جو هر جواز رکون ٿا.

برٽش امپيرلزم جي تاريخ مان ڄاڻو حضرات کي خبر آهي تہ
هنن ڊارون جي بقا واري جدوجهد واري ٿيئري کي بهانو بڻائي، اسان
هيڻن غلامن جي اصلاح لاءِ "سفيد ماڻهوءَ جو بار" (white man's burden)
جو اصطلاح گهڙيو هو. غلامن کي انسانيت سيکارڻ گورن جي ڪلهن

. هڪ بار آهي، جنهن جي جهلڪ راشدي صاحب جي ڪتاب مان ملي ٿي. جنهن ۾ هن لکيو آهي ته "ميرن جي صاحبي جيڪڏهن اڄ تائين هلندي رهي ها ته ويهين صديءَ جا اثر ۽ ايجادات گهٽ ۾ گهٽ سنڌ اندر اسري ڪو نه سگهن ها" (صفحه٢٩٩)

حياتياتي سائنسدان جناب جي- ڊبليو- بورو (Bworow) صاحب ڊارون جي هن ڪتاب "اصل الانواع" (The origine of species) کي ايڊٽ ڪيو آهي. هو پنهنجي ايڊيٽوريل نوٽ ۾ لکي ٿو ته "زندگيءَ ۾ رهڻ جي صلاحيت واري نظريي امريڪي پريزيڊنٽ ٿيوڊر روزويلٽ ۽ اڻويهين صديءَ جي انگريز سامراجين کي اڪسايو."

"The doctrine of the survival of the fittest recom. mended itself to Theodore Roosevelt and to the British imperialists of the late ninteenth century" (Editor's Intro. duction P- 45)

ڊارون جي مٿين نظريه کي استعمال ڪري برطانوي سامراجين پوريءَ دنيا تي ڌري گهڻن، قبضو ڪيو ۽ اسان جو سنڌ ملڪ به انهن مان هڪ هو جنهن تي هنن ١٨٤٣ تي قبضو ڪري ورتو ۽ سفيد ماڻهوءَ جي بار جي خواب جي تعبير ڪرڻ لڳا. سيٺ نائون مل جي غداري محض هڪ عارضي سهارو هو. سامراجي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ انگريزن منڍ ۾ ئي سنڌ ۾ اکيون رکيون هيون. مثال طور ڊاڪٽر ڊيو آرٽي (Duaarte) پنهنجي ڪتاب "برطانيه جا سنڌ سان تعلقات" (British relations with Sind) ۾ مياڻيءَ جي لڙائي کان ارڙهن سال اڳ بمبئي جي گورنر سر جان مالڪولم (Malcolm) جو هڪ بيان نقل ڪيو آهي. ان مان سولائي سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته انگريزن جا منڍ ۾ ئي سنڌ کي فتح ڪرڻ جا بد ارادا هئا. سيٺ هوتچند سان بدسلوڪيءَ وارو واقعو ته گهڻو پوءِ يعني ١٨٣١-٣٢ع ۾ پيش آيو هو. بمبئي جو هي گورنر سنڌ کي قبضي ڪرڻ لاءِ ٿو ته "سنڌ ۽ سنڌوندي‌ءَ تي قبضو ۽ ڪنٽرول ڪرڻ

برطانوي مفادات لاءِ تمام ضروري ۽ اهميت وارو آهي.“

"The possession of Sind and the control of the Indus were matters of utmost importance to British interests in India." (P- 235)

هي خيال گورنر صاحب ١٨٢٥ع ۾ پيش ڪيا هئا. ٻن سالن کان پوءِ يعني ١٨٢٧ع ۾ ڊاڪٽر جيمس برنس جو ڀاءُ اليگزينڊر برنس سنڌ ۾ آيو هو. هي صاحب به سنڌ تي قبضي ڪرڻ جي خيال کان جاسوسي ڪرڻ لاءِ پهتو. هن سنڌو درياه جي حيثيت بابت جو ڪجهه لکيو هو، ان بابت رمارڪ ڏيندي ڊاڪٽر ڊيوآرٽي لکي ٿو ته ”برنس سنڌ توڙي سنڌودرياهه کي وڏي فوجي اهميت ڏني هئي. هن جي خيال ۾ سنڌوندي برطانوي هند جي وڏي سرحد آهي ان کي هٿ ڪرڻ سان اسان ڪنهن به فاتح کي گرفتار ڪري ٿا سگهون ۽ هڪ سرسبز ملڪ جي اندر جهاز راني جون واڳون به پنهنجي هٿ ۾ جهليون ٿا.“

"Burns assigned great military importance to sind and the river Indus. In his opinion, the Indus formed, "The grand boundry of British India, by securing it, we arrest the invader and retain command of the navigation in a most fertile country." (P- 259, National Book foundation)

صاف ظاهر ٿي ويو ته برطانيه سرڪار سنڌ کي هميشه حريص نگاهن سان پئي ڏٺو ۽ سندس سياستدانن اسان جي سرسبز ۽ شاداب ملڪ تي منڊ ڪان وٺي قبضي ڪرڻ جو خيال ڪيو ۽ انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ سرچارلس نيپئر کي سيپٽمبر ١٨٤٢ع ۾ ڪمانڊر مقرر ڪيو، جنهن ڇهن مهنن اندر سنڌ تي قبضو ڪري ورتو. سنڌ کي فتح ڪرڻ لاءِ سيٺ ناؤنمل جي غداريءَ کي تنها ذميوار ٺهرائي ڪو نه ٿو سگهجي جيئن راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي. تاريخ جي مطالعي مان چٽيءَ طرح پروز پوي ٿي ته مياڻيءَ جي جنگ لاءِ هيٺين واقعن کي بهانو بڻايو ويو هو. (١) افغانستان ۾ انگريزي

فوج جي ناڪامي ۽ رسوائي بعد واپسي. (٢) خيرپور جي ميرعلي‌مراد خان ٽالپر جي پنهنجي ڀاءُ مير رستم ۽ ڀائٽي مير نصير خان کان ناراضگي ۽ انگريزن جي طرفداري (٣) خيرپور جي والي مير رستم جي خلاف انگريزن جي مخالف شيرسنگهه (پنجاب) ڏانهن هڪ خط لکڻ جوالزام ۽ برطانوي جاسوس جي هٿان خط جو پڪڙجڻ. (٤) حيدرآباد جي حڪمران ميرنصير خان ٽالپر جي خلاف بلوچستان جي سردار بيبرڪ بگٽي (انگريزن جو ڪٽر دشمن) ڏانهن هڪ خط لکڻ جو الزام ۽ ان جو پڪڙجڻ.

مٿين چئن واقعن کي بهانو بڻائي انگريزن ٽالپرن سان مياڻيءَ جي جنگ فبروري ١٨٤٣ع ۾ لڙي هئي. ڇاڪاڻ ته پير علي محمد راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ انگريزن هٿان سنڌ فتح ڪرڻ واري واقعي کي قطعي طور مسخ ڪري لکيو آهي، ان ڪري لازم آهي ته مٿين چئني واقعن تي مختصر روشني وجهان. ان سان قارئين اندازو ڪري ويندا ته قبلا راشدي صاحب تاريخ جي لَن ۾ ڪيترو نه ڪمزور ۽ اڻ ڄاڻ آهي.

افغانستان مان برطانوي فوج جي واپسي

١٨٣٨ع ڌاري هندستان گورنمنٽ جي خارجہ پاليسيءَ جو محور سنڌو ماٿريءَ جي عوض وچ ايشيا پٺي رهيو. ان وقت ايران روس جي مدد سان افغانستان جي اولاهين ڀاڱي تي قبضو ڪري هرات کي پنهنجي گهيري ۾ ورتو هو. هن موقعي تي انگريز سياستدانن اها رٿ رٿي ته اسين به افغانستان جي وبجهو وجي اثرانداز ٿي خود هندستان کي ايران ۽ روس جي گڏيل حملي کان بچايون. انگريزن انهيءَ خواهش جي تڪميل لاءِ لارڊ آڪلنڊ کي هندستان جو نئون گورنرجنرل مقرر ڪيو هو، جنهن اليگزينڊر برنس کي تجارتي مقصدن لاءِ هڪدم ڪابل روانو ڪيو هو ۽ اهو مارچي ۾ اتي ويو. هندستان جي انگريز گورنر جنرل کي ٻه رستا سامهون هئا. يا ته هو افغانستان جي حڪمران

امير دوست محمد خان بارڪزئي جي حمايت ڪري يا ڪابل جي سابق حڪمران شاه شجاع جي، بدقسمتيءَ سان انگريزن لاءِ دوست محمد جي دوستيءَ ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ ان وقت پنجاب جي سک حڪمران مهاراجا رنجيت سنگهه جي هئي. ڇو جو دوست محمد خان لارڊ آڪلنڊ کي اهو شرط وڌو هو ته مونکي پشاور جو شهر رنجيت سنگهه کان واپس وٺي ڏيو جو اڳ افغانستان جو هڪ شهر هو. جنهن کي جنگ ۾ سکن فتح ڪري پنجاب سان شامل ڪري ڇڏيو هو. انگريزن پنجاب جي خالصه گورنمنٽ سان ڇتائي نه پئي چاهيو. ان ڪري هنن افغانستان جي حاڪم امير دوست محمد خان جي دوستيءَ واري شرط قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. انگريزن لاءِ ٻيو طريقو اهو به هو ته امير دوست محمد جي عوض پنهنجي هڪ پٺو ۽ سابق حاڪم شاه شجاع کي ڪابل جي حڪومت وٺي ڏين، ڇو جو انگريزن جي خيال ۾ شاه شجاع ان ڳالهه تي به راضي ٿيندو ته ڀل پشاور جو شهر رنجيت سنگهه جي قبضي ۾ رهي.

افغانستان ۾ فوج پهچائڻ لاءِ سنڌ جي ميرن جي منظوري ضروري هئي. امير دوست محمد خان جي خلاف فوجي مهم موڪلڻ ۾ انگريزن شاه شجاع ۽ رنجيت سنگهه جي وچ ۾ ٽيڌري معاهده ٿيو هو، پر ٽالپر ان ۾ پارٽي ڪونه هئا. ٽالپرن سان ان کان اڳ انگريزن جو معاهده ٿيل هو ته ڪابه فوج سنڌ حڪومت ۾ سنڌ اندر ڪانه لنگهندي. انگريزن ان معاهده جي شق کي منسوخ ڪري ميرن کان گهر ڪئي ته سندس فوج کي سنڌ مان افغانستان پهچڻ لاءِ اجازت ڏني وڃي.

جيتوڻيڪ باوچ سردارن انگريزي لشڪر کي سنڌ مان گذرڻ تي ناراض هئا، پر ميرن ائين ٿي سمجهيو ته سنڌ کي ٻيروني حملي کان بچائڻ لاءِ انگريزن جي دوستي ضرور آهي. افغانستان جي حڪومت جا ته اڳ هو ڀل پرينڊ هئا. پر واري وڏي علائقه پنجاب جي سک حڪمران رنجيت سنگهه جا ٽالپر حڪومت سان تعلقات ٺيڪ نه هئا. ڇو جو شڪارپور تي رنجيت سنگهه پنهنجو حق ڇڪيو هو. باالآخر

امير دوست محمد خان بارڪزئي جي حمايت ڪري يا ڪابل جي سابق حڪمران شاهه شجاع جي، بدقسمتيءَ سان انگريزن لاءِ دوست محمد جي دوستيءَ ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ ان وقت پنجاب جي سک حڪمران مهاراجا رنجيت سنگهه جي هئي. ڇو جو دوست محمد خان لارڊ آڪلنڊ کي اهو شرط وڌو هو ته مونکي پشاور جو شهر رنجيت سنگهه کان واپس وٺي ڏيو جو اڳ افغانستان جو هڪ شهر هو. جنهن کي جنگ ۾ سکن فتح ڪري پنجاب سان شامل ڪري ڇڏيو هو. انگريزن پنجاب جي خالصه گورنمنٽ سان ڦٽائڻ نه پئي چاهيو. ان ڪري هنن افغانستان جي حاڪم امير دوست محمد خان جي دوستيءَ واري شرط قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. انگريزن لاءِ پيو طريقو اهو به هو ته امير دوست محمد جي عوض پنهنجي هڪ پٺوءَ سابق حاڪم شاهه شجاع کي ڪابل جي حڪومت وٺي ڏين، ڇو جو انگريزن جي خيال ۾ شاهه شجاع ان ڳالهه تي به راضي ٿيندو ته پل پشاور جو شهر رنجيت سنگهه جي قبضي ۾ رهي.

افغانستان ۾ فوج پهچائڻ لاءِ سنڌ جي ميرن جي منظوري ضروري هئي. امير دوست محمد خان جي خلاف فوجي مهم موڪلڻ ۾ انگريزن شاهه شجاع ۽ رنجيت سنگهه جي وچ ۾ ٽڏري معاهده ٿيو هو. پر ٽالپر ان ۾ پارٽي ڪونه هئا. ٽالپرن سان ان کان اڳ ۾ انگريزن جو معاهده ٿيل هو ته ڪابه فوج سندن حڪومت ۾ سنڌ اندر ڪانه لنگهندي. انگريزن ان معاهده جي شق کي منسوخ ڪري ميرن کان گهر ڪئي ته سندس فوج کي سنڌ مان افغانستان پهچڻ لاءِ اجازت ڏني وڃي.

جيتوڻيڪ بلوچ سردارن انگريزي لشڪر کي سنڌ مان گذرڻ تي ناراض هئا، پر ميرن ائين ٿي سمجهيو ته سنڌ کي بيروني حملي کان بچائڻ لاءِ انگريزن جي دوستي ضرور آهي. افغانستان جي حڪومت جا ته اڳ هو ڊپ پريندڙ هئا. پر واري وڏي علائقه پنجاب جي سک حڪمران رنجيت سنگهه جا ٽالپر حڪومت سان تعلقات ٺيڪ نه هئا. ڇو جو شڪارپور تي رنجيت سنگهه پنهنجو حق چڪيو هو. باالآخر

سنڌ ۾ان انگريزن جي فوج لڪهي وڃي افغانستان پهتي.

پر اتي کين ذليل شڪست آئي. افغانستان ۾ شڪست کان

پوءِ هنن سنڌ کي قبضي ڪرڻ ۾ورتو. مسٽر پي-اي رابرٽس (Roberts)

پنهنجي ڪتاب ”برطانوي هندجي تاريخ“ (History of British India)

۾ انگريزن هٿان سنڌ تي حملي ڪرڻ جو سبب ٻڌائيندي لکي ٿو ته

”سنڌ جي فتح افغان جنگ جي ڪري ٿي ۽ جا اخلاقي توڙي سياسي

طور ان جو نتيجو آهي.“

"The conquest of Sind followed in the wake of Afghan war and was morally and politically its sequel."

(P-325, Third Ertion)

۽ انگلنڊ ۾ ان وقت ايلفنسٽن افغانستان ۾ انگريز فوج جي

شڪست بابت رمارڪ ڏيندي چيو ته:-

"Coming after Afhganistan it put one in a mind of a bully who has been kicked in the streets and went home to heat his wife in revenge."

(Letter to Metcalf: Life of Eliphinston P- 374)

۽ آخر ۾ فاتح سنڌ نيپيئر جو رمارڪ به پڙهڻ ۽ ھنداڻڻ وٽان آهي

هن جي ڀاءُ وليم نيپيئر پنهنجي ڀاءُ سرچارلس نيپيئر (فاتح سنڌ) جي

سوانح حيات بابت هڪ ڪتاب ”سر چارلس نيپيئر جي حيات ۽

سندس خيالات“

(Life and opinion of Sir Charles Napier)

نالي لکيو آهي. ان ۾ هو اسان کي سنڌ جي فتح بابت خود

نيپيئر جا رمارڪ ٻڌائي ٿو ته هن سنڌ تي ڇو قبضو ڪيو هو؟

سر چارلس نيپيئر لکي ٿو ته ”اسان کي سنڌ تي قبضي ڪرڻ

جو ڪو حق ڪونه، ٿو پهچي تنهن هوندي به اسين ان تي قبضو

ضرور ڪنداسون. اسان جو اهڙو قدم تمام فائدي وارو ڪارائتو ۽ نره

بدمعاشي ۽ شيطاني هوندو. منهنجي موجوده پوزيشن پنهنجي پسنديده

ڪانه آهي. اسان کي هتي (سنڌ ۾) اچڻ جو ڪوئي حق نه آهي ۽

انهن کي افغان برش سان ڏامر لڳل آهي.

"We have no right to sieze Sind, yet we shall do so, and a very advantageous, useful and human piecc of rascality it will be. My present position is not howe... to my liking. We had no right to come here, and are tarred with the Afghan brush." (vol 2, P. 218, 219)

...ندازو لڳايو ته خود سنڌ تي قبضي ڪرڻ واري قدم کي ...بچڙ بدمعاشي جو فعل تصور ڪري ٿو پر افغان برش سان لڳل ڏامر لا... ۽ انگريزن سنڌ کي فتح ڪيو ته جيئن هنن جو ڀرم قائم رهي.

مير علي مراد خان ٽالپر جي غداري

سنڌ تي حملي ڪرڻ جو ٻيو سبب مير علي مراد خان ٽالپر خيرپور واري جي پنهنجي ڀاءُ مير رستم خان ٽالپر سان بي وفائي ۽ انگريزن سان سازباز ڪرڻ هو. مون اڳ ۾ لکيو آهي ته رعيت جي فرد جي غداري، ڪان حاڪم گروهه سان تعلق رکندڙ فرد جي غداري نهايت ئي خطرناڪ ۽ مهلڪ ثابت ٿي. جيئن بغداد ان وقت وزيراعظم علقمي، جي غداري ڪري منگولين جي هٿان تباهه ۽ برباد ٿي ويو هو. تاريخ جا ورق اهڙن مثالن سان ڀريا پيا آهن. مير سهراب خان ٽالپر کي ٽي پٽ هئا. مير مبارڪ خان، مير رستم ۽ مير علي مراد خان ٽالپر. مير نصير خان خيرپور وارو مير مبارڪ جو پٽ ۽ مير علي مراد جو ڀائٽيو هو. مير علي مراد خان ٽالپر پنهنجي جواني، ۾ خرچائو ۽ هٺ ڦڙهو. هن پنهنجي وڏي ڀاءُ مير مبارڪ خان کي ڪي ڳوٺ جهڙوڪ محمودآباد، ڀرلوه وغيره وڪيا هئا. انهن ڳوٺن جي واپسي جي خواهش هن جي دل ۾ ڪنهن وقت ڪان موجود هئي، جنهن لاءِ هن مير مبارڪ خان ۽ ان کان پوءِ سندس پٽ ۽ پنهنجي ڀائٽي مير نصير خان سان جهڳڙو ڪيو. انگريز سرڪار اپر سنڌ جي واحد حڪمران مير رستم خان (علي مراد جو وڏو ڀاءُ) کي تسليم ڪيو هو.

مير رستم خان ٽالپر جو انگريزن سان معاهده ٿيل هو، جنهن جي شق نمبر ستين مطابق ميرعلي مراد خان ٽالپر کي پنهنجي خانداني جهگڙن جي نبيري لاءِ مير رستم خان وٽ شڪايت ڪرڻي هئي، پر علي مراد هن معاهده جي کُلي خلاف ورزي ڪري سکر ۾ انگريزن جي نمائندي ڪئپٽن براؤن جي حمايت سان هڪ وڏو لشڪر وٺي مٿين ڳوٺن جي واپسيءَ لاءِ مير رستم سان ناٿهار جڳهه تي لڙائي ڪئي، جنهن ۾ علي مراد فتح ٿيو هو، ۽ اهي ڳوٺ کيس پيهر مليا. هن فتح کان پوءِ علي مراد سخت مغرور ٿي مير رستم جي پڳ وٺڻ جا خواب ڏسڻ لڳو، جنهن جو تفصيل هن طرح آهي ته مير سهراب خان ٽالپر مرڻ وقت پنهنجي ملڪيت جي تقسيم بابت وصيت ڪئي هئي ته ان جو هڪ حصو سندس وڏي پٽ مير رستم، ٻيو حصو مير مبارڪ ۽ ٽيون حصو مير علي مراد خان ٽالپر کي ڏنو وڃي. ان کان علاوه ملڪيت جو چوٿون حصو وڏي پڳدار پٽ مير رستم جي حوالي ڪجي. ميرمبارڪ خان به وصيت کان پوءِ انتقال ڪري ويو. مير علي مراد خان ٽالپر جي دل ۾ اچي حرص جاڳيو ته سندس وڏي ڀاءُ مير رستم جي پڳ کيس ملي جڏهن ته بلوچ روايتن مطابق اها مير رستم جي پٽ کي ملڻي هئي. اهڙو مثال سندس ڪتب ۾ به موجود هو. جو ميرجنگي خان مير رستم جو چاچو هو جنهن جي پيءُ مير سهراب خان جي وفات کان پوءِ مير رستم پڳ ڌلي ٻڌيو. مير علي مراد نهايت ئي هوشيار چالاڪ شخص هو. سرچارلس نيپئر جڏهن سکر پهتو ته مير علي مراد پنهنجي انگريز دوستن مسٽر براؤن ۽ ٻين جي مدد سان هن کي پنهنجي اعتماد ۾ ورتو. نيپئر به علي مراد جي پڳداريءَ کي تسليم ڪرڻ لڳو. هو مير رستم ۽ سندس وزير فتح محمد غوريءَ جي خلاف علي مراد کي ترجيح ڏيڻ لڳو. ميجر آئوٽرام پنهنجي ڪتاب ”فتحنامہ سنڌ تبصره“ The conquest of Scinde A Commentry جي پهرين جلد ۾ لکي ٿو آهي ته هن چارلس نيپئر کي خبردار ڪيو هو ته علي مراد خبر ڪري ٿو ته ٻين اميرن کان انتقام وٺڻ لاءِ انهن کي استعمال ڪرڻ ٿو گهري، جنهن ڪري ان ٻيا امير برطانيه سرڪار کان ناراض ٿي ان جا جا دشمن ٿي ويندا

۽ هو فقط مير رستم جي مرڻ کان پوءِ پڳ لاءِ گوز ڪيون ويٺو آهي جيئن
اسان ان معاملي ۾ ڪيس ترجيح ڏيون. (ملاحظه ڪجي آئوٽرام جو مذڪوره
ڪتاب صفحو ٣٤٢ حصو اول انڊس پبليڪيشن ١٩٧٨ ايڊيشن ڪراچي.)
پر مير علي مراد نيپئر ۽ ان وقت هندستان جي انگريز گورنر جنرل
لارڊ ايلنبرو جو پيارو ۽ دادلو هو، جنهن غداري ڪري انگريزن سان
ملي سنڌ ۾ هميشه لاءِ ميرن جي صاحبيءَ جو خاتمو آندو. پنهنجيءَ
ڏي جو ڪو علاج ڪو نه آهي. چوندا آهن ته ميرن کي لڳي پنهنجي
گهر مان. سو جيڪڏهن مير علي مراد خان ٽالپر انگريزن سان ملي نه
ها ته شايد ٽالپرن جي حڪومت اڃان گهڻو وقت هلي ها. سيٺ
ناؤنمل جي غداري ڪري ٽالپرن جي حڪومت جو خاتمو ڪو نه
آيو، جيئن راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي.

شير سنگهه، ساونڊمل ۽ بيبرڪ بگٽيءَ ڏانهن لکيل خط

سر چارلس نيپئر گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو کي لکيو ته خيرپور
جي والي مير رستم خان ٽالپر اسان جي بدترين مخالفن پنجاب جي
خالصه شير سنگهه ۽ ملتان جي گورنر ساونڊمل کي خط لکيا آهن
تي هٿ ڪيا ويا ۽ ان جرم ۾ کيس جوڳي سزا ملڻ کپي. خطن
تي مهر نه لڳل آهي. اهڙيءَ طرح حيدرآباد جي مير نصير خان ٽالپر
تي الزام مڙهيائون ته هن بلوچستان جي سردار بيبرڪ بگٽيءَ کي خط
لکيو آهي جو پڻ مهر لڳل هٿ ڪيو ويو. بيبرڪ انگريزن جو سخت
دشمن آهي ان ڪري نصير خان وڏي گناهه جو ڪم ڪيو آهي.
ان وڏي سزا ملڻ کپي. ميجر آئوٽرام پنهنجي متين ذڪر ڪيل خطن
جي تفصيل سان لکيو آهي جنهن ۾ هو چوي ٿو ته "خاص طور سنڌ
۾ هو مشهور آهي ته جعلي مهر لڳائڻ هڪ واپار ٿي پيو آهي.
ان جي هڪ زبردست ڪمپس فرينچ کي ياد هوندو ته سيپٽمبر ١٨٤١ع
هڪ شخص کي سکر جي وچ بزار ۾ پڪڙيو ويو هو جنهن وٽان
سنڌ جي ميرن جون ڪيتريون ئي مهرون لڌيون ويون هيون، قيدي

ان ني ٻڌايو ته هي مهرون هن خيرپور جي هڪ واپاري جي گهران ووڙايون هيون. مون پاڻ پهرين جنوري تي اميرن کي پنهنجي مهر جي جعلي هجڻ جي شڪايت ڪئي هئي.“ (صفحه ٧٤) ميجر آئوٽرام لکي ٿو ته ”اهي ٻئي خط عليمراد جي ڏر وارن پيش ڪيا هئا.“ (صفحه ٧٥)

ميرن مذڪوره خطن لکڻ کان پنهنجي لاعلمي ڏيکاري. ميجر آئوٽرام پنهنجي ڪتاب ۾ ميرن جي انگريز ڪمشنر ليفٽيننٽ، اسٽئنلي سان خطن بابت ٿيل گفتگو نقل ڪئي آهي، جا هن طرح آهي.

امير- اهو لکيو ويو ته سانوڻ مل ۽ بيبرڪ بگٽيءَ ڏانهن اسان غدارانه خط لکيا آهن. پوءِ ڇو مذڪوره خط پيش ڪونه ڪيا ويا؟ انهن خطن کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ توهان اسان کي موقعو ڇو نٿا فراهم ڪيو؟ اسان هرگز اهڙا خط ڪونه لکيا آهن.

ڪمشنر- اهي خط گورنر جنرل وٽ آهن.

امير- اوهان ڇئو ٿا ته مهرن سان ثابتي ملي ٿي. اوهان کي پاڻ پتو آهي ته ڪيئن نه ڪوڙيون مهرون لڳن ٿيون. توهان جون پنهنجيون مهرون ڪوڙيون لڳل هيون. ٻه سال اڳ جڏهن اوهان هتي رهندا هيا ته جعلي مهرن لڳائڻ جي جرم ۾ اسان جي هڪ رعيتي کي اوهان سزا ڏيڻ جو مطالبو ڪيو هو.

ڪمشنر- خطن جي هٿ اکرن سان پڪي ثابتي ملي آهي ته اهي اوهان جي هڪ معتمد منشي جا آهن.

مير نصيرخان- مان مذهبي طور خطن جي لکڻ کان انڪار ٿو ڪريان. مون کي اصل خط ڏيکاريو ڇو نه ويو؟

(ڏسو آئوٽرام جو ڪتاب صفحو ٧٨،٩٠ جلد پهريون)

مير نصير خان ٽالپر جي مطالبي تي ڪيس خط نه ڪونه ڏيکاريا ويا، در اصل اهي خط مير علي مراد خان ٽالپر جعلي طور ميرن کي سزا ڏيارڻ لاءِ لکرايا هئا.

باالآخر سر چارلس نيپيئر خيرپور جي واليءَ مير علي مراد خان ٽالپر جي وڏي پاڳ مير رستم تي هڪ معمولي واقعي جو بهانو ٺاهي ڪاهي آيو. ڪمپس خيرپور مان لوڏي ڪڍيائين. سبب هي هو ته ڪنهن انگريز جو خط چورائجي ويو جو فوج سان تعلق رکندو هو. نيپيئر، مير رستم کي حڪم ڪيو ته چور خط سميت پڪڙي اسان کي ڏيو. اها به هڪ قسم جي چال هئي، جنهن جي ظاهر آهي ته رستم تعميلات ڪري نه سگهيو. ڪمپس نيپيئر نااهل حڪمران سڏي هن کي خيرپور مان نيڪالي ڏني. هو باجي، نارا ۽ ڪوٽڙا مان ٿيندو حيدرآباد پهتو. سر چارلس نيپيئر ٽالپرن جي معتمد مير هيبت خان مريءَ کي گرفتار ڪيو. بس پوءِ ته بلوچن جي ڪاوڙ جي ڪا حد نه رهي. هنن حيدرآباد ۾ هيبت خان جي بدلي وٺڻ لاءِ انگريزن جي نمائندي ميجر آئوٽرام تي حملو ڪري ڏنو، جو اتان بچي وڃي هالا ۾ نيپيئر سان گڏيو. نيپيئر فوج وٺي مياڻيءَ پهتو جتي ۱۷ فيبروري ۱۸۴۳ع ۾ بلوچن ۽ انگريز فوج وچ ۾ جنگ لڳي.

مياڻيءَ جي جنگ

باالآخر حيدرآباد جي ويجهو مياڻيءَ جي ميدان ۾ مير نصيرخان ٽالپر جي فوج ۽ انگريزن جي فوج جو دوبدو مقابلو ٿيو. هڪ طرف غير تربيت يافته مگر بهادر بروچن جو لشڪر هو ته ٻئي طرف انگريزن جي وڏي ۾ وڏي منظم فوج هئي جنهن جي ڪمانڊ ميجر جنرل سر چارلس نيپيئر جهڙي هوشيار ۽ قابل فوجي جرنيل جي هٿ ۾ هئي. انگريز سائنس جي نعمتن سان فيض يافته هئا. پر ان هوندي به بروچن پنهنجي روايتي بهادريءَ جو مظاهرو ڪيو. خوب تلوارون وهايون. لطيف جي هن شعر جو عملي ثبوت ڏنائون ته

”سورهه مرڻ سوپ کي ته دل جا وڃن وسار
هڻ پيالا وڙهه پاڪرين، آڏي ڍال ۽ ڍار
مٿان تيغ ترار، مار ته مستارو ٿئين.“

خود غدار سنڌ سيٺ نائونمل پنهنجي يادگيرين ۾ مياڻيءَ جي لڙائيءَ بابت لکي ٿو ته ”ٽالپرن منهو گڏ ڪري ڏهن هزارن سپاهين سان سر چارلس نيپيئر کي جهاڳ لاءِ (جو ان وقت هالا تائين پهچي ويو هو) حيدرآباد کان ڇهن ڪوهن جي مفاصلي تي مياڻيءَ طرف وڌيا سر چارلس سان ان وقت فقط اڍائي هزار لڙاڪو سپاهي ساڻ هئا، پر هو سڀ نهايت تربيت يافته ۽ منظم سپاهي هئا ٻي طرف ميرن جو لشڪر، تازو ڀرتي ڪيل، بلڪ اڻ آزمودگار ٻروچن جو هڪجوم هو، هن جا سالار بي هنر هئا جن کي لڙائيءَ جي فن جي ڪابه ڄاڻ ڪانه هئي. مياڻيءَ وٽ جنگ لڳي جنهن ۾ ٽالپرن جو لشڪر شڪست کائي ڀڄي ويو. ٻروچن ڇڳو منهن ڏنو ۽ دليريءَ سان ترارن کان ڪم ورتائون، پر هنن کي ڪنهن به قسم جي تربيت ڪانه هئي.“ (صفحه ١٦٢)

هن مياڻيءَ جي ٿي جنگ ۾ ٻروچن ”مرويسون ته به سنڌ نه ڏيسون“ جا نعرا لڳايا هئا. مير نصير خان ٽالپر جي فوج کي مياڻيءَ ۾ شڪست آئي هئي. ان کان پوءِ سورهيه سرويچ مير ٺارا خان ٽالپر جي اولاد مان شير سنڌ مير شير محمد خان ٽالپر دٻيءَ جي مقام تي انگريز فوج سان مقابلو ڪيو، پر هن به ساڳين سببن ڪري جنگ هارائي هئي. اهڙيءَ طرح ٽالپر خاندان جي حڪومت جو خاتمو آيو، جنهن جو بنياد ١٧٨٨ع ۾ هالاڻيءَ جي جنگ کان پوءِ نامور ۽ بهادر بلوچ هيرو مير فتح علي خان ٽالپر وڌو هو. ان سلطنت جي بربادي ۾ مکيه رول مير علي مراد خان ٽالپر جو هو، جيڪڏهن هو پنهنجن جو مخالف ٿيجي انگريزن جو ساٿ نه ڏي ها ته فقط نائونمل جي غداري ڪين ڇيهو هرگز نه پهچائي ها. انگريز مؤرخ به متفق آهن ته هنن جي فوج جي مزاحمت جنهن نموني سان ٻروچن مياڻيءَ جي ميدان ۾ ڪئي، ان جو مثل پوري ايشيا ۾ ملي نٿو سگهي. هندستان جي انگريز گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو کي جڏهن مياڻيءَ جي فتح بابت خبر پهتي ته هن نيپيئر کي انعامن سان نوازيو ۽ شڪست کاڌل ٻروچ

لشڪر بابت تبصرو ڪندي چيو، ته "(اسان جي) سنڌ جي لشڪر ٻه ڀيرا (مياڻي ۽ دٻي وٽ) ايشيا ۾ وڏي ۾ وڏي بهادر دشمن (بروچن) کي شڪست ڏني سا به اهڙين حالتن ۾ جن مطابق اسان کي يورپ جي بهترين فوجن تي ساڳي ۽ هڪ جيتري فتح حاصل ٿئي ها."

"The army of Scinde has twice beaten the bravest eremy in Asia, under circumstances which would equally have obtained for it the victory over the best troops in Europe"

خود فاتح سنڌ نيپيئر، بلوچ لشڪر جي بهادري ۽ جوانمرديءَ جو داد ڏئي ٿو. جنگ ۾ سوپ ٻه ٿيندي آهي ۽ هارائبو به آهي. ڪيترن وڏين هستين روواجي جنگيون هارايون آهن. تاريخ جا ورق انهن مثالن سان ڀريا پيا آهن. بروچن ٻه انگريزن هٿان ٻه جنگيون هارايون پر ان هوندي به نيپيئر هنن جي بهادريءَ جو معترف آهي. مسٽر پوسٽانس پنهنجي ڪتاب "سنڌ بابت شخصي مشاهدات" "personal observation on Sind" ۾ لارڊ ايلنبرو گورنر جنرل هندستان ڏانهن نيپيئر جي هڪ لکيل خط جو تسٽ شايع ڪيو آهي جو هن مياڻيءَ جي ميدان مان تاريخ ١٨- فبروري ١٨٤٣ع تي لکيو هو. جنهن ۾ هن سنڌ جي فتح جي خوشخبريءَ کان گورنر جنرل کي آگاهه ڪيو هو. بلوچ لشڪر جي ويڙهه بابت هو هيٺين نموني لکي ٿو :-

"The brave biluchis first discharging their match-locks and Pistols, dashed over the bank with desperate resolution, but down went these bold and Skillful swords-man under the superior power of the musket and bayonet" (P-390)

ٽالپرن جي خلاف وليم نيپيئر جا الزامات

راشدي صاحب ٽالپر دور جا نقاد ۽ مخالف ميرن جي

ملامت ڪرڻ لاءِ فاتح سنڌ نيپيئر جي ڀاءُ جنرل وليم جي ڪتاب "سنڌ جي فتح" (The Conquest of Sind) جو سهارو وٺندا آهن. سنڌ جي فتح ڪرڻ تي برطانيه ۾ آزاد خيال ماڻهن پارليامينٽ ۾ آواز اٿاريو ته انگريزن ميرن سان وعده شڪني ڪري سنڌ تي قبضو ڪيو. نيپيئر جي پوزيشن نازڪ ٿي وئي هئي ۽ هن جي بچاءَ ۾ سندس ڀاءُ ميدان ۾ آيو ۽ اهڙيءَ طرح متيون ڪتاب لکيائين جنهن ۾ پنهن جي ڀاءُ جي حملي جي جواز لاءِ هن ٽالپرن تي ڪوڙا الزام عائد ڪيا. ميجر آئوٽرام جيڪو نيپيئر جي ماتحت مياڻيءَ جي لڙائيءَ ۾ موجود هو، تنهن جرائت ۽ بيباڪي کان ڪم وٺي جنرل نيپيئر جي ڪتاب تي وڏو تبصرو لکيو هو يعني ته "سنڌ جي فتح - هڪ تبصره"

"The Conquest of Scinde- A Commentary"

لکيو آهي. وليم نيپيئر ٽالپرن جي خلاف الزام لڳايو ته هو "بدڪردار، شرابي، عياش ۽ رنڊي باز هئا" ميجر آئوٽرام لکيو آهي ته هو پاڻ اميرن جي لهه وچڙ ۾ رهيو، هنن جي خانگي حالات جي ڪيس چڱي پروڙ هئي. وليم نيپيئر جو مڙهيون الزام سراسر غلط، بي بنياد ۽ بهتان بازي جو بدترين نمونو آهي. ٽالپرن جي شخصي ڪردار بابت ميجر آئوٽرام لکي ٿو ته "انسان جي حيثيت ۾ سنڌ جا مير صاحبان مسلمان قومن جي مروج برائين کان آزاد ۽ پاڪ هئا. بين مشرقي ملڪن ۾ پنهنجن هڪ جهڙن کان وڌيڪ سمجهو ۽ روشن خيال هئا. مير پرهيزگار ۽ خونريزيءَ جا سخت مخالف هئا. هو ذري گهٽ زنانه حد تائين محبتي، مهربان، شريف ۽ بامروت شخص هئا."

"The Ameers of Scinde were, as men, singularily free from the vices which prevail in Mohammandan Communities, more intellectual than their compeers in other eastern countries— temperate, and strongly averse to blood shed, — affectionate, kind, and gentle almost to effeminacy" (P.474 II Volume)

اڳتي هلي ميجر آئوٽرام ميرن جي شرافت ۽ صالح ڪردار بابت وايسراءِ نيپيئر جي دور ۾ اهڙن انگريز آفيسرن جي شاهدي بيان ڪري ٿو، جي سنڌ ۾ ڪافي عرصو رهي، ميرن کي چڱيءَ طرح سڃاڻيندا هئا. جتي اهڙن آفيسرن مان فقط هڪڙي جي شاهدي ميجر آئوٽرام جي ڪتاب مان نقل ڪجي ٿي. ميجر صاحب انهن آفيسرن ڏانهن خط لکيا هئا، جن جا ڪيس جواب مليا هئا. مثال طور لوئر سنڌ جو اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ ڪئپٽن وٽلاڪ (Whitlock) پنهنجي هڪ خط مؤرخ ڏهين سيپٽمبر ١٨٤٥ع تي ميرن جي ڪردار بابت لکي ٿو ته "مير به عام انسانن جيان ڪمزورين ۽ ڪوتاهين جا شڪار هوندا هئا، پر ڪيترن ئي معاملن ۾ سندن چال چلت ۽ لڇڻ نهايت ئي مثالي هئا. هو مذهبي طور شراب ۽ هر نشه آور شين جي واپرائڻ کان پرهيز ڪندا هئا. نس واپرائيندا هئا پر تماڪ ڪونه استعمال ڪندا هئا. عام طور مسلمان تماڪ نوشي جا عادتي هوندا هئا، پر مير ان کان مستثنيٰ رهيا. سندن خصلتون مٺيون ۽ شريفانه هونديون هيون. هنن جو برتاءُ همدردي وارو ۽ جيتري قدر مان ڏسي سگهيو آهيان، ته پنهنجن ٻارن، مٽن مائٽن ۽ نوڪرن چاڪرن سان ميرن جو سلوڪ سدائين مشفقانه ۽ پيار ڀريو هوندو هو."

"The Ameers, in common with all man-kind, had faults and weaknesses, but in many respects their Conduct was examplory. They religiously abstained from drinking wine, or intox-icating liquors of every descripition, nor did they use tobacco with the solitary exception of taking Snuff and moreover they were not addicted to that almost universal practice among Mohammandans, of smoking to- bacco. Their manners were mild and gentlemanly, their dis-position humane, and asfor as I could judge, their department to-wards

their childean, relations and dependents was invariably kind and affectionate." (P-515)

اڳتي مسٽر وٽلاڪ صاحب لکي ٿو ته "ڪن يورپي آفيسرن کي ميرن جي مخالف هندو مائٽن تعصب ڏياريو هو. اسان جي خيال ۾ هندن مان فقط پوچوائي فئملي وارن يورپي آفيسرن جا ڪن ڀريا هئا."

ٽالپرن پنهنجي دور ۾ سنڌ جي بي حد خدمت ڪئي هئي سندن عهد حڪومت سنڌ جي تاريخ جو سونهري باب آهي، ۽ پير علي محمد راشدي پارن چند تعصبين کي ڇڏي باقي سڀ سنڌي ان حقيقت جا معترف آهن. ميرن جي دور حڪومت ۾ سڄي سنڌ ۾ امن و امان رهيو جنهن لاءِ مون اڳين صفحن ۾ لکيو. ميرن جي گاديءَ واري شهر حيدرآباد بابت مسٽر ايسٽ وڪ صاحب پنهنجي ڪتاب (Dry Leaves from young Egypt) ۾ هڪڙي هنڌ لکي ٿو ته "حيدرآباد جو شهر ميرن جي صاحبيءَ ۾ ئي شاهوڪار ۽ وڏيءَ آبادي وارو شهر بڻيو، ۽ اها ڳالهه حقيقت سان چٽي سگهجي ٿي ته جنهن وقت پوري افغانستان ۾ دهشتگردي ۽ خونريزي جو دور دوره هو ۽ هتي هندستان ۾ به اسان جي پنهنجن بيٺڪن ۾ ڦرلٽ ۽ رتڇاڻ عام هئي، تنهن وقت پوري سنڌ ۾ امن امان ۽ سک جو دور هوندو هو"

"The city of Hyderabad sprang up under their feet wealthy and populous, and it may be trully said that while cornage reigned through out AFghanistan, and while even our dominions in India were a scene of rapine and blood Shed, peace and tranquility prevailed in Sindh." (P-242)

اهڙن بهترين منتظمن ۽ آئوتزام جي الفاظ ۾ دانشورن جي خلاف ڪوڙي ۽ زهريلا پروپيگندا ڪرڻ راشدي صاحب جي منهن تي نٿو سونهي. سندس هي ڪتاب پڙهي ڪيترائي نوجوان غلط فهمي جو شڪار بڻيا. راشدي صاحب جو ڪتاب پڙهي هڪ

دردمند نوجوان مون وٽ آيو، چوڻ لڳو تہ ھي سنڌ جا حاڪم مير ڪيڏا نہ بي وقوف، سست موڙھيل ۽ تعصبي ھئا جو سيٺ ناؤن مل جي پيءُ سيٺ ھوتچند جو زوري طھر ڪراياؤن، جنھن جي نتيجي ۾ ناؤن مل رد عمل جو شڪار ٿي، غدار بڻجي ميرن کي ھميشہ لاءِ انگريزن ھٿان ملڪ نيڪالي ڏيئي ڇڏيائين. مون کان نوجوان سوال ڪرڻ لڳو تہ ڇا راشدي صاحب اھا سچي ڳالھ لکي آھي؟ اوھان جي ان بابت ڪھڙي راءِ آھي؟ مون تہ تاريخي حوالن ڏيڻ سان ان نوجوان کي مطمئن ڪري ڇڏيو. پر سنڌ ۾ ھزارين پڙھيل نوجوان آھن جي راشدي صاحب جو ڪتاب پڙھي غلط فھميءَ ۾ مبتلا ٿي سگھن ٿا. انھن جي شڪن جي ازالہ لاءِ مون کي ٽالپر دور جي تاريخ بيان ڪرڻ کان سواءِ ٻيو چارو ڪونہ ھو. ان ڪري مون ٿورو تفصيل سان لکيو. اميد تہ پڙھندڙ حضرات منھنجيءَ مجبوريءَ کي سمجھي ويا ھوندا.

ھي اھا بہ گذارش ڪجھہ تہ مون کي پروسي جي لائق ذريعن مان خبر پھتي آھي تہ سنڌي ادبي بورڊ وارن وليم نيپيئر جي بدنام ڪتاب "سنڌ جي فتح" (The Conquest of Sind) جو سنڌي ترجمو ڪرايو آھي ۽ ٻئي مترجم کي ان جي پورھئي جو معاوضو بہ ڏنو ويو آھي. اسين ان معاملي ۾ سنڌي ادبي بورڊ وارن کان سخت احتجاج ڪندي مطالبو ٿا ڪريون تہ ظالم ۽ ڪوڙي نيپيئر جي ڪتاب کي شايع نہ ڪيو وڃي، جيڪڏھن ادبي بورڊ وارن کي ٽالپر دور جي تاريخ ڇپائڻ چاھ آھي تہ ان لاءِ ميجر آئوٽرام جو ڪتاب قابل قبول آھي.

پير راشديءَ ناؤنمل انگريز جا انعام يافتہ

سيٺ ناؤن مل کي انگريزن جي خدمت جي عوض تعلقہ سيوھڻ ۾ ... زمين انعام طور ملي ھئي. پير علي ... راشدي کي

به سنڌس خدمتن جي صلي ۾ انگريز سرڪار ڏيهه ڦڪا تعلقي دادو ۾ زمين عطا ڪئي هئي. زمين جي ملڻ بابت سيٺ ناءُون مل پنهنجي ڪتاب "يادگيريون" ۾ لکي ٿو ته "ٻن ٽن مهينن کان پوءِ، سنڌ جي ڪمشنر کي بمبئي سرڪار جي معرفت، هند سرڪار جو فيصلو پهتو، جنهن ۾ منهنجي لاءِ ٻه سئو روپيه ماهوار پينشن، ٽن پيڙهين لاءِ مقرر ڪئي ويئي هئي. ان کان سواءِ، منهنجي لاءِ انعام طور دائمي جاگير به منظور ڪئي ويئي هئي. مون کي اجازت ڏني ويئي ته سنڌ ۾ ڪٿي به اهڙي زمين پسند ڪريان، جنهن جي سالياني پئداءش ٻارهن سئو روپين کان مٿي نه هجي. انهيءَ اطلاع ملڻ کان پوءِ، سنڌ جي ڪمشنر مون کي گهرائي، سرڪار جي نيڪ ارادي کان واقف ڪيو. مون احوال ٻڌي خدا جو شڪر ڪيو ۽ انگريز سرڪار جا احسان مڃيا. ڪمشنر مون کي خاص طرح چيو ته توکي ٽن ضلعن ۾ ڪٿي به زمين انتخاب ڪرڻ جو حق آهي." (صفحه ٢٢٩، ٢٣٠)

سيٺ ناءُونمل اڳتي لکي ٿو ته هن تعلقه سيوهڻ جي ڏيهه دري ڏيري ۾ زمين جو انتخاب ڪيو. جيئن پاڻ ٻڌائي ٿو ته "اهڙيءَ ريت دري‌ڏيري جي ڏيهه مون کي دائمي جاگير ملي جنهن جون حدون سيٽلمينٽ ۽ سروي ڊپارٽمينٽ جي رڪارڊ ۾ ڏيکاريل هيون. اهي حدون هن طرح آهن. اوڀر طرف سنڌونديءَ، ڏکڻ طرف ڪرمپور جو ڳوٺ، اولهه ۾ ٿلفيءَ جو ڳوٺ ۽ اتر ۾ بلاولپور جو ڳوٺ. ان تي ڪمشنر مون کي سند ڏني ۽ ڪليڪٽر پڻ ضروري ڪاغذ مهيا ڪري ڏنا." (صفحه ٢٣٢)

پير علي محمد راشدي مصنف "اهي ڏينهن اهي شينهن" کي به انگريز سرڪار سنڌ ۾ ڪيل خدمتن جي عوض ڏيهه ڦڪا تعلقه ۽ ضلع دادوءَ ۾ فري ملڪاڻي طور ٻڪيءَ ڪٺ تي زمين ڏني هئي. هيءَ زمين ڪمشنر ۽ ريونيو آفيسر دراج پنهنجي حڪم نمبر LG/T-168 ٻورخ ٤-٣-١٩٠٠١ (انگريزي حڪومت ۾) منظور ڪري ڏني هئي. ريونيو آفيسر جي طرفان زمين جي منظوري

وارد آرڊر پڻ هڪ دستاويز هوندو آهي جو اهڙي آرڊر جي نقل وٺي مٿين روينيو ڪورٽن ۾ اپيلون ۽ ٽپيلون ٽينديون آهن. بهرحال دستاويز هجڻ جي حالت ۾ راشدي صاحب جي ناليِ زمين جي منظوريءَ واري مٿين آرڊر جو سچو نقل حاصل ڪيل آهي. جنهن جو اصل تت ناظرين جي مطالعي دلچسپيءَ لاءِ هيٺ ڏجي ٿو. پاڻ پڙهي عبرت حاصل ڪريو ۽ راشدي صاحب کان دريافت ڪريو ته ڪيس هيءَ زمين انگريز سرڪار ڪهڙين خدمتن جي عوض ڏني هئي. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته هن به سيٺ نائون مل جهڙي انگريزن جي خدمت ڪئي هئي. بهرحال ان لاءِ اسين وڌيڪ ڪجهه نٿا چئي سگهون. راشدي صاحب پاڻئي وضاحت ڪري سگهي ٿو.

No. L G /T-168, dt 10-2-1945

ORDER

"In view of G R.R.D No. R-7145-F; dated 3-1-1945 the following Land in deh "Phaka" Taluka Dadu, is hereby sanctioned on full rate conditions from kharif 1945/46 in the name of Mr. Ali Mahomed Rashdi. Government have been pleased to sanction grant of an area of 135 acres at an approximate value of Rs. 150/ per acre free of malkano in recognition of the services rendered by Mr. Ali Mohd Rashidi, therefore out of Rs. 26,888/4/- being value of the entire piece selected by Mr. Rashidi a sum of Rs. 20,250/- should be reduced for the Malkano of free grant and the balance of Rs. 6,638/4/- should be recovered in five annual equated instalments bearing interest at 6/20/o commencing from May- 1946.

(Block B Nos:- 422/3, 423/2,3, 425/1, 440,/ 441/1,2,3, 442/1 to4, 443/1to4 444/1to4, 445/1,2,4 446/2; 450/2, 451/1,2 452/1,2 453/1,2,3, 454/1to4, 455/1to4, 456/1to4 and 457/1,2,3.

The Barrage Mukhtiarkar Should issue ijazat-nama to Mr Rashidi after execution of kaluliat in the prescribed form and issue intimation of water supply and A form atonce. Sd :

Revenue officer Barrage.

A.R.O W.C./B.M., Dadu Malkana Branch Mr Ali Md Rashidi, C/O The, Muslim Voice Karachi."

هي آهي راشدي صاحب کي ديهه ڦڪا تعلقه دادوءَ ۾ زمين ملڻ جو سبب. ٻڌو اٿم ته مٿين مذڪور ٿيل سروي نمبرن ڪل ايراضي ۱۲۵ ايڪڙ (هڪ سئو پنجٽيهه ايڪڙ) ۾ هن جي ڪن ايڪڙن تي فروٽ فارم به آهي. مٿي روينيو آفيسرن جي آرڊر جو متن ڏنو ويو. جنهن ۾ لکيل آهي ته فري مالڪاڻه حساب سان سرڪار (يعني برطانيه جي) راشدي صاحب جي ڪيل خدمتن جي عوض زمين کيس گرانٽ ڪئي. راشدي صاحب کي انگريز سرڪار جون ڪيل خدمتون مبارڪ هجن. ٽالپرن جي خلاف شايد ناراضگيءَ جو اهو به سبب هجي جو هنن بهادري ۽ بيباڪيءَ سان مياڻيءَ جي جنگ ۾ راشدي صاحب جي محسن انگريز بهادر سان مقابلو ڪيو هو ۽ اتي "مرويسون ته به سنڌ نه ڏيسون" جا فلڪ ڏوڙيندڙ نعرا لڳايائون ۽ ٻئي طرف انگريزن جي ايجنٽ سيٺ ناؤن مل جي غدارانه ڪردار جي مذمت ۾ راشدي صاحب اکر به ڪونه لکيو آهي. چڱو ته بقول هڪ فارسي شاعر جي ته

"ما و مجنون هم سبق بوديم در ايوان عشق
او بصحرا رفت، ما در کوچها رسوا شديم."

پير راشدي صاحب ۽ سنڌ پنجاب تعلقات

سيني کي خبر آهي ته "فرياد سنڌ" راشدي صاحب جو

مشهور ڪتاب آهي، جنهن ۾ اهل پنجاب ۽ پنجابي آفيسرن تي
خوب چوهه چنبڙيل آهن. ان ڪتاب مان حوالا ڪورڻ به دانشمندي
۽ مصلحت جي خلاف. مون ڏانگر ڪيترن ئي سنڌي سڄڻن هي
ڪتاب ضرور پڙهيو هوندو. پر لطف جهڙي ڳالهه آهي جو ساڳيو
”فرياد سنڌ“ جو مصنف ”پنهنجي اردو ڪتابچي ”سنده پنجاب
کے تعلقات کا ايک تاريخي جائزه“ ۾ پهرين موقف جي ابتڙ
هڪ ٻيو موقف پيش ٿو ڪري. سياسي قلابازي ان جو نالو آهي.
باقي رهي ته راشدي صاحب جي قلم مان مٿيون ڪتابچو ١٩٧٥ع
۾ ”تحريڪ نظريه پاڪستان“ جي طرفان خورشيد پرنٽرز وارن
اسلام آباد مان شايع ڪرائي پڌرو ڪيو.

ان وقت پير صاحب سابق وزيراعظم جناب ڀٽي صاحب جو.
خاص معتمد ۽ مشير هو. اسين راشدي صاحب جي هن ڪتابچي
مان ڪجهه حوالا بغير تبصره جي ناظرين آڏو پيش ڪيون ٿا .
۽ راشدي صاحب کان فقط هڪ سوال پڇڻ جي گستاخي ڪندس
ته پنجاب ۽ اهل پنجاب بابت اوهان جو پهريون موقف صحيح
هو يا ٻيون موقف؟ راشدي صاحب هيٺين عنوان سان لکي ٿو ته.

"پنجاب نے سندھ کے حوصلے بڑھائے"

"دوسری طرف سندھ اس حقیقت کو احساس ممنونیت کے ساتھ تسلیم کیے بغیر نہیں رہ سکتا کہ اس نے ہندوؤں کی بالادستی سے چھٹکارا پانے اور اپنے علیحدہ وجود کو منوانے کے لئے جو جدوجہد کی اس دوران میں پنجاب کی مسلم قیادت نے ہر ممکن طریقے سے اس کی مدد کی اور اسے پورا پورا سہارا دیا پنجاب (سیالکوٹ) کے ایک نومسلم، مولانا عبیداللہ سندھی، کے علاوہ سندھ کا پہلا مسلمان انقلابی اور کون ہو سکتا ہے؟ اگر مولانا عطاء اللہ شاہ بخاری نے اپنی تقریروں یا مولانا ظفر علی خان نے نظم و نثر یا علامہ اقبال نے شکوہ و جواب شکوہ کے ذریعہ سندھی مسلمانوں میں سیاسی بیداری اور انگریزوں کی غلامی سے نجات پانے کی تڑپ پیدا نہیں کی تو پھر اور کس نے کی؟ نسبتاً زیادہ عملی سیاست کے میدان میں پنجاب کے مسلمان نمائندوں نے سندھ کی بمبئی سے علیحدگی کے مطالبے کی ہمیشہ متحد ہو کر اور پورے جوش و خروش کے ساتھ حمایت کی۔ ان پنجاب کے رہنماؤں نے منٹو وفد کے بعد مختلف سطحوں پر منعقد ہونے والے تمام سیاسی مذاکرات، مثلاً ہمہ جماعتی اجلاسوں مسلم لیگ اندر یا باہر مسلمانوں کے مختلف سیاسی جلسوں حتیٰ کہ لندن گول میز کانفرنس میں ہمیشہ اس طرز عمل کا مظاہرہ کیا۔ ۱۹۳۰ء میں جب سندھ نے اس علیحدگی کے لئے "تخت یا تختہ" قسم کی پُر زور جدوجہد شروع کی تو اس معاملہ کو آگے بڑھانے کے لئے سندھی مسلمانوں کے پاس خود اپنے طاقتور اخبارات نہیں تھے۔ چنانچہ یہ پنجاب کے مسلمان اخبارات (زمیندار) "انقلاب" "سیاست" مسلم آؤٹ لک اور ایسٹرن ٹائمس ہی تھے جو اس خلا کو پُر کرنے کے لیے میدان

میں کنٹرول کر آگئے۔ بہر حال حقیقت یہ ہے کہ اس صورتحال میں سندھ کو پنجاب کے اخبارات سے جو حمایت حاصل ہوئی وہ اتنی وزنی تھی کہ اس نے سندھ کے حق میں سیاسی آراء کے پلڑوں کو نمایاں طور پر جھکا دیا۔ ان دونوں علاقوں کے ایک دوسرے پر مکمل اعتماد کا بھی وہ پس منظر تھا۔ جس پر سر شاہنواز بھٹو مرحوم کو سائمن کمیشن کے ساتھ کام کرنے والی، مجلس قانون ساز بمبئی کے ارکان کی کمیٹی کے چیئرمین کی حیثیت سے سندھ کے ایک رکن میراں محمد شاہ کی وہ تحریر اپنی رپورٹ میں شامل کرنا پڑی تھی۔ جس میں اعلان کیا گیا تھا کہ سندھ کا مقدر بالآخر بمبئی کے بجائے پنجاب سے وابستہ ہوگا۔ (صفحہ ۱۱-۱۲)

سرکاری ملازمتیں

تقریباً ۲۰-۱۹۱۸ء تک یہ بات واضح ہو چکی تھی کہ سرکاری ملازمتوں میں سندھی مسلمانوں کے حصے پر سندھی ہندو قابض ہو رہے ہیں۔ کیونکہ اس وقت تک تعلیمی معیار پر پورے اترنے والے سندھی مسلمانوں کی تعداد ناکافی تھی، چنانچہ سندھی مسلمانوں کے نمائندے اپنی اس وقت کی واحد سیاسی تنظیم میں جو سندھ محمڈن ایسوسی ایشن کہلاتی تھی اور جس کے صدر سر شاہنواز بھٹو مرحوم تھے اس مسئلے کو زیر غور لائے اور فیصلہ یہ کیا گیا کہ حکومت کو اس بات پر رضامند کرنا چاہیئے کہ سندھ میں مسلمانوں کے لئے مخصوص آسامیوں پر سندھی ہندوؤں کی بجائے پنجابی مسلمانوں کا تقرر کیا جائے۔ اس کا نتیجہ یہ ہوا کہ ہمیں مولوی ضیاالدین زمان شاہ، محمود شاہ، نور نبی، محمد حسین شاہ نقوی، محمد اسحاقؒ امیر الدین، طفیل محمد، محمد اسماعیل خان ککے زئی، ترمذی اور سندھ میں

مسلمانوں کے لئے مخصوص اہم عہدوں پر فائز متعدد دوسرے نیک دل، بے لوث منتظمین کی صورت میں پنجابی مسلمان ہاتھ آ گئے جنہوں نے سندھ کی تاریخ میں تقریباً دو اہم ترین دہائیوں کے لئے اس صوبے کے معاملات سرانجام دیئے۔ جہاں تک پولیس کا معاملہ ہے، بلا خوف و تردید کہا جا سکتا ہے کہ اس محکمہ کی مسلمان نفری کا تقریباً اسّی فیصد حصّہ پنجابی مسلمانوں پر مشتمل تھا۔ اس کے خلاف کسی سندھی مسلمان نے کبھی احتجاج نہیں کیا تھا۔ بلکہ وہ الٹا خوشی محسوس کرتے تھے۔ (ص ۱۶-۱۷)

"وحدت مغربی پاکستان"

"لیکن سوال یہ ہے کہ یہ تجربہ کیوں اور کیسے ناکام ہوا۔ میں نے اس کا اکثر انتہائی دکھ کے ساتھ اظہار کیا ہے کہ اس مسئلہ پر جب تند و تیز مباحثے جاری تھے تو اس دوران حقائق نے افسانوں سے مات کھائی اور تخیّل نے سیاسی سازش، حماقت، نا اہلیت، بزدلی اور ذہنی بد دیانتی کے ان انفرادی اعمال کا عدم وجود ثابت کرنے کی کوشش کی جنہوں نے وہ صورتحال پیدا کرنے میں پورا پورا حصہ لیا جس سے یحییٰ خان نے ناجائز فائدہ اٹھایا اور ذاتی مقبولیت حاصل کرنے کی غرض سے وحدت مغربی پاکستان کو توڑ کر اور اس طرح مغربی اور مشرقی پاکستان کے مابین اصولی توازن کو ختم کر کے مجیب الرحمان کی اکثریت حاصل کرنے اور ابتلا انگیز عمل کو جسے آج ہم بخوبی واقف ہیں۔ تیز تر کرنے کا موقعہ فراہم کر دیا۔ ان حقائق کو مختصراً یوں بیان کیا جا سکتا ہے۔

١۔ وحدت مغربی پاکستان ایک تجربہ تھا جسے آگے بڑھانے اور نسبتاً چھوٹے صوبوں میں اعتماد پیدا کرنے کے لئے مشرقی پاکستان اور پنجاب نے اپنی اکثریتی حیثیتوں سے دستبردار ہو کر ایثار کا ثبوت دیا تھا۔ مشرقی پاکستان نے مغربی پاکستان کی برابری قبول کر لی تھی اور پنجاب نے کئی سال تک اپنی اکثریتی حیثیت کو پسِ پشت ڈالے رکھا تھا۔

٢۔ یہ کہنا غلط ہے کہ سندھیوں کو وحدت مغربی پاکستان میں شامل کرنے کے لئے جبر و استبداد سے کام لیا گیا تھا۔ سندھ اسمبلی نے اس شمولیت کے حق میں تقریباً متفقہ فیصلہ کیا تھا کیونکہ ایک سو سے کچھ زائد میمبروں میں سے صرف چار ارکان نے اس فیصلہ کے خلاف رائے دی تھی (ص ١٨-١٩)

اڳتي هلي راشدي صاحب خانبهادر محمد ايوب کهڙي کي پنهنجي ڪتابچه ۾ "نام نهاد مرد آهن" جو لقب ڏي ٿو. لکي ٿو ته

"سندھ کے نام نہاد" مرد آہن مسٹر کھوڑو کو بھی جب وہ ایک وزارت پر فائز تھے اللہ بخش کے قتل کے مقدمہ میں وزارت سے ہاتھ دھونا پڑے تھے اور عدالت کے کٹہرے میں کھڑا ہونا پڑا تھا" (ص ١٩)

راشدي صاحب جي ڪتاب جي هن جلدن پڙهڻ ڪان پوءِ هر پڙهندڙ محسوس ڪندو ته اهو گهڻو ڪري ڪوڙ جو داستان آهي، جنهن جي وضاحت لاءِ مون مٿي ڪافي ڪجهه لکيو آهي. ان کان علاوه ڪتاب ۾ مصنف پنهنجي ذاتي تعريف لکي سان گڏ ٻين جي خلاف نفرت (Hatred) جو اظهار ڪيو آهي ۽ ٻين جي مٿان بهتان بازي (Slandering) ڪئي آهي. راشدي صاحب کي گذارش ڪندس ته هو پنهنجو پاڻ پڌائڻ کان بچي، ڇو ته بقول سعدي رحه

"ثناء خود بخود کردن نہ زیبد مرد دانارا
حظوظ نفس کیے یا بد کہ زن پستان خود مالد"

Soorih Mirani

۽ نفرت (Hatred) بابت ته شيڪسپيئر جو هڪ قول راشدي صاحب جي غور و خوض لاءِ پيش ڪجي ٿو. شيڪسپير فرمائي ٿو ته:-

"Thou mayst hold a serpent by the tongue,
A chafed lion by the mortal paw,
A fasting tiger safer by the tooth,
Than keep in peace that hand which thou dost hold."

۽ بهتان بازي (Slander) بابت به ساڳي شيڪسپيئر جو هڪ قول به راشدي صاحب کي ڪڏهن به وسارڻ نه گهرجي. هو چئي ٿو ته

Slander
"Whose edge is sharper than the sword."

« هٰذا مَا عِنْدِي وَالْعِلْمُ عِنْدَ اللّٰهِ، اِنَّ اللّٰهَ بَصِيْرٌ بِالْعِبَادِ »

Soorih Mirani

تنظيم فڪر و نظر سنڌ جا ڪتاب

١- مٺو مرسلؐ — پروفيسر بشير احمد پٺاڻ

٢- الله سائين جي ڏاچي — پروفيسر محمد ابراهيم ميمڻ

٣- قرآني انقلاب جو طريقو — سيد قطب شهيد

٤- وچ ايشيا جا مسلمان — پروفيسر نظام الدين ميمڻ

٥- سمرقند ۽ بخارا جي خوني سرگذشت — اعظم هاشمي مرحوم

٦- سُرسينگار پو ڏين — نسيم حجازي ۽ ترجمه

(ناول) — ڊاڪٽر منظور احمد عرساڻي

٧- نورالايمان (زيراشاعت) — حڪيم فتح محمد سيوهاڻي مرحوم

٨- محمد بن قاسم — نسيم حجازي، ترجمه

(ناول، زيراشاعت) — پروفيسر اسدالله ڀٽو

فڪر و نظر پبليڪيشنس

ملٽري روڊ سکر سنڌ

سورهہ سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان ”سورهہ“ ميراڻي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488